# مهراڻ

ABC CERTIFIED

نمبر 2016/1-2ع



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.



## هيءَ جا لاتَ "لطيف" جي

ڏَنگي وِچ درياهَ، ڪيِ ٻُڏي ڪيِ اُبِرِيءِ،
هوُ جي واڍي واٽيا، سي سوُ نَهِنَّ سيِ سَرِيا،
مُعلِمَ ماڳِ نہ اڳِئين، فِرَنگي مَنجهہِ قِرِيا،
مَلاحَ! تُنهنجي مَڪُڙِيءَ، اچي چورَ چڙهيا،
جِتي ڀِينگ ڏِرِيا، تِتي تاري تُنهنجيِ!

(سُر سريراڳ)

***

سمنڊ جي وچ ۾ ٻيڙي اَلائي ٻڏندي ڪي اُبري ٻاهر ايندي. هُو جي ڇپڙيون ۽ ڪيل، واڍي هنيا هوا، سي سڀ سڙي ويا آهن. ملاح پنهنجي اڳين جاءِ تي نہ آهن. درياهي چور اُن ۾ ڪاهي پيا آهن، اي ناڪئا! تنهنجي ٻيڙيءَ تي اچي چور چڙهيا آهن. اي ڌٽي! جتي جنگ جهاز ڊهي پيا، تتي تنهنجو ئي تڪيو آهي. (هتي اِشارو ديهيءَ نفس ۽ سنسار ڏانهن آهي.)

("شاهہ جو رسالو" ڪلياڻ آڏواڻي تان ورتل)

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

# سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
# دوست تون دلدار
# عالم سڀ آباد ڪرين

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

## مخدوم محمد امين ’فهيم‘



(جنم: 4- آگسٽ 1939ع - وفات: 21- نومبر 2015ع)

# غزل

انهيءَ ئي منهنجي حياتيءَ جو قدر ڪو نہ ڪيو،
مون جنهن جي ذات کي هر وقت زندگي سمجهو.
هميشہ رات جي اونداهين ۾ مونسان مليو،
مون جنهن جي پيار کي پنهنجي لاءِ روشني سمجهو.
جهان پيار جي جلون سان تنهنجي آ روشن،
زماني جنهن جي محبّت کي تيرگي سمجهو.
مون پنهنجو سر نہ جهڪايو جو ڪيس ڏسڻو هو،
انهيءَ عمل کي سين آهي همسري سمجهو.
خلوص دل سان ملڻ توسان منهنجو محفل ۾،
ڏٺو آ جنهن بہ انهي آهي عاشقي سمجهيو.
جڏهن بہ شرم کان رخسار سرخ ٿيا تنهنجا،
طبع جي تنهن کي سين تنهنجي برهمي سمجهو.
اسان جو پيار وڃي پهتو انتها کي ”فهيم“
زماني ساري اچا تائين سرسري سمجهو.

ريسرچ لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽِماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 66 جنوري - جون 2016ع نمبر 1-2

P. 55323
16.1.2017

سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

صوبائي وزير روينيو کاتو، حڪومت سنڌ
چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏتو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر (انچارج)

**ثمينه ميمڻ**



**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو، سنڌ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# سوچ -لوچ

الله پاڪ رب العزت جا لک لک احسان جو سندس مهربانيءَ سان ٽماهي ”مهراڻ“ 1-2016/2ع جو پرچو ڇپجي، اوهان مهربان پڙهندڙن جي هٿن تائين رسيو آهي، گذريل پرچن جي پيٽ ۾ هن پرچي ۾ به مواد، موضوع ۽ معيار کي ڌيان ۾ رکيو ويو آهي. حالانڪ هر پرچو اسان جي لاءِ هڪ چئلينج هوندو آهي، ڇو ته ”مهراڻ“ جي ماضيءَ ۾ هڪڙي تاريخ رهي آهي، ته هيءُ رسالو وقت ۽ حالتن موافق ادب، تحقيق ۽ تاريخ جهڙن شعبن ۾ ٿيندڙ اٿل پٿل کان به پاڻ کي باخبر رکندو آيو آهي. علمي، ادبي، تاريخي ۽ تحقيقي مواد جو موازنو ڪرڻ ۽ انهن کي وقت سر ڇاپي قارئين حضرات تائين رسائڻ، هن رسالي جي پهرين ترجيح ۽ ڪوشش رهي آهي، اَنڪري انهي سيني ڳالهين ۽ حالتن کي به نظر ۾ رکيو ويو آهي.

ويجهڙ ۾ بورڊ مالي بحران جي ور چڙهي وڃڻ ڪري ”مهراڻ“ جي ڇپائيءَ ۾ وقفو ۽ تاخير ٿي آهي، جنهن لاءِ ادارو معزز قارئين حضرات کان پڻ معذرت گهري ٿو، ۽ آئينده ڪوشش جاري رکي ٿو، ته جيئن وقت سِر رسالي جو اجراع ٿيندو رهي. ماضيءَ ۾ ”مهراڻ“ رسالي جي پڙهندڙن جو هڪ وسيع حلقو رهيو آهي. ”مهراڻ“ جي ابتدائي دور يعني 60 واري ڏهاڪي ۾ ”مهراڻ“ جي پڙهندڙن جو حلقو انهن ڳاڻ ڳڻين اديبن، عالمن، اسڪالرن تي مشتمل هو، جيڪو نه رڳو ”مهراڻ“ جو پڙهندڙ هو، پر اهو لکندڙ به هو. محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، شيخ عبدالرزاق راز، غلام رباني آگرو، حفيظ شيخ، حميد سنڌي، وغيره شامل هئا. هن حلقي ادب، فڪشن، شاعري، افساني، تحقيق ۽ تنقيد جي شعبن ۾ بيشڪ پاڻ ملهايو ۽ ان دور جو ادب وقت ۽ حالتن جي مدِنظر پنهنجي دور جو امين ليکجي ٿو. پڙهندڙ ۽ لکندڙ جو هيءُ مشترڪ سلسلو ايم.آر.ڊي تحريڪ يعني 1983ع واري دور کان پوءِ آهستي آهستي جمود جو شڪار ٿي ويو. ان کان پوءِ موجوده دور تائين ”مهراڻ“ جي منتظمين طرفان ڪوششون ورتيون ويون، پر انهن ۾ ڪو اهڙو خاطرخواهه لاڀ نه مليو. اصل ۾ دور تاريخ ۾ پنهنجي شناخت پاڻ ٺاهيندو آهي. ”مهراڻ“ جو شروعاتي دور گهڻو ڪري آمريت تي مشتمل رهيو، جنهنڪري علمي ۽ ادبي ماحول کي وڌيڪ هٿي ملي، جيڪي ڳالهيون ۽ مسئلا سياسي پليٽ فارم تان وندي ۽ ويچاري نه سگهبا هئا، اُهي

ادب، شاعري ۽ فڪشن جي روپ ۾ اظهاريا ويندا هئا، جنهنڪري ادب، اُن دور جو نمائنده عوامي هٿيار ٿي سامهون آيو، جنهن ڏاڍا سٺا اديب، شاعر، افسانہ نگار ۽ نقاد پيدا ڪيا.

انهيءَ سموري روئداد بيان ڪرڻ جو هڪڙو مقصد هيءُ بہ آهي تہ موجوده دور ادبي حوالي سان هڪ منتشر ۽ ويڳاڻپ وارو دور آهي، اسان کي هن دور ۾ "مهراڻ" جي حوالي سان اهڙا ڪي بہ سگهارا نالا نظر نہ ٿا اچن، جن تي اسان فخر ڪري سگهون، ۽ چئي سگهون تہ "مهراڻ" جي موجوده لکندڙ ٽهيءَ ۾ هي اديب، شاعر، افسانہ نگار ۽ نقاد پيدا ٿيا آهن، پر ان جو اهو مطلب هرگز بہ نہ ڪڍڻ گهرجي تہ ڪو "مهراڻ" جي لکندڙ جي حلقي ۾ اُهي صلاحيتون موجود نہ آهن، اسان وٽ تمام سٺا شاعر، اديب، افسانہ نويس، ڪهاڻيڪار، ناول نگار، ۽ نقاد موجود آهن، جيڪي پنهنجي وسيلن آهر معياري ادب سِرجي رهيا آهن، پر اهي حالتن مطابق مٿي بيان ڪيل منتشر ۽ ويڳاڻپ واريءَ ڪيفيت ۾ ورتل آهن.

تماهي "مهراڻ" جي منتظمين جي حيثيت ۾ اسان انهيءَ ڳالهہ کي اظهارڻ جي هن پرچي ۾ پهل ڪئي آهي، سمجهان ٿي تہ اهي ڳالهيون اسان جي ڪيترن پڙهندڙ ۽ لکندڙ حضرات جي دل ۽ دماغ تان گران گذرن، پر اسان سڀئي هڪ ئي ٻيڙيءَ جا سوار آهيون، هڪٻئي سان ڳالهيون ڪرڻ کي بهتر عمل سمجهون ٿا. اسان کي اوهان جي نڪور مواد سميت راين جو بہ اوسيئڙو رهندو، جنهن سان اسان پنهنجي رسالي کي اڃا بہ وڌيڪ معياري ۽ خوبصورت بڻائي سگهون.

**ثمينہ ميمڻ**

ايڊيٽر (انچارج)

◙

# چوليون

## وکر سو وهاءِ


- علي محمد "مجروح" 9
- سرويچ سجاولي 10


## تحقيق


- تاريخ پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز-5 (شاهہ لطيف ميموريل ڪائونسل جو خاتمو)
- ڊاڪٽر آزاد قاضي 13
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'هہ' اکر جي روپن جو ڪردار
- ڊاڪٽر الطاف جوکيو 15
- محمد ابراهيم جويو: نصابي ڪتاب جوڙڻ ۾ هڪ اهم ڪردار
- محمد يوسف جويو 25
- گنو سامتاڻي جي ڪهاڻين جو تنقيدي جائزو
- ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي 52
- سنڌ ۾ ارغون قبيلي جي حڪومت
- ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ 57
- حضرت شير شاهہ جلال الدين سرخپوش بخاري جد امجد "حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت"
- رسول بخش ٻگهيو 77
- محبتن جو شاعر عطا محمد "حامي"
- پروفيسر محمد اسماعيل "منصور" 96
- سونهري دور جو ساڄاهہ ونڊ- انيس انصاري
- ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو 109
- شاهہ لطيف جي عڪسي شاعريءَ ۾ تنوير عباسي
- علي رضا قاضي 113
- سنڌي ادب ۾ سوانح نگاري
- ڊاڪٽر عذره سرور 121
- ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني)
- ميرزا منظور علي بيگ 124
- سنڌي ڪافي کي نئين رنگ ۾ پيش ڪندڙ شاعر سيد غلام شاهہ جهانيان
- مرزا ڪاظم رضا بيگ 134


## شاعري


- غلام حسين "مشتاق" سچاروي/ عبدالقيوم صائب 141
- مير محمد پيرزادو 142
- نياز پنهور 143
- غلام حسين رنگريز 144
- بيخود بلوچ 145
- بخشل باغي 146
- گلبدن جاويد/جبار "تاثير" سومرو 147
- معصوم بخاري/يوسف لغاري 148
- محبوب 'رضا' راهو 149
- فياض بلوچ 150

## ڪهاڻيون


- ڏيڻ (چوند ڪهاڻي)
  - علي بابا 153
- سيوهڻ
  - ايوب عمراڻي 159
- ڪلاچيءَ جو ڪُن
  - اصغر لاڪو 165
- ياد جي لڪير تي!
  - بهادر ٽالپر 168
- وڏي آپا
  - شفيق الرحمان /نوشابه صديقي 171
- ترقيءَ جو راز
  - گلاب خان سولنگي 176


## متفرق


- حشو ڪيولراماڻي: نه وسرندڙ شخصيت
  - ميرزا دبير 179
- هاڪڙي درياءَ جي ڪپ تي قديم ماڳ ۽ ان ۾ مدفون "پير بايد" رحمة الله عليه
  - پروفيسر غلام مرتضيٰ ڪلوڙ 183
- شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامه نگار قمر شهباز
  - سليم چنا 188
- سنڌ ۾ بلوچ سپاهين جي آمد
  - ڊاڪٽر شهاب الدين غازي 194
- ٺوڪي هٿ ٺڪر، پڪو ڪٽج پاڻ سان (حمل فقير جي شاعريءَ ۾ سنڌ دوستيءَ جو پيغام)
  - علي نواز ڏاهري 199
- شاهه جي رسالي ۾ آيل "جبل ۽ ٽڪر"
  - علي بخش بوزدار 202
- پوپٽ رنگ رنگيلا- ٻارڙن لاءِ شاعري
  - فقير محمد ڏول 204
- مَسُ آ چانڊوڪي، لڪان ٿو چنڊ سان
  - عبدالرزاق ڪلهوڙو 206

# علي محمد "مجروح"



(جنم: 1926ع - وفات: 6- فيبروري 1997ع)

## غزل

ستم جيڪي دل تي ٿيا دوستو،
اسان کان نہ وسري ويا دوستو.

هي واعظ، هي ناصح، هي شيخ حرم،
سڀيئي پرکجي پيا دوستو.

اگر قصرِ سلطان ۾ ڪو بت پڳو،
اشارا اسان ڏي ٿيا دوستو.

هتا دشتِ غربت ۾ همسفر،
خدا ڄاڻي ڪيڏانهن ويا دوستو.

زماني سان اکيون ڪلائي هلو،
زمانا بدلجن پيا دوستو.

# ”سرويچ“ سجاولي



(جنم: 14- مارچ 1937ع - وفات: 22- آڪٽوبر 2007ع)

## غزل

مرڪ هڪ سان ماهرو ڄڻ مَلڪ مِڙ ماري ڇڏيئہ!
ڪِل خوشيءَ ۾ خوبرو، ڪئين خاندان ڪاري ڇڏيئہ!

حُسن ۾ هٻڪار تنهنجيءَ جو هليو هُل هر جڳهہ،
حرف هڪ سان هر طرف هيرا لکين هاري ڇڏيئہ!

رُخ مٿان جنهن رات راڻا! تو ڪيو پردو پري،
رب ٿو ڄاڻي تہ رانجهن! ”راج روئاري ڇڏيئہ!“

رُوءَ تنهنجيءَ ڪان رَسيو آ، رشڪ روشن روز ڪي،
مُوءَ سان ڄڻ مُلڪ سڀ ۾ مُشڪ ڇٽڪاري ڇڏيئہ!

دلبرا ديدار ڏيئي دم اندر ۾ دائما،
درد وارن جون سدا دلبر دليون ٺاري ڇڏيئہ!

سور ساڙي، سوز صدمن ڪان تہ اي ”سرويچ“! سچ،
منجهہ صفت ساجن سندي هي شعر سينگاري ڇڏيئہ!

سنڌ جيڪا هاڻي صوبي جي حيثيت ۾ سڃاتي وڃي ٿي، اها تقريباً تيرهن سؤ سال پهريائين هڪ عليحده ملڪ جي حيثيت ۾ دنيا جي نقشي تي چٽيل هئي. هيءَ علائقو راجا ڏاهر جي حڪومت جي زماني ۾ اولهه کان مڪران تائين ۽ ڏکڻ کان بحر عرب ۽ گجرات تائين، ۽ اوڀر ۾ اڄوڪي مالوه جي وچين علائقي کان راجپوتانه تائين ۽ اُتر ۾ ملتان کان نڪري ڏکڻ پنجاب جي اندر تائين پکڙيل هو. جڏهن محمد بن قاسم هن علائقي تي قدم رکيو ته ان وقت هيءَ سڄو علائقو سنڌ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو.

تاريخ جي ورق گرداني ڪرڻ سان معلوم ٿيندو ته اڄ کان هزارين سال پهريان جڏهن هن علائقي ۾ آريه آيا ته انهن هن علائقي کي ”سنڌو“ جو نالو ڏنو. ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي زبان ۾ درياهه کي سنڌو چوندا هئا ۽ آهستي آهستي هي علائقو سنڌوءَ مان سنڌ طور مشهور ٿيو. مير علي شير قانع ٺٽويءَ پنهنجي مشهور ڪتاب تحفة الڪرام ۾ لکيو آهي ته سنڌ تي هي نالو حضرت حام بن نوح عليه السلام جي پٽ جنهن جو نالو سنڌ هو، ان سان مشهور ٿيو. حضرت حام کي ٻه پٽ هئا، هڪ هند ۽ ٻئي جو نالو سنڌ هو.

**ڊاڪٽر عذرا سرور**

ڪتاب: ”سون ساريڪي سنڌ“ تان ڪنيل

ٿيندڙ نفرت ۽ حقارت واري سياسي ماحول جو، هن خالص ثقافتي محبتي ماڻهن جي ميڙي تي به اثر پوڻ لازمي هو، ان صورتحال جو نتيجو اهو نڪتو جو، مارشل لائي حڪومتن خلاف عوام ۾ اُٿندڙ نفرت هن محبتي ميڙي جي ايوانن تائين به پهچي ويئي، ان وقت واري سياسي جمود کي ٽوڙڻ ۾ سنڌ جي نوجوان شاگردن وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو، ۽ ان سموري سياسي سجاڳي واري لهر جو مرڪزي شهر حيدرآباد هوندو هو، جنهن کان ڀٽ شاهه چند ميلن جي مفاصلي تي واقع آهي، اتي جڏهن مارشل لائي نمائندا، ثقافت جي نالي ۾ سنڌ جي مستقل جا فيصلا ڪرڻ ايندا هئا، تڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جا نوجوان همت ڪري، پنهنجي نفرت جو اظهار ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ لهي پوندا هئا، محترم ممتاز مرزا صاحب جنهن سالها سال ڀٽائيءَ جي راڳ داري واري محفل ۾ حصو ورتو، ان کي بلآخر اهو لکڻو پيو ته:

”ملڪي حالتن هن (راڳ واري) اسٽيج تي نهايت خراب اثر وڌو، سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن پنهنجي تحريڪن ۽ جذبن جي اظهار لاءِ ميلي کي منتخب ڪيو، جنهن مان نتيجو اهو نڪتو، جو راڳ جون محفلون بهتر طور تي نه ٿيڻ لڳيون، اڪثر، شاگرد اسٽيج تي قبضو ڪري ويهندا هئا ۽ فنڪار، خوف کان پاسو ڪندا هئا. اڳ ملڪ جا سربراهه، امير وزير هتي ايندي اعزاز محسوس ڪندا هئا، هاڻوڪو ماڻهو اچڻ پسند نه ڪندو هو.“ (ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز گولڊن جوبلي، ص 15)

اهڙي ريت هڪ طرف ڀٽائي جي شعر و شاعري مان مارئي، سهڻي ۽ سسئي جهڙن ڪردارن جي حوالي سان عالمن، اديبن تمثيلي طور قومي سجاڳي ۽ عوامي بيداريءَ واري روح ڦوڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي ته ٻئي طرف باوجود پابندين جي سنڌ جي نئين نسل کي جڏهن به موقعو مليو پئي ته وقت جي حڪمرانن خلاف اهڙي ريت نفرت جو اظهار ڪندا پئي رهيا، انڪري 1970ع تائين اڪثر پروگرام رولڙي جو شڪار ٿيندا رهيا.

## نئون ڪتاب




ڪتاب: سون ساريڪي سنڌ

ليکڪا: ڊاڪٽر عذرا سرور

موضوع: سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو جائزو

قيمت: -/300 رپيا

ڇپائيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس. ڪراچي



ڊاڪٽر الطاف جوکيو

# سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’ھ‘ اکر جي روپن جو ڪردار

ان ۾ ڪو ٻه وڏاءُ ڪونهي، ته سنڌي ٻوليءَ جي آئيوڻا ۽ صورتخطيءَ جي سرشتي جو مدار، عربي رسم الخط تي هجڻ ڪري عربي فارسيءَ جيان جديد توڙي قديم سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’ھ‘ اکر جا پنج روپ ڪم آندا ويا آهن؛ ائين جيئن ديوناگري رسم الخط ۾ آواز جي بنياد تي ’ر‘ جي آواز سان منسلڪ چار اکر ڪم آندا ويندا آهن. اهڙا پنج روپ ڪجهه هن ريت آهن: ’ھ‘، ’ھ‘، ’ه‘، ’ـہ‘، ’ـه‘. انهن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

- ملفوظي: ھ
- وسرڳي: ھ
- مختفي: (منفصل اکرن سان) ه، (متصل اکرن سان) ’ـه‘ ۽ ’ـہ‘

جاٿايل ’ھ‘ جي پنجن روپن جو تصور صرف خط نسخ جو استعمال ڪندڙن وٽ آهي. جيئن ته عربي- سنڌي رسم الخط، خط نسخ ۾ لکيو ۽ پڙهيو ويندو آهي، ان لاءِ انهن پنجن روپن جو تصور اڄ به موجود آهي. ايترو ضرور چئبو ته ان جي باضابطه استعمال جا معيار نظر انداز ٿيل آهن. لاپرواهيءَ جو اهو عالم آهي جو عالمن پاران معاملي ڇاڻائڻ جي باوجود اڄ سوڌو ’ملفوظي ھ‘ ۽ ’وسرڳي ھ‘ جي فرق کي عمل ۾ نه آڻي سگهيا آهيون. ايتريقدر جو پرنٽ ميڊيا يا ڪمپيوٽنگ فونٽن جي بناوت دوران به اسان جي ٽيڪنيڪي ماهرن وٽ اهڙي فرق جو تصور نه هوندو آهي. ڪمپيوٽنگ ماهرن وٽ اهڙي فرق نه هجڻ جو سبب وري اسان جي عالمن جا متفق معيار مقرر نه ڪرڻ به آهي.

’ھ‘ اکر جي روپن مان ڪنهن به هڪ روپ جو معياري درست استعمال موجوده درسي ڪتابن ۾ آهي ئي ڪونه! يعني اڄ سوڌو اهو معاملو ٽنگيو پيو آهي. جڏهن ته پراڻن درسي ڪتابن ۾ ان ڳالهه جو باقاعده خيال رکيو ويندو هو. اهڙا تصور اسان پنهنجي پرائمري استاد مريد حسن خاصخيليءَ وٽان به حاصل ڪيا؛ ان جو سبب اهو به هو جو ان وقت جي درسي ڪتابن ۾ اهڙا تصور موجود هئا. اهڙي تصديق لاءِ 1956ع ۽ 1970ع جي سنڌي پهرين درجي جي درسي ڪتاب جا صرف ٻه صفحا خيال خاطر ڏجن ٿا:

- وسرڳ جو استعمال: سانجهيءَ، لنگهي، منجهي.
- وچولي صورت ۾ 'ھ' وينجن جو استعمال: ڪَهڙي، واٽهڙو.

سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ صوتياتي مونجهارن جو ذڪر ڪندي وسرڳن جي لکاوٽ بابت ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ: "وسرڳي وينجنن 'گھ' ۽ 'جھ' ۾ اينڊڙ 'ھ' ۽ وينجن 'ھ' جي اچار ۾ لکڻ جي حوالي سان ڪوبہ فرق نہ رکيو ويو آهي. انهيءَ ڪري گهڻو ڪري ڪيترن لفظن جي درست هِجي، صورتخطيءَ ۾، معلوم نہ ٿي ٿئي. جيئن تہ 'گهر' لفظ ۾ جيستائين زيرون- زبرون استعمال نہ ڪبيون تيستائين معلوم نہ ٿيندو تہ ان جو ڪهڙو مطلب آهي:

- گهرُ= (مڪان، جڳهہ)
- گهرَ= (گهرو، اونهو)
- گِهرُ= (وڏيون جليبيون، مٺائيءَ جو قسم)
- ساڳيءَ طرح:
- جهارُ= (پکين جو وڳر)
- جُهارَ= (ملاقات).

وسرڳي وينجنن 'گھ'، 'جھ' ۽ 'ھ' جي وچ ۾ لکت ۾ فرق ڏيکارڻ جو هڪ آسان طريقو اهو آهي تہ وسرڳي اچار جي حالت ۾ هميشه دو- چشمي 'ھ' کي 'گ' ۽ 'ج' سان جوڙي استعمال ڪجي (گھ، جھ) ۽ ٻين هنڌ، جتي 'ھ' وينجن جو اچار اچي، اتي دو- چشمي 'ھ' کي ڪڏهن بہ ڪتب نہ آڻجي." (جيٽلي، 1999 الف: 190)

اهو ساڳيو ٽڪرو ٽماهي 'مهراڻ' ۾ ڇپيو، جنهن ۾ ڪمپوزر ۽ پروف ريڊر توڙي ايڊيٽر، مصنف جي ڄاڻايل اکري 'ھ ۽ ھ' فرق سان جيڪا ويڌن ڪئي، سا ڪنهن ڪان بہ ڳجهي ڪانهي. يعني جيٽلي صاحب جنهن معاملي کي واضح ڪرڻ لاءِ مٿي ڪُٺ ڪئي يا مثالن ذريعي، جنهن نُڪتي تي هن جو زور هو، سو ان ۾ ٻيهي نہ سگهيو ۽ محققن لاءِ بي فائده رهيو. (جيٽلي، 1999 ب: 89- 127)

حقيقت اها بہ آهي تہ موجوده حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن مان بہ صرف ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو اهڙو اعتراض سامهون اچي ٿو تہ 'ملفوظي ھ' ۽ 'وسرڳي ھ' ۾ فرق رکيو وڃي. اڳتي، ڊاڪٽر جيٽلي بہ ڳالهہ نہ ڪئي آهي تہ 'مختفي ہ' جو استعمال ڪهڙين صورتن ۽ معيارن تي ڪيو وڃي! ڊاڪٽر جيٽلي جي اها اهم ڳالهہ ئي سنڌي ڪتابن جي زينت بڻيل آهي، ڪنهن بہ ان تي غور ڪرڻ يا عمل ۾ آڻڻ لاءِ سوچيو ئي ناهي. اهڙي قسم جي معاملي تي غور ڪرڻ يا درست حل ڪي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪهڙيَ اداري جو ڪم آهي؟ منهنجي خيال ۾ اسان اڄ سوڌو اهو طئي نہ ڪري سگهيا آهيون. جيڪڏهن مطلق اداري اهڙو ڪم ڪيو بہ، تہ ان کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ بہ هتي ذاتي ڪوششون ونڌيون ٿيون پوَن، ان جو اهم سبب اهو بہ آهي تہ اسان جي ادارن جو پاڻ ۾ تعلق (Connectivity) جڙي نہ سگهيو آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي بہ 'ھ' وينجن ۽ 'ھ' وسرڳيءَ بابت وضاحت تز ۽ وقتائتي ضرور آهي، ليڪن ان ۾ بہ منفصل اکرن سان 'وسرڳي ھ' جي ڪهڙي صورت هجڻ کپي؟ جيئن: 'گرهاڪ' (جنهن مان خبر تہ پوي تہ اتي ('رھ' وسرڳ آهي يا 'ھ' وينجن!) تنهن بابت خاموشي آهي؛ ان کان سواءِ 'مختفي ہ' جي ڪنهن بہ روپن ڏانهن سندس ڌيان ئي نہ ويو آهي، جيڪي ڪنهن لفظ جي آخر ۾ متصِل ۽ منفصل صورتن ۾ ڌار ڌار حالتن پٽاندر استعمال ٿيندا آهن.

آنديون وينديون آهن، جنهن لاءِ اڄ سوڌو ڪا معياري صورت مقرر نہ ٿي سگهي آهي. جيئن تہ چاٽايل لفظ ۾ 'هہ ۽ همزي' پنهي جو دخل رهي ٿو، اهڙي حالت ۾ 'درياه' جي صورت جي راءِ رکجي ٿي.

| سالم صورت | | شروعاتي صورت | | وچين صورت | | آخري صورت | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اکر | لفظ | حرف | لفظ | حرف | لفظ | حرف | لفظ |
| ه | | نہ ٿيندي | | نہ ٿيندي | | نہ ٿيندي | |

'مختفي ه' جي استعمال لاءِ چند لفظن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

- ڊگهي سُر (متصل الف) سان: درياه، شاه، خانقاه، ساه، باه، گاه، ڳاه، لاه، ماه...
- ڊگهي سر (غير متصل الف) سان: پرواه، خواه مخواه، وه واه، ونواه، ...
- غير متصل اکرن سان: موجوده، فهميده، ميسره، وغيره، باقاعده. ...

4. 'ـہ': هيءَ هہ، اکر کي اڪثر اعراب سان متحرڪ بڻائڻ لاءِ، ڪنهن اکر کي ڪٽڻ يا ٻيو سر ڳنڍڻ لاءِ ڪم آڻبي آهي؛ جيئن: نہ، تہ، وچہ، مکيہ؛ ملڪہ ترنم.
عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪي لفظ اهڙا بہ ٿيندا آهن، جتي صورتخطيءَ جي اصولن کي ڇڏي ڪري رواج موجب لکيو ويندو آهي؛ يعني ڪنهن لفظ جي آخري اکر کي مختفي ه ( ـہ ) سان ڪٽيو ويندو آهي، خاص ڪري اهڙو ڍنگ هڪ ۽ ٻہ- اکري لفظن ۾ ڏنو ويو آهي. ٻي صورت ۾ چار- پنج اکري لفظن ۾ بہ اهڙو انداز ڏنو ويو آهي. اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ ويهارڻ جوڳي آهي، تہ اهڙو انداز خاص ڪري ڳنڍجندڙ اکر سان لاڳو ٿئي ٿو. جيئن:

- هڪ اکرو لفظ: ۾، ٻہ، ٿہ، نہ
- ٻہ- اکرا لفظ (همزي سان ختم ٿيندڙ): مَنُہ، ڪَنُہ، چَنُہ، جَنہ، طئہ، قئہ
- ٻہ اکرا لفظ (هہ سان ختم ٿيندڙ): ڪِ هہ (هن لفظ جو آخري حصو مختفي ـہ آهي.)
- ٻنو وسرڳ (وسرڳي 'ـهہ' سان ختم ٿيندڙ): ڇَهہ (هن لفظ جو آخري حصو مختفي ـہ آهي.)
- ٽي- چار- پنج اکرا لفظ (ي متحرڪ ۽ متفرقہ اکرن سان ختم ٿيندڙ) : مکيہ، ورهيہ، سورهيہ، بلڪہ، پلئہ، البتہ...
- ڇڙوڇڙ: متفرقہ، وابستہ، محترمہ، آهستہ، وچہ، مروجہ، خدا نخواستہ، دانستہ، آراستہ...

هن حرف (Allograph) جون صورتون هيٺين ريت بيهنديون:

| سالم صورت | | شروعاتي صورت | | وچين صورت | | آخري صورت | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اکر | لفظ | حرف | لفظ | حرف | لفظ | حرف | لفظ |
| نہ ٿيندي | | نہ ٿيندي | | نہ ٿيندي | | ـہ | مکيہ |

5. **سه**: هيءَ ھ ، ’الله‘ ۽ ’هميشه‘ جهڙن دائمي حيثيت رکندڙ لفظن ۾ ڪم ايندي آهي، ۽ وينجن توڙي سرَ جي آميزشي آواز (Half Vowel) لاءِ استعمال ٿيندي آهي. هيءَ ’ه‘ مختفيءَ جو ئي نمونو آهي ۽ وينجن توڙي سرَ جي آميزشي آواز لاءِ استعمال ٿيندي آهي. جنهن کي جهڙوڪر اڌ سرُ چئي سگهبو. سنڌي صورتخطيءَ ۾ هن جي مناسب استعمال نہ ڪرڻ سان بہ بيڊولائپ محسوس ٿيندي آهي؛ مثلاً: ’هميشہ، هميشھ، هميشـھ، هميش ہ، هميشه‘ جي صورتن ۾ منهنجي خيال ۾ ان لفظ جي مختلف صورتن مان سڀ ان راءِ تي بيهندا تہ ’هميشه‘ جي عام صورت ئي مناسب آهي.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’الله، فاطمه، هميشه‘ جهڙن لفظن ۾ ’مختفي ه‘ جو عام استعمال نوٽ ڪيو ويو آهي. هيءَ ’مختفي ه‘ صرف خط نسخ ۾ لکي ويندي آهي. هن اکر جون هيٺيون صورتون ٿينديون:

| سالم صورت | | شروعاتي صورت | | وچين صورت | | آخري صورت | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| اکر | لفظ | حرف | لفظ | حرف | لفظ | حرف | لفظ |
| نہ ٿيندي | | نہ ٿيندي | | نہ ٿيندي | | ـه | هميشه |

دنيا جي ٻين ٻولين ۾ بہ ’ھ‘ جا اهڙا تصور ملن ٿا، ان لاءِ تہ ديوناگري آئيوِٽا ۾ ’ھ‘ وينجن توڙي سرَ، ٻنهي جي تصور سان سمجهايا ويندا آهن؛ جيئن:

شهر ___ Shr ، هميشه ___ :HmyS

هنن لفظن ۾ پهرين ھ وينجن آهي، ۽ پڇاڙڪي سُرَ ۾ ڳُٽي ويندي آهي، جيڪا ديوناگريءَ ۾ سُر ماترائن ۾ شامل آهي. انگريزيءَ سان پڻ ساڳي ويڌن آهي، جيئن: Host يا Honest . اهڙن لفظن ۾ پڻ وينجن يا سُر ٻنهي جو تصور موجود آهي؛ جنهن ڪري انهن آوازن کي Half Vowel ۾ شامل ڪيو ويندو آهي.

ڊاڪٽر سهيل بخاريءَ جي لکڻ موجب ”عربي رسم الخط ۾ ’ھ‘ جا ٽي روپ آهن، جيڪي اسان تائين منتقل ٿيا آهن. انهن ۾ هڪ کي بہ چشمي ’ھ‘ ٻيءَ کي ننڍي ’ ہ ‘ ۽ ٽينءَ کي وڏي ’ح‘ چئبو آهي. انهن ۾ وڏي ’ح‘ صرف عربيءَ ۾ استعمال ٿيندي آهي.“

ڊاڪٽر سهيل بخاري مختفي ’ہ‘ لاءِ وڌيڪ لکي ٿو: ”عربيءَ ۾ ننڍي ’ہ‘ جا بہ قسم ٿين ٿا؛ هڪ، ’هوز‘ واري ’ھ‘ جيڪا لفظ جي شروع ۽ وچ ۾ ايندي آهي، ۽ ٻي، مختفي جيڪا لفظ جي آخر ۾ ايندي آهي ۽ اردو جي رستہ، ڪلڪتہ، پٽہ وغيره ۾ لکي ويندي آهي.

عربي ۾ جڏهن ننڍي ’ہ‘ لفظ جي آخر ۾ ايندي آهي تہ اسين ان کي گول ’ت‘ چوندا آهيون؛ ڇو تہ ان جو تبادل ’ت‘ سان ٿيندو آهي. جيئن: جنۃ = جنت، اُمۃ = امت ۽ قيامۃ = قيامت. اردوءَ وانگر اسان عربي تبادل جو اهو اصول ڪونہ اپنايو ۽ جنۃ کي جنت ۽ قيامۃ کي قيامت ئي لکندا آهيون.

جديد فارسيءَ جا اهڙا لفظ جيڪي اڄڪلهه ’ه مختفي‘ سان لکيا وڃن ٿا، تن ۾ اڳي آخري حرف متحرڪ هوندو هو: چاره = چارَ، ڪده = ڪدَ، پاره = پارَ وغيره، چيو ويندو آهي ته لفظ ’ڪده‘ جهڙن لفظن جي آخر ۾ ’ڪاف‘ زبر لاءِ استعمال ٿيندو هو.

يوناني آخري زبر لاءِ اوس(os) ۽ لاطيني اُس (us) جي پڇاڙي لڳائيندا هئا، جنهن کي مغربي محقق ويدڪ ۽ سنسڪرت جو وسرگ چون ٿا؛ ۽ وسرگ جو تلفظ آچاريا ۽ پنڊت ’اَه‘ ڪندا آهن، جيڪو ديوناگري جي آخري جي سرَ جي شڪل’:‘ (يعني نسبت جي نشانيءَ) سان ظاهر ٿيندو آهي؛ جيئن: ڀيم (خوفناڪ) :BIm ، ڪُچره (بد چلن) :kuçr وغيره مان به ان خيال جي تصديق ٿئي ٿي ته هند يورپي زبانن جا اهي سڀ طريقا لفظ جي آخري سُر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا آهن. اردو املا ۾ ’ه مختفيءَ‘ جو وجود فارسيءَ جي ڪتابت کان ورثل آهي ۽ اردو لفظن ۾ ٻن ڊگهن سُرن ’آ‘ ۽ ’اَي‘ جو بدل آهي.“ (بخاري، 1988ع: 41، 42 ۽ 43)

هتي اها ڳالهه ڪرڻ اهم آهي ته عربي يا فارسي لفظن ۾ ڪم آندل مختفي ’ه‘ جو بدل سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن به سُر واري اکر سان يا جمع جي گردان موجب ’اَنَ‘ آواز سان ڪيو ويندو آهي. مثلاً:

| عربي لفظ (مختفي ’ه‘ سان) | سنڌيءَ ۾ ان جو بدل | سنڌيءَ ۾ جمع (گردان موجب) |
|---|---|---|
| اِداره | اِدارو، اداري، ادارا. | ادارن |
| اِراده | ارادو، ارادي، ارادا. | ارادن |
| اِشاره | اِشارو، اشاري، اشارا. | اشارن |
| اِضافه | اِضافو، اضافي، اضافا. | اضافن |
| مباحثه | مباحثو، مباحثي، مباحثا | مباحثن |
| مُذاڪره | مذاڪرو، مذاڪري، مذاڪرا | مذاڪرن |
| مُراسله | مراسلو، مراسلي، مراسلا | مراسلن |
| مُشاهده | مشاهدو، مشاهدي، مشاهدا | مشاهدن |
| مُعاهده | معاهدو، معاهدي، معاهدا | معاهدن |
| مُناظره | مناظرو، مناظري، مناظرا | مناظرن. |
| استعاره | استعارو، استعاري، استعارا | استعارن |
| استخاره | استخارو، استخاري، استخارا | استخارن |
| استفاده | استفادو، استفادي، استفادا | استفادن |
| طريقه | طريقو، طريقي، طريقا | طريقن |
| مسئله | مسئلو، مسئلي، مسئلا | مسئلن |
| ضابطه | ضابطو، ضابطي، ضابطا | ضابطن |
| مدرسه | مدرسو، مدرسي، مدرسا | مدرسن |
| صحيفه | صحيفو، صحيفي، صحيفا | صحيفن |
| روضه | روضو، روضي، روضا | روضن |
| مشوره | مشورو، مشوري، مشورا | مشورن |
| مُحڪمه | مُحڪمو، محڪمي، محڪما | مُحڪمن |

| | | |
|---|---|---|
| مقبره | مقبرو، مقبري، مقبرا | مقبرن |
| ذريعہ | ذريعو، ذريعي، ذريعا | ذريعن |

| فارسي لفظ (مختفي ’ه‘ سان) | سنڌيءَ ۾ ان جو بدل | سنڌيءَ ۾ جمع (اضافت سان) |
|---|---|---|
| آبخوره | آبخورو، آبخوري، آبخورا | آبخورن |
| آبيانہ | آبيانو، آبياني، آبيانا | آبيانن |
| برگزيده | برگزيدو، برگزيدي، برگزيدا | برگزيدن |
| پرده | پردو، پردي، پردا | پردن |
| پوشيده | پوشيدو، پوشيدي، پوشيدا | پوشيدن |
| پيچيده | پيچيدو، پيچيدي، پيچيدا | پيچيدن |
| پيچره | پيچرو، پيچري، پيچرا | پيچرن |
| پيرزاده | پيرزادو، پيرزادي، پيرزادا | پيرزادن |
| جهانديده | جهانديدو، جهانديدي، جهانديدا | جهانديدن |
| صاحبزاده | صاحبزادو، صاحبزادي، صاحبزادا | صاحبزادن |
| برجستہ | برجستو، برجستي، برجستا | برجستن |

مٿين مختفي ’ه‘ جي بدران سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ گهڻي قدر ’سُرَ‘ ۾ ڪم ايندڙ اکرن جو استعمال ڪندا آهيون: يعني، مختفي ’ه‘ جو آواز اسان وٽ ’سُر‘ جي قريب ڄاتو ويندو آهي.

اهو ئي اصول رکي اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي لفظن جي صورتخطيءَ تي نظر رکڻ گهرجي، جيئن: ’درياءُ‘ يا ’درياه‘ جي صورتخطيءَ ۾ ڪهڙو لفظ درست پانيو وڃي؟ اهڙا مونجهارا خاص طور تي سنڌي ٻوليءَ جي لهجن آڌار ’سنڌي لئنگويج اٿارٽي‘ پڻ اٿاريندي رهي آهي. بحث هيٺ آندل مختفي ’ه‘ جو ٻوليءَ ۾ ڪردار اهو ئي ڏنو ويو آهي ته اهو صورتخطيءَ ۾ ’سر‘ جي حيثيت وٺيون بيٺو آهي. جڏهن مختفي ’ہ‘ جي بدران سر ڪم آڻيون ٿا ته ڇا مختفي ’ه‘ مان سر جو ڪم نہ ٿا وٺي سگهون؟

سنڌي سنئين ڳالهہ آهي تہ جنهن لفظ جي آخر ۾ اهڙي اکر جو مونجهارو ٿئي تہ ’ء‘ يا ’ه‘ ڪم آڻجي تہ ان جڳهہ تي مختفي ’ه‘ جو استعمال ئي مناسب آهي، جيڪو ’ء‘ ۽ ’ه‘ ٻنهي جي نمائندگي ڪري ٿو.

اٿلائي:

- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي سنڌي صورتخطيءَ ۽ پرنٽ ميڊيا ۾ ’ملفوظي ھ‘ ۽ ’وسرڳي ه‘ جي استعمال جي تاڪيد ڪئي آهي.
- ان سڄي بحث جو تت اهو آهي تہ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ’ه‘ اکر جا ڪل پنج روپ ڪم آيا آهن، جن ۾ ٻہ وينجن (هڪ وسرڳ سان) ۽ ٽي مختفي، جيڪي سُرَ جي نمائندگي ڪن ٿا: ۽

ڪنهن به اکر جي مختلف روپن جي وجود ۾ اچڻ جو سبب ٿي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ جون گهرجون هونديون آهن.

- عالمن پاران ’هه‘ جون جيڪي چار صورتون ڏنيون ويون آهن، تن ۾ ڇُڪون آهن.
- ڇاڪاڻ ته صورتن جي درست استعمال نه ڪرڻ سان چند مونجهارا سامهون اچن ٿا، جن ۾ غلط صورتخطيءَ جا امڪان موجود رهن ٿا: اهوئي سبب آهي جو چند غلط لفظن جون صورتون به ڪتابي صورت ۾ اچي ويون آهن: جيئن: گراهڪ
- سنڌي ٻوليءَ جا اهي ننڍڙا مونجهارا جن تي ڪو خاص توجه ڪونه ڏنو ويو آهي، هي ننڍڙا مونجهارا ان صورت ۾ ئي سمجهي سگهجن ٿا، جنهن صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن ۽ مختلف لهجن جي ڄاڻو پرائمري استادن جو باضابطہ مذاڪرو ڪرايو وڃي.
- پرائمري سطح جي درسي ڪتابن ۾ ’هه‘ جي روپن ۽ صورتن جون ڇُڪون محسوس ڪيون ويون آهن: ان صورت ۾ ابتدائي پرائمري (ECE) درجي کان وٺي، ’هه‘ جي روپن جي درست استعمال ڪي يقيني بڻائڻ گهرجي.

حوالا/ ذريعا


- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2005ع)، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
- تعليم کاتو (1956ع)، سنڌي پهريون ڪتاب. ڪراچي: سنڌي ادبي بورڊ.
- جوکيو، الطاف حسين (2008ع)، سنڌي ٻوليءَ ۾ وسرڳن جي حقيقت. ايڊيٽر: تاج جويو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، ج: 1 (1)، ص: 72- 92. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- جوکيو، الطاف حسين (2012ع)، ايم.بي سنڌي‘ سوفٽ ويئر ۾، ’هه‘ اکر جي روپن آهر، اهم فونٽن جو مختصر اڀياس. ايڊيٽر: تاج جويو. سنڌي ٻولي: تحقيقي جرنل، ج: 5 (2)، ص: 106- 130. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
- جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر (1999ع الف)، ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ. دهلي: اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه.
- جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر (1999ع ب)، انگريزن جي دؤر ۾ عربي- سنڌي لکاوٽ. ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، ٽماهي مهراڻ. ج: 49 (4). ص: 89- 128. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
- ڈاکٹر سہیل بخاری (1988ع)، اردو رسم الخط کے بنیادی مباحث. اسلام آباد: مقتدرہ قومی زبان.
- سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر (1980ع)، تحقيق لغات سنڌي- حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
- جويو، محمد ابراهيم (1970ع)، سنڌي پهريون ڪتاب. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.

محمد يوسف جويو



# محمد ابراهيم جويو:

## نصابي ڪتابن جوڙڻ ۾ هڪ اهم ڪردار

سنڌ جي عظيم دانشور سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جي تعليمي ڪم جو ڪو ڇيھ ئي ڪونہ آهي. هن جا ڪيئي ڪتاب ۽ ليک، تعليم جي موضوع تي ڇپيل آهن جيڪي هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکن ٿا، پر هت سنڌن انهن ڪتابن جو ببليوگرافيڪل جائزو ورتو ويو آهي، جيڪي هن اسڪولي تعليم لاءِ يعني نصابي ڪتابن طور پاڻ لکيا آهن ۽ هنن نگرانيءَ ۾ ڇپيا آهن، جن ۾ جويي صاحب ليکڪ جي حيثيت کان سواءِ ايڊيٽر، مصحح ۽ نگران وغيره طور اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. سائين جويو صاحب جا اهي ڪتاب گورنمينٽ آف پاڪستان، ٽيڪسٽ بڪ بورڊ لاهور طرفان، ون يونٽ جي دور ۾، ۽ ان کان پوءِ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، سنڌ ڇاپيا آهن.

**(الف) سنڌ گورنمينٽ جي اسڪولن جا درسي ڪتاب:**

**1. سماجي اڀياس (تاريخ، لازمي) نائين ۽ ڏهين جماعتن لاءِ (1961ع):**

**سماجي اڀياس**: تاريخ ، لازمي، نائين ۽ ڏهين جماعتن لاءِ، بورڊ آف انٽر ميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايڊيوڪيشن حيدرآباد ريجن لاءِ منظور ڪيل آهي. هن ڪتاب هي ليکڪن ۾ پروفيسر نورالڪريم، صدر شعبہ تاريخ، ڍاڪا گورنمينٽ ڪاليج، ڍاڪا ۽ مسٽر ڪليم الدين پٺيان، نائب هيڊ ماستر ڍاڪا ڪاليجيٽ اسڪول، ڍاڪا جن آهن. هي ٻئي ليکڪ بنگلاديش جا وڏا ڏاها ۽ تعليمدان ٿي گذريا آهن. هن ڪتاب جو ترجمو ڪندڙ سائين محمد ابراهيم جويو صاحب آهي. ڪتاب جو ڇاپيندڙ يونيورسل بڪ ڊيپو، حيدرآباد، سنڌ آهي. سماجي اڀياس جي هن ڪتاب ۾ تاريخ پڻ شامل ڪئي وئي آهي ۽ ڪتاب جي موضوعن ۾: ٺئين سڄاڳيءَ جو دور، يونان ۽ روم جي تاريخ، ڪوجنا ۽ بينڪون، فرينچ انقلاب، آمريڪا جي آزاديءَ جي جنگ، صنعتي انقلاب، پهرين ۽ ٻي عالمي جنگ، سوشلزم ۽ آڪٽوبر انقلاب وغيره جهڙا اهم موضوع شامل ڪيل آهن. ترجمي ڪندڙ نهايت سادي ۽ آسان فهم ٻولي ڪتب آندي آهي تہ جيئن اسڪولي ٻار ان کي آسانيءَ سان سمجهي سگهي ۽ استاد کي بہ پاڙهڻ ۾ آساني ٿئي. ڪتاب ۾ فوٽو ۽ نقشا وغيره پڻ شامل آهن. هن ڪتاب جو پهريو ڇاپو 1961ع ۾ ڇپيو هو. هيءُ ڪتاب معلومات سان مزين آهي، بهتر ٿئي تہ هن ڪتاب کي ٻيهر ڇاپيو وڃي ڇو تہ هيءُ ڪتاب، اسان جي نوجوانن لاءِ تاريخي معلومات ۽ شعوري ڪتاب جي حيثيت رکي ٿو.

**2. سنڌي پهريون ڪتاب (نظرثاني ٿيل) 1967ع:**

هيءُ سنڌي پهريون ڪتاب(نظر ثاني ٿيل) جيڪو "ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، لاهور جو تيار ڪيل ۽ تعليم کاتي، اولهہ پاڪستان جو، سرڪيولر نمبر: S.O.(S) 20_24/63 تاريخ 29- فيبروري 1964ع هيٺ، حيدرآباد ۽ ڪراچي ريجن جي پرائمري اسڪولن لاءِ، سول ٽيڪسٽ بڪ طور منظور ڪيل." ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي.هن ڪتاب جو جوڙيندڙ يا ليکڪ محمد ابراهيم جويو آهي، ايڊيٽرن ۾: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ شيخ عبدالله "عبد" آهن ۽ نظر ثاني ڪندڙن ۾ محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ عبدالله "عبد" آهن.هن سڄي ڪتاب جو خوشنويس يا ڪاتب مشتاق احمد آهي ۽ سبقن سان ٺهڪندڙ تصوير يا اسڪيچ پڻ ڇپيل آهن جيڪي ڏاڍا سٺا ۽ سهڻا لڳي رهيا آهن، پر انهن اسڪيچن جي ٺاهيندڙ جو نالو لکيل ناهي. ڪتاب ۾ ٻاراڻا نظم پڻ ڏنل آهن تن جا شاعر شيخ عبدالله

”عبد“، جناب ”حليم“ (ڪوٽ مير محمد وارو) ۽ بردو سنڌي آهن. سڄو ڪتاب هڪ رنگ ۾ ڇاپيل آهي ۽ هر سبق سان لاڳاپيل ان جي مطابق تصويرون يا اسڪيچ ڏنا ويا آهن، ڪِن سبقن جي آخر ۾ ٻار جي آزمائش لاءِ مشق ۾ آسان سوال ڏنل آهن. ڪتاب جي ڏيک وارو مٿيون جلد، جنهن ۾ ڇئن ٻارن جون هڪ رنگيون تصويرون ڏنل آهن، جيڪي هٿ هٿن ۾ ڏيو نچندي ڪڏندي ڪلهن ۾ ٿيلها لڙڪايو، روايتي لباس ۾ ۽ جتيءَ پاتل ٻارن کي اسڪول ويندي ڏيکاريو ويو آهي. 5x7 انچن وارو هيءُ ننڍڙو ڪتاب، تمام عمدو ۽ عاليشان جوڙيل آهي. هن ڪتاب جو ستون ايڊيشن 1967ع ۾ ڇپيو. هيءُ ڪتاب 40 صفحن تي مشتمل آهي ۽ هن جي، ان وقت جي قيمت 0.24 پئسا آهي. ڪتاب جي آخر ۾ هڪ انگريزي نوٽ لکيل آهي ته:

Printed at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad (Sindh) and Published by Mohammad Ibrahim Joyo, Hon: Secretary, Sindhi Adabi Board, Hyderabad (Sindh)

**3. سنڌي ٻيو ڪتاب، 1968ع:**

هيءُ سنڌي ٻيو ڪتاب آهي، جيڪو، ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، لاهور جو تيار ڪيل ۽ تعليم کاتي، اولهه پاڪستان جو، سرڪيولر نمبر: S.O.D.E &S.V-16-63 تاريخ 23- فيبروري 1963ع هيٺ، حيدرآباد ۽ ڪراچي ريجن جي پرائمري اسڪولن لاءِ، سول ٽيڪسٽ بڪ طور منظور ڪيل.“ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جي لکندڙن ۾ رحيم بخش ميمڻ، ايم.ايم. عرساڻي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي جن آهن، هن جا ايڊيٽر ۾: محمد ابراهيم جويو ۽ محمد فاضل آهن. هن سڄي ڪتاب جو خوشنويس يا ڪاتب مشتاق احمد آهي (حالانڪ ڪاتب جو نالو لکيل ڪونه آهي پر ٻين ڪتابن جي ڪتابت کي ڏسي پيٽ ڪري اهو چئي سگهجي ٿو) ۽ سبقن سان ٺهڪندڙ تصويرون يا اسڪيچ پڻ ڇپيل آهن جيڪي ڏاڍا سٺا ۽ سهڻا لڳي رهيا آهن پر انهن اسڪيچن جي ناهيندڙ جو نالو لکيل ناهي، سواءِ هڪ تصوير تي آرٽسٽ پنهنجو نالو شارٽ فارم ۾ ايم.اين.ڪي لکيو آهي. تصويرن کي غور سان ڏسبو ته هنن جي لائين ورڪ مان خبر پوندي ته آرٽسٽ هڪ ئي آهي. ڪتاب ۾ ننڍا ٻاراڻا نظم پڻ ڏنل آهن جن جا شاعر: رحيم بخش ميمڻ، الطاف عباسي، ”بردو“ سنڌي، رشيد احمد لاشاري، ڪشنچند”بيوس“ ۽ امداد حسيني شامل آهن. ڪتاب ۾ ڪل 50 سبق ڏنل آهن جن ۾ 12 نظم آهن. هيءُ ڪتاب، هڪ رنگ ۾ ڇپيل آهي، جنهن جي هر سبق ۽ نظم سان لاڳاپيل ان جي تصوير پڻ ڏني وئي آهي. سبقن جو سِٽاءُ ۽ ان جي ٻيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي، ڪن سبقن جي آخر ۾ ٻارن جي خود آزمائش لاءِ هڪ مشق ڏنل آهي، جنهن ۾ ڏنل سبق مان ئي سوال، لفظ ۽ گرامر جون ڪجهه سمجهاڻيون ڏنل آهن. ڪتاب جي ڏيک وارو جلد، ڦاٽل آهي. 5x7 انچن وارو هيءُ ننڍڙو ڪتاب تمام عمدو جوڙيل آهي. هن ڪتاب جو سترهون ايڊيشن 1968ع ۾ ڇپيو ۽ آخري ٻاويهون ايڊيشن 1970ع ۾ ڇپيو، هيءُ ڪتاب، 132 صفحن تي مشتمل آهي ۽ هن جي، ان وقت جي قيمت 0.65 پيسا آهي.

**4. سنڌي نصاب (لازمي)؛ (اردو پيپر_ II بدران)؛ ٻارهين ڪلاس لاءِ، 1969ع:**

هيءُ سنڌي ڪتاب جيڪو ان وقت جي ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، لاهور جي طرفان منظور ٿيل آهي ۽ جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڇاپيو آهي. اصل ۾ هيءُ ڪتاب مرتب ٿيل آهي، مرتب ڪندڙن ۾: علي نواز جتوئي، عبدالڪريم سنديلو، اياز قادري ۽ شيخ عبدالله شامل آهن. هن ڪتاب جا ٻه حصا ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ هڪ نثر جو ۽ ٻيو نظم جو حصو آهي. هن جي نثر واري حصي جي ليکڪن ۾ فتح محمد سيوهاڻي جا ٻه سبق ڏنل آهن، جن ۾ هڪ ”قومي جذبو ۽ قومي اخلاق“ ۽ ٻيو ”ٻولي ۽ ان جون ادبي خوبيون“ شامل آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻي جو هڪڙو سبق ”شاهه جو شعر ۽ شاعري“ جي عنوان سان ڏنل آهي، مرحوم لياقت علي خان جو ٻه هڪ سبق ” پاڪستاني قوميت جو مقصد“ جنهن جو ترجمو علي نواز جتوئي ڪيو آهي،

ڊاڪٽر دائودپوٽي جو لکيل سبق "سنڌ جون اڳوڻيون روايتون ۽ علم ادب"، الھ بچايو سمون جو لکيل سبق "ڪوهستاني ڪچهري"، علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب جن جا لکيل ٽي سبق: "ڪامياب زندگيءَ جو ڪارگر قاعدو" ٻيو "علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا" ۽ "دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر شاهہ عبداللطيف رح"، عثمان علي انصاري جو هڪ سبق "مصطفيٰ جي الوداعي نصيحت"، عبدالقيوم صائب جو سبق "سنڌي زبان ۾ ناول نويسي"، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو هڪ سبق " عام سنڌي شاعري" ۽ ڪريم بخش چنا جو لکيل هڪ سبق "تمدن جي ماهيت" هن ڪتاب ۾ شامل آهن ۽ جڏهن تہ هن جي نظم واري حصي جا شاعر سنڌ جا تمام وڏا نالا شامل آهن جن ۾ شاهہ عبدالڪريم رح، شاهہ عبداللطيف رح، حضرت خواجہ محمد زمان رح، سچل رح، حمل فقير،خليفو گل محمد "گل"، فقير قادر بخش "بيدل"، مير عبدالحسين خان "سانگي"، مرزا قليچ بيگ، محمد هاشم"مخلص"، شيخ عبدالله عبدالواسع"عبد"، حافظ محمد "احسن"، شيخ عبدالحليم "جوش"، "تنوير" عباسي ۽ حڪيم "نياز" همايوني شامل آهن. هن ڪتاب جي ايڊيٽرن ۾: عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ محمد ابراهيم جويو شامل آهن. جڏهن تہ ڪتاب جي ٽائيٽل تي ڪابہ تصوير نہ آهي ۽ نہ وري ڪتاب جي اندر ڪابہ تصوير نہ ڏنل آهي، بلڪِ هر سبق جي شروع ۾ ليکڪ جو مختصر تعارف ضرور ڏنل آهي، 5x7 انچن جي سائيز جو هي ڪتاب ڊاڊو سهڻو ڪمپوز ٿيل ۽ سهڻي سٽاءَ سان ليٿو پرنٽنگ پريس مان ڇپيل آهي. مواد جي لحاظ سان هيءُ ڪتاب غير جانبدار (سيڪيولر) ۽ ٻوليءَ جي لحاظ سان هڪ اعليٰ معيار جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ گرامر، زيرن، زبرن ۽ مواد ۾ ڏنل تاريخن يا سنن جو خاص خيال رکيو ويو آهي. هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1968ع ۾، ۽ ٻيو 1969ع ۾ ڇپيو. هيءُ ڪتاب، 212 صفحن تي مشتمل آهي ۽ هن جي قيمت 1.66 رپيا آهي.

**5 سنڌي نصاب (لازمي): نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ، 1970ع:**

هيءُ سنڌي ڪتاب جيڪو ان وقت جي ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، لاهور جي طرفان منظور ٿيل آهي، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڇاپيو آهي. هيءُ ڪتاب پڻ مرتب ڪيو ويو آهي، مرتبن جا نالا هي آهن: غلام اصغر وندير، پناهہ علي شاهہ، محمد اسماعيل عرساڻي ۽ رشيد احمد لاشاري هن ڪتاب ۾ ڏنل مواد جا ٻہ حصا آهن، جنهن ۾ هڪ نثر جو ۽ ٻيو نظم جو نثر واري حصي جي ليکڪن ۾ پرمانند ميوارام جو سبق "آپاڻيهار جي هستي"، مرزا قليچ بيگ جا ٻہ سبق جن ۾ هڪ "حياء" ۽ ٻيو "همت"، فتح محمد سيوهاڻي جا ٻہ سبق آهن، جن ۾ هڪ "حڪومت جي حد ڪماليت" ۽ ٻيون "ميرن جي صاحبي"، پيرو مل مهر چند جو سبق "ڪاهوءَ جو دڙو"، ليکراج ڪشنچند جو سبق "ساٿيهہ جي سڪ"، عثمان علي انصاريءَ جو سبق "ارادي جي مضبوطي"، عبدالواحد سنڌي جو سبق "مهراڻ جي ماڙيءَ جون مشهور هستيون"، محمد اسماعيل عرساڻي جو سبق "وسڪارو"، غلام اصغر وندير جو سبق "پاڪستان جو نظريو" ۽ شيخ محمد فاضل جو سبق "گهر جي خوشي ۽ خوشحالي" جيڪو هن صاحب ترجمو ڪيو آهي. شاعرن ۾ شاهہ عبداللطيف رح، سچل رح، مير عبدالحسين خان "سانگي"، شيخ محمد فاضل، ڪشنچند "بيوس"، حافظ محمد "احسن"، مخدوم محمد زمان "طالب المولٰي"، محمد بخش "واصف" ۽ نواز علي خان "نياز" شامل آهن.هن ڪتاب جي ايڊيٽرن ۾: عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ محمد ابراهيم جويو شامل آهن. جڏهن تہ ڪتاب جي ٽائيٽل تي ڪا بہ تصوير ڏنل نہ آهي ۽ نہ وري ڪتاب جي اندر ڪابہ تصوير ڏنل آهي. جنهن ۾ ڪلِ ٻارنهن سبق ۽ نو شاعر شامل آهن، هر سبق جي آخر ۾ هڪ پاڻ آزمائش خاطر مشق ڏنل آهي، جنهن ۾ ٻار ڪان پڙهايل سبق مان ڪجهہ سوال ۽ ڪجهہ تمام آسان گرامر جي بابت بہ ڄاڻ ۽ عملي ڪم ڏنل آهي. 5x7 انچن جي سائيز جو هي ڪتاب ڊاڊو سهڻو ڪمپوز ٿيل ۽ سهڻي سٽاءَ سان ليٿوپرنٽنگ پريس مان ڇپيل آهي. مواد جي لحاظ سان هي ڪتاب غير جانبدار (سيڪيولر) ۽ ٻوليءَ جي لحاظ سان هڪ اعليٰ معيار جو ڪتاب آهي، جنهن ۾

گرامر، زيرن، زبرن ۽ مواد ۾ ڏنل تاريخن يا انگن جو خاص خيال رکيو ويو آهي. هن ڪتاب جو ڇهون ڇاپو 1970ع ۾ ڇپيو آهي، هيءُ ڪتاب 87 صفحن تي مشتمل آهي ۽ هن جي، ان وقت جي قيمت 0.77 پيسا آهي.

**6. سنڌي پرائمري (نظر ثاني ٿيل) ۾ 1970ع:**

هيءُ سنڌي پرائمري (نظر ثاني ٿيل) ڪتاب جيڪو ويسٽ پاڪستان ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، لاهور جي طرفان منظور ٿيل آهي ۽ جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد ڇاپيو آهي.هن ڪتاب جو لکندڙ سائين محمد ابراهيم جويو پاڻ آهي، ڪتاب جو ايڊيٽر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ شيخ عبدالله "عبد" آهن. ڪتاب تي نظر ثاني ڪندڙن ۾: محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ عبدالله "عبد" آهن. هن سڄي ڪتاب جو خوشنويس يا ڪاتب مشتاق احمد آهي (حالانڪ ڪاتب جو نالو لکيل ڪونہ آهي پر ٻين ڪتابن جي ڪتابت کي ڏسي پيٽ ڪري اهو چئي سگهجي ٿو) ۽ سبقن سان ٺهڪندڙ تصويرون يا اسڪيچ پڻ ڇپيل آهن، جيڪي ڏاڍا سنا ۽ سهڻا لڳي رهيا آهن پر انهن اسڪيچن جي ٺاهيندڙ جو نالو لکيل ناهي. ڪتاب جو ٽائيٽل نيري رنگ سان آهي جنهن تي چار ٻارڙا (ٻہ ڇوڪرا ۽ ٻہ ڇوڪريون) روايتي لباس ۾، ڪتابن جا ٿيلها ڪلهن ۾ لڙڪايو، خوش خوش ٿي اسڪول وڃن پيا. هن جي ٻئي صفحي تي "گذارش" جي عنوان سان پاڙهيندڙ استاد لاءِ، پڙهائڻ جي طريقي بابت ڪجهہ گذارشون لکيون ويون آهن، جيڪي پاڻ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب لکيون آهن. هيءُ ڪتاب آواز، لفظ، ۽ ننڍين مڪمل جملن سان شروع ٿئي ٿو. هر آواز، لفظ ۽ جملي ۾ هم آهنگي آهي، هم قافيو، ردم ۽ هڪ قسم جي وڻندڙ ڇڪ آهي. جيئن :

"ٻَہ هَٽَ آهن، نہ ڪَرُ ڪَرِ.
پَٿَرَ ڪڻُ ، هَٽِ رَکُ.
بَسِ ڪَرِ، پَگهرُ اُگهہ.
گهرِ هَلُ."(جويو: سبق يارهون. صفحو 13).
" صَفَرَ ، چُپ ڪَرِ ، غُلُ نہ ڪَرِ.
اکَرَ لِکُ.
لِکڻُ سِکُ ، عِزَتَ وَٺُ.
جَٽُ ٿِيَڻُ ، ڏُکَ ڏِسَڻُ."(جويو: سبق سورهون. صفحو 18)

"ڪَٽڪَ جَا لا ٻَارَا لَٿَا.
اَنَ جَا گَاڏَا آيَا.
ڏِٺِن سَاوَا گَاهَ گَاڏَا.
ڏَاڍَا عُمَدَا گَاڏَا پَڪَا.
کَائِڻَ وَاڃَا وَڃَايَا.
ڄَاڻِڻَ ڀَتَ جَا ڳَانَا ڀَاڻَا." (جويو: سبق ايڪيهون.صفحو 24 )

هن ڪتاب جي صفحي 22 تي ا ب ٻ ڀ.... جي سڄي پٽي ڏنل آهي. هن سنڌي پرائيمر ڪتاب جي آخري سبقن ۾ شيخ عبدالله"عبد" جو نظم (ننڍڙا، منڙا،سهڻا ٻار......) ڏنو آهيءِ سڀ کا آخري صفحي تي انگ ڏنا ويا آهن، تن انگن کي لفظن ۾، ۽ انهن کي وري ٽٻڪن جي تعداد ۾ پڻ ظاهر ڪيو ويو آهي. هيءُ ڪتاب، واقعي بہ اسان جي پرائمري تعليم جو بنياد ثابت ٿي رهيو آهي. ڇو تہ محمد ابراهيم جويي صاحب هن جي لکڻ ۾ پنهنجا بهترين معيار ٺاهيا آهن، جيڪي اڄ تائين هلندا ٿا اچن.

هن ڪتاب جو اوڻيهون ايڊيشن 1970ع ۾ ڇپيو. هيءُ ڪتاب 40 صفحن تي مشتمل آهي ۽ هن جي، ان وقت جي قيمت 0.40 پيسا آهي.

**7. سنڌي پهريون ڪتاب (نظرثاني ٿيل) ۾ 1971ع:**

هيءُ سنڌي پهريون ڪتاب(نظر ثاني ٿيل) جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي طرفان ڪتب خانہ عزيزيہ، جهونا مارڪيٽ ڪراچي-2 مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب جو جوڙيندڙ يا ليکڪ محمد ابراهيم جويو آهي، ايڊيٽرن ۾: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ شيخ عبدالله "عبد" آهن ۽ نظر ثاني ڪندڙن ۾: محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ عبدالله "عبد" آهن. ڪتاب ۾ ڏنل ٻاراڻا نظم آهن تن جا شاعر شيخ عبدالله "عبد"، جناب "حليم" (ڪوٽ مير محمد وارو) ۽ ٻردو سنڌي آهن. هن سڄي ڪتاب جو خوشنويس يا ڪاتب مشتاق احمد آهي (حالانڪ

ڪاتب جو نالو لکيل ڪونہ آهي پر ٻين ڪتابن جي ڪتابت کي ڏسي پيٽ ڪري اهو چئي سگهجي ٿو) ۽ سبقن سان ٺهڪندڙ تصويرون يا اسڪيچ پڻ ڇپيل آهن، جيڪي ڏاڍا سنا ۽ سهڻا لڳي رهيا آهن پر انهن اسڪيچن جي ٺاهيندڙ جو بہ نالو لکيل ناهي. سڄو ڪتاب ٻن رنگن ۾ ڇاپيل آهي ۽ هر سبق سان لاڳاپيل ان جي مطابق تصويرون يا اسڪيچ مونو ڪلر ۾ ڏنا ويا آهن، ڪِن سبقن جي آخر ۾ ٻار جي آزمائش لاءِ مشق ۾ آسان سوال ڏنل آهن. ڪتاب جي ڏيک وارو مٿيون جلد، جنهن ۾ ٻن ٻارن جون رنگين تصويرون ڏنل آهن، جن جي هٿن ۾ اسڪولي پٽيون ۽ ڪلهن ۾ ٿيلها لڙڪايل، روايتي لباس ۾ جتيءِ پاتل ٻارن کي اسڪول ويندي ڏيکاريو ويو آهي.5x7 انچن وارو هيءُ ننڍڙو ڪتاب تمام عمدو ۽ عاليشان جوڙيل آهي. هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1971ع ۾ ڇپيو، ڪتاب 37 صفحن تي مشتمل آهي ۽ هن جي، ان وقت جي قيمت 0.24 پيسا آهي.

**8_ سنڌي ٻيو ڪتاب، 1971ع:**

هيءُ سنڌي ٻيو ڪتاب ”سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جو تيار ڪيل ۽ تعليم کاتي، اولهہ پاڪستان جو، سرڪيولر نمبر: S.O.D.E & S.V-16-63 تاريخ 23- فيبروري 1963ع هيٺ، صوبي سنڌ جي پرائيمري اسڪولن لاءِ، واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل آهي.“ هن ڪتاب کي شيخ شوڪت علي اينڊ سنز، ڪراچيءَ مان ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. هن ڪتاب جي لکندڙن ۾: رحيم بخش ميمڻ، محمد عثمان عرساڻي ۽ محمد عثمان ڏيپلائي جن آهن. هن جا ايڊيٽر: محمد ابراهيم جويو ۽ شيخ محمد فاضل آهن. ڪتاب ۾ ننڍا ٻاراڻا نظم پڻ ڏنل آهن جن جا شاعر رحيم بخش ميمڻ، الطاف عباسي، ”بردو سنڌي، رشيد احمد لاشاري، ڪشنچند ”بيوس“ ۽ امداد حسيني شامل آهن. ڪتاب ۾ ڪل 50 سبق ڏنل آهن جن ۾ 12 نظم شامل آهن، هن سڄي ڪتاب جو خوشنويس يا ڪاتب مشتاق احمد آهي (حالانڪ ڪاتب جو نالو لکيل ڪونہ آهي پر ٻين ڪتابن جي ڪتابت کي ڏسي پيٽ ڪري اهو چئي سگهجي ٿو) ۽ سبقن سان ٺهڪندڙ تصويرون يا اسڪيچ پڻ ڇپيل آهن، جيڪي ڏاڍا سنا ۽ سهڻا آهن پر انهن اسڪيچن جي ٺاهيندڙ جو بہ نالو لکيل ناهي. هيءُ سڄو ڪتاب ٻن رنگن ۾ ڇاپيل آهي ۽ هر سبق سان لاڳاپيل ان جي مطابق تصويرون يا اسڪيچ مونو ڪلر ۾ ڏنا ويا آهن. سبقن جو سِٽاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي، ڪن سبقن جي آخر ۾ ٻارن جي خود آزمائش لاءِ هڪ مشق ڏنل آهي، جنهن ۾ ڏنل سبق مان ئي سوال، لفظ ۽ گرامر جون ڪجهہ سمجهاڻيون ڏنل آهن ۽ ڪجهہ سوال پڻ ڪيل آهن. ڪتاب جي ڏيک وارو جلد، جنهن ۾ ٻن ٻارن جون رنگين تصويرون ڏنل آهن، جن جي هٿن ۾ ڪتاب آهن جيڪي هو پڙهي رهيا آهن، جن ۾ هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري ظاهر آهن جن کي روايتي لباس پاتل آهي. 5x7 انچن وارو هيءُ ننڍڙو ڪتاب تمام عمدو جوڙيل آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن 1971ع ۾ ڇپيو. هيءُ ڪتاب 128 صفحن تي مشتمل آهي ۽ هن جي، ان وقت جي قيمت 0.65 پيسا آهي.

**9_ سنڌي نصاب (لازمي): نائين ۽ ڏهين ڪلاس لاءِ، 1971ع:**

هي سنڌي نائين ۽ ڏهين ڪلاس جو ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان ”بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد جو، سرڪيولر نمبر: S.B/AC-I/1297 تاريخ 14- نومبر 1966ع هيٺ، حيدرآباد ريجن جي هاير سيڪنڊري اسڪولن لاءِ، سول ٽيڪسٽ بڪ طور منظور ڪيل“ آهي ۽ جنهن کي ڪتاب ايجنسي، حيدرآباد مان ڇاپيو آهي. هي ڪتاب پڻ مرتب ڪيو ويو آهي، جنهن جا نالا هي آهن: غلام اصغر وندير، پناهہ علي شاهہ، محمد اسماعيل عرساڻي ۽ رشيد احمد لاشاري شامل آهن. هن ڪتاب ۾ ڏنل مواد جا بہ حصا آهن، جنهن ۾ هڪ نثر جو ۽ ٻيو نظم جو حصو آهي. هن جي نثر واري حصي جي ليکڪن ۾ پرمانند ميوارام جو سبق ”اُپاٽهار جي هستي“، مرزا قليچ بيگ جا ٻہ سبق جن ۾ هڪ ”حياء“ ۽ ٻيو ”همت“، فتح محمد سيوهاڻي جا بہ سبق جن ۾ هڪ ”حڪومت جي حد ڪماليت“ ۽ ٻيو ”ميرن جي صاحبي“، ٻيرو مل مهرچند جو سبق ”ڪاهوءَ جو دڙو“، ليکراج ڪشنچند

جو سبق "ساٿيهہ جي سڪ"، عثمان علي انصاريءَ جو سبق"ارادي جي مضبوطي"، عبدالواحد سنڌي جو سبق" مهراڻ جي ماڻريءَ جون مشهور هستيون"، محمد اسماعيل عرساڻي جو سبق "وسڪارو"، غلام اصغر ونڌير جو سبق "پاڪستان جو نظريو" ۽ شيخ محمد فاضل جو سبق "گهر جي خوشي ۽ خوشحالي" جيڪو هن صاحب ترجمو ڪيو آهي. شاعرن ۾ شاهہ عبداللطيفؒ، سچلؒ، مير عبدالحسين خان "سانگي"، شيخ محمد فاضل، ڪشنچند "بيوس"، حافظ محمد "احسن"، مخدوم محمد زمان"طالب المولىٰ"، محمد بخش "واصف" ۽ نواز علي خان "نياز" شامل آهن.هن ڪتاب جي ايڊيٽرن ۾: عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ محمد ابراهيم جويو شامل آهن. ڪتاب جي ٽائيٽل ۽ ڪتاب جي اندر ڪابہ تصوير ڏنل نہ آهي. ڪتاب ۾ ڪل ٻارنهن سبق ۽ نوَ شاعر شامل آهن، هر سبق جي آخر ۾ هڪ پاڻ آزمائش خاطر مشق ڏنل آهي، جنهن ۾ ٻار کان پڙهايل سبق مان ڪجهہ سوال ۽ ڪجهہ تمام آسان گرامر جي بابت بہ ڄاڻ ۽ عملي ڪم ڏنل آهي. 5x7 انچن جي سائيز جو هي ڪتاب ڏاڍو سهڻو ڪمپوز ٿيل ۽ سهڻي سٽاءُ سان ڇپيل آهي. مواد جي لحاظ سان هيءُ ڪتاب، غير جانبدار (سيڪيولر) ۽ ٻوليءَ جي لحاظ سان هڪ اعليٰ معيار جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ گرامر، زيرن، زبرن ۽ مواد ۾ ڏنل تاريخن يا انگن جو خاص خيال رکيو ويو آهي. هن ڪتاب جو ڇهون ايڊيشن 1970ع ۾ ڇپيو هو، هي ان جو سٽاريل ڇاپو آهي، ڪتاب 94 صفحن تي مشتمل آهي ۽ قيمت 0.77 پيسا آهي.

### 10_ سنڌي چوٿون ڪتاب، 1972ع:

هيءُ سنڌي چوٿون ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ڇپيو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ محمد ابراهيم جويو، محمد عثمان ڏيپلائي، مير محمد نظاماڻي، شمشيرالحيدري ۽ محمد عثمان عرساڻي، ايڊيٽر لطف الله بدوي ۽ محمد عيسيٰ ميمڻ آهن. ڪتاب جي ڇپائي سادي آهي، ڪل پنجونجاهہ سبق ڏنا ويا آهن. ڪن سبقن سان تصويرون ۽ اسڪيچ پڻ شامل ڪيل آهن پر آرٽسٽ جو نالو لکيل ڪونہ آهي ۽ هر سبق جي آخر ۾ مشق ڏنل آهي. ڪتاب ۾ ڏنل سبقن جي وچ وچ ۾ ورري نظمن جي بيهڪ تمام سهڻي لڳي ٿي، سڄو مواد نصحت ڀريو آهي. 5x7 انچن وارو هيءُ ننڍڙو ڪتاب 172 صفحن تي مشتمل آهي، هن جي ان وقت جي قيمت 89-00 پيسا رکيل آهي ۽ هيءُ پهريون ايڊيشن جنوري 1972ع ۾ ڇپيو آهي.

### 11_ سنڌي ٽيون ڪتاب، 1973ع:

هيءُ سنڌي ٽيون ڪتاب جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جو تيار ڪيل، تعليم کاتي جي سرڪيولر نمبر: S.O.(S) 20-24/64 تاريخ 29- فيبروري 1964ع هيٺ سنڌ پرڳڻي جي پرائمري اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل" آهي ۽ پاپولر پرنٽرس حيدرآباد ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾: جلال الدين شاهہ، احمد خان ميمڻ، محمد عثمان عرساڻي، يار محمد ابن حيات پنهور، صوفي غلام مصطفيٰ تبسم، بشير حسين ضيائي، پروفيسر مرزا مقبول، شيخ اصغر علي، يونس علي خان ۽ نذير احمد آثم، ايڊيٽرن ۾: رحيم بخش ميمڻ، شيخ عبدالله "عبد" ۽ محمد ابراهيم جويو شامل آهن. هن ڪتاب ۾ ٻاراڻا نظم جن شاعرن جا ڏنل آهن تن ۾ غلام محمد گرامي، مرزا قليچ بيگ، امداد حسيني، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، استاد بخاري ۽ "درد" دريشاڻي شامل آهن، هن ڪتاب ۾ ڏنل نظمن ۾ اُتساهہ، همت، بهادري ۽ اڳيان وڌڻ جو درس ڏنل آهي. مثال طور: استاد بخاري جو هيءُ نظم جيڪو سبق اوڻٽيهون طور ڏنل آهي.

اچو تہ ٻارو ڳايون راڳ (نظم)
اچو تہ ٻارو ڳايون راڳ،
راڳ ڪري جو ديس سجاڳ،
هرڪو ديسي ٿئي هوشيار.
راڄ اسان جو،
ڀاڳ اسان جو،
ملڪ اسان جو،
ماڳ اسان جو.

هر سبق جي آخر ۾ ان جي آزمائشي مشق ڏنل آهي. هن ڪتاب جا سڀ سبق نصيحت ۽ ڄاڻ ڀريا آهن، جئين "منهنجو ڪتاب" يا "سنڌ سونهاري" ۽ هر هڪ نظم پڻ سٺي ڄاڻ ۽ نصيحت وارو آهي، جيئن "چار رانديڪا" وغيره. 7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 25 صفحن تي مشتمل آهي، هن جي ان وقت جي قيمت 00-70 پيسا آهي، هن جو ٻيو ڇاپو سنه 1974ع ۾ شايع ڪيو ويو.

**19. سنڌي پرائمري: پهرين ڪلاس لاءِ (ٽيسٽ ايڊيشن)، 1974ع:**

هي سنڌي پرائمري جو ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي ۽ مدينه پبلشنگ ڪمپني، ڪراچيءَ مان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، الهداد ٻوهيو، اياز قادري، استاد بخاري، شيخ محمد اسماعيل، محمد بچل ميمڻ، ولي محمد انصاري، نور محمد ميمڻ، رشيد احمد ميمڻ ۽ غلام قادر سومري آهن، ايڊيٽر ۽ مکيه صلاحڪار: محمد ابراهيم جويو شامل آهي. ڪتاب جي ڇپائي صاف سٺي ٿيل آهي هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون جيڪي آرٽسٽ علي اڪبر سومري جون ٺاهيل آهن سي مونو ڪلر ۾ ڇپيل آهن. هر سبق جي آخر ۾ ان سبق جون ڪجهه اکرن جون لکت واريون شڪليون ڏنل آهن ۽ آواز پڻ سمجهايل آهن. هن ڪتاب جا سڀ سبق پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق مطابق آهن، 7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 50 صفحن تي مشتمل آهي، هن جي قيمت 00-70 پيسا آهي. هن جو هي پهريون ڇاپو 1974ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

**20. آسان سنڌي ڪتاب: غير مادري زبان: (چوٿين ڪلاس لاءِ) 1977ع:**

هيءُ آسان سنڌي ڪتاب: غير مادري زبان وارن لاءِ يعني جيڪي سنڌي زبان نه ٿا ڳالهائي سگهن، تن کي سنڌي ٻولي پاڙهڻ ۽ سيکارڻ لاءِ هي ڪتاب جوڙيل آهي. هيءُ ڪتاب، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي ۽ هن کي ڇاپيو به هن اداري پاڻ آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾: غلام اصغر وندير، محمد ابراهيم جويو ۽ ڊاڪٽر غلام علي الانا آهن، زيرِنگراني: پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان آهن ۽ ايڊيٽرن ۾: ڊاڪٽر سيد محمد صالح شاهه بخاري ۽ محمد بچل ميمڻ آهن. ڪتاب جي ڇپائي صاف سٺي آهي هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ۽ ڪتابت، آرٽسٽ علي اڪبر سومري جي ٿيل آهي. ڪتاب ۾ ڏنل اسڪيچ مونو ڪلر ۾ ڇپيل آهن. هر سبق جي آخر ۾ ڪجهه اکرن جون لکت واريون شڪليون ڏنل آهن ۽ آواز پڻ سمجهايل آهن. هن ڪتاب جا سڀ سبق پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق مطابق آهن، هي واهه جو ڪتاب آهي! اصل ٻولي سکڻ لاءِ بنيادي ڪتاب آهي. 7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 60 صفحن تي مشتمل آهي، هن جي قيمت 00-2 رپيا آهي، هن جو هي پهريون ڇاپو 1977ع ۾ شايع ڪيو ويو.

**21. اردو کی پہلی کتاب (ٽيسٽ ايڊيشن)، 1974ع:**

هيءُ اردو ٻوليءَ جو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي ۽ اردو اڪيڊمي، ڪراچي مان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾: ڊاڪٽرفرمان، چوڌري محمد علي، مرزا عابد عباس، عبدالواحد سنڌي، عامر فاروقي، جميل اختر، نعيم الرحمٰن جوهر، نادر حسين، اشتياق رضا، مسرت حسين رضوي، طاهر رشيد فاروقي ۽ سيد اسرار حسين نقوي، ايڊيٽر: ڊاڪٽر فرمان فتحپوري ۽ نگران اعليٰ: محمد ابراهيم جويو شامل آهن. ڪتاب جي لکت يعني ڪتابت سهڻي ۽ ڇپائي صاف، سٺي آهي، هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ۽ ڪتابت آرٽسٽ علي اڪبر سومري جي ٿيل آهي. ڪتاب ۾ ڏنل اسڪيچ مونو ڪلر ۾ ڏنل آهن جيڪي مونو ڪلر ۾ ڇپيل آهن. هر سبق جي آخر ۾ هڪ آزمائشي مشق ڏنل آهي. هن ڪتاب جا سڀ سبق پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي مشق مطابق آهن، هيءُ ڪتاب، 7x9 انچن وارو 41 صفحن تي مشتمل آهي هن جي ان وقت جي قيمت ....پيسا آهي، هن جو پهريون ڇاپو 1974ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

ايم-اين حامد، حامد الله، پير بخش چنا، گرديوا چند، غلام حيدر، نور محمد ڪوسو، عبدالرحمٰن شيخ، فدا حسين ڪوڪر، نصيرالدين، عبدالحليم نظاماڻي ۽ سيد عبدالرحمٰن شاهه، صلاحڪار: عبدالمجيد عباسي، ايڊيٽر ۽ نگران: محمد ابراهيم جويو شامل آهن ڪتاب جي ڇپائي صاف ۽ سٺي آهي، هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ۽ نقشا ڏنل آهن. پر ڪنهن به آرٽسٽ يا ڪارٽوگرافر جو نالو ڪٿي به ڪونه لکيل آهي. سٺي ڄاڻ تي مشتمل هن ڪتاب جي هر سبق/باب جي آخر ۾ هڪ آزمائشي مشق ڏنل آهي. هي تاريخي ۽ جاگرفيءَ جي حوالي سان مڪمل ڄاڻ وارو ڪتاب آهي. هن جو آخري نائون باب جيڪو ڪراچيءَ جي تاريخ تي لکيل آهي سچ ته هڪڙو اهم دستاويز آهي. هر سبق/باب جي آخر ۾ هڪ آزمائشي مشق ڏنل آهي. 7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 120 صفحن تي مشتمل آهي، هن جي قيمت ؟ پيسا آهي. ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1974ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

**26. ابتدائي سائنس (پهرئين درجي لاءِ) 1981ع:**

**ابتدائي سائنس**: پهرئين درجي لاءِ ڪتاب آهي، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي ۽ علم و عمل بڪ ڊيپو، ڪراچيءَ طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي سومرو، اي-قاسم شيخ، رانجهو خان زرداري، غلام رسول چنه، عبدالغفار ميمڻ، فضل ربي، فخر الدين بلوچ، ضامن عباس زيدي ۽ ايڊيٽرن ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي سومرو ۽ اي.قاسم شيخ انهن ڪان علاوه مکيه صلاحڪار: محمد ابراهيم جويو شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي صاف ۽ سٺي آهي، هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ڏنل آهن، جيڪي رنگين ۽ بليڪ اينڊ وائيٽ آهن. هيءُ ڪتاب تصويرن جي ذريعي ٻارن جا تصور واضح طور سمجهائڻ جي سرگرمين جي طريقي تي جوڙيل آهي. 7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 20 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي قيمت: 1.10 پيسا اٿس، ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1981ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

**27. ابتدائي سائنس (پهرئين درجي لاءِ) 1974ع:**

**ابتدائي سائنس**: پهرئين درجي لاءِ هي ڪتاب رنگين ڪور سان آهي، جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي، آئيڊيل پئڪيجز، ڪراچي طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي سومرو، اي-قاسم شيخ، رانجهو خان زرداري، غلام رسول چنه، عبدالغفار ميمڻ، فضل ربي، فخر الدين بلوچ، ضامن عباس زيدي ۽ ايڊيٽرن ۾: ڊاڪٽر عبدالحئي سومرو ۽ اي-قاسم شيخ انهن ڪان علاوه مکيه صلاحڪار: محمدابراهيم جويو شامل آهي. ڪتاب جي ڇپائي صاف ۽ سٺي آهي. هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ڏنل آهن، جيڪي رنگين ۽ بليڪ اينڊ وائيٽ آهن. هيءُ ڪتاب تصويرن جي ذريعي ٻارن جا تصور واضح طور سمجهائڻ جي سرگرمين تي جوڙيل آهي. 7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 20 صفحن تي مشتمل آهي، ڪتاب جي قيمت: 00،70 پيسا آهي، ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1974ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

**28. ابتدائي سائنس (ٻئي ڪلاس لاءِ) 1974ع:**

**ابتدائي سائنس**: ٻئي ڪلاس لاءِ، هي ڪتاب رنگين ڪور سان آهي، جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي. رائل بڪ ڊيپو، حيدرآباد طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي سومرو، اي-قاسم شيخ، رانجهو خان زرداري، غلام رسول چنه، عبدالغفار ميمڻ، فضل ربي، فخرالدين بلوچ، ضامن عباس زيدي ۽ ايڊيٽرن ۾: ڊاڪٽر عبدالحئي سومرو ۽ اي- قاسم شيخ انهن ڪان علاوه مکيه صلاحڪار: محمد ابراهيم جويو شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي صاف سٺي آهي هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ڏنل آهن، جيڪي آرٽسٽ علي اڪبر سومري جون ٺاهيل آهن. هيءُ ڪتابه تصويرن جي ذريعي ٻارن جا تصور واضح طور سمجهائڻ جي سرگرمين تي جوڙيل آهي.7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 79 صفحن تي مشتمل آهي، ڪتاب جي قيمت: 2.25

پيسا آهي، هن جو هي پهريون ڇاپو 1974ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو آهي.

**29. ابتدائي سائنس (ٽئين ڪلاس لاءِ) 1974ع:**

**ابتدائي سائنس:** ٽئين ڪلاس لاءِ هي ڪتاب پڻ رنگين ڪور سان آهي، جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي. رائل بڪ ڊيپو، حيدرآباد طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي سومرو، اي- قاسم شيخ، رانجهو خان زرداري، غلام رسول چنا، عبدالغفار ميمڻ، فضل ربي، فخر الدين بلوچ، ضامن عباس زيدي ۽ ايڊيٽر : اي- قاسم شيخ، انهن ڪان علاوه مکيہ صلاحڪار: محمد ابراهيم جويو شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي صاف سٺي آهي، هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ڏنل آهن، جيڪي آرٽسٽ علي اڪبر سومري جون ناهيل ٿيون ڏسجن. هيءُ ڪتاب، تصويرن جي ذريعي ٻارن جا تصور واضح طور سمجهاڻ جي سرگرمين، جي پڙهائڻ جي طريقي تي جوڙيل آهي. 7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 64 صفحن تي مشتمل آهي، ڪتاب جِي قيمت: 1.90 پيسا آهي، هن جو هي پهريون ڇاپو 1974ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

**30. ابتدائي سائنس ۽ اردو (پہلی جماعت کیلئے) 1974ع:**

**ابتدائي سائنس:** پهلي جماعت لاءِ هي ڪتاب اردو ٻوليءَ جي پڙهڻ وارن لاءِ آهي، جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي. اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ ڊاڪٽر عبدالحئي سومرو، اي-قاسم شيخ، رانجهو خان زرداري، غلام رسول چنا، عبدالغفار ميمڻ، فضل ربي، فخر الدين بلوچ، ضامن عباس زيدي ۽ ايڊيٽر : اي- قاسم شيخ انهن ڪان علاوه مکيہ صلاحڪار: محمد ابراهيم جويو شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي صاف سٺي آهي، هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ڏنل آهن، جيڪي رنگين ۽ بليڪ اينڊ وائيٽ آهن. هيءُ ڪتاب، تصويرن جي ذريعي ٻارن جا تصور واضح طور سمجهاڻ جي سرگرمين تي جوڙيل آهي.7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 20 صفحن تي مشتمل آهي هن جي قيمت: ؟ پيسا آهي، هن جو پهريون ڇاپو 1974ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

**31. ابتدائي حساب، نئين نصاب مطابق (ٽئين ڪلاس لاءِ) 1975ع:**

**ابتدائي حساب:** ٽئين ڪلاس لاءِ هيءُ ڪتاب هڪ رنگ ۾ ڇاپيل آهي، جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي. زينت پرنٽرس، حيدرآباد، سنڌ طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ ڊاڪٽر اين.ايڇ زيدي، ڊاڪٽر فضل محمد، غلام سرور شاه، محمد اقبال ملڪ، بدرالدين لاڙڪ، عبدالحنان سيد، خير محمد سومرو، محب الله، نور احمد ميمڻ ۽ حافظ عبدالستار ميمڻ انهن ڪان علاوه ايڊيٽر ۽ مکيہ صلاحڪار: محمد ابراهيم جويو شامل آهي.

ڪتاب جي ڇپائي صاف ۽ سٺي آهي، هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ۽ تصور ڏنل آهن، اِهي تصويرون ۽ اسڪيچ بليڪ اينڊ وائيٽ ۽ مونو ڪلر ۾ آهن. هي ڪتاب جاميٽري ۽ حسابي تصويرن جي ذريعي ٻارن جا تصور واضح طور سمجهاڻ جي سرگرمين تي جوڙيل آهي.7x9 انچن وارو هيءُ ڪتاب 135 صفحن تي مشتمل آهي، هن جي قيمت: 8.05 پيسا آهي، ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1975ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

**32. عملي حساب، (پهرئين ڪلاس لاءِ) 1974ع**

**33. عملي حساب_اردو (پہلی جماعت کیلئے) 1974ع**

(نوٽ: هنن ٻنهي ڪتابن مان هڪ اردوءَ ۾، ۽ ٻيو سنڌيءَ ۾ آهي.)

**عملي حساب:** پهرئين ڪلاس لاءِ هي ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد جي طرفان منظور ٿيل آهي. يونيورسل بڪ ڊيپو، حيدرآباد، سنڌ طرفان ڇاپيو ويو آهي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ ڊاڪٽر اين.ايڇ زيدي، ڊاڪٽر فضل محمد، غلام سرور شاه، محمد اقبال ملڪ، بدرالدين لاڙڪ، عبدالحنان سيد، خير محمد سومرو، محب الله، نور احمد ميمڻ ۽ حافظ عبالستار ميمڻ، ايڊيٽر ۽ ڪنوينر: ڊاڪٽر اين-ايڇ.زيدي ان ڪان علاوه

مکيہ صلاحڪار: محمد ابراهيم جويو شامل آهي. ڪتاب جي ڇپائي صاف ۽ سٺي آهي، هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ۽ عڪس ڏنل آهن،اهي تصويرون ۽ اسڪيچ بليڪ اينڊ وائيٽ ۽ مونو ڪلر ۾ آهن. هي ڪتاب، جاميٽري ۽ حسابي تصويرن جي ذريعي ٻارن جا تصور واضح طور سمجهائڻ جي سرگرمين تي جوڙيل آهي. ڪتاب 7x9انچن وارو ڪتاب 78 صفحن تي مشتمل آهي هن جي قيمت 1.60 پيسا آهي، هن جو پهريون ڇاپو 1974ع ۾ ٽيسٽ ايڊيشن طور شايع ڪيو ويو.

**2_ تعليم بالغان لاءِ لکيل ڪتاب**

**34. اچو تہ وڌيڪ پڙهون (بالغن جي پڙهڻ جو ٻيو ڪتاب) 1973ع**

**اچو تہ وڌيڪ پڙهون:** بالغن جي پڙهڻ جو ٻيو ڪتاب هي ڪتاب سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد طرفان ڇاپيو ويو. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن.ڪتاب جي ڇپائي صاف ۽ سٺي آهي. هر سبق جي عنوان سان ملندڙ تصويرون ۽ خاڪا ڏنل آهن، جن تي آرٽسٽ جو نالو لکيل نہ آهي. جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي ۽ زيرن زبرن مطلب تہ اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سرورق ڇئن رنگن جو آهي، جنهن تي ڪجهہ مرد روايتي لباس ۾، ڪتاب پڙهي رهيا آهن. ڪتاب ۾ سڀ سبق بيان واري انداز ۽ ڪهاڻيءَ جي انداز ۾ لکيل آهن، جنهن جي پڙهڻ سان دلچسپي وڌي ٿي، گڏوگڏ ڪجهہ نظم پڻ شامل آهن جن ۾ خليفو گل محمد گل هالائي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي شامل آهن. ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٽاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي، هر سبق جي آخر ۾ پڙهندڙ جي لاءِ، خود آزمائش جي هڪ مشق ڏنل آهي، جنهن ۾ سبق مان ئي سوال، لفظ ۽ گرامر جون ڪجهہ سمجهاڻيون ڏنل آهن. سچ تہ هي ڪتاب اڄ بہ بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ مڪمل آهي. هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن 1973ع ۾ ڇپيو، ڪتاب 53 صفحن تي مشتمل آهي ۽ قيمت ؟ پيسا آهي.

**35. اچو تہ لکون (بالغن لاءِ لکڻ جو پهريون ڪتاب:**

**اچو تہ لکون:** بالغن جو هيءُ پهريون ڪتاب. شعبہ خواتين، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد جي طرفان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد مان ڇاپيو ويو آهي. هن سڄي ڪم جي نگراني اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ، ڄامشوري ڪئي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾: محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن.ڪتاب جي ڇپائي صاف ۽ سٺي آهي. ڪتاب لکڻ جي مشقن تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هرلکيل سٽ کان پوءِ ٻہ لائنون خالي ڇڏيل آهن تہ جيئن ان تي لکڻ جي مشق ڪري، هن ڪتاب ۾ زيرن زبرن مطلب تہ اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سرورق ٻن رنگن جو آهي جنهن تي ڪجهہ عورتون پنهنجي روايتي لباس ۾، ڪجهہ لکي رهيون آهن. ڪتاب ۾ رسيد، خط ۽ درخواست لکڻ جي بہ مشق ڏنل آهي، ان کان علاوه انگن لکڻ جو هڪ پيج ۽ هڪ پيج تي "الف بي جا آواز" جي پٽي ڏنل آهي. ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٽاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي. سچ تہ هيءُ ڪتاب اڄ بہ بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ لکڻ جي مشق جو مڪمل عملي ڪتاب آهي. ڪتاب 49 صفحن تي مشتمل آهي ۽ قيمت ؟ پيسا آهي.

**36. ڪتاب(1): بالغن لاءِ**

**ڪتاب (1):** هي بالغن جي پڙهائڻ لاءِ پهريون، پرائمري ڪتاب آهي. ڪتاب شعبہ خواتين، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد جي طرفان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد مان ڇاپيو ويو. هن سڄي ڪم جي نگراني اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ، ڄام شوري ڪئي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾: محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن. ڪتاب جي ڇپائي ٻن رنگن ۾، صاف ۽ سٺي ڪيل آهي. هن سڄي ڪتاب جو خوشنويس يا ڪاتب مشتاق احمد آهي (حالانڪ ڪاتب جو نالو لکيل ڪونہ آهي پر ٻين ڪتابن جي ڪتابت کي ڏسي پيٽ ڪري اهو چئي سگهجي ٿو)

۽ سبقن سان نهڪندڙ تصويرون يا اسڪيچ پڻ ڇپيل آهن، جيڪي ڏاڍا سٺا ۽ سهڻا لڳي رهيا آهن پر انهن اسڪيچن جي ٺاهيندڙ جو به نالو لکيل ناهي. ڪتاب سبقن تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هر لکيل لفظن ۽ ان جي مشابهت سان ان جي تصوير ڏنل آهي ۽ انهن ڪان پوءِ لفظن کي ٽوڙي اکرن ۽ آوازن کي ڌار ڌار ڪيو ويو آهي ته جيئن پڙهڻ ، لکڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. زيرن زبرن مطلب ته اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سرورق ڇئن رنگن جو آهي جنهن تي ڪجهه عورتون پنهنجي روايتي لباس ۾، ڪجهه پڙهي رهيون آهن، هڪ عورت سلائي ڪري رهي آهي. ان ڪان علاوه ڪتاب ۾ الف بي جي پٽي، هڪ پيج تي "الف بي جا آواز" جي پٽي، هڪ پيج تي "اکرن جون گڏيل صورتون" ۽ آخري پيج تي سؤ تائين انگن جو چارٽ ڏنل آهي. ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٽاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي. سچ ته هيءُ ڪتاب، اڄ به بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ پڙهڻ جو مڪمل عملي ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو هي پهريون ايڊيشن آهي، ڪتاب 41 صفحن تي مشتمل آهي ۽ قيمت ؟ پيسا آهي.

**37. ڪتاب (2): بالغن لاءِ**

**ڪتاب** (2): هيءُ بالغن جي پڙهائڻ لاءِ پهريون، پڪي پهرين جو ڪتاب آهي. هي ڪتاب شعبه خواتين، حڪومت پاڪستان، اسلام آباد جي طرفان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد مان ڇاپيو ويو آهي. جڏنهن ته هن سڄي ڪم جي نگراني اداره نصاب ۽ توسيع تعليم سنڌ، ڄامشوري ڪئي. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن.ڪتاب جي ڇپائي ٻن رنگن ۾، صاف سٺي آهي. ڪتاب پڙهڻ جي سبقن تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هرلکيل لفظن ۽ ان جي مشابهت سان ان جي تصوير ڏنل آهي، خاڪا آرٽسٽ علي اڪبر سومري جا ٺاهيل آهن، ڪتاب ۾ لفظن کي ٽوڙي اکرن ۽ آوازن کي ڌار ڌار ڪيو ويو آهي ته جيئن پڙهڻ، لکڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. زيرن زبرن مطلب ته اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سرورق ڇئن رنگن جو آهي جنهن تي ڪجهه عورتون پنهنجي روايتي لباس ۾، ڪجهه پڙهي رهيون آهن، هڪ عورت سلائي ڪري رهي آهي.ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٽاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي. سچ ته هي ڪتاب اڄ به بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ پڙهڻ جو مڪمل عملي ڪتاب آهي. ڪتاب جو هي ٻيو ايڊيشن 1987ع ۾ ڇپيو، ڪتاب 54 صفحن تي مشتمل آهي ۽ قيمت ؟ پيسا آهي.

**38. ڪتاب (2)**

**ڪتاب** (2): هي بالغن جي پڙهائڻ لاءِ پهريون، پڪي پهرين جو ڪتاب آهي. هيءُ ڪتاب " قومي ڪميشن براءِ خواندگي و تعليم عامہ" حڪومت پاڪستان، اسلام آباد جي طرفان سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ حيدرآباد، مان ڇاپيو ويو، نيشنل بڪ فائونڊيشن ڪراچي هن جو ڇپائيندڙ هو. هن نصابي ڪتاب جي لکندڙن ۾ محمد ابراهيم جويو، رحيم بخش ميمڻ ۽ شيخ عبدالله "عبد" شامل آهن.ڪتاب جي ڇپائي ٻن رنگن ۾، صاف ۽ سٺي آهي. هي ڪتاب پڙهڻ جي سبقن تي مشتمل آهي، هن ۾ جملن ۽ لفظن جي خاص ترتيب ڏنل آهي، هرلکيل لفظ ۽ ان جي مشابهت سان ان جي تصوير ڏنل آهن، جيڪي آرٽسٽ علي اڪبر سومري جا ٺاهيل آهي ۽ خاڪا ڪان پوءِ سبقن جي آخر ۾ خود آزمائش جي لاءِ مشقون ڏنل آهن ته جيئن پڙهڻ ، لکڻ ۽ سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. زيرن زبرن مطلب ته اعرابن جو مڪمل صحيح استعمال ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سرورق ٻن رنگن جو آهي جنهن تي ڪابہ تصويرڏنل ڪانهي ، ڪتاب ۾ شامل مواد جو سِٽاءُ ۽ ان جي بيهڪ تمام سهڻي رٿيل آهي. سچ ته هي ڪتاب اڄ به بالغن جي تعليم لاءِ نهايت ئي مناسب ۽ پڙهڻ جو مڪمل عملي ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو هيءُ پهريون ايڊيشن 1985ع ۾ ڇپيو آهي، ڪتاب 54 صفحن تي مشتمل آهي ۽ قيمت ؟ پيسا آهي.


ابتدائي سائنس
ٻئي ڪلاس لاءِ
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد


ابتدائي سائنس
ٽئين ڪلاس لاءِ
سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، حيدرآباد


ابتدائی سائنس
جماعت کے لیے
سندھ ٹیکسٹ بک بورڈ، حیدرآباد


عملي حساب


سنڌي پنجون ڪتاب


پهريون ڪتاب


سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ حيدرآباد


سنڌي ٻيو ڪتاب
ٻئي ڪلاس لاءِ

ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي



# ڳُنو سامتاڻي جي ڪهاڻين جو تنقيدي جائزو

ڳنو سامتاڻي، رومانوي دور جو ٽيون اهم ڪهاڻي- نويس آهي، جيڪو جديد سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪهاڻي نويس واري حيثيت مڃائي چڪو آهي. رومانوي دور جا پهريان ٻه ڪهاڻي نويس آهن: موهن ڪلپنا ۽ لعل پشپ. گڏيل هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيل ان ٽه- مورتيءَ ادب ۾ ڪافي نالو ڪڍيو. سنڌن ناموس هند سان ڳنڍ، سرحد جي هن پار سنڌ ۾ ٻه پکڙيل آهي. موهن ۽ لعل جي مشابهت ۾ ڳني جو جيتوڻيڪ ادبي ذخيرو گهڻ آهي پر سنڌي ادب ۾ هُو ڪهاڻي- نويس طور، هن ننڍي کنڊ جو هڪ اهم دستخط بڻجي اُڀريو.

ڳنو سامتاڻي يارهون درجو پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت ڪلياڻ ڪئمپ ۾ رهيو پر پوءِ بمبئي هليو ويو. ڪلياڻ ڪئمپ کي الوداع ڪرڻ کان پوءِ، هن بمبئي يونيورسٽيءَ مان بي.اي (آنرس) پاس ڪري مهاراشٽر گورنمينٽ سچيواليه ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ اتان ئي جوائنٽ سيڪريٽريءَ جي عهدي تان رٽائر ڪيو. ڳنو سامتاڻي مهاراشٽر سنڌي ساهتيه اڪادميءَ جو برپا ٿيڻ کان وٺي سن 1995ع تائين سيڪريٽري ٿي رهيو.

گڏيل هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ سنڌي آهستي آهستي ٽانيڪا ٿيندا ويا. حياتيءَ ۾ اٽي، لٽي ۽ اجهي جا مسئلا گهٽي قدر حل ٿيندا ويا. نئين زمين تي دنيوي ڪاميابين بعد، سنڌي اديبن ڀارت جي ٻين زبانن خواه وديشي ٻولين جي ادبي تبديلين ۾ چاهه وٺڻ شروع ڪيو. ترقي پسند ڪهاڻي- نويسن جا موضوع ڪشش وڃائڻ لڳا هئا. عالمي ادب ۾ پڻ نوان نوان رجحان نمودار ٿيڻ لڳا. ايتري قدر جو ان عرصي ۾ روس جهڙي سماجوادي ديش جي ادبي رخ ۽ رَويي ۾ ڦير اچڻ شروع ٿيو، جنهن جو ذڪر اِليا اهنبرگ جي 'writer and his craft' ۾ ٿيل آهي. نتيجو اهو نڪتو جو سن 1958ع ڌاري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نئون موڙ اچڻ لڳو. هندي ۽ ٻين ڀارتي قومي ٻولين ۾ ٻه ترقي پسند ڪهاڻيءَ خلاف زوردار رد عمل شروع ٿي چڪو هو. سنڌي ڪهاڻي ترقي پسنديءَ جي گهيري ۾ گهٽجڻ لڳي هئي. جڏهن ترقي پسند دور وارين لکڻين ۾ سطحيت گهر ڪري ويئي، ادب محض سياسي نعري بازي يا سطحي بيان- بازيءَ جي حد تي وڃي رسيو، ۽ چين جي حملي اديبن جو موهه ڀنگ ڪيو ته سڄاڳ قلمڪارن ان تي گهرائيءَ سان سوچڻ شروع ڪيو. انهن رفته رفته ان تحريڪ کان پنهنجا پلئه آجا ڪري، پنهنجي اظهار لاءِ نوان گس ۽ پيچرا تلاشڻ لڳا. نتيجي طور سنڌيءَ ۾ رومانوي ڌارا جي ابتدا ٿي.

ترقي پسند ڌارا ۾ جتي سماج جي مجموعي صورت کي ترجيح ڏني ويندي هئي، اُتي هينئر اديبن جو ڌيان فرد ۾ وڃي کُتو يعني هُو فرد کي وڌيڪ اُڀاري سماج جو ڇٽ ڇنڻ لڳا. سماجي حقيقت نگاريءَ جي عيوض، هن رجحان جا قلمڪار فرد جي اندرين شخص جي ذهني عڪاسي ڪرڻ ۾ لڳي ويا. اديبن انفراديت پسندي ۽ رومانواد جي موضوعن کي ڪٿي ڪهاڻيون لکيون. شخص جي انفرادي احساس، ذهني ڪيفيتن، پريم- رومانس جي ڀن ڀن پهلوئن تي ڪهاڻين جي تخليق ڪري، اُنهن سنڌي ڪهاڻيءَ جي صورت ئي بدلائي ڇڏي. هن دور جي ڪهاڻي 'ٻاهر' کان اندر هلي ويئي. فرد تي

وڌيڪ توجهه ملڻ سبب سوڪيرَ ۽ منو وگيانڪ وڌيڪ ٿي ويئي. استري پرش جي تعلقاتن جا انيڪ اڻڇهيل پهلو اُجاگر ٿيڻ لڳا. نين تشبيهن ۽ استعارن کان ڪم ورتو ويو، اظهار جا نوان تجربا وجود ۾ اچڻ لڳا. انهيءَ رومانوي ڌارا ۾ ڀارت جي ورهاڱي کان ترت پوءِ، ادب ۾ جيڪا نوجوان پيڙهي آئي، تنهن جي وڌيڪ حصيداري رهي. اُنهن ترقي پسند يا مارڪسوادي ڌارا کي رومانوي ڌارا ۾ تبديل ڪري ڇڏيو، جيتوڻيڪ اُنهن اديبن جي ابتدائي ڪهاڻين ۾ مارڪسواد جا عناصر نمايان ٿي بيٺا آهن. انهيءَ ڌارا ۾ موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي ۽ لعل پشپ اڳي ٿيئي ويا. انهن ٽنهي ۾ گني جي ڪهاڻين جو عدد تمام مختصر رهيو پر پوءِ بہ فنائتي پيشڪش، دلچسپ لهجي، پڪي پختي زبان ۽ نرالين تشبيهن سبب، هن سنڌي ڪهاڻيءَ کي بلندين تائين رسايو.

گني جي پهرين ڪهاڻي پارس ڪلياڻ ڪئمپ مان شايع ٿيندڙ 'نياسنسارا' رسالي ۾ سن 1949ع ۾ شايع ٿي. پرگني جي مقبوليت ۾ جڳت آڏواڻيءَ جي "ڪهاڻي" رسالي جو وڏو هٿ آهي. جڏهن گني جي ڪهاڻي 'نائڪا' نومبر 1958ع ۾"ڪهاڻيءَ" جي ڏياري پرچي ۾ شايع ٿي تہ هُو سنڌي ڪهاڻيءَ تي ڇانئجي ويو. لريڪل ڀاشا، فنائتي ۽ نئين پيشڪش ۽ دلچسپ قصا گوئيءَ سبب، پڙهندڙن ڪهاڻي خوب پسند ڪئي هئي. ان پرچي ۾ موهن ڪلپنا جي مشهور ڪهاڻي 'خوابن ۽ سراپن وچ مان' بہ شايع ٿيل آهي. اُنهن ڏينهن ۾ ڪهاڻيءَ ۾ ڇيڇڙ هڪ وڏي ڳالهہ ليکي ويندي هئي. لعل پشپ کي سچي حياتي اهو مَلالُ رهيو تہ سندس ڪهاڻي ان پرچي ۾ شايع نہ ٿي.

گني جي شروعاتي ڪهاڻين تي ترقي پسند رجحان جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. گڏيل هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ ڪجهہ سمو، ڀارت جي ڀين ٻولين جيان سنڌيءَ ۾ بہ ترقي پسند تحريڪ زور رهي. قريب قريب هر طبقي جي اديب تي مارڪسوادي نظريو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ حاوي رهيو. گني جون ڪهاڻيون بہ ترقي پسند دور کان شروع ٿيون. پر رفتہ رفتہ انهن ۾ رومانيت ۽ انفراديت ايندي ويئي. گني سامتاڻيءَ جا ڇپيل ڪتاب هن طرح آهن: واپس (ناول)، ايمان ۽ اپراجتا ڪهاڻيون. گني جي پهرين تحرير جا ڪتابي صورت ۾ سن 1957ع ۾ ميدان ادب تي آيل آهي، سو آهي سندس ننڍو ناول "واپس". لڳ ڀڳ ساڍا پنج ڏهاڪا اڳ شايع ٿيل 'واپس' ناول کي جڏهن وري پڙهڻ ويٺو آهيان تہ خوبصورت عبارت، پڪي پختي ٻولي ۽ سهڻي اندازِ بيان جي باوجود ناول مان تسڪين جي حاصلات نٿي ٿئي. ڪو دور هو، جو اهڙيون ڪهاڻيون ۽ قصا عام ۽ خاص پڙهندڙن کي ڀانءِ پوندا هئا، جن ۾ سڏڪا هجن، جهرجهر ڪندڙ آنسو هجن. اڄ اهو وقت گذري چڪو آهي. ناول جو مول عنصر ڪهاڻي آهي، جا گني جي 'واپس' ناول ۾ عدم موجود آهي. 'واپس' ۾ ڪهاڻي نہ جي برابر آهي. ناول نويس جي نگاهہ ڪردارن تي اٽڪيل آهي، اُنهن جي من جي پيڙا ۽ ڪشمڪش ۾ ڪتل آهي. اهوئي ناول جو مقصد بہ آهي. ناول جا مکيہ ڪردار آهن- ڀاڀي، سمترا، نريندر ۽ سشما. ناول جا ٻيا عناصر فقط ساڌن آهن، پر ناول ۾ اهو ڏسڻو آهي تہ ڪردار ڪيترو سڀاويڪتا ۽ گهرائيءَ سان پيش ٿيل آهن. ناول جو اهم نُڪتو آهي- ڪردارن ۽ ڪهاڻيءَ جي سڀاويڪ اوسر، پر گني جي "واپس" ناول ۾ ڪهاڻيءَ جي اُلٽ اڳواٽ طئہ ڪيل ۽ ڪردارن جو وهنوار هٺرادو ٿو لڳي؛ ڇو جو اُهي ناول نويس طرفان مڙهيل حياتي ڀيا جيئن؛ ڇو تہ اُهي ناول نويس جي ويچارن جي اظهار لاءِ ئي خلقيا ويا آهن. اِتي ڪلا کي ڌهرمر ٿو رسي.

گني جو پهريون ڪهاڻين جو مجموعو "ايمان" (1965ع) آهي. ان مجموعي ۾ گني جون ڇهہ

1972ع ۾ ساهتيه اڪاديمي طرفان اوارڊ عطا ٿيل آهي. هن مجموعي ۾ ڇهه ڪهاڻيون آهن. گني جي ڪهاڻين جو مول ڀاؤ رومانس آهي. هن جو اهو رومانٽڪ نظريو، سندس زبان ۽ علامتن ۾ اُڀري، اسان جي سامهون اچي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ فلاسافيڪل نڪتا آهن، ڪردار نگاري آهي چست گفتگو آهي. "اپراجتا" جي پهرين ڪهاڻي 'ٻنڌن'، سن 1960ع ۾ ڪهاڻي پبليڪيشن پاران منعقد ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام حاصل ڪيل ڪهاڻي آهي جيڪا پهريون دفعو 'ڪير پرا هٽڙا' (1960ع) ۾ شايع ٿي هئي.

گني جون ڪهاڻيون استري- پرش جي تعلقاتن کي ساڻ ڪري هلن ٿيون، پر اُهي نسخا ئي پريم ڪهاڻيون ڪونهن. گنو ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي رومانوي داستان گوئي يا ٽڪنڊي واري فلرمولا کان پرهيز ڪري هليو آهي. هن جون ڪهاڻيون ويچار پرڌان ڪهاڻيون آهن. ڪردارن جا مسئلا، پنهنجا مسئلا آهن، اندريان مسئلا آهن. اُهي سماج مان ڪين ٿا اچن، اُنهن جي من مان اُجاگر ٿين ٿا. 'ٻنڌن' ۾ ڪرڻ ۽ ڪويتا- نائڪ ۽ نائڪا هڪ ٻئي کي چاهين ٿا، پر ملن ٿا سنيهه ۽ موهن جي ٻنڌن ۾ ٻڌل هوندي بہ، اُنهن جي رشتن ۾، نہ چاهيندي بہ ڪيتريون مجبوريون اچيو شامل ٿيون. گني تي شرت جو اثر نمايان ٿي بينو آهي.

هن ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي گفتگو جي نوع مان بہ شرت جو اثر جهلڪا پيو ڏئي. سرير ۽ آتما ۾ ڪهاڻي- نويس سشما جي ڪهاڻي بيان ڪئي آهي. هُو لکي ٿو تہ هيءَ ڪهاڻي حقيقي ڪهاڻي آهي. اج جي ترقي- يافتہ صورتحال ۾ بہ عورت جي حالت ۾ گهڻو فرق ڪين آيو آهي. اج بہ اُنهن کي مردن جي ظلم جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو. سشما شادي شده آهي ۽ مان ڪردار جي فئن آهي. 'زندگيءَ کان موت تائين، ڦهليل اونداهو ڪاريدار' روايتي ڪهاڻيءَ کان علحدي آهي. هن ۾ ڪردار آهن، اِسٽيتون آهن، ماحول جي جاندار عڪاسي آهي، زوردار گفتگو آهي، پر پلاٽ جو عنصر گهٽ آهي. گنو نئين ڪهاڻيءَ جي ليکڪن ۾ شمار نٿو ٿئي، ڇو تہ جديد ادب ۾ جيڪا حالتن جي تلخي، رشتن ۾ ٽٽاڻ ۽ پيچ پَچان وارو صورتحال آهي سوگني جي ڪهاڻين ۾ ڪونهي. هُو آدرش رومانوادي اديب آهي. پر مون کي گني جي هن ڪهاڻي ۾ نئين ڪهاڻيءَ جا عناصر ملن ٿا، هيءَ سٽير ۽ ميران جي ڪهاڻي آهي. گني جي ٻين ڪيترين ڪهاڻين جيان، هيءَ ڪهاڻي بہ سمرتين جي سهاري اڳتي رڙهي ٿي. وگيان جي نعمتن جي باوجود، اج جو هر ذهين ۽ حساس شخص بيچئن آهي. اج پنهنجي ذاتي خواهش موجب، زندگي جيئڻ تہ شخص جي وس رهيو ناهي، پر مرڻ جي بہ آزادي وٽس ڪانهي. ميران وٽ پئسا آهن، پر پوءِ بہ هن جي ويچارگي ۽ بوريت جو اظهار آهي. ننڊ بہ ڪيس خريد ڪرڻي پوي ٿي، سليپنگ پلس سان هن ڪهاڻيءَ ۾ پلاٽ جو عنصر گهٽ آهي، من جو بيان وڌيڪ آهي. سماجي مسئلن جو بهشڪار ڪري، ڪهاڻي- نويس خانگي حالتن جو ئي اظهار ڪري ٿو.

گني جي ڪنڌر ڪهاڻي، پهريائين ڪونج جي 1968ع جي آزادي پرچي ۾ "ڪهاڻي ۽ مان...." جي وڏي پنيرائيءَ سان شايع ٿي هئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ شنڪر ۽ هيما ماضيءَ کي دهرائين ٿا. وقت جي تلخ حقيقتن، شنڪر کي ڪنڌر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. هيما جون بيشمار ڪوششون بہ شنڪر کي ماضيءَ مان ورتمان ۾ آڻڻ ۾ قاصر آهن. ڪهاڻيءَ جو موضوع پيار سان وابستہ آهي. سماج جي تلخ حقيقتن سبب، انسان پيار کان محروم ٿي، پنهنجي اصليت ئي کوهي ٿو ڇڏي. در جي علامت ڪهاڻيءَ کي پختين ڪهاڻين جي صف ۾ بيهاريو آهي. گني جي ڏنگا رستا- سٽو سفر، بہ ماضيءَ جي دهراءَ سان شروع ٿئي ٿي. رويءَ جي ميران سان ڪافي عرصي ملاقات ٿئي ٿي. ميران ڪار تي هلائي. ڪار ۾ ويهندي هُو ڪار

خان اوزبڪ رهندو هو، جنهن اڳتي هلي ايترو زور ورتو، جو پنهنجي آقا جي مد مقابل ٿي بيٺو ۽ ڪيس پنجن پٽن سميت قتل ڪري ڇڏيائين، پر اتفاقاً هن جو ڇهون نمبر پٽ جنهن جي عمر، ان وقت ڇهه مهينا هئي، بچي ويو، جنهن کي پنهنجي خاندان وارن ماوراءُ النهر ڪيو. ان ٻار جو نالو مرزا عيسيٰ خان ترخان هو[6] جنهن اڳتي هلي وڏو نالو ڪڍيو.

## ذوالنون ارغون:

امير ذوالنون، مير حسن بصريءَ جو پٽ هو، هو نهايت عقلمند ۽ حڪومتي داءُ پيچن کان واقف هو، بهترين سپه سالار به هو. پهريائين يادگار محمد جيڪو سلطان احمد جو پوٽو هو، تنهن جو خدمتگار هو ۽ آخر ۾ سلطان حسين جو امير الامراء ۽ سپه سالار مقرر ٿيو.[7]

غور (Ghor) ۽ داور (Dawar) ملڪن جي سنڀال سندس حوالي ٿي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ زماني ۾ هزاره (Hazara) ۽ تڪبري (Takbari) جي ماڻهن جون ٽين صدي هجري کان پنجين صدي هجري (ڏهين کان ٻارهين) تائين عباسي خلافت اندر خود مختيار اسلامي سلطنتون قائم ٿينديون رهيون.

انهيءَ زماني ۾ خراسان ۽ ماوراءُ النهر سامان سلطنت هيٺ هئا. غزني ۽ ڪابل ۾ غزنوي سلطنت قائم هئي. تيرهين صديءَ ۾ منگولن جي شورش وقت "ماوراءُ النهر" جو دارالحڪومت سمرقند هو، جنهن کي منگولن (مغلن) تاراج ڪيو. "ماوراءُ النهر" آمو درياهه جي ٻئي پار واري علائقي کي سڏيو ويندو هو. آمو (جيحون) ۽ سير (سيحون) جي وچ ايشيا جون ٻه وڏيون نديون آهن. انگريز انهن کي (Oxus) ۽ (Jexartes) لکن ٿا، انهن جون سرسبز واديون خراسان علائقي ۾ واقع هيون، جنهن جي گادي جو هنڌ "مرو" هو. اتان ابومسلم خراسان اُموي خلافت خلاف بغاوت شروع ڪئي هئي. ان کان اڳ ۾ هتي نادر شاهه جي خاندان جي حڪومت هئي. افغانستان جو نالو تاريخ ۾ 1747ع کان پوءِ شامل ٿيو. ان کان اڳ ۾ انهيءَ علائقي ۾ خراسان، غزني، ڪابل ۽ قندار جي نالن سان الڳ الڳ مشهور هئا).[8]

امير ذوالنون جو انهن ملڪن تي غلبو ٿي چڪو هو، سن 884هه ۾ ٿورڙي لشڪر سان هن ان علائقي ۾ پهچي اتان جو انتظام سنڀاليو. ڪجهه لڙاين کان پوءِ مخالف هن جا فرمانبردار ٿي ويا. سلطان حسين مرزا ڪيس قندار جي واڳ به حوالي ڪئي.

ٿوري عرصي ۾ هن شال (Shal)، مستونگ (Mastung) ۽ انهن جي پسگردائيءَ وارن علائقن تي قبضو ڪيو.[9]

اهڙيءَ طرح هن وڏو لشڪر تيار ڪيو ۽ مزاري، قپچان (Kipchan)، تڪدري ۽ قندار جي مغلن کي پاڻ سان متفق ڪيو.[10]

سلطان حسين مرزا کي هن مان خودمختياري جي بوءِ اچڻ لڳي، ڪيس دربار ۾ حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنائين. هو به بنا دير اچي دربار ۾ پهتو، هر ڪنهن جي عزت موجب تحفا پيش ڪيائين ۽ پاڻ کي سلطان حسين جي پٽ بديع الزمان جي خدمت ۾ وابسته ڪري ڇڏيائين، جيئن ته هو هڪ چالاڪ قسم جو ماڻهو هو، تنهنڪري هن بديع الزمان کي پنهنجي طرف اهڙو ته راغب ڪيو، جو هن پنهنجي پيءُ کي سفارش ڪئي ته قندار جي حڪومت هن (امير ذوالنون) کي ڏي ۽ ان جو ذمو به پاڻ کنيائين. فتح مند خاقان (سلطان حسين مرزا) قيمتي سروپاءِ، لغام، زين سميت گهوڙو، لشڪر جو سامان جهڙوڪ نقارو ۽ جهنڊو امير ذوالنون کي ڏيڻ ۽ شاهي آفيس مان شاهي مهر سان سندس مقرريءَ

---

[6] مآثر الامراء ۽ هسٽري آف ارغونس اينڊ ترخانس.

[7] ايضاً.

[8] "تازن معرڪن جي تاريخ"، منشي عطا محمد شڪارپوري، ايڊيٽر طرفان وضاحتون، ڀاران: ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 2000ع.

[9] "مير محمد بکري، تاريخ معصومي، مترجم: مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ص 95.

[10] Historian of Sindh, p. 53.

جو فرمان جاري ڪيو.[11]

هن وفاداريءَ جو اقرار ڪيو ۽ سلطان کي يقين ڏيارڻ ۽ پنهنجي سچائي ڏيکارڻ لاءِ هڪ قاصد جي ذريعي پنهنجي پٽ شاهه بيگ (جنهن اڳتي هلي سنڌ تي قبضو ڪيو)، پنهنجن مائٽن مان عبدالرحمٰن ارغون، زينڪ ترخان، جعفر ارغون ۽ سلطان محمود بکري جي والد مير فاضل کي خراسان گهرايو، جنهنڪري سيني کي سندس وفاداريءَ جو يقين ٿيو. تنهنڪري دربار جي اميرن سندس قنڌار وڃڻ لاءِ سلطان تي زور پريو، جنهن هيءَ شرط رکيو ته امير ذوالنون پنهنجي پٽ ۽ پنهنجن اميرن کي حاضريءَ ۾ ڇڏي پاڻ قنڌار وڃڻ جي تياري ڪري. ٻن ٽن ڏينهن کان پوءِ سلطان فرمان جاري ڪيو ته امير ذوالنون نوروز جي جشن کان پوءِ پلي قنڌار وڃي. هڪ سردار هن جي رهائشگاهه پهتو، جتي طنبيلن ۾ گهوڙا ٻڌل هئا، هر قسم جو گهرو سامان جيئن جو تيئن موجود هو پر پاڻ پٽ ۽ اميرن سميت وڃي چڪو هو، سلطان کي جڏهن اها خبر پئي ته هن جي زبان مان نڪتو: "امير ذوالنون اهڙو ويو، جو اسان کي وري نه ڏسندو."[12]

## مرزا بديع الزمان:

امير ذوالنون، مرزا بديع الزمان کي اهڙي طرح پنهنجو طرفدار ڪيو، جو هن جا پنهنجي والد (سلطان حسين مرزا) سان تعلقات به خراب ٿيندا ويا ۽ رنجشون وڌنديون رهيون. آخر هن قنڌار وڃڻ جو فيصلو ڪيو، امير ذوالنون ان موقعي جو فائدو وٺندي، پنهنجن پٽن: شاهه بيگ ۽ محمد مقيم سميت قنڌار پهچڻ وقت بديع الزمان جو استقبال ڪيو ۽ پنهنجي ڌيءُ نڪاح ۾ ڏيئي ساڻس قرب کي مائٽي تائين پهچايو. بديع الزمان جڏهن قنڌار وڃي رهيو هو، ان وقت سندس نوجوان پٽ محمد مؤمن مرزا استر آباد ۾ رهندو هو. هن ڪيس پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ پيغام موڪليو، جنهن واپسي ۾ پنهنجي پيءُ کي اهو پيغام موڪليو ته "شاهي خاندان کان منهن موڙي پنهنجي ملازمن وٽ پناهه وٺڻ مناسب نه آهي."[13]

جلدئي سندس چاچي مظفر حسين مرزا، استرآباد جي پسگردائيءَ ۾ اچي، هن سان جنگ جوٽي، ڪيس زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري چانديءَ جي زنجيرن ۾ ٻڌي قيد ڪيو. ڪجهه وقت اندر هو پنهنجي چاچيءَ جي طرفان هڪ سازش هيٺ ماريو ويو. مرزا بديع الزمان کي جڏهن پٽ جي شهادت جي خبر پهتي، تڏهن انهيءَ بي صبريءَ سان بدلي وٺڻ جو پڪو ارادو ڪري، لشڪر تيار ڪيو.[14]

هن امير ذوالنون ۽ سندس پٽن سان گڏجي پنهنجي پيءُ سان ڪيترن هنڌن تي جنگيون جوٽيون. اهڙيءَ طرح جنگين جو هڪ اڻ کٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو. آخر ڪجهه اشرافن وچ ۾ پئي، پيءُ ۽ پٽ ۾ صلح ڪرايو. سيستان ۽ فراه جي حڪومت جو فرمان بديع الزمان جي نالي جاري ٿيو. ان کان پوءِ هن آسپاس جي رياستن کي فتح ڪرڻ لاءِ لشڪر ڪشيءَ جو سلسلو جاري رکيو. سن 913هه ۾ محمد خان شيباني اوزبڪ هڪ وڏي لشڪر سان خراسان تي ڪاهه ڪئي. بديع الزمان هڪ تکڙو قاصد امير ذوالنون ڏانهن موڪليو. امير ذوالنون چيو ته هن وقت اسان کي وڃڻ واجب آهي. هن وقت سستي ڪرڻ مروت ۽ انسانيت کان ٻاهر آهي. پر موٽي اچڻ محال آهي، ڇاڪاڻ ته اوزبڪ جو لشڪر نهايت دبدبي، طاقت ۽ قوت وارو آهي ۽ فتحمند خاقان خاندان جو بخت، زوال ڏانهن مائل آهي.[15]

امير ذوالنون هڪ ارغون لشڪر وٺي شهزادي بديع الزمان وٽ پهتو. تاريخ معصوميءَ مطابق ته هي جيستائين ڪنهن صلاح تي پهچن، تنهن کان اڳ محمد خان شيباني جو قيامت خيز لشڪر جنهن ۾ آسماني تارن کان به گهڻا سپاهي هئا، اچي ويجهو پهتا. ٻنهي طرفن کان بهادرن جو گوڙ، وٽ پڪڙ، نقارن ۽ شرنائين جا آواز آسمان تي پهچڻ لڳا، پر جيئن ته اوزبڪ لشڪر خراسانين کان ڪيئي

---

11 "تاريخ معصومي"، ص 97

12 "تاريخ معصومي"، ص 95

13 ايضاً.

14 "تاريخ معصومي"، ص 97.

15 "تاريخ معصومي"، ص 111.

دفعا وڏو هو ۽ درياءَ جي موجن وانگر فوجين پٺيان فوجون مدد لاءِ پهچي رهيون هيون، تنهنڪري شهزادن جو لشڪر پچڻ لڳو. هن جنگ ۾ امير ذوالنون بهادريءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويو.

محمد خان شيباني خراسان فتح ڪري، لشڪر جي واڳ قنڌار طرف ورائي، امير ذوالنون جي پٽن: شاهه بيگ ۽ امير محمد مقيم گرميسر پهچي محمد خان شيباني ڏانهن ايلچي موڪلي، پنهنجي اطاعت ظاهر ڪئي ۽ خطبو ۽ سڪو هن جي نالي جاري ڪرڻ جو عهد ڪيو ۽ هو راضي ٿي واپس خراسان هليو ويو.

ساڳئي ئي سال ظهيرالدين محمد بابر، ڪابل ۽ غزنيءَ کان لشڪر ساڻ ڪري قنڌار پهتو. شاهه بيگ ۽ محمد مقيم شڪست کائي پڇي ويا. مغل بادشاهه ملڪ ۽ خزاني تي قبضو ڪيو. قنڌار جي حڪومت پنهنجي ڀاءُ ناصرالدين جي حوالي ڪري محمد مقديم جي ڌيءُ "ماهه بيگم" کي قيد ڪري وٺي ويو، جنهن جو هن نڪاح محمد قاسم ڪوڪي سان ڪرائي ڇڏيو. جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي "ناهيد بيگم" ٿي. ڪجهه وقت کان پوءِ هي وري قنڌار تي قابض ٿيا"[16]. قاسم ڪوڪو اوزبڪن جي جنگ ۾ قتل ٿي ويو، جلدئي محمد مقيم به وفات ڪئي.

تاريخ طاهري جو مصنف لکي ٿو: "ڏهين صدي هجري ڏاري وچ ايشيا ۾ وڏيون طاقتون اُڀريون ۽ چؤطرف وگوڙ پئجي ويو هڪ طرف شاهه اسماعيل صفوي مذهبي مصلي تان اُٿي اچي شاهي تخت تي ويٺو ته ٻئي پاسي محمد خان شيباني اوزبڪ خوني خنجر سان قتل ڪيا ۽ شهر ڦريا. تيمورين جي وڏي سلطنت هرات جي بادشاهه سلطان حسين بايقراءِ (912هه) جي مرڻ کان پوءِ زوال ڏانهن رخ رکيو ۽ هن جي پوين ۾ انتشار پيل هو. هينئر صرف ظهيرالدين محمد بابر (مغل شهنشاهه) هو جيڪو ٽين طاقت جي صورت ۾ ڪنڌ مٿي ڪري بيٺو رهيو.

### شاهه بيگ سيوي (سبي) ۽ سنڌ ۾:

شاهه بيگ هار ۽ نقصان ڪائيندو بلوچستان ڀڳو، جتي اڳ ۾ هن جا ڪجهه ساٿي موجود هئا. بلوچن (رندن ۽ لاشارين) جي پراڻي ويڙهه جو فائدو وٺندي هن شال (ڪوئيٽا) پشين ۽ گرم سيل جا علائقا فتح ڪيا. هينئر سندس اکيون سيوي ڏانهن هيون. بابر بادشاهه ۽ خاقان اسماعيل (صفوي بادشاهه) جي وچ ۾ لڙائي جا دروازا کلي چڪا هئا ۽ هاڻي هي وري کو ٻيو ملڪ ۽ مال ميڙڻ لاءِ پنهنجي طاقت ۽ خونريزيءَ جي زور تي سيويءَ طرف ڌوڪيندو آيو. هن سيويءَ جو قلعو فتح ڪيو. ڪي ماڻهو هن جي سامهون پيش پيا. ڪي وري فتح پور پهتا. هن قنڌار ڏانهن پنهنجا خاص ماڻهو جنهن ۾ فريد ارغون، مير فاضل ڪوڪلتاش، زينڪ خان ترخان ۽ عاقل اتڪ کي موڪليو ۽ ڪجهه ڏينهن سيوي ۾ رهي پنهنجا ڪجهه ماڻهو ڇڏي قنڌار موٽي ويو. قنڌار ۾ هن جي ڀاڄائي بيبي ظريف خاتون ڪاري ڪٽي ڳچيءَ ۾ وجهي شاهه بيگ جي دامن کي چنبڙي پنهنجي ڌيءُ ماهم بيگم کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻاڏايو. هن پنهنجن کن خاص ماڻهن ۽ پنهنجي حرمن، جن جا نالا عصمت پناهه، فاطمه سلطان بيگم ۽ خانزادي بيگم سان صلاح مشورو ڪري، اهو ذمو حرم سراءِ جي ٻانهي دولت ڪته کي سونپيو. جيڪا ڏاڍي هوشيار هئي. هوءَ ڪابل پهچي محل ۾ آئي ۽ ماهه بيگم کي اُتان ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿي، پر ماهه بيگم جي ڌيءُ ناهيد بيگم جيڪا اڃا ڏيڍ سال جي هئي، اتي رهجي ويئي.

بابر بادشاهه ۽ خاقانن جون جنگيون جاري هيون. شاهه بيگ هينئر سنڌ کي ئي پنهنجي لاءِ هڪ اجهو پئي سمجهيو. هن ڀريائين ڦرلٽ شروع ڪئي. سن 921هه جي ذوالقعد مهيني ۾ هن هڪ هزار سوار تيار ڪري سيويءَ کان سنڌ موڪليا، انهيءَ ٽولي ڳاهن جي ڳوٺ 'باغبان' تي حملو ڪيو ۽ هڪ هزار اُٺ جيڪي باغن جي نارن ۾ ڪم ڪري رهيا هئا، ڪاهي ويا. انهيءَ مان ارغونن سنڌ جي دولت جو اندازو ڪيو هو.

---

[16] "تاريخ معصومي"

## سنڌ جا سما حڪمران:

عربن سنڌ تي ڪاهه ڪري تقريباً ٽي سؤ سال حڪومت ڪئي. هتان جي ڪيترن رهواسين اسلام قبول ڪيو ۽ ڪيترا ٻاهران آيل عرب رهواسي هن سرزمين ۾ ضم ٿي ويا. سنڌ تي جيڪو پهريون مقامي قبيلو حڪمران بڻيو، ان لاءِ ڪيئي تاريخون متفق آهن ته اهي ”سومره“ هئا. ڪجهه تاريخ نويسن (درٻاري) سومرن جي منفرد رواجن، نالن ۽ خاص ڪري هندن مان مسلمان ٿين تي وڏا چوهه چنديا آهن. سومرن سنڌ تي ٽن سؤ سالن (1350-1010ع) کان به وڌيڪ عرصو حڪومت ڪئي ۽ هندستان جي غاصب حملہ آورن جو شڪار به رهيا. ٻاهرين حملي آورن جون برايون ۽ بدبختيون سنڌ جي ماڻهن تي به اثرانداز ٿيون. سما، سومرن جي لشڪر جا سپه سالار هئا ۽ سومرن جي زوال کان پوءِ هنن جي اُسرڻ جو وارو آيو، جنهن لاءِ به اڪثريت جي راءِ آهي ته اهي سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو هئا.

تاريخ طاهري موجب، اهي زميندار سما جيڪي سومرن جي صاحبي ۾ سنڌن رعيتي هئا، مڪلي جي ٽڪري تي پنهنجو ڪوٽ اڏي ويٺا. هنن شهر جو نالو ”ساموئي نگر“ ۽ ڪوٽ جو نالو ”تغرل آباد“ رکيو. سمن اهڙيءَ ريت ملڪ ڳاهيو جو هر هنڌ ڪيچ ٿي ويا. ڪٿي به ڪا زمين غيرآباد نه رهي. سما پاڻ زميندار به هئا ته پورهيو به پاڻ ئي ڪيائون. ان ڪري چڱي طرح ملڪ آباد ڪري ورتائون. (ص 59)[17]

تاريخدان هن ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌ ۾ سمن جو دور سنڌ جي خوشحالي ۽ خوشبختيءَ جو دور هو، پر اهي هندستان جي تغلق حڪمرانن جي ڏاڍ جو به گهڻو وقت نشانو رهيا. صدرالدين جام ٻابينو سنڌ کي اعليٰ مقام تي ڏسڻ پئي چاهيو، جيڪو هڪ سورهيه سردار رهيو آهي. هندستان جي حاڪم محمد تغلق سومرن جي پوين ڏينهن ۾ هڪ وڏو لشڪر وٺي، جنهن ۾ دهلي، ملتان، وچ ايشيا جي منگولن (مغلن) جي فوج ۽ ٻيڙا گڏ هئا، سنڌ تي ڪاهه ڪئي پر خدا جي قدرت سان سنڌ جي ’سونڊا‘ شهر ۾ هن جو اوچتو انتقال ٿي ويو. سندس لشڪر ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي ۽ هو واپس ڀڳا. جام ٻابيني پنهنجي دور ۾ بکر، سيوهڻ ۽ نصرپور کي تغلقن جي قبضي کان آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هندستان جي حاڪم محمد تغلق جي پٽ سلطان فيروز تغلق ٽي دفعا سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ آخر سنڌ جي حڪمران جام ٻابينو کي دهلي وٺي ويو ۽ سنڌ ۾ پنهنجا ماڻهو مقرر ڪيائين.[18] جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ دهليءَ کي خراج ڏيڻ تي مجبور ٿي پيو ۽ سمن جي وارثن حڪمراني جي ڪري سنڌ مٿان هنن جي برتري جاري رکڻي پئي.[19]

جام ٻابينو جيئن ته هڪ خانداني مرد هو، تنهن جو اعليٰ اخلاق ڏسي دهلي جي بادشاهه هن کي سنڌ جي حڪومت واپس ڪئي. جڏهن دهلي جي حڪومت ڪمزور ٿي ته سنڌ جي حاڪمن گجرات جي حڪومت سان سٺا تعلقات رکيا.[20]

سنڌ جي وارثن کي ته سنڌ ملي پر سنڌ جي رهواسين جي بدبختي به اتان ئي شروع ٿي. انهيءَ دور ۾ بدنام زمانه قوم ”ارغون“ پنهنجي حدن مان نيڪالي کائي سنڌ جي ۾ واري علائقي سبي ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي هئي.

**ارغونن جي سنڌ تي پهريون حملو(1506_1462ع):**

تاريخ 25 ربيع الاول سن 866هه ۾ سنڌ جو سمون حڪمران جام نظام الدين عرف جام ننڍو بادشاهي جي گاديءَ تي ويٺو. سندس گادي نشينيءَ تي سنڌ جا سڀ ماڻهو عالم، صالح، رعيت ۽ سپاهي متفق هئا.[21]

تحفة الڪرام موجب هي سما قوم ۾

---

17 ”بيگلارنامه“ مطابق سومرن سنڌ ۾ پنج سؤ ورهيه حڪومت ڪئي آهي. محقق ادرڪي بيگلاري، مترجم: خان بهادر محمد صديق ميمڻ، ص 4، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، جام شورو، ص 59

18 ”مآثر الامراء“، ص 256، حصہ III

19 ”مڪلي نامه“، ص 104-105.

20 ”مآثر الامراء“، ص 104-105.

21 ”تاريخ معصومي“، ص 91

سيني کان وڌيڪ عادل، شاندار ۽ ڊگهي عرصي تائين حڪومت ڪندڙ ثابت ٿيو. هن جي ڏينهن ۾ عالم، سيد، صالح ۽ عام ماڻهو بلڪل آرام سان رهندا هئا، جتي سنڌ جي زمين سون جهڙي زرخيز هئي، واپار عروج تي هو، ماڻهو سڪيا ستابا هئا، علم ۽ ادب اوج تي هو، عالم ۽ فاضل انسان جي عزت هئي، سنڌ جي خوشحالي ۽ علم فهمي جي ڪري آسپاس جي اڪابرن اچي هتي سڪونت اختيار ڪئي هئي.[22] اسلامي طريقو ايترو ته رائج هو جو ڪو به ماڻهو نماز ۽ روزي کان خالي نه هو. ڪنهن به طرف کان ڪو به فساد پيدا ڪونه ٿيو.[23]

پنهنجي عمر جي سمجهه کان وٺي نماز ۽ احڪاماتِ الٰهيءَ جو پابند رهيو. باجماعت نماز ادا ڪندو رهيو. ڪيترن مؤرخن لکيو آهي ته ڪڏهن به بنا وضو جي آسمان طرف نه ڏٺائين.[24]

ٺٽي شهر جو بنياد به ڄام نظام الدين وجهرايو. سندس بادشاهيءَ جي پوين ڏينهن ۾ شاهه بيگ ارغون لشڪر ساڻ ڪري سنڌ جي حدن اڪڙي، چانڊوڪي، سنديحه ۽ ڪوٽ ماڇي جي ڳوٺن کي ڦريو، سندس پويان دريا خان سيوي تائين ڪاهي ويو. سخت لڙائي لڳي جنهن ۾ شاهه بيگ جو ڀاءُ ابو محمد مرزا مارجي ويو ۽ سمن جي فتح ٿي. ارغون ڀڄي ويا ۽ وري ڪين ڄام نظام الدين جي حياتيءَ ۾ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ جي همت ڪانه ٿي.[25]

ڄام نندي وفات وقت پنهنجي وفادار سپه سالار ۽ پٽيلي دريا خان کي پنهنجي وارث پٽ ڄام فيروزالدين، جيڪو ان وقت ننڍي عمر جو هو، پڻ پنهنجي اهل و عيال سان وفادار رهڻ جي پارت ڪئي.[26]

مڪلي نامه موجب سلطان نظام الدين جو دؤر (866هه-1914ع) تاريخ ۾ يگانو هو. جنهن وقت هن جي حڪومت هئي، انوقت سنڌ جي پاڙيسري ملڪن ۾ پڻ جليل القدر ۽ ناميارا حڪمران هئا، گجرات سنڌ جي ويجهو هو، سمن ۽ گجراتين جي پاڻ ۾ مائٽي به هئي، ته ثقافتي تعلقات به هئا، اتي سلطان محمود بيگڙو (863هه/894هه) جي حڪومت هئي. بهلول لوڌي دهليءَ (855هه-894هه) حڪمران هو. مانبو ۾ غياث الدين بن محمود خلجي (9.6.873) بادشاهه هو. سنڌ جي ٻئي پاڙيسري ملڪ خراسان تي شاهه حسن بايقرا (863-912هه) جي حڪومت هئي، جنهن جي علم پروري ۽ ادب نوازي تمدن ۽ تهذيب جي تاريخ مثال آهي.

مولانا جامي انهيءَ دؤر جو شاعر ۽ انهي بادشاهه جو دوست هو، بهزاد مصور انهيءَ سلطان جي دربار جو زيب ۽ زينت هو. مير علي شير نوائي جهڙو اديب ۽ ادب پرور جنهن جو تاريخ ۾ مثال مشڪل سان ملي ٿو، سو سندس وزير هو. (27) پير صاحب هڪ ڪتاب "فتح نامه" جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو جرمن زبان ۾ ترجمو ٿيل هو ۽ ڪين Prof. Dr. Annemarie Schimmel 1960ع ۾ ڏنو هو، جنهن ۾ ذڪر ٿيل آهي ته حسين بايقرا بادشاهه، خراسان (862-911هه) ۾ ظاهر ڪيو، جنهن مطابق هرات جي حڪومت سنه 892هه چند واپارين جي شڪايت تي سنڌ جي ڪنهن حصي تي لشڪر ڪشي ڪئي، جنهن ۾ ٿيل فتح جو اطلاع"اهو فتح نامو" ملڪ جي مختلف حصن ۾ پڙرو ڪيو ويو. (مڪلي نامه، ص 177)

'مڪلي نامي' مطابق ڄام نندو نهايت نيڪ ڪردار، سچار، گفتار جو سهڻو، بهترين منتظم ۽ خوش اطوار سلطان هو. جاهه و جلال، شان و شوڪت، تدبر ۽ فهم و فراست ۾ سندس ڪو ثاني نه هو. مغل دور ۾ لکيل تاريخون مثلاً: تحفة الڪرام، حديقة الاولياء وغيره ان ڳالهه تي متفق آهن. تحفة الطاهرين ۽ مقالات الشعراء يا ٻين ڪيترين تاريخن ۽ تذڪرن ۾ سنڌ جي مشائخن، محدثن، شاعرن ۽ بزرگن جا نالا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جيڪي ڄام

---

22 "مڪلي نامو" تصحيح ۽ حاشيه: پير حسام الدين راشدي، ص 88، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1994ع.

23 "تحفة الڪرام"، ص 145

24 "لبِ تاريخ سنڌ"، ص 60

25 ايضاً، ص 144

26 Elliot and Dowsan, Historian of Sindh, vol-II, Susil, Gupta India Calcutta, 1956, p 25

نندي جي وقت ۾ ديني ۽ دنيوي علمن کي فروغ ڏيڻ ۾ مصروف هئا. اهي خبرون جڏهن پرپاسي جي ملڪن ۾ پهتيون ته ڪيترن ئي علم جي پروانن سنڌ ڏانهن رخ ڪيو. خاص ڪري ايران، خراسان ۽ آسپاس جي ملڪن جا ڪيئي گهراڻا اچي سنڌ ۾ خاص ڪري ٺٽي ۾ پهتا، جن کي آباد ڪرڻ لاءِ سرڪاري طور ٺٽي ۾ محلا نهرائي انهن مهاجرن لاءِ مخصوص ڪيا ويا.

'مڪلي نامہ' جي ماخذ مطابق: "انهيءَ پاڇڙ ۾ گهڻا خس و خاشاڪ جي مثل هئا، ليڪن ڪي اهڙا عالم ۽ دانشمند به اچي پهتا هئا، جن جو اچڻ سچ پچ ته سنڌ لاءِ هڪ نعمت هئي، جيئن ته مولانا عزيز ابهراي ۽ سندس پٽ اثيرالدين، علامہ جلال الدين دوائي جا به جيد شاگرد مير شمس ۽ مير معين، جن ديني ۽ دنيوي علم جي اشاعت ڪئي ۽ سوين ماڻهن علم جي پياس پوري ڪئي. سنڌ جي انهيءَ نيڪ نهاد سلطان سمي جي وقت ۾ ڪيترن بيروني عالمن هتي پناهہ ورتي ۽ شاهي سرپرستيءَ هيٺ سنڌ کي علمي فائدو رسايوءِ ڪن سنڌ خلاف جاسوسي ڪئي."[27]

تاريخ لکڻ جو هڪ اصول آهي: What Happened يا Why it Happened. اڳتي هلي تفصيل سان ان واقعي جو ذڪر ايندو ته "خرابي سنڌ" ۾ صرف ڄام فيروز کي اڪيلو ڇو مجرم قرار ڏنو وڃي ٿو؟ ڄام نندو الله جو هڪ نيڪ بندو هو. هندن توري مسلمانن جو مددگار ۽ قدر ڪندڙ هو، پر ٻاهران آيل بزرگيءَ جي ڪوڙي لباس ۾ انهن درندن کي سڃاڻي نہ سگهيو ۽ سندن سياست کي سمجهي نہ سگهيو ته اهي اڳتي هلي سندن حڪومت ۽ پوين لاءِ اذيتناڪ دشمن ثابت ٿيندا. جيڪي نہ صرف هن جي حڪومت جي پاڙ پٽيندا پر سڄي سنڌي قوم کي غلاميءَ جي گهاٽي ۾ پيڙيندا. ڄام نندي هنن لاءِ پاڙا ۽ محلا نهرايا، جن سان يقيناً ڪيترا اهڙا جاسوس به هوندا، جيڪي پنهنجي ملڪ ۾ سنڌ جي سونهري دور جو ذڪر ڪندا هوندا ۽ ماڻهو هرڪندا رهيا. جنهن جو اڳتي هلي نتيجو اهو نڪتو ته سندس وفات کان پوءِ "خرابيءِ سنڌ" جو باب کُلي پيو. جيتوڻيڪ هن مجلس خواهہ مصلحت، ملڪي ڪاروبار خواهہ حڪومت جي نظام هلائڻ لاءِ لائق ۽ فائق ماڻهو رکيا هئا. گجرات وارن سان نہ صرف هن جي دوستي هئي، پر مٽي مائٽي ۽ سڱابندي پڻ ٿيل هئي، جنهن نہ صرف سياسي طرح سنڌ ۽ گجرات کي هڪٻئي جي قريب آندو، پڻ ٻنهي ملڪن جا سماجي توڙي تمدني ناتا مضبوط ڪيا هئا.[28]

**دريا خان:**

سنڌي قوم هڪ قدردان قوم آهي. تاريخ جي ورق گرداني ڪندي يا اڄڪلهہ جي دور ۾ به جيڪو ڪو شخص حق ۽ سچ جو وفادار رهيو آهي يا سنڌ ۽ سنڌي قوم جي ناموس کي بچائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪيو آهي، اهڙو سپوت هنن جو هيرو رهيو آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ ڌارين سان وڙهندي شهادت ماڻي آهي ته انهيءَ پنهنجو نالو ۽ مرتبو ائين بلند ڪيو آهي، جو سندس يادگار ڏينهن مقرر ڪيا ويا آهن، هنن لاءِ شاعري ڪئي وئي آهي ۽ ڪين نعرن ۽ مثالن جي صورت ۾ نسل درنسل پهچايو آهي.

دريا خان به انهن عظيم شخصيتن ۾ شامل آهي. مڪلي نامي موجب دريا خان هڪ لاوارث ڇوڪرو هو، سندس نالو "قبوليو" هو، ڪن محققن جي تحقيق مطابق، هن جو اصل نالو 'مبارڪ خان' هو ۽ ذات جو 'قبوليو' هو. جيڪو ٻهريائين ڄام نظام الدين جي "ديوان تعمير" جو غلام هو. تاريخ طاهري مطابق هڪ دفعي ڄام نظام الدين پنهنجي گهوڙي تي سواري ڪندي لنگهيو، ڪيس اُڃ لڳي هئي. هن گهوڙو بيهاري، اتي بيٺل ماڻهن مان هڪ کان پاڻي گهريو، اهو درياءَ خان هو، جيڪو داناءُ ۽ سياسي داءَ پيچ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ ۽ گهڻو مشهور هو. هن بادشاهہ کي پاڻي ڏنو، جنهن جي مٿان ٿورا ڪک تري رهيا هئا. بادشاهہ ڪک پري ڪري پاڻي پيتو ۽ ڪانئس ان جو سبب پڇيائين. هن مسڪرائي

---

[27] "مڪلي نامہ"، ص 97

[28] مڪلي نامہ بحوالہ:
Burgess: The Muhammadan Architecture & g...rat & col 1896-1905

جواب ڏنو ته بادشاهن کي هميشه احتياط ڪرڻ گهرجي ۽ هر قدم سنڀالي کڻڻ گهرجي. جام نظام الدين کي هن جي اها (حڪمت) ادا ڏاڍي وڻي ويئي ۽ انهيءَ لڪل جوهر کي پرکي ورتائين ۽ کيس پاڻ وٽ گهرائي، سندس بهترين تربيت ڪيائين. معمولي ملازم جي درجي مان مٿي کڻي کيس وزيراعظم بڻايائين ۽ فوج جو سپهه سالار مقرر ڪيائين. سندس بهترين ڪارڪردگي جي ڪري کيس ”مبارڪ خان“ ۽ ”خان اعظم“ جي لقبن ۽ خطابن سان نوازيو ويو. هي جام نندي لاءِ ايتريقدر ته سعادتمند ثابت ٿيو جو کيس پنهنجي فرزندي سان سرفراز ڪيائين. مڪلي نامي موجب دريا خان سنڌ کي هر لحاظ سان مضبوط ۽ محڪم ڪيو. سياسي توڙي سماجي، فوجي توڙي اقتصادي صورتحال کي هن اهڙي اوج ۽ عروج تي پهچايو جو تاريخدانن جو قول آهي ته ”اهڙو زمانو سنڌ نه پهريون ڏٺو ۽ نه پوءِ.“ منجهس پنهنجي وطن سان محبت ۽ هن کي آزاد رکڻ جي اُمنگ ۽ جذبو موجود ۽ موجزن هو. انهيءَ پنهنجي ڪارڪردگيءَ سبب بادشاهه جي زندگيءَ ۾ ته نمڪ حلاليءَ جو حق ادا ڪيو، تان جو سموري سلطنت جو هر لحاظ سان ڳاٽ اوچو رکيو، پر سلطان جي وفات کان پوءِ به اهو ئي هڪ اڪيلو امير هو، جنهن سنڌ کي ڌارين جي حملن کان بچائڻ لاءِ پورا ٻارنهن سال مسلسل جدوجهد جاري رکي. انهيءَ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي سر جو سانگو لاهي وطن جي آزاديءَ لاءِ غاصبن کان بچائڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪئي ۽ جيڪو ڪردار ادا ڪيو، اهو وطنيت جي تاريخ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ ۽ مثالي آهي. جام نظام الدين هن کي سچ پچ پيءُ جهڙو پيار ڏنو هو ۽ سندس تربيت ۾ حب الوطني جو اڻ ڪُنڊڙ جذبو ۽ روح ڀريو هو. سندس سمورو خاندان انهيءَ رنگ ۾ رچيل بسيل هو. سندس سمورو اولاد سمن جي وفادار، وطن دوست ۽ بهادر هو. مير علي شير قانع، تاريخ طاهري ۽ تاريخ معصومي جي مصنفن سندس وفاداري کي خوب ساراهيو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مرحوم پڻ هن تي هڪ جامع مضمون لکي ماڻهن جي ڄاڻ ۾ اضافو ڪيو آهي.

دريا خان جا چار پٽ هئا. سندس وڏو پٽ علاؤالدين وڏو عالم فاضل شخص هو. سندس ٻه پٽ محمود خان ۽ منڱ خان بهادر سپاهي هئا، جن سنڌي قبيلن سان گڏجي غاصب ارغونن سان هر محاذ ۽ هر موڙ تي ويڙهه جاري رکي، تان جو سنڌ کي سندن تسلط کان بچائڻ لاءِ شهادت ماڻي. سارنگ خان هن جو چوٿون پٽ هو، جيڪو پڻ هڪ بهادر ۽ مجاهد شخص هو. هو به ڀائرن وانگر ارغونن سان وڙهيو. دريا خان جي شهادت کان پوءِ هنن ٽنهي ڀائرن ڪيتري عرصي تائين ارغونن سان جنگ جاري رکي ۽ سندن سامهون سد سڪندري ثابت ٿيا. آخرڪار ڪيترن محب وطنين سان گڏجي، انهن غاصبن ۽ خونين سان وڙهندي وڙهندي شهادت جو پيالو پي هميشه لاءِ امر ٿي ويا.[29]

**جام فيروز:**

تاريخ نويسي جي جديد طريقي مطابق تاريخي واقعات لکڻ وقت تاريخدانن ان وقت جي ملڪي اقتصاديات، ڪلچر ۽ سياسي تاريخ تي گهڻو زور ڏنو آهي. هنن فوجي طاقت کي ننديو آهي ۽ Customs سوشل هسٽري ۽ آرٽ ۽ سائنس جي ڪارنامن کي ساراهيو آهي.

سمن جي تاريخ جي دور کي جيڪڏهن ڏسنداسين ته شهر ٺٽي ۾ ٻاهريان ماڻهو، جن ۾ هرات، خراسان، سمرقند جا ماڻهو شامل آهن، جام نندي جي وقت کان اهي مختلف جاين تي پنهنجا پاڙا ۽ محلا اڏي وينا هئا. شاهه بيگ ترڄي سيوي تائين پهچي چڪو هو ۽ سنڌ ملڪ جي دولت جو اندازو لڳائي چڪو هو. هن هميشه سنڌ تي حملي جي ڪوشش ڪئي پر جام نندي جي هيبت ۽ درياءَ خان جي دهشت سبب هن کي همت ئي ڪانه ٿيندي هئي. جام فيروز عمر جو ننڍو هو، تنهنڪري سندس خاندان مان جام سنجر جو ڏوهٽو صلاح الدين تخت جو وارث ٿيو. مغلن جي دؤر ۾ لکيل تاريخن جام

[29] مڪلي نامه جي مصنف، دريا خان جو پنجون پٽ به ظاهر ڪيو آهي.

فيروز جو مذاق اُڏايو آهي پر انهن حقيقتن کان منهن موڙيو آهي، جيڪي ڄام فيروز جي حڪومت خلاف ڪَرَ کڻي اٿيون هيون.

مڃي سگهجي ٿو تہ وقت ۽ عمر جي تقاضا جي ڪري ڪجهہ غلطيون ڄام فيروز کان ٿيون هونديون، پر ان سلسلي ۾ ان سان گڏوگڏ مٿين مشڪلاتن کي بہ مدِنظر رکڻ گهرجي. ڄام صلاح الدين جڏهن تخت ۽ تاج جي وارثي ڏيکاري تہ دريا خان ۽ سارنگ خان، جن جو ڏاڍو دٻدٻو هو، تن ٺٽي جي شريفن ۽ مکيہ ماڻهن جي صلاح سان فيروز کي تخت تي ويهاريو. ڄام صلاح الدين گجرات هليو ويو ۽ سلطان مظفر گجراتي وٽ پناهہ ورتائين. سلطان مظفر جي اهليہ ڄام صلاح الدين جي سوٽ هئي، تنهنڪري هو سندس طرفداري ڪندو رهيو.

تاريخون ان دوران دريا خان جي ٺٽي مان لڏي، پنهنجي ڳوٺ ڳاهن ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جا ڪيئي سبب ٻڌائن ٿيون. ٿي سگهي ٿو تہ هن کي پنهنجي ڏنل اختيارن ۾ ڪا گهٽتائي محسوس ٿي هجي، جنهن کي هڪ الهڙ نوجوان حڪمران سمجهي نہ سگهيو هجي يا سندس نوجوان والده دريا خان جي طاقت کي دخل اندازي سمجهيو هجي يا هن (دريا خان) جي پٽ نوجوان سپاهي ۽ لڙائي جي هنر کان واقف هئڻ باوجود بزرگن جي محفل کي ترجيح ڏني هجي، ڇاڪاڻ تہ هن جي ڳوٺ ۾ ان وقت مخدوم ابهري محدث ۽ سندس بہ فرزند مولانا اثيرالدين ابهري ۽ مولانا محمد علم جي اشاعت ۾ مشغول هئا.

سنڌ ملڪ جي دولت مشهور هئي. ان وقت ۾ دريائن کي روڪڻ لاءِ نہ بئراجون هيون نہ ڊير ٺهيا هئا. سنڌ ڏانهن موسمي دريائن جو پاڻي سمنڊ جي لهرن وانگر ذوڪيندو ايندو هو. سنڌ جا رهواسي گهڻو ڪري مٿانهين حصن تي گهر اڏي رهندا هئا. سيلاب کان پوءِ سنڌ ۾ هر قسم جو اناج تمام گهڻي انداز ۾ لهندو هو. سنڌ جا ماڻهو وڏين جاگيرن جا مالڪ هئا. هتان جو پاڻي مٺو هو. درياءَ مڇي ۽ آبي پکين سان پريل هوندا هئا. ماڻهو سکيا ستابا هئا. حڪمران نيڪ نمازي هئا. رعيت خوش هئي، اهوئي هڪ وڏو سبب هو، جو سنڌ جي ماڻهن ٻين ملڪن تي هروڀرو ڪاهہ ڪانہ ڪئي، باقي ٻين ملڪن جي ماڻهن سنڌ کي هميشہ لالچي نظرن سان ڏٺو.

ڄام فيروز جيئن تہ ننڍي عمر ۾ تخت نشين ٿيو هو، تنهنڪري هن جي ماءُ بہ سندس حڪمراني متعلق هر قسم جي ڄاڻ رکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هيءُ پنهنجي حڪمران پٽ سان گڏجي دريا خان کي واپس ٺٽي وٺي آئي.

**شاهہ بيگ ارغون جي سنڌ ڏانهن ڪاهہ:**

شاهہ بيگ ارغون فيروزخان کي حڪومتي ڏانءُ کان ناواقف ڏسي، ٺٽي ۾ رهندڙ مير قاسم ڪٻڪ هن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو، جيڪو درپرده ارغونن جو جاسوس هو. ڄام نندي جي وفات کان پوءِ سمن جي ڪمزور حالت ڏسي هن شاهہ بيگ کي سنڌ تي حملي ڪرڻ جي ترغيب ڏني، جنهن اڳ ۾ ڄام نندي جي وقت ۾ سنڌ تي پهريون حملو ڪيو هو ۽ ڏاڍي ڦرلٽ ڪئي هئائين ۽ باغن جي نارن ۾ وهندڙ اٺ هزار اٺ ڦري لٽي فرار ٿي ويو هو، جنهن مان هن سنڌ جي دولتمنديءَ جو اندازو لڳايو هو."[30]

شاهہ بيگ سن 924هہ ۾ مير فاضل ڪوڪلتاش سان گڏ هڪ وڏو لشڪر ساڻ ڪري اچي سنڌ تي ڪڙڪيو. سنڌ ۾ پهچڻ کان پوءِ جڏهن سمن کي هن جي آمد جي خبر پئي تہ درياءَ خان پنهنجن ٻن پٽن مٺن خان، محمود خان سميت، هڪ وڏي لشڪر جي سپہ سالار جي حيثيت ۾ ٺٽي ۾ سندس مقابلي لاءِ تيار بيٺو هو."[31]

شاهہ بيگ لکي جي جبلن کان ٿيندو ٺٽي جو رخ ڪيو. هڪ ڪربلا کان پوءِ ٻي ڪربلا برپا ٿي وئي. 11 محرم 926هہ تي هنن جو لشڪر دريا خان جي سپہ سالاريءَ ۾ هڪ ٻئي جي سامهون ٿيا، جيتوڻيڪ ٻنهي جي وچ ۾ سنڌو درياهہ حائل هو، پر هي دولت جا پوڄاري ۽ خونخوار ڪيئن بہ ڪري گهوڙن کي درياءَ مان لنگهائي ويڙهہ لاءِ اچي نمودار

[30] "تحفة الڪرام"، ص 148

[31] "تاريخ معصومي"، ص 22.

ٿيا. دريا خان سلطان فيروز خان کي ٺٽو نه ڇڏڻ جي صلاح ڏني ۽ پاڻ ارغونن جي مدمقابل ٿيو. هڪ ڪربلا شروع ٿي ويئي. تاريخ معصومي مطابق ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ اهڙي ته سخت جنگ لڳي، جنهن جي بيان کان قلم قاصر آهن.

پنهنجي ڌرتي کي ڌارين کان بچائڻ لاءِ سنڌ جا سپاهي بهادريءَ سان وڙهندا رهيا، پر اهي هڪ ظالم ۽ خونخوار قوم سان، جنهن جي جبلت ۽ فطرت ۾ صرف پراڻو مال ڦٻائڻ جو جنون هو، دير تائين مهاڏو اٽڪائي نه سگهيا. ڌارين غاصبن سنڌ ڌرتي کي رت سان ڳاڙهو ڪري ڇڏيو. زمين ڏڏي پئي، آسمان گجيو. دريا خان وڙهندي وڙهندي شهادت جي عظيم مرتبي تي پهچي تاريخ ۾ هميشه لاءِ امر ٿي ويو.

مغل 20 محرم تائين ٺٽي شهر کي ڦريندا، لُٽيندا رهيا ۽ ان جي رهاڪن کي ذليل ڪندا رهيا. فيروزالدين پنهنجا ٻار ٻچا ڇڏي "پير پٺو" ۾ پناهه ورتي، ڇاڪاڻ ته هن جا ٻار ٻچا ٺٽي ۾ مقيم هئا. انهي وقت جي هڪ عالم قاضي قاضن جو اهل و عيال به ٻين رهاڪن وانگي قيد ڪيو ويو ۽ هو چرين وانگر پنهنجي وڃايل خاندان کي ٺٽي جي گهٽين ۾ ڳوليندو رهيو. هن درد ۾ پريل مضمون تي مشتمل هڪ خط لکي حافظ محمد شريف امام جي جنهن سندس هن ذريعي شاهه بيگ کي موڪليو، مال ۽ عيال جي حفاظت لاءِ پڙهو گهمايو. 'مڪلي نامي' جو مؤرخ لکي ٿو: "سنڌ سنڌين هٿان نڪري ويئي. هو مغلن جي رعيت بڻجي، شاهه مير (شاهه بيگ) جي دؤر کان وٺي جاني بيگ جي عهد تائين زماني جي پيڙا ۾ مبتلا رهيا." درحقيقت زماني جي چڪيءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌي جاني بيگ جي دؤر تائين سن 1000هه تائين، نه بلڪ ان کان پوءِ به ڏيڍ صدي تائين پيڙبا ۽ پيسجندا رهيا.[32]

اڳتي هلي ساڳيو مؤرخ لکي ٿو ته: "زمانو جيڪي ڪجهه ڪري ٿو ان لاءِ ضروري سبب ٿيندا آهن ۽ اهو سبب اهو ٿيو جو هڪ گهراڻي جا به فرزند ذاتي اقتدار لاءِ هڪٻئي سان وڙهندا رهيا ۽ فساد جو اهڙو ٻج ڇٽجي ويو جو ڌارين کي موقعو ملي ويو ۽ زماني جي دستور مطابق، قدرت نه فقط انهن ٻنهي (سلطان فيروز سمو ۽ ڄام صلاح الدين) کي بلڪ سڄي سنڌ کي سزا ڏئي ڇڏي. ڄام فيروز، شاهه بيگ کان معافي ورتي ۽ سندس آڻ مڃي ورتي ۽ شاهه بيگ لکي جي ٽڪرين کان هيٺيون پاسو، يعني سنڌ ملڪ جو اڌ حصو ڄام فيروز کي وڏن شرطن تي قبضي ۾ رهڻ ڏنو[33] ۽ لکي کان مٿيون سمورو ملڪ پنهنجي هٿ ۾ رکندي، پنهنجن خاص خادمن جي هٿن ۾ ڏيڻ کان پوءِ منزلون طي ڪندو سيوستان پهتو.

شاهه بيگ جڏهن پنهنجي سنگدل ۽ بي رحم لشڪر سان سيوهڻ پهتو ته ڪيس خبر پئي ته سنڌ جي سورهيه دريا خان جا بهادر پٽ پنهنجن دوستن: ڄام سارنگ، راڻو رٽمل سوڍي ۽ ان جي ڀاءُ جوڌاسنگهه سوڍي سميت هڪ وڏو لشڪر وٺي مقابلي لاءِ تيار بيٺو آهي، جنهن ۾ سهتا قبيلي سميت سنڌ ۾ رهندڙ هر ذات جا ماڻهو شامل آهن. ان لشڪر ۾ سوڍن جو هڪ وڏو تعداد هو، جنهن جو مک رهبر هڪ درويش ۽ عالم سمو "مخدوم بلاول" هو، جيڪو انهن سان گڏ پنهنجي ڌرتيءَ جو ناموس بچائڻ لاءِ تيار بيٺو آهي. شاهه بيگ، فاضل ڪوڪلتاش سان گڏ حملو ڪيو. سنڌي لشڪر بهادري سان وڙهندو رهيو. ارغون ٺٽي جي قلعي جا دروازا ڀڄي ڀورا ڪيا ۽ جانورن وانگر اڳتي ڌوڪيندا آيا. سنڌي لشڪر جي وڏي حصي شهادت ماڻي. مخدوم بلاول کي گرفتار ڪري، ان تي ڏنڊ وڌو ويو، جنهن انڪار ڪيو. هنن هٿ ٺوڪين ملن کان مخدوم خلاف ڪفر ۽ الحاد جي تهمت لڳرائي. جنهن جي نتيجي ۾ هن محب وطن عالم فاضل شخص کي گهاڻي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو ويو[34].

[32] "مڪلي نامو"، ص 90

[33] شاهه بيگ، مير عليڪ ارغون سلطان مقيم بيگلار، ڪيبڪ ارغون ۽ احمد ترخان کي فيروز مٿان نگران بڻايو ۽ ملڪ جي زمين جي ڊل جو مالڪ بڻايو.

[34] "جنت السنڌ"، ص 371

مخدوم بلاول جو مقبرو ضلعي دادو ۾ آهي.

جام فيروز ڪجهه وقت ملڪ جي هڪ حصي ۾ رهندو آيو، پر جنهن صورت ۾ خودمختيار حڪومت ڪانه ڪيائين، تنهنڪري هن گهراڻي جو اتي ئي خاتمو ٿي ويو. سنڌ ۾ انهيءَ دؤر کي يعني 927هه/1523ع کي تاريخدانن "خرابيءَ سنڌ" جو نالو ڏنو آهي. هڪ امير ۽ حڪمران گهراڻي تي "طبقات اڪبري" ۾ به مٿيون فقرو چست ڪيو ويو آهي. تاريخ طاهري مطابق سما سردار هاٿي ترار بدران هر جي چني هٿ ۾ ڪٺي پوکي راهي ۾ لڳي ويا. نيزا، ڀالا وساري ڏاٽو هٿ ۾ ڪٺي گاهه ڀني ڪرڻ ۾ لڳي ويا، گهوڙا ڇڏي ڍڳا پنهنجي ڪڍ لائي هارپي ۽ پورهيي کي چنبڙي ويا[35].

پر تنهن هوندي به سنڌ کي نه ڇڏائون ۽ اڳتي هلي سنڌي قوم انهن غاصبن جي پوين کي سنڌ مان ڌوڙائي ۽ لوڏي ڪڍي ڇڏيو، جنهن لاءِ تاريخ شاهد آهي.

**جام صلاح الدين ۽ سندس پٽ جو قتل:**

جام صلاح الدين جنهن جام نندي جي وفات کان پوءِ تخت هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر دريا خان اڳيان هو پير جهلي نه سگهيو ۽ مستقل گجرات ۾ رهائش اختيار ڪيائين. هيئنر جام فيروز جو هيٺو حال ڏسي ڪڇ جي والي راءِ ڪنگهار جي امداد سان ڏهه هزار جاڙيجا ۽ سوڍا ساڻ ڪري ٺٽي تي ڪاهي آيو. جام فيروز، شاهه بيگ کان مدد گهري، ڇاڪاڻ ته اهي ئي سنڌ تي قابض هئا (مرتے کیا نہ کرتے) جنهن پنهنجي پٽ مرزا شاهه حسن کي چواريو، جيڪو شال (ڪوئيٽا) مان وڏو لشڪر ساڻ ڪري جام صلاح الدين سان وڙهيو، جنهن ۾ جام صلاح الدين ۽ سندس پٽ هيبت خان جيڪو سلطان مظفر گجراتي جو ناني هو، شهيد ٿي ويا. اهڙي طرح انهيءَ سنڌي حڪمران طبقي جو خاتمو اچي ويو.

**شاهه بيگ بکر ۾:**

شاهه بيگ سيوهڻ جي قلعي جي مرمت ڪرڻ، اناج ۽ مال جي ذخيري ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي اعتماد جوڳن اميرن کي اتي مقرر ڪري بکر روانو ٿي ويو. (جتي سلطان محمود خان شاهه بيگ جي طرفان نائب مقرر هو[36]) سکر ۽ آسپاس جا رهواسي جن ۾ ڌاريجا بهادر شامل هئا، سلطان محمود خان کي گرفتار ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا، پر بکر جا سادات سلطان محمود کي بچائڻ لاءِ اڳيان ايندا هئا ۽ ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ڇاڪاڻ ته سلطان محمود سندن ذاتي ملڪيتن مان حصو ۽ ڍل وٺڻ لاءِ هنن کي قاصد موڪليندو هو. ڌاريجا هميشه انڪار ڪندا هئا ۽ ڀهريدارن جي بيعزتي ڪندا هئا. بئر جا سيد قاصد ۽ ڀهريدارن جو خيال رکندا هئا. سنڌ جا بهادر سيدن جي حرمت ۽ عزت سامهون رکندي ڪجهه به ڪري نه سگهندا هئا. شاهه بيگ جڏهن سکر جي ميدان ۾ لٿو ته ڪيس ڌاريجن جون شڪايتون ڪيون ويون. قاضي قاضن جيڪو رستي کان هن جي پٺيان پيو هلي. تنهن شاهه بيگ کي چيو ته "هيءُ ملڪ سيلابي آهي ۽ هن زمين ۾ ڪندا گهٽا ڄمندا آهن، تنهنڪري چنچور هميشه هٿ ۾ رکڻ گهرجي."[37] شاهه بيگ سنڌ جي رهواسين جي قتل عام جو حڪم ڏنو. هڪ وحشي قوم حڪم ڏنو. هڪ وحشي قوم انساني خون جو درياءُ وهائي ڇڏيو. ڌاريجن ۽ سمن جا گهر ڊاهيا ويا. ساداتن کي سکر مان ڪڍي روهڙي رهڻ لاءِ چيو ويو. بکر جي قلعي جي مرمت ڪرائي ويئي. شهر جون جايون ۽ محلات پنهنجن سپاهين ۾ تقسيم ڪيائين. ان کان پوءِ بلوچن ڏانهن توجهه ڏنائين، جن هن جي آڻ نه مڃي هئي. هڪ ئي وقت بلوچن جا بائيتاليهه ڳوٺ تباهه ڪري، انهن کي باهه ڏني ويئي. اهڙي طرح هو ظلم ۽ وحشت جي باهه ٻاري پنهنجن مهربانن کي قلعي ۾ رهائي پائينده محمد ترخان کي بکر جي حڪومت تي مقرر ڪري

---

35. "تاريخ طاهري"، ص 71

36. "تاريخ معصومي"، ص 129

37. "تاريخ معصومي"، ص 130 (وقت جو رخ ڪيترين شخصيتون ڌارين جي خوشامد ۾ لڳي ويون هيون). - م.پ

۽ هو دوکيباز گهوڙن تي چڙهي هنن کي تيرن ۽ ترارن سان رتورت ڪندا رهيا. تقريباً ويهه هزار سندي شهيد ٿيا. بچيل سپاهين جام فيروز کي جنگ جي ميدان مان ڪڍي گجرات پهچايو.[42] شاهه حسن پنهنجن سپاهين سان گڏجي هڪ وڏي انگ ۾ مالِ غنيمت حاصل ڪيو ۽ ٺٽي پهتو. ڇهن مهينن کان پوءِ هالا کان ٿيندو، سيوستان ۽ دربيلي کان ٿيندو ٻيرلوءِ پهتو. هن جي ڏاڍ ۽ ظلم کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي ڪنهن به قبيلي ڪابه دست اندازي نه ڪئي.[43] ٻيرلوءِ جيڪو بکر کان ٽن ڪوهن جي پنڌ تي آهي، وٽ وقت جي اميرن، وزيرن ۽ مکيه ماڻهن سندس استقبال ڪيو. هن بکر جي ماڻهن تي انعامن، اڪرامن جي برسات ڪئي ۽ مٿن نوازشون ڪيون.[44]

مرزا شاهه حسن کي بکر ۾ اها خبر پهتي ته اوباوڙي ۽ پٽي واهڻ جا ڌهر، ماڇيلي[45] پرڳڻي ۾ رهندڙ مهر قوم کي تنگ ڪن ٿا. اهو ٻهانو بڻائي هن مير فاضل ڪوڪلتاش جي فرزند ارشد بابا احمد کي فوج ڏيئي روانو ڪيو، جيڪو سندن مال، متاع، جنهن ۾ گهڻا جانور هئا، ڪاهي ماڇيلي جي قلعي ۾ آيو. ڌهرن ۽ ماڇين سيورائي جي بلوچن کان مدد وٺي مٿن ڪاهه ڪئي. انهيءَ ڪاهه ۾ ديراور ۽ فتحپور جا جت به شامل هئا. بابا احمد لشڪر ساڻ ڪري مقابلي لاءِ نڪتو، سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ بابا احمد سخت زخمي ٿيو ۽ گهوڙي تان ڪِري دم ڌڻيءَ حوالي ڪيائين، سندس پاءُ مير عبدالفتاح سندس لاش کڻائي بکر آيو ۽ بلوچن، ڌهرن ۽ ارغونن ۾ هڪ سرد جنگ شروع ٿي ويئي. آخر ڪجهه ماڻهن وچ ۾ پئي فيصلو ڪيو ته پٽي يا پٽا واهڻ کان سنڌ جي حد مقرر ڪجي. مير عبدالفتاح ڪجهه وقت پٽا واهڻ[46] ۾ رهيو پر گرم جهولن جي ڪري بيمار ٿي پيو ۽ رب ڏانهن راهي ٿيو.[47]

انهن ٻن حادثن کان پوءِ شاهه حسن 930ھ مطابق 24-1523ع اٽڪل ٻن سالن کان پوءِ پنهنجو سڄو ڌيان ملتان کي فتح ڪرڻ لاءِ ڏنو.[48] ڇاڪاڻ ته ان وقت هو سڄي سنڌ کي فتح ڪري چڪو هو.

**مرزا شاهه حسن جي ملتان ڏانهن پيشقدمي:**

شاهه حسن سن 930ھ ۾ ملتان فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ هڪ وڏو لشڪر تيار ڪيو. طبقات اڪبري مطابق، مرزا شاهه حسن ملتان فتح ڪرڻ جو ارادو هن طرح ڪيو جو بابر بادشاهه جنهن ملڪ مٿان ملڪ فتح ڪندي هندستان جي فتح جو ارادو ڪيو، تنهن 930ھ ۾ پنجاب تي قبضو ڪري، دهليءَ ڏانهن ويندي ملتان ۽ ان جي آسپاس وارا علائقا مرزا شاهه حسن کي عطا ڪيا ۽ اهڙو پروانو ڪيس ڏياري موڪليائين.[49]

سن 931ھ ۾ ملتان کي تهس نهس ڪرڻ لاءِ نڪتو. تاريخ ۾ ان کي "فتح" جو نالو ڏنو ويو آهي. رستي ۾ سيورائيءَ جو قلعو هٿ ڪري ان کي برباد ڪيائين. ان کان پوءِ 'مؤ' نالي قلعي ڏانهن رخ رکيائين، ۽ اتي پاسي ۾ هڪ ڍنڍ وٽ منزل ڪيائين.[50] "تاريخ معصومي مطابق، اتي قدوة العارفين، مرشد الطالبين، شيخ روح الله فرزند ارجمند قطب المحققين، غوث الواصلين "شيخ حماد قريشي" جيڪو هڪ وڏو بزرگ ۽ ولي الله هو، تنهن شاهه حسين سان ملاقات ڪري، ماڻهن جي جان ۽ مال جي پناهه گهري. ان کان سواءِ رحمو ڌهر جيڪو سلطان محمود خان جي ٻن پائرن جي مري وڃڻ واري لشڪر ۾ شامل هو، تنهن جي ڏوهه کي معاف ڪرڻ

---

[42] گجرات ۾ ان وقت مظفر گجراتي جي حڪومت هئي، جنهن جو جام فيروز سان صلاح الدين جي ڪري اختلاف هو. (مڪلي نامه، ص )

[43] "تاريخ طاهري"، ص 146-147

[44] Mumtaz Pathan Dr. History of Arguns Tarkhans of Sindh, p- 47

[45] Elliot and Dowson: Historian of Sindh, vol: II, P-64-65

[46] Bhatta Wahan is the Naushahra Tahsil of Bahawalpur about 10 miles N-of Rahim-yar-Khan, The Indus in those days flowed at a distance of one mile only (Ref. Dr. Pathan, P-45)

[47] "تاريخ معصومي"، ص 149

[48] Elliot and Dowson, P-63

[49] "تاريخ معصومي"، ص 155-156

[50] "تحفة الڪرام"، ص [illegible]

جي درخواست پڻ ڪيائين. مرزا ڪجهه شرطن کان پوءِ سندس ڏوهه معاف ڪيو ۽ مؤ جي قلعي ۾ محب ترخان کي محافظ دستي جو امير مقرر ڪري، پاڻ اڳتي وڌي ويو.[51]

**لانگاهن تي ڪاهه:**

لانگاهن جا شهزادا ۽ بلوچ جيڪي مقابلو ڪرڻ لاءِ آيا، تن کي شڪست ڏيندو اچي "اُچ" فتح ڪيائين ۽ اُچ جو قلعو مسمار ڪري ڇڏيائين. مرزا شاهه حسن جي غلبي جو آواز جڏهن ملتان جي حاڪم سلطان محمود لانگاهه جي ڪنن تي پهتو، تڏهن هن بلوچن، جتن، رندن، دوداين، ڪوراين، چانڊين ۽ ٻين سپاهين کي تيار ڪري اسي هزار جو لشڪر تيار ڪري، جنگ جي ميدان ڏانهن روانو ٿيو. هيڏانهن مرزا شاهه حسن گهاري واهه تي لهي سندس انتظار ڪرڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ لانگهائن جي پاڻ ۾ ناسازي ٿي پئي. سلطان محمود لانگاهه جي ناني شيخ شجاع بخاري ڪيس زهر ڏيئي ماري ڇڏيو. سلطان محمود جي والده هن ڏڪوئيندڙ واقعي کي لشڪر کان ڳجهو رکڻ جي هدايت ڪئي، پر اهو راز کُلي پيو. لشڪر ۾ شامل بلوچن سلطان لانگاهه جي پٽ سلطان حسين کي حڪومت جي تخت تي ويهاريو ۽ مخدوم زاده شيخ بهاؤالدين کي وچ ۾ آڻي شاهه حسين سان صلح ڪيائون.[52]

جنهن هڪ عهدنامو لکي ڏنو ته جنهن صورت ۾ گهارو واهه، ملتان ۽ بکر ولايتن جي وچ ۾ آهي، تنهن ڪري اڄ کان پوءِ حاڪم سگورا هن حد کان اڳتي نه وڌندا.[53] هن اُچ ۾ هڪ قلعي ٺهرائڻ جو پڻ حڪم ڏنو.

**دلاور قلعي جي فتح:**

تاريخ تي نظر وجهبي ته اها ڳالهه ضرور محسوس ڪبي ته حڪمرانن تي زوال اڪثر پنهنجن جي چغل خوري ۽ بدديانتي جي ڪري آيو آهي. ساڳئي طرح لانگاهن جي هڪ خوشامدي ملازم اقبال خان، مرزا شاهه حسن کي وڃي ٻڌايو ته دلاور جي قلعي ۾ جيڪو لانگاهن جي ملڪيت ۾ هو، سلطان جو خزانو ۽ مال دفن آهي. دولت جا اهي پوڄاري ۽ جنوني، خونخوار درندن وانگر هر حيلو بهانو هلائي اتي پهتا ۽ دفن ٿيل مال ۽ سون تي قابض ٿيا.

**ملتان جي فتح:**

لنجر خان جيڪو سلطان جي دربار جو هڪ امير هو، تنهن شاهه حسن سان ملاقات ڪري کيس ٻڌايو ته مرحوم سلطان محمود جو نوجوان پٽ، سلطان حسين جيئن ته عمر جو ننڍو آهي ۽ حڪومت هلائڻ لاءِ اڃا قابل نه آهي ۽ سندس قريبن ۽ اميرن جي وچ ۾ فساد هلي رهيو آهي ۽ اهو (شهزادو) شيخ شجاع بخاري ۽ لانگاهه عورتن جي هٿ ۾ رانديڪو ٿي پيو آهي.[54] اهو ٻڌي شاهه حسين هڪدم ملتان تي حملو ڪيو. ماڻهو قلعي ۾ بند ٿي ويهي رهيا. ڪيتري ئي عرصي تائين قلعي جو محاصرو جاري رکيائين. نتيجي ۾ قلعي جي اندر ڏڪر پئجي ويو. ڪاڌي پيتي جي هرهڪ شيءِ جي قيمت چوڻ تي چڙهي ويئي.[55] آخرڪار سندس سپاهي قلعي جي فصيل تي چڙهڻ ۽ قلعي کي پيچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. اهڙيءَ طرح ملتان کي فتح ڪيائون.[56]

ان تي تاريخ معصومي جي مصنف مرزا شاهه حسن جي وڏي واڪاڻ ڪئي آهي، جنهن کان راقم الحروف کي انتهائي حد تائين، سخت نفرت آهي، مٿيون مصنف لکي ٿو:

"ارغون بهادرن نيزن ۽ تيرن سان ملتان وارن جو بيدردي سان قتل ۽ قُرلَٽ شروع ڪئي. ستن کان وٺي ستر سالن تائين ماڻهن کي قيد ڪيو. ملتانين مٿان قيامت جهڙو حادثو ٿي گذريو. ماڻهن وڃي بزرگن جي خانقاهن ۾ پناهه ورتي. شهر ۾ ڏهه ٻارنهن ڏينهن قُرلَٽ جاري رکڻ کان پوءِ محب خان ڪجهه لشڪر وٺي وڃي خانقاهن ۾ لڪل ماڻهن ۽

---

51 "تاريخ معصومي"، ص 154-153

52 "تاريخ معصومي"، ص 155-156

53 "تحفة الڪرام"، ص 156

54 Elliot and Dowson, P.63

55 Op: Cite

56 Op: Cite

انهن جي جاين کي باهه ڏني ۽ مزارن تي ڏاڍو خون وهايو ويو. انهيءَ ڦرلٽ ۾ قيمتي جواهر ۽ بي انداز خزانو مغلن جي لشڪر کي هٿ آيو. شاهه حسن حڪم ڪيو ته ڪُنلن کي رستي مان ڪڍي ڪڏن ۾ دفن ڪيو وڃي.“[57]

مخدوم زاده شيخ بهاؤالدين، سلطان محمود لانگاهه جي پٽ سلطان حسين ۽ سندس نياڻي کي شاهه حسن جي خدمت ۾ رحم لاءِ حاضر ڪيو. هن ٻنهي کي مسڪين ترخان جي حوالي ڪيو، جنهن سلطان حسين جي نياڻي سان نڪاح ڪيو ۽ سلطان حسين کي پٽيلو بڻائي پنهنجي پناهه ۾ رکيو.[58] ملتان ۾ ٻه مهينا رهڻ کان پوءِ خواجه شمس حسين کي مرزا شاهه حسن ٻه سؤ سوار ۽ هڪ سؤ پيادل سپاهين تي مشتمل لشڪر ڏيئي ڪيس ملتان جو حاڪم مقرر ڪيو. هن شهنشاهه بابر کي ملتان ڏيڻ جي آڇ ڪئي، جنهن ملتان پنهنجي پٽ ڪامران کي عنايت ڪيو“[59] ۽ بکر موٽي آيو ۽ ان کان پوءِ ٺٽي روانو ٿيو، جتي انتظام ڏسي مطمئن ٿيو.

**ڪنگهار جي شڪست:**

مرزا شاهه حسن ڪڇ جي حڪمران جي ڀاءُ آمر آمراڻي کي ڪُنو هو، جنهن جي بدلي وٺڻ لاءِ هن هڪ وڏو لشڪر تيار ڪيو ۽ ڪڇ جا حڪمران جيئن ته جنگ ۽ ٻين مرحلن ۾ اصول جا پابند هئا، تنهنڪري انهيءَ پنهنجو ايلچي ٺٽي موڪليو ۽ پيغام موڪليو ته جيئن ته مرزا شاهه حسن ملتان ۾ جنگ ۾ مصروف آهي ۽ سندس تختگاهه خالي آهي، تنهنڪري هن جي واپس اچڻ کان پوءِ اسين ٺٽي تي ڪاهه ڪنداسون.

مرزا شاهه حسن کي ڪڇ وارن جي طاقت جو علم هو پر هو ٻه ڏاڍو مڪار هو، تنهنڪري پنهنجي اهل و عيال جي حفاظت لاءِ بهادر ماڻهو ڇڏي راءِ ڪنگهار جي لشڪر ڏانهن روانو ٿيو. هن هڪ اهڙي مصلحت تيار ڪئي جو راءِ ڪنگهار جي لشڪر جي چئني پاسن کان لشڪر بيهاري ڇڏيائين، جنهن ۾ سلطان محمود خان بکري، امير فرخ، شاهه تڪدري ۽ چوٿين پاسي مرزا عيسيٰ ۽ مير عليڪ جي فوج شامل هئي. رواج موجب راءِ ڪنگهار جي فوج گهوڙن تان لهي پيادل ميدان ۾ آئي، هڪٻئي سان ڍالون ملائي، نيزا هٿن ۾ کڻي، چادرن ۽ ڪمرپٽن جا پلوَ هڪٻئي سان ٻڌي ميدان ۾ لٿا. بهادريءَ سان وڙهندي وڙهندي صبح ڪري ڇڏيائون. مرزا شاهه حسن جي فوج انهن تي چئني پاسن کان حملو ڪيو ۽ ڪين ترارن جو ڪاچ بڻائي ڇڏيائون. صبح جو مرزا شاهه حسن جو لشڪر ڳوٺن ۽ واهڻ ڦر ڪرڻ لاءِ نڪتو، اُٺ، گهوڙا، هٿيار، چوپايو مال لُٽي ڦري ڪيترن ڳوٺاڻن کي قيدي بڻائي ٺٽي پهتا.

**همايون بادشاهه جو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ:**

رمضان 949هه مطابق 1542ع ڊسمبر ۾ شهنشاهه نصيرالدين همايون شير شاهه سوري جي بغاوت سبب لاهور کان سنڌ ۾ پهتو، جتان هو لاهري (روهڙي) پهتو ۽ پنهنجي لشڪر ۽ اميرن لاءِ خيما کوڙايائين ۽ پاڻ ٻيرلوءِ جي چار باغ ۾ لٿو، جنهن جي خوبصورتي ۽ نزاڪت جو ڪو مثال نه هو. سلطان محمود بکري، بکر ولايت کي ويران ڪري قلعي جي هيٺان لنگر هٽائي ويٺو. همايون بادشاهه پنهنجن ٻن ملازمن: امير طاهر صدر ۽ سمندر بيگ کي هڪ خط لکي مرزا شاهه حسين ڏانهن ٺٽي اُماڻيو، جنهن ۾ بابر بادشاهه جي حضور ۾ جيڪو اخلاق قائم ٿي چڪو هو، تنهن کان ڪيس آگاهه ڪيائين. بادشاهه آيل ماڻهن کي چيو ته جنهن وقت حضرت بادشاهه تشريف فرما ٿيندا، تنهن وقت هالاڪنڊي کان ٻنوري تائين درياءَ جي هر طرف شاهي حرمسراءِ هنن جي حوالي ڪري عهد، اقرار مضبوط ڪرڻ کان پوءِ سندس ملازمت جي شرف کان مشرف ٿيندس، پر اهو سيڪجهه ڊرامو هو. همايون هن جي ٺڳيءَ کان واقف ٿيو. بادشاهه جي ڀائرن ۾ پڻ نفاق پيل هو. هن پنهنجي هڪ ڀاءُ مرزا هندال کي پاٽ جي طرف مقرر ڪيو ۽ پاڻ درٻيلي کان ٿيندو پاٽ پهتو. هن اتي بلقيس بيگم عرف حميده بانو سان، جيڪا شيخ علي اڪبر جي ڌيءَ

[57] ”تاريخ معصومي“، ص 160

[58] ”تاريخ معصومي“، ص 160

[59] Elliot and Dowson, P.65

ڪيائون ۽ خزاني تي بہ قبضو ڪيائون. مير شاهہ محمود جنهن کي مرزا شاهہ حسن ٺٽي جي حڪومت جو پروانو ڏنو هو، تنهن بہ مرزا عيسيٰ خان ترخان اڳيان گوڏا کوڙيا. اها خبر ٻڌڻ کان پوءِ مرزا شاهہ حسن، سلطان محمود خان کي بکر ۾ رهندڙ ارغونن ۽ ترخانن جي گرفتار ڪرڻ ۽ عيسيٰ ترخان تي ڪاهہ ڪرڻ جو حڪم موڪليو. ٻنهي جي لشڪر ۾ مقابلو هلي رهيو هو پر ڳجهي طريقي سان هنن ٻنهي ناهہ ڪيو.

سنڌ ۾ مرزا شاهہ حسن ارغون جي دؤر حڪومت تي سيدي علي رئيس (Sidi Ali Reis) جيڪو هڪ ترڪ سياح هو، تنهن جو باب، سنڌ جو تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. جنهن وقت هو سنڌ ۾ هو ان وقت مرزا شاهہ حسن بيماري ۾ مبتلا هو. هن ٺٽي جو نظام پنهنجن غلامن ۽ مقامي ماڻهن کي سونپيو هو. سندس مائٽ ۽ ترخان قبيلي جا ماڻهو جن جي اڳواڻي مرزا عيسيٰ خان ترخان پئي ڪئي. حڪومت حاصل ڪرڻ لاءِ سرگردان هئا، سلطان محمد بکري بظاهر مرزا شاهہ حسن ارغون جو طرفدار هو، پر اندروني طور اقتدار جو لالچي هو ۽ سيدي علي رئيس جي سنڌ ۾ موجودگيءَ دؤران سلطان محمود ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان جي جنگ ۽ صلح نامو، شاهہ حسن جو موت ۽ سنڌ جو ورهاڱو ٿيو. هن اهو پڻ ڏٺو تہ بيماري سبب بادشاهہ گهوڙي سواري کان لاچار هو، جنهنڪري ٻيڙيءَ ۾ سنڌو درياءَ رستي اچ وڃ ڪندو هو. سنڌ جي گاديءَ واري شهر "ٺٽي" جو ڪمانڊر مرزا عيسيٰ خان ترخان، شاهہ حسن جي چند لائق ۽ مختلف عهدن تي فائز اميرن کي قتل ڪري. خزاني تي قبضو ڪيو، جيڪو نصرت آباد جي قلعي ۾ گڏ ٿيل هو. خزاني جو وڏو حصو جنهن ۾ گهڻي تعداد ۾ سون هو، پنهنجن ماڻهن ۾ ورهائي پاڻ کي "همايون" جو لقب ڏنئي، جمعي جي خطبي ۾ پنهنجو نالو شامل ڪري نغارو وڄرايائين. مرزا شاهہ حسن، سلطان محمود کي بري فوج آڻڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ چار سؤ جهازن جو ٻيڙو وٺي مرزا عيسيٰ خان جي سرڪوبي لاءِ نڪتو" پر اڳتي هلي سندس هر تدبير جي ڍال بيڪار ۽ بي اثر ثابت ٿي. سندس مفلوج حياتي ۾ ئي سلطان محمود خان ۽ مرزا عيسيٰ خان ترخان سنڌ کي پاڻ ۾ اڌو اڌ ڪري ورهائي ورتو هو. لکي جي جبل کان هيٺيون علائقو مرزا عيسيٰ خان ترخان کي مليو ۽ مٿيون حصو سلطان محمود خان هٿ ڪيو".

اهو عهدنامو 2 ربيع الاول 962هہ تي ڪيو ويو. شيخ عبدالوهاب پوراني مرزا قاسم بيگلار، مرزا عيسيٰ خان ترخان جا محرڪ هئا ۽ سلطان محمود طرفان مير شاهہ محمود ۽ مير شاهہ حسن تڪدري هئا. پير حسام الدين پنهنجي ڪتاب "ڳالهيون ڳوڻن وٽن جون"، جي ص 395 تي هن معاهدي جو سن، صفر 962هہ ٻڌايو آهي. سلطان محمود مرزا عيسيٰ جا قيد ٿيل ماڻهو آزاد ڪيا. مرزا عيسيٰ خان ترخان مرزا شاهہ حسن ارغون جي گهر واري ماهہ بيگم عرف حاجي بيگم، جيڪا هن جي قيد ۾ هئي، تنهن کي آزاد ڪري موڪليو. سلطان محمود خشڪي ذريعي ۽ مرزا شاهہ حسن درياءَ رستي بکر پهتا. گهر واري جي پهچڻ کان ڏهن ڏينهن بعد سن 1556ع ۾ هن جو انتقال ٿيو. اها ڳالهہ مشهور ٿي ويئي تہ سندس زال هن کي زهر ڏيئي ماريو آهي.[67]

اڳ ۾ ڪيل عهدنامي موجب مٿين شخصن سنڌ ملڪ کي اڌواڌ ڪيو ۽ ٻئي ٺٽي ۽ بکر جا حڪمران بڻجي ويا. مرزا شاهہ حسن جي گهرواريءَ جو لاش ٺٽي ۾ امانت طور دفنايو ويو، جتان پوءِ مڪي موڪليو ويو. جتي مرزا شاهہ حسن بيگ جي قبر پرسان هن کي دفنايو ويو. تحفة الڪرام موجب مرزا شاهہ حسن جي وفات کان پوءِ ماهہ بيگم، مرزا عيسيٰ خان ترخان سان نڪاح ڪيو.

[65] پير حسام الدين راشدي، "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون"، ڏهين صديءَ هجريءَ جي سنڌ، ص 273

[66] "تحفة الڪرام"، ص 166

[67] پير حسام الدين راشدي، "ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون"، ڏهين صديءَ هجريءَ جي سنڌ، ص 273

سنڌ ۾ ارغون حڪومت جو خاتمو ٿيو. هن طبقي مجموعي طور سنڌ تي 36 سال حڪومت ڪئي.

تاريخ معصومي مطابق، مرزا شاهه حسن بن شاهه بيگ بن مير ذوالنون بهادريءَ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ننڍپڻ کان وٺي بيماريءَ جي وقت تائين فتحمند رهيو. سندس ولادت 896هه ۾ ٿي ۽ 66 سال زندهه رهيو. علم حاصل ڪرڻ ۽ علم پکيڙڻ جو هميشه شوق رهندو هيس. جيڪو سبق پڙهندو هو، تنهن جي تقرير فارسيءَ ۾ لکي ڇڏيندو هو. مير محمد معصوم بکري لکي ٿو ته: هن مرزا شاهه حسن جي هٿ اکري قاضي ڏني سيوستانيءَ جي ڪتبخاني ۾ ڏٺي هئي. مرزا شاهه حسن شاعري کي سمجهندو هو، ڪڏهن ڪڏهن بيت به چوندو هو. سندس تخلص "سپاهي" هو. معصومي هن جا دستخط به ڏٺا ٿا. اڳتي هلي لکي ٿو ته: هن 34 سال حڪومت ڪئي. شروعات ۾ قنڌار کان ڪابل وڃي بابر بادشاهه جي ملازمت ۾ رهيو. بادشاهه هميشه سندس تعريف ڪندو هو ۽ چوندو هو: "شاهه حسن بيگ نوڪري ۽ ملازمت لاءِ نه پر حڪومت جا آداب ۽ قواعد سکڻ آيو آهي." هن به شاديون ڪيون. هڪ ماه بيگم سان، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي، ان مان ڪيس هڪ ڌيءُ چوچڪ بيگم هئي، جنهن جو پڻ ذڪر ٿي چڪو آهي. ماهه بيگم جي پهرين ڌيءُ ناهيد بيگم کي پڻ ڏيئر ۽ پٽ هئا. سندس ٻي زال مير خليفي جي نياڻي محب علي جي ڀيڻ گلبرگ بيگم هئي، پر ٻن سالن جي اٿبٺت کان پوءِ هنن ۾ جدائي واقع ٿي. گلبرگ بيگم هندستان لڏي ويئي، جتي سندس انتقال ٿيو. سندس قبر دهلي ۾ هئي. مرزا شاهه حسن بيگ کي هڪ پٽ "المنصور" جي نالي سان هو، جنهن ٻن سالن کان پوءِ وفات ڪئي ۽ هن جي نسل مان ڪو به نه رهيو.[68]

مرزا شاهه حسن جي سنڌ تي يلغار تي جيڪڏهن نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو ته هن مستقل طور هتان جو حڪمران رهڻ جو ارادو ڪيو هو. ڄام نندي جي وقت ۾ هن جي پيءُ شاهه بيگ پنهنجي ملڪ مان ترڄي سبيءَ تي قبضو ڪيو. جيڪو ان وقت سنڌ جي حڪمرانيءَ ۾ هو. ڄام نندي کي ان ڳالهه جو ڏاڍو ڏک رهندو هو. ڄام فيروز جي ننڍي عمر ۾ سندس خانداني اٿبٺت جو هنن گهڻو فائدو ورتو. هنن جي لشڪر جا سپاهي هڪ ظالم ۽ طاقتور قبيلن سان تعلق رکندا هئا، جيڪي قبضو ڪرڻ لاءِ هر چيز کي برباد ڪري ڇڏيندا هئا. ايتريقدر جو هو عورتن جي تقدس جو به خيال نه رکندا هئا. هئا ته اهي به مسلمان پر جن پرڳڻن مان هي آيا هئا، اتي هو. ويڙهه دوران هڪٻئي جي عورتن کي اغوا ڪري ويندا هئا، جنهن جو هڪ مثال "ماه بيگم" به آهي. سنڌي عورتن جي پيٽ ۾ گرز هڻي انهن جا ڪچا ٻار نيزن تي چاڙهي، پنهنجي سورهيائي سمجهندا هئا. ڳوٺن جا ڳوٺ باهيون ڏيئي ساڙي ڇڏيندا هئا. سنڌ جا رهواسي هر گهاٽ، هر موڙ، هر ميدان ۾ هنن سان وڙهيا، پر هو موتمار، طاقتور ۽ جنگ جي هر اصول جي انحرافي ڪرڻ وارا هئا. سڄي سنڌ کي هنن لٽي ۽ ڦري ڇڏيو. ماڻهن آخر خاموشي اختيار ڪئي ۽ پنهنجي ڏنڌي ۽ ڪِرت ۾ لڳي ويا. ڪي جهنگن ۽ ٻيلن ۾ هليا ويا. ترخان ۽ مغلن گورنرن جو دؤر ته هنن کان به وڌيڪ سنڌ لاءِ ڏکيو ثابت ٿيو. آخر ڪلهوڙا سنڌ جي رهواسين سان گڏجي ڪهاڙي ۽ ڏنڊو کڻي هنن جي پٺيان پيا ۽ هنن جون پاڙون ئي پٽي ڇڏيائون ۽ سنڌ پنهنجي آزادي ماڻي.

---

[68] "تاريخ معصومي"، ص 189-190

تندرستي الله تعاليٰ جي عظيم نعمت ۽ امانت پڻ آهي. صحت جو قدر ڪريو ۽ انهيءَ جي حفاظت ۾ ڪڏهن به لاپرواهي نه ڪريو. هڪ ڀيرو جيڪڏهن صحت بگڙجي ٿي ته پوءِ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان سڌري ٿي. جهڙيءَ ريت اڏوهيءَ جهڙو هڪ ننڍڙو جيتامڙو وڏن وڏن ڪتب خانن کي ڪائي چٽ ڪري ڇڏي ٿو، تهڙيءَ ريت صحت جي معاملي ۾ معمولي غفلت سبب ننڍڙي بيماري به جسم کي اڏوهيءَ وانگر ڪائي تباهه ڪري سگهي ٿي.

زندگيءَ ۾ مومن کي جيڪي اعليٰ ڪارناما انجام ڏيڻا آهن ۽ خلافت جي جنهن عظيم ذميواريءَ کي منهن ڏيڻو آهي، انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته جسم سگهارو، عقل ۽ دماغ مضبوط، ارادن ۾ پختگي، حوصلا بلند ۽ زندگي امنگن، سهڻن جذبن ۽ جوش سان ڀرپور هجي. صحتمند ۽ زنده دل ماڻهن سان ئي زنده قومون ٺهنديون آهن ۽ اهڙيون ئي قومون وڏيون وڏيون قربانيون ڏئي دنيا ۾ مان مٿانهون ڪنديون آهن.

هميشه خوش باش ۽ تازا توانا رهندا ڪريو. خوش اخلاقي سرهائي، مرڪ ۽ زنده دليءَ سان زندگيءَ کي سينگاريو، پرڪشش ۽ صحتمند رکو. غم، ڪاوڙ، فڪر، حسد، ڪينو، ساڙ، تنگ نظري، مرده دلي ۽ ذهني مونجهارن کان پري رهو. اهي اخلاقي بيماريون ۽ ذهني مونجهارا معدي کي خراب ڪن ٿا ۽ معدي جي خرابي صحت لاءِ خطرناڪ آهي. نبي پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو فرمان آهي ته "سنوا سڌا رهو، وچٽرائي اختيار ڪريو ۽ خوش ۽ پُرُ رهو." [مشڪوات] حضرت عبدالله ابن حارث رضه چوي ٿو ته، "مون نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کان وڌيڪ مشڪندڙ ڪو به ناهي ڏٺو." [ترمذي]

**انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ**

ڪتاب: "ڪامياب زندگي" تان ڪنيل

رسول بخش پگهيو



# حضرت شير شاهہ سيد جلال الدين سرخ پوش بخاري جد امجد
# ”حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت“

سنڌ سونهاري، هميشہ عالمن ۽ اديبن، اوليائن ۽ عشاقن، بزرگن ۽ درويشن، شاعرن ۽ شائقن، فقيرن ۽ فقيهن، محدثن ۽ صوفين جي ڌرتي پئي رهي آهي، پوءِ ڪي بزرگ اصل هتان جا آهن تہ ڪي وري ٻاهران آيا ليڪن انهن سنڌ کي پنهنجي امڙ سمجهي، ان جي خدمت ڪئي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي علم، ادب ۽ شاعريءَ سان اهڙو سينگاريو ۽ شاهوڪار ڪيو جنهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. جهڙي طرح شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، شاهہ ڪريم بلڙي وارو، ميان عبدالوهاب عرف سچل سرمست ۽ مخدوم محمد زمان عرف مخدوم طالب المولىٰ وغيره وغيره. اهڙن علمي، ادبي، روحاني ۽ سماجي خدمتگذار خاندانن ۾ مخدوم جهانيان جو ”خاندان جهانيان“ بہ عظيم گهراڻو آهي.

ڀهريان خيال ڪيم تہ ’جهانيان خاندان‘ جي انهن بزرگن تي لکان جن جو تعلق منهنجي پنهنجي علائقي گڇيري پراڻي سان آهي، يعني سيد حامد ٻيو عرف شاهہ مراد اُچي (اوچي) جيڪو شاهہ حسن ارغون جي اُچ شريف تي حملي ۽ قبر ڪرڻ وقت اُچ کي ڇڏي عيسىٰ خيل (ميانوالي) جي طرف هليو ويو، جتان پوءِ سنڌ جي ”خطءِ گڇيره“ جنهن کي هاڻي ’گڇيرو پراڻو‘ سڏجي ٿو، تنهن کي پنهنجو مسڪن بنايو.

ليڪن دل گهريو تہ ’مخدوم جهانيان‘ جي گهراڻي جو مطالعو تہ مون سائين مقصود علي شاهہ جهانيان سجاده نشين درگاهہ مخدوم حسن جهانيان جن جي دلي ارادي ۽ شاهپور جهانيان جي ٽائون آفيسر عزيز دوست محترم عزيز مگسي جنهن جي هڪ جهانيہ ادبي ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي چيو تہ آءٌ (يعني عزيز مگسي) پنهنجي مقامي ليکڪ ۽ محقق رسول بخش گڇيرائي کي صلاح ڏيندم تہ پاڻ جهانيان خاندان تي لکن، ان بعد سائين مخدوم سيد مقصود علي شاهہ صاحب جن منهنجي مطالعي لاءِ پنهنجي حويلي مان لائبرري ڪڍائي ٻاهرين اوطاق ۾ رکرائي ۽ آءٌ جهانيان خاندان تي لکيل ڪتابن يا ڪن ڪتابن ۾ آيل حوالن ۽ حضرت مخدوم سيد علي شاهہ جهانيان جن جي لکرايل قلمي نسخن جو ڪجهہ مطالعو ڪري ورتو هو. انڪري پنهنجي مضمون جي شروعات، ان بزرگ کان ڪيان ٿو، جنهن بزرگ پنهنجي خاندان مان سڀ کان ڀهريان سنڌ ڌرتيءَ تي قدم رکيا ۽ اها شخصيت هئي، حضرت شير شاهہ مخدوم سيد جلال الدين سرخپوش بخاري بن سيد علي ابوالمؤيد مدني رحمة الله عليه جن جي.

**بخارا ۾ سيد علي مدني جي آمد ۽ سيد جلال الدين بخاريءَ جي ولادت:**

حضرت سيد علي ”ابوالمؤيد“ نهايت بلند پايي جو جيد عالم رباني، عابد، زاهد، عارف ۽ ڪامل ولي هو. جڏهن پاڻ مديني منوره کان ساداتن جي هڪ قافلي سان بخارا ڏانهن اچي رهيا هئا تہ بخارا جي سلطان محمد خدابنده کي سرور ڪائنات حضرت مُحمد صلي الله عليه وآله وسلم جن خواب ۾ بشارت ڏني ۽ سيد علي ابوالمؤيد مدني جن جو ڪيس چهرو مبارڪ بہ ڏيکاريو ۽ هدايت ڪرڻ فرمائي تہ: ”مدينہ منوره کان ساداتن جو هڪ قافلو بخارا پهچي رهيو آهي، جنهن ۾ هڪ سيدزادو آهي، تنهن کي پنهنجي ڌيئن نياڻي عقد ۾ ڏجانءِ ۽ سندس شاهاڻو استقبال خدمت چاڪري ڪجانءِ.“

جڏهن ساداتن جو قافلو بخارا پهتو تہ سلطان محمد خدابنده سندن مهمان نوازي جو انتظام شاهاڻي انداز ۾ ڪيو، پر بشارت ڏنل ۽ ڏيکاريل چهرو بزرگ، سلطان محمد خدابنده کي انهن ساداتن ۾ نظر نہ آيو. پڇا

ڪرڻ تي ساداتن ٻڌايو ته اسان جو هڪ سيدزادو پوئتي آهي، جيڪو ڪنن ڪان ڪجهه گهڻ ٻڌي ٿو. بخارا جي بادشاهه چيو ته مون کي ان بزرگ جو انتظار آهي، جڏهن سيد علي "ابوالمؤيد" مدني بخارا پهتو ته سلطان محمد خدابنده کين سڃاتو ۽ شاهاڻو استقبال ڪيو ۽ کين پنهنجي نياڻيءَ جو نڪاح ساڻن ڪرايائين ۽ بادشاهت جي مسند پڻ حوالي ڪيائين ۽ پاڻ سلطان محمد، سندن وزير بڻيو. اهڙي طرح سيد علي "ابوالمؤيد مدني، بخارا جو بادشاهه بڻجي ويو ۽ بخارا ۾ ئي سڪونت اختيار ڪيائون، جتي کين ان حرم پاڪ مان حضرت شير شاهه سيد جلال الدين بخاري تولد ٿيا. گزيٽيئر رياست بهاولپور مطابق، پهرين رمضان المبارڪ 959هجري بروز سومر تي سيد جلال الدين جي ولادت ٿي، جڏهن ته ڪن ڪتابن ۾ غلطيءَ ڪان 5 ذوالحج لکجي وئي آهي پر گهڻيون ۽ صحيح روايتون پهرين رمضان المبارڪ ئي آهي جو پاڻ ڄمڻ وقت ڏينهن جو ماءُ جيجل جو کير نه پيتو ۽ سارو ڏينهن روزي ۾ هئا.

"گلزار جلالي" جي مصنف مولوي تصدق حسين نقويءَ لکيو آهي ته: "سيد جلال الدين سرخپوش بخاري جي ولادت واري رات الله پاڪ جي حڪم سان ملائڪن رحمت جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ دوزخ جا دروازا بند ڪري ڇڏيا ۽ بهشت ۾ حورن خوشيون ملهائيون. الله تعاليٰ هزارين گنهگارن جا گناهه بخشي ڇڏيا. سندن ناف بريده هو (يعني دن جو ناڙو وڍيل هو) ۽ سندن طوهر پڻ ٿيل هو ۽ هر طرف کان مبارڪ مبارڪ جا آواز اچڻ لڳا ۽ سڀ شاهه و گدا شادماني ۽ خوشيءَ واري زندگي بسر ڪرڻ لڳا.

راوي روايت ڪن ٿا ته حضرت شير شاهه سيد جلال الدين سرخپوش بخاري جن جي والده ماجده جي خادمه مسماة سعيده جو بيان آهي ته حضرت سائين جلال بخاري رحمة الله عليه جن اڃان پنهنجي والده ماجده جي شڪم مبارڪ ۾ هئا ته سندن والدِ بزرگوار سيد علي ابوالمؤيد مدني هڪ رات ڪيڏانهن ٻاهر ويل هئا جڏهن رات جو آرام ڪرڻ جو وقت ٿيو ته خادمه سعيده حضرت جن جي والده ماجده جن کي مؤدبانه عرض ڪيو ته سائڻ! روزانو رات جو بعد نماز تهجد جي منهنجو آقا مرشد سيد علي ابوالمؤيد هميشه قرآن مجيد پڙهندا آهن ۽ حضرت صاحب جن جي حسن صوت، فصاحت ۽ بلاغت سان هيءَ خادمه هميشه مستفيض ٿيندي رهندي آهي. سائڻ سڳوري جيئن ته منهنجو آقا ۽ رهنما اڄ ٻاهر ويل آهن، انڪري اڄ رات هيءَ خادمه ان برڪت کان محروم رهندي، جڏهن خادمه اها ڳالهه ڪري بس ڪئي ته حضرت جلال الدين بخاري پنهنجي ماءُ جي شڪم مبارڪ مان آواز ڏنو ته "اي سعيده فڪر نه ڪر، اڄ مان توکي قرآن مجيد ٻڌائيندس." خادمه سعيده چئي ٿي ته هيءَ آواز ٻڌي آءٌ ڏڄڻ لڳس ته پاڻ منهنجي اضطراري حالت معلوم ڪري ورتي ۽ وري پنهنجي والده ماجده جي شڪم مبارڪ مان آواز ڏنائون ته "اي سعيده توکي خوف نه ڪرڻ گهرجي آءٌ يعني سيد جلال بخاري مخزن اسرار الٰهي آهيان. اسين بندگان خدا کي فيض پهچائڻ وارا آهيون." خادمه چئي ٿي ته: سندن ارشاد تي منهنجي دل مطمئن ٿي وئي. تهجد جي نماز بعد حضرت جلال صاحب جن پنهنجي والده جي شڪم مبارڪ ۾ ئي اهڙي نصاحت ۽ بلاغت سان قرآن مجيد جي تلاوت ڪئي جو بغير سندن والده ماجده حضرت سيد علي مدني جي، مون (خادمه) ڪنهن کان به قرآن پاڪ جي اهڙي قرائت ڪانه ٻڌي هئي. جڏهن سيد ابوالمؤيد مدني پنهنجي حويليءَ تي واپس تشريف فرما ٿيا ته مون (خادمه) سندن اڳيان حضرت سيد جلال بخاري جو پنهنجي ماءُ جي شڪم مبارڪ ۾ تلاوت قرآن ڪرڻ واري ڳالهه پيش ڪئي ته پاڻ فرمايائون ته: "سعيده هي مقام تعجب نه آهي، خداوند ڪريم آل رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم کي صاحبِ ڪمال خلق عطا فرمايو آهي، هيءُ منهنجو فرزند نور الٰهي آهي."

حضرت جلال الدين بخاري جي ولادت کان اڳ شيخ ابوسعيد محزومي ڪامل ولي الله فرمايو ته "هڪ ڏينهن آءٌ مراقبي ۾ هئس ته مون فرشتن کي ڏٺو ته اهي سڀ سيد جلال الدين بخاريءَ جي منقبت خواني ڪري رهيا آهن. مان حيران هئس ته هيءُ ڪير موصوف آهي؟ پرده غيب مان آواز آيو: "ابوسعيد! سڀ اولياء ستارن

جي طرح درخشان آهن ۽ انهن ۾ حضرت جلال الدين بخاري چوڏهينءَ جو چنڊ اهي!" [وهو افضل من كل اولياء الله] آهي."

حضرت جلال الدين بخاري جن ڄمڻ وقت ماءُ جو کير نہ پيتائون ۽ سارو ڏينهن فاقي ۾ گذاريائون ۽ سج غروب ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي امڙ جيجل جي ٿڃ پيتائون، اهڙي طرح سارو ماه رمضان المبارڪ ڏينهن جو پره ڦٽڻ کان غروب آفتاب تائين ماءُ جي ٿڃ نہ پيتائون يعني روزي ۾ رهيا.

تعالیٰ اللہ ہویدا شد سعادت
نمودہ شاہ جلال الدین ولادت
بہ ہنگام ولادت کرد آ نماز
تلاوت پاک قرآن صاحب راز
بروز شیر مادر را نخور ذے
بشب خوردے کہ صوم افطار کروے
ولی ابن ولی گروید صائم
بشب افطار روزہ کرد دائم

**شجره مبارڪ حضرت سيد جلال الدين بخاري رحمة الله عليه:**

**سلسلهٔ نسب**

حضرت سيد جلال الدين بخاري رحمة الله عليه

بن

حضرت سيد علي ابوالمؤيد مدني رحمة الله عليه

بن

حضرت سيد جعفر رحمة الله عليه

بن

حضرت سيد مخمد رحمة الله عليه

بن

حضرت سيد محمود اصغر رحمة الله عليه

بن

حضرت سيد ابويوسف محمد رحمة الله عليه

بن

حضرت سيّد عبدالله رحمة الله عليه

بن

حضرت علي اصغر رحمة الله عليه

بن

حضرت امام زاده سيد جعفر ثاني رحمة الله عليه

بن

حضرت امام نقي عليه السلام
بن
↓
حضرت امام تقي عليه السلام
بن
حضرت امام علي رضا عليه السلام
بن
حضرت امام موسيٰ ڪاظم عليه السلام
بن
حضرت امام جعفر صادق عليه السلام
بن
حضرت امام محمد باقر عليه السلام
بن
حضرت امام زين العابدين عليه السلام
بن
حضرت امام حسين عليه السلام
بن
حضرت علي ڪرم الله وجه
بن
ابو طالب
بن
عبدالمطلب
بن
هاشم
↓

پاڻ سلسلئہ امامت جا 10هان امام آهن، حضرت سيد جلال الدين بخاري جو سلسلئہ نسب نائين واسطي سان حضرت امام نقي عليه السلام سان ملي ٿو، انڪري سندن خاندان "نقوي" سڏائيندا آهن.

سلسلئہ امامت جا 9وان امام
سلسلئہ امامت جا 8وان امام

سلسلئہ امامت جا 7وان امام

سلسلئہ امامت جا 6هان امام

سلسلئہ امامت جا 5وان امام

سلسلئہ امامت جا 4وان امام

سلسئہ امامت جا ٽيان امام، جن ڪربلا جي ميدان تي يزيد سان حق جي خاطر لڙندي شهادت ماڻي.
سلسلئہ امامت جا پهريان امام، چوٿان خليفة المسلمين اميرالمؤمنين.

جنهن جو اصل نالو عمرو هو، ڪين هاشم انڪري سڏيندا هئا جو هڪ ڀيري مڪه مڪرمه ۾ ڏُڪار پيو ۽ عمرو ان وقت مانيءَ جي چوري ٽاهي ٻوڙ ۾ ملائي، ماڻهن کي کارائيندو هو. عربيءَ ۾ چُوري ٽاهيندڙ کي هاشم چوندا آهن، انڪري عمروءَ کي 'هاشم' ڪري سڏيندا هئا، ۽ پوءِ ان ئي نالي سان مشهور ٿي ويا. سندن نالي پٺيان ئي حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن کي هاشمي سڏيو وڃي ٿو. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جو سلسلئہ نسب هن طرح هاشم سان ملي ٿو، حضرت مُحَمّد صلي الله عليه وآله وسلم بن عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم.

عبدالمناف
بن
قصيٰ
بن
↓
ڪلاب
بن
مره
بن
ڪعب
بن
لوي
بن
غالب
بن
فهر
بن
↓
ڪنان بن خزيمه
بن
مدرڪ
بن
الياس
بن
مصر
بن
نزار
بن

قصيٰ نهايت خاص مشهور ۽ معروف شخصيت هو. قصيٰ کي ڪعبة الله جو متولي بنايو ويو هو. پاڻ ڪعبة الله شريف جي زيارت ڪندڙن جي ڪاڌي پيتي جو انتظام ڪندو هو ۽ منيٰ ۽ مڪي شريف ۾ هر سال ڪاڌو ورهائيندو هو ۽ پاڻيءَ جو حوض پڻ حاجين لاءِ ڀرائيندو هو.

فهر جنهن جو اصل نالو قريش هو، جنهن کان قريش قبيلو شروع ٿيو، ڪن روايت ۾ اچي ٿو ته ان جو نالو فهر ئي هو ۽ قريش سندس لقب هو، قريشي قبيلو يا خاندان فهر کان ئي شروع ٿيو، هيءُ خاندان پيڙهين کان معزز ۽ معتبر سمجهيو ويندو هو.

معد
بن
عدنان
بن
↓
اود
بن
أودَاوَا
بن
ايسع
بن
سليمان
بن
بيت يا نبت (برار)
بن
حمل
بن
قيدار
بن
حضرت اسماعيل عليه السلام
بن
حضرت ابراهيم عليه السلام
بن
↓

هيءُ حضرت ابراهيم عليه السلام جي اولاد ۾ نهايت افضل هو، مؤرخين متقدمين عدنان تائين لڪيل شجره تي متفق آهن، ليڪن ڪن مؤرخين عدنان ڪان متي آدم عليه السلام تائين شجرو لکيو آهي ۽ ان کي صحيح قرار ڏنو آهي. بهرحال مؤرخ جو فرض آهي تہ هو تاريخي حالات، نهايت احتياط ۽ صحت سان لکي، انڪري نهايت صحت ۽ احتياط سان معتبر ڪتابن کي پيڻي عدنان ڪان متي شجرو لکجي ٿو:
ڪن هن کي اد ڪري لکيو آهي، هيءُ 24 ٻوليون ڳالهائيندو هو.

حضرت اسماعيل عليه السلام ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام ٻئي الله پاڪ جا پيغمبر سڳورا هئا، جن ڪعبة الله شريف جي تعمير ڪئي هئي ۽ دعا گهري، جنهن دعا جي طفيل ئي حضرت مُحمّد صلي الله عليه وآله وسلم جن سندن ئي خاندان مان تشريف فرما ٿيا. حضرت اسماعيل عليه السلام کي ذبيح الله جو لقب ۽ حضرت ابراهيم عليه السلام جن کي خليل الله جو لقب مليل هو.

تارخ
بن
ناحور (اشوخ)
ناحور (راشوخ بن شاروغ يا شاروخ)
بن
يرغو
بن
قانع
بن
غابر (غالب)
بن
شالخ
بن
ارفخشد
بن
سام
بن
نوح عليه السلام
بن
لامخ (لامڪ)
بن
متوشلح
بن
خنوخ (شنوخ)
بن
برد
بن
مهلائيل
بن
قينان
بن
انوش
بن
حضرت شيث عليه السلام
بن
حضرت آدم عليه السلام

مٿيون شجرو مبارڪ (i) ’جواهر فريديہ‘ بحوالہ صاحب ’روضة الاحباب‘ صاحب ’سيرة النبي صلي الله عليه وآله وسلم‘.
(ii) تاريخ باب مصطفيٰ- المرتضيٰ عليه السلام
(iii) حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي پاڪ زندگي (حصو پهريون).
(iv) شُجره السادات جهانيہ (قلمي) از- مخدوم سيد علي شاهہ الجهانيہ الشاهپوريہ، مان ورتو ويو آهي

**حضرت جلال الدين سرخپوش بخاري رحمة الله عليه جن جو نِنڍپڻ:**

(1) حضرت جلال الدين سرخپوش بخاري رحمة الله عليه جن چمندي چام هئا. ”مظهر جلالي“ جي مصنف ملفوظات حضرت شيخ الاعظم زڪريا ملتاني رحمة الله عليه مان نقل ڪيو آهي تہ: حضرت شير شاهہ جلال الدين بخاري رحمة الله عليه جن جي عمر مبارڪ چار سال هئي تہ پاڻ پنهنجن همعصر ننڍڙن ٻارن سان بخارا ۾ ڪيڏي رهيا هئا تہ ماڻهو هڪ جنازو گورستان ڪٺي وڃي رهيا هئا تہ پاڻ بہ انهن سان گڏ هلڻ لڳا ۽ ان جنازي جي نماز پڙهڻ بعد ڪيس قبر ۾ لاهڻ لڳا تہ هڪ ضعيف عورت روئيندي روئيندي اچي ان جنازي جي مٿان ڪِري پئي ۽ جنازي جي منهن کي چمندي اهڙو فرياد ۽ پڪار ڪئي جو سڀني حاضرين روئي ڏنو. حضرت سيد جلال الدين بخاري جن ان ضعيفہ عورت جي اشڪباري ۽ بيقراري ڏسي پڇا ڪيائون تہ هن عورت جو مرڻ واري سان ڇا رشتو آهي؟ ماڻهن چيو تہ هيءَ عورت ان مرڻ واري (ميت) جي ماءُ آهي، تنهن تي سيد جلال الدين بخاري فرمايو تہ: ان ميت کي قبر ۾ نہ لاهيو، آءٌ ان لاءِ دعا گهران ٿو، بس پاڻ وضوع ڪري ٻہ رڪعتون نفل نماز ادا ڪئي ۽ ننڍڙا هٿ مبارڪ کڻي اشڪبار ٿي دعا گهري ”ياالٰهي تون منهنجي جدامجد حضرت مُحمد صلي الله عليه وآله وسلم کي بهترين خلق، سيد المرسلين ۽ رحمة العالمين بنايو آهي ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي تو هيءُ معجزو عطا فرمايو هو تہ ان جي حڪم سان مرده زنده ٿي پوندا هئا، هاڻي منهنجي جدامجد حضرت مُحمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي واسطي هن مرده نوجوان کي زندهہ ڪر ۽ وڌيڪ حياتي عطا فرمائيس، پوءِ هڪ لمحو توقف فرمائي، ان فوت ٿيل نوجوان جي مٿان بيهي فرمايائين تہ ”قم باذن الله يا عبدالله!“ تہ اهو فوت ٿيل نوجوان ڪلمهٔ طيب پڙهندي (لا اِلٰہ اِلا الله مُحمد رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم) زندهہ ٿي اُٿي وينو ۽ حضرت سيد جلال الدين بخاري معصوم جا قدم چمڻ لڳا. اها ڪرامت ڏسي سڀ حاضرين حيرت ۾ پئجي ويا ۽ سچيءَ دل سان حضرت جلال الدين بخاريءَ جا سچا معتقد ۽ مريد ٿي پيا ۽ جيئرو ٿيل نوجوان پنهنجي والده سان پنهنجي گهر روانو ٿي ويو ۽ 40 سالن تائين زندهہ رهيو، جڏهن اها خبر سيد جلال الدين بخاري جي والد ماجد حضرت علي ابوالمؤيد مدني کي پئي ۽ ان پنهنجي فرزند سيد جلال الدين کي فرمايو تہ: ”نور البصر جلال الدين شريعت ظاهره جي پاسداري چاهين ٿو؟“ فرزند ارجمند عرض ڪيو تہ: ”يا حضرت اگر توهان منع نہ ڪيو ها تہ ماڻهن جي استدعا تي هي توهان جو خادم سمورن مُردن کي الله پاڪ جي حڪم سان زندهہ ڪري ڇڏي ها، والد محترم!! حضرت مسيح عليه السلام مردن کي زندهہ ڪندو هو تہ ڇا سيد المرسلين جي اولاد کي هيءُ حق حاصل نہ آهي تہ هو مُردن کي زندهہ ڪري؟ اجان پيءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي رهي هئي تہ سيد جلال الدين بخاري جي والد بزرگوار سيد علي ابوالمؤيد مدني کي الهام ٿيو تہ سيد جلال الدين بخاري مون (الله) جو ڪامل ولي آهي، ان جي هرهڪ ڳالهہ کي خدا پاڪ سچو ڪرڻ وارو آهي ۽ سيد جلال الدين بخاريءَ جو هر سچو ۽ اطاعت ڪندڙ مريد خدا تعاليٰ جي مقبول ٻانهن مان هوندو ۽ ان جي دعا ۾ بہ هميشہ اثر هوندو.

(2) حضرت جلال الدين بخاريؒ جن جي ننڍپڻ جو هڪ ٻيو واقعو آهي تہ حضرت صاحب جن هڪ پيري بخارا جي ٻاهران ٻارن سان راند ڪيڏي رهيا هئا تہ ڏٺائون تہ هڪ ميت جي جنازه نماز تيار آهي، پاڻ اڳتي وڌي ڪانڌين کان ميت جي باري ۾ پڇيو، حاضرين مان ڪنهن ڪين جواب ڏنو تہ فلاڻو ماڻهو فوت ٿي ويو

آهي، جنهن جي جنازي نماز پڙهجڻ واري آهي. حضرت جلال الدينؒ وري ڪانئڻ پڇيو تہ ”پوءِ ڇا ڪندو؟“ تہ ڪانڌين مان هڪ وراڻيو تہ ”جنازي نماز پڙهڻ بعد ميت کي زمين ۾ دفن ڪنداسين.“ هيءَ ڳالهہ ٻڌڻ سان سيد جلال الدين بخاريؒ جن جو بدن ڏڪڻ لڳو ۽ الله اڪبر چئي ميت جي مٿان کان بيهي فرمايو تہ: ”قم باذن الله“ تہ ميت يڪدم زندہ ٿي ڪٽ تان لهي پنهنجن پيرن تي پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو ۽ ڪافي سال زندہ رهيو.

حضرت سيد علي ابوالمؤيد مدني جن خود اعليٰ عالم ۽ علمي ذوق رکندڙ هئا، انڪري پاڻ پنهنجي لائق ۽ صالح فرزند سيد جلال الدين بخاري جي تعليم ۽ تربيت جي طرف پورو توجہ ڏنائون، جڏهن تہ ٻئي طرف خود هن ننڍڙي چمندي چام حضرت سيد جلال الدين بخاريؒ جن کي پڻ علم حاصل ڪرڻ جو بيحد شوق ۽ عشق هو، انڪري پاڻ نهايت پوري ڏيان ۽ شوق سان پنهنجي والد بزرگوار ڪامل استاد ۽ مرشد سيد ابوالمؤيد مدني کان ابتدائي خواہ اعليٰ تعليم حاصل ڪيائون ۽ 7 سالن جي عمر ۾ ئي پنهنجي تعليم جا مدارج طئہ ڪري تعجب ۾ وجهي ڇڏيو! جيئن اڳ اهو بہ اچي چڪو آهي تہ پاڻ جڏهن پنهنجي امڙ جي شڪم مبارڪ ۾ هئا تہ ٻانهي سعيده کي تهجد جي نماز بعد قرآن پاڪ جي نهايت قرائت سان تلاوت ڪري ٻڌائي هئي، يعني تہ قدرتي طور سندن تعليم ۽ تربيت جو بندوبست امڙ جي شڪم مبارڪ ۾ ئي شروع ٿي چڪو هو. جيئن ويهڙ شريف (ضلع دادو) جي بزرگ حضرت ميان فقير محمد ويهڙائي رحمة الله عليه جن جي متعلق سندس سوانح حيات ۾ لکيل آهي تہ پاڻ 14 مهينا پنهنجي امڙ جي بطن مبارڪ ۾ گذريا، پوءِ تولد ٿيا جڏهن هڪ پيري ڪانئس پڇيو ويو تہ سائين توهان 14 مهينا پنهنجي امڙ جي بطن ۾ ڇو رهيا تہ پاڻ فرمايائون تہ ”ڪجهہ سبق رهجي ويا هئا جيڪي پڙهي پورا ڪيم.“

حضرت سيد جلال الدين شاهہؒ جن ننڍي هوندي ئي تعليم حاصل ڪري ورتي ۽ رياضت شاقہ شروع ڪئي، جنهن دور ۾ سيد جلال الدين بخاري تعليم پنهنجي والد بزرگوار وٽ وٺندا هئا تہ ان دوران سهروردي بزرگ حضرت غوث بهاءُالحق (شيخ بهاؤالدين) زڪريا ملتانيؒ تحصيل علم جي سلسلي ۾ بخارا ۾ مقيم هو، جنهن جي ولادت 566هہ بمطابق 1172ع ۾ ڪوٽ ڪروڙ ۾ ٿي، تاريخ ”تذڪره اوليائي هندو پاڪ“ ۾ 578هہ ولادت جو سنہ ڄاڻايو ويو آهي.

غوث پاڪ بهاؤالدين رحمة الله عليه جن 12 سالن جا هئا تہ سندن والد بزرگوار وفات ڪري ويو. پوءِ سندن ڏاڏو ڪمال الدين علي قريشيؒ مڪي مڪرمه مان ٿيندا اچي اوچ خوارزم ۾ رهيا، جنهن بعد ملتان ۾ آيا. غوث بهاؤالدين ملتاني 12 سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ قرائت سان پڙهي ورتو ۽ پورو قرآن مجيد ياد بہ ڪري ورتائون. جنهن ڪان پوءِ پنهنجي والد بزرگوار جي وصيت مطابق پهريان خراسان پڙهڻ ويا جتي 7 سال رهي ظاهري خواہ باطني تعليم حاصل ڪري واپس آيا ۽ بعد ۾ وصيت مطابق بخارا ۾ حصول تعليم واسطي آيا ۽ حضرت سيد علي ابوالمؤيد مدني وٽ تحصيل علي ابوالمؤيد پنهنجي هن نوجوان شاگرد (غوث بهاؤالدين زڪريا) ۾ آثار ولايت ڏسي خود پاڻ سندن مداح ٿي پيا ۽ حضرت جلال سرخپوش بخاري رحمة الله عليه جن پڻ غوث بهاؤالحقؒ جن جي شخصيت کان بيحد متاثر ٿيا.

**حضرت سيد جلال الدين سرخپوش بخاري رحمة الله عليه جن جا القاب:**

**1) البخاري:** (i) بخاري چوارائڻ جو پهريون سبب اهو هو جو پاڻ 'بخارا' شهر ۾ پيدا ٿيا هئا، اتي ئي پڙهيا ۽ ۽ تربيت حاصل ڪيائون، سندن رهائش بخارا ۾ ئي هئي، انڪري کين 'البخاري' لقب سان سڏيو ويجي ٿو.

(ii) بخاري چوارائڻ جو ٻيو سبب اهو هو جو سندن سيني ۾ بي ڪيني ۾ عشق الٰهيءَ جي ايتري تہ تپش هئي جو پاڻ جنهن طرف نظر ڪٽندا هئا تہ سندن اندر جي بخار ۽ تپش

ڪري هر چيز خشڪ ٿي ويندي هئي، انڪري بہ کين بخاري ڪري سڏيو ويندو هو.

البخاري چوارائڻ جو ٻيون سبب اهو هو جو هڪ ڀيري ظالم بادشاهہ کين سچي سيد هئڻ جي ثبوت ۾ ڪنهن رنجش خاطر باهہ جو وڏو آڙاهہ ٻارائي، ان بخاري ۾ اندر وڃڻ جو مطالبو ڪيو ۽ سيد جلال الدين بخاري ان بخاري ۾ اندر وڃي ويهي رهيا ۽ بيمثل حضرت ابراهيم خليل الله جي اُها آتش ۽ بخاره گلزار ٿي وئي ۽ سيد جلال کي ڪجهہ بہ ڪين ٿيو ۽ ڪجهہ دير بعد جڏهن کين بخاري ۽ آتش مان اچڻ لاءِ چيو ويو تہ پاڻ باسلامت ان بخاري مان نڪري آيا ۽ کين 'بخاري' ڪري پڪاريو ويو.

**2) شيرشاهہ:** حضرت جلال الدين خوفِ خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن کان بہ ڪين ڊڄندا هئا. نهايت دلير، همت وارا، بردبار هوندا هئا، انڪري کين "شير شاهہ" پڻ سڏيو ويو.

**3) ابوالبرڪات:** الله پاڪ جي طرفان کين ڪئين نعمتون ۽ برڪتون عطا ڪيون ويون هيون، پاڻ صاحبِ برڪات هئا، انڪري کين ابوالبرڪات جي لقب سان پڻ ياد ڪيو وڃي ٿو.

**4) ابواحمد:** ابواحمد سندن ڪنيت آهي، کين فرزند سيد احمد ڪبير جي نالي جي پٺيان ابواحمد سڏيو ويو.

**5) ميربزرگ:** سيد جلال الدين شاهہ بخاري رحمة الله عليه جن هڪ اعليٰ خاندان سان تعلق رکندا هئا ۽ پاڻ بہ نهايت بلند پايي جا بزرگ هئا ۽ پنهنجي وقت جي مڙني بزرگن جا وڏا يعني مير هئا، انڪري کين "مير بزرگ" ڪري سڏيو ويو.

**6) مخدوم اعظم:** مخدوم ان بزرگ هستيءَ کي چيو ويندو آهي جنهن جي بلند مرتبي، عزت ۽ شانُ شوڪت جي ڪري، خدمت ڪئي وڃي ۽ اعظم معنيٰ وڏي يا بيحد گهڻي. مطلب تہ اهڙي بزرگ هستي جنهن جي وڏ ۾ وڏ محبت ۽ دل سان خدمت ڪئي وڃي تہ ان کي "مخدوم اعظم" سڏجي ٿو.

**7) جلال اڪبر:** جيئن تہ پاڻ وڏي جاهہ و جلال وارا بزرگ هئا، انڪري کين جلال اڪبر سڏيندا هئا.

۽ ٻيو سبب اهو هو تہ سندن پوٽي جو نالو بہ جلال الدين هو، انڪري سيد جلال الدين بخاريءَ کي "جلال اڪبر" ۽ مخدوم جلال الدين جهانيان کي "جلال اصغر" سڏيو ويندو هو.

**8) آدم ثاني:** حضرت سيد جلال الدين بخاري جن جي احوالِ زندگيءَ بابت مؤرخين لکيو آهي تہ پاڻ هڪ ڀيري حج ادا ڪرڻ ويا، اُتي بيت الله شريف ۾ رات جو وينا هئا تہ کين هيءُ آواز ٻڌڻ ۾ آيو تہ: "اي جلال الدين بخاري، خدا تعاليٰ تنهنجي عبادت ۽ رياضت قبول ڪرڻ فرمائي ۽ توکي "آدم ثاني" جي لقب سان نوازيو ويو آهي، ۽ ٻيو حڪم کين مليو تہ هاڻي پاڻ پنهنجي جدامجد حضرت مُحمّد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي روضۂ اطهر جي حاضري ڀرائي.

**9) حيدر ثاني:** سيد جلال الدين بخاري جڏهن ڪعبة الله کان روضۂ اطهر پهتا تہ کين خواب ۾ حضرت مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو تہ: "يا ولدي جلال بخاري تون حيدرثاني آهين."

**10) حيدري:** ڪن ڪتابن ۾ سيد جلال الدين کي حيدري لکيو ويو آهي، حيدري لقب، حضرت علي ڪرم الله وجه سان نسبت ۽ تعلق ظاهر ڪري ٿو.

**11) سرخپوش:** سيد جلال الدين بخاريؒ جن حضرت امام حسين عليه السلام جي شهادت جي نسبت

ڪري ڳاڙها ڪپڙا پهريندا هئا، انڪري کين "سرخپوش" جي لقب سان گهڻو ياد ڪيو وڃي ٿو ۽ هن قسم جو صوفين جو حلقو ڳاڙهي پوشاڪ پهرڻ جي ڪري "حسيني صوفي" پڻ سڏجندا آهن. ان کان سواءِ حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن پڻ هڪ چمڪندڙ چنڊ جي روشنيءَ ۾ هڪ رات ڳاڙهي پوشاڪ پهري ويٺا هئا ته ڏسندڙ اصحابي سڳورو روايت ٿو ڪري ته مون ڏٺو ته حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ڳاڙهي پوشاڪ ۾ ايترا ته حسين، جميل ۽ روشن نظر اچي رهيا هئا جو سندن حُسن مبارڪ جي سونهن ۽ روشني، چنڊ جي سونهن ۽ روشنيءَ کان وڌيڪ نظر اچي رهي هئي. ان لحاظ کان ڳاڙهي پوشاڪ به سفيد پوشاڪ وانگر سنتِ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم آهي.

**12) نقوي:** حضرت سيد جلال الدين بخاري جن جو سلسلئه نسب جيئن ته ڏهين امام حضرت امام نقي عليه السلام تائين واسطي سان وڃي ملي ٿو ان نسبت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ کين 'نقوي' سڏيو ۽ لکيو وڃي ٿو.

**13) اُچوي:** سيد جلال الدين بخاريءَ اُچ شريف کي پنهنجو مسڪن بنايو، انڪري کين 'اچوي' پڻ سڏيو وڃي ٿو.

**حضرت سيد جلال الدين بخاري جن جي بخارا ۾ شادي:**

حضرت سيد جلال الدين بخاري رحمة الله عليه جن پهرين شادي بخارا جي هڪ نامور عالمِ دين حضرت سيد ابوالقاسم فقيہ الحسن جي دخترنيڪ اختر صاحبزادي حضرت فاطمه سڳوريءَ سان ٿي. جنهن مان کيس خدا پاڪ ٻه فرزند عطا ڪيا، جن مان هڪ جو نالو سيد جعفرؒ ۽ ٻئي جو نالو سيد عليؒ.

حضرت جلال الدين بخاري جن جي ٻيءَ شادي متعلق "مظهر جلالي" ۾ لکيل آهي ته جڏهن سيد جلال الدين بخاري هلاڪو خان کي دعوت اسلام ڏني ته بادشاهه هلاڪو خان سخت غصي ۾ اچي چوڻ لڳو ته تون ڪير آهين، جو درويشي لباس ۾ بادشاهن کي پنهنجي دين جي دعوت ڏين ٿو؟ تنهن تي سيد جلال الدين بخاري جن فرمايو ته:

منم فرزند ختم المرسلین ام
منم دلبند امیر المؤمنین ام
مرا آ نمائے صاحب تمکین گوید
مراد کثر جلال الدین گویند۔

هلاڪو خان چيو ته جيڪڏهن تنهنجو جدامجد سيد المرسلين برحق پيغمبر آهي ته مان توکي آتش ۾ جلايان ٿو، اگر توتي باهه اثر نه ڪيو ته مان يقين ڪندس ته تنهنجو جدامجد (حضرت) مُحمّد (صلي الله عليه وآله وسلم) جن جو دين اسلام برحق آهي، پاڻ فرمايائون ته:

ترارم باک زمین آتش کہ گفتہ
بخواهی دید چوں بستان شگفتہ۔

لکيو ويو آهي ته چاليهه قدمن تائين ڪائين کي باهه لڳائي وئي جڏهن باهه خوب جلڻ ۽ ٻرڻ لڳي ته هلاڪو خان چيو ته جيڪڏهن توهان صحيح سيد آهيو ته هن ٻرندڙ باهه ۾ هليا وڃو. هلاڪو خان جي ائين چوڻ سان سيد جلال الدين بخاري بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهي، ان وڏي آتش ۾ هليو ويو ۽ هزارين ماڻهو ڏسڻ وارا هئا.

نگہبان آتش را فرودہ
خدا ہر شعلا و گل لالہ نمودہ
ہلاکو چونکہ آتش زکردہ
برائے حضرت، خدا گلزار گردہ
ہلاکو دیدہ حیرات ماندہ
بگلزار ولی قبر آن خواندہ
ہلاکو شد مسلمان زیں کرامات
شدہ چنگیز خان حز بدرجات۔

هلاڪو خان اهڙي ڪرامت ڏسي پنهنجن خاص ماڻهن سميت مسلمان ٿيو ۽ سندن مخلص مريد بنيو ۽ حضرت صاحب جن هلاڪو خان جو نالو چنگيز خان رکيو ۽ چنگيز خان پنهنجي دختر "ڪنيز زينب" سيد جلال سرخ بخاريءَ کي نڪاح ڪري ڏني، ليڪن ان مان ڪين ڪوبہ اولاد ڪونہ ٿيو. (ڪن ڪتابن ۾ چنگيز خان جي دختر سان شادي پهريان ڄاڻائي ويئي آهي جيڪا ڳالهہ غلط آهي).

سيد جلال الدين جي ٻيءَ شادي متعلق 'مظهر جلالي' ۽ 'تاريخ اُچ' جي مصنف حفيظ الرحمٰن جيڪو احوال لکيو آهي، ان جي باري ۾ 'خطہ پاڪ اوچ' جي صفحي نمبر 210 تي چنگيز خان جو اسلام قبول ڪرڻ، سيد جلال بخاريءَ جي هٿ تي بيعت ڪرڻ ۽ سيد جلال بخاري سان چنگيز خان جي نياڻيءَ سان نڪاح ٿيڻ کي رد ڪندي ڄاڻايو آهي تہ اهي ڳالهيون صحيح نہ آهن ڇو تہ چنگيز خان جو عهد سيد جلال بخاريءَ کان اڳ جو آهي ۽ ڪنهن بہ تاريخ ۾ چنگيز خان جي مسلمان ٿيڻ جو سراغ نٿو ملي ۽ چنگيز خان جي نياڻي سان سيد جلال بخاري سان نڪاح واري ڳالهہ پڻ بي بنياد آهي، خطہ پاڪ اُوچ جي صفحي 204 تي چنگيز خان جو مسلمان ٿيڻ ۽ جهانگير نالو رکرائڻ بہ تاريخي اعتبار کان غلطي آهي، البت ڪن تذڪرن ۾ سيد جلال بخاري جن کي باهہ ۾ وجهڻ جو حڪم (ڪنهن بہ حڪمران ڪان؟) صادر ڪرڻ جي روايت ملي ٿي.

**شير شاهہ سيد جلال الدين سرخپوش بخاري رحمة الله عليه جي سنڌ ۾ آمد:**

حضرت سيد جلال الدين بخاري جنهن وقت پنهنجي والد بزرگوار حضرت سيد علي ابوالمؤيد مدني وٽ پڙهندا هئا تہ ان دوران حضرت غوث بهاؤالحق پنهنجي والد بزرگوار حضرت شيخ وجهہ الدين جي وصيت مطابق، خراسان کان بعد حصول تعليم لاءِ بخارا پهتا، ۽ سيد ابوالمؤيد وٽ پڙهي دستار فضيلت حاصل ڪيائون. اهڙي طرح غوث بهاؤالحق ملتانيءَ جا هن سيد گهراڻي سان نهايت گهرا تعلقات ٿي ويا. حضرت سيد ابوالمؤيد مدني بہ هن پنهنجي عزيز شاگرد (غوث پاڪ) ۾ آثار ولايت ڏسي خود پاڻ غوث بهاؤالحق زڪريا ملتانيءَ کان تمام گهڻو متاثر ٿيا. ان گهري ظاهري ۽ باطني تعلق ڪري حضرت غوث پاڪ پنهنجي استاد مڪرم سيد علي ابوالمؤيد مدني جن کي ملتان اچڻ جي دعوت ڏيڻ فرمائي ۽ سيد ابوالمؤيد مدني جن وڏي عمر ۽ ضعيفائي جي ڪري فرمايائون تہ آءٌ هلڻ جي قوت ڪونہ ٿو رکان، باقي سيد جلال الدين بخاري توهان وٽ ايندا. ان قول مطابق، سيد جلال الدين بخاري جن هندستان جو سفر ڪيو، پاڻ بخارا مان ايران جي رستي کان اچي رهيا هئا تہ ڪين قافلي جي هڪ ساٿيءَ اشرفين جي هڪ ٿيلهي بطور امانت سندن حوالي ڪئي، ۽ چيو تہ هندستان پهچي پوءِ توهان کان آءٌ هيءَ ٿيلهي واپس وٺندس. اتفاق سان اها ٿيلهي چورن جي ور چڙهي وئي ۽ جڏهن قافلو، بکر (سکر) پهتو تہ ٿيلهيءَ جي مالڪ سيد جلال بخاريءَ کان امانت طور ڏنل اشرفين جي ٿيلهيءَ جي گهُر ڪئي ۽ لب آب درياهہ مان سيد جلال بخاري هٿ وجهي ٿيلهي ٻاهر ڪڍي مالڪ کي ڏني، ٿيلهيءَ جو مالڪ اها ڪرامت ڏسي، سيد جلال بخاريءَ جو سچو معتقد ۽ مريد ٿي پيو.

"انسان جلالي" جي مصنف سيد صفي الدين نامي لکيو آهي ته سيد جلال الدين بخاري جي سفر هندستان جو سبب، سندن فرزندن: سيد علي ۽ سيد جعفر جيڪي ڪانئن اڳ هندستان آيل هئا، انهن سان ملڻ جو غرض هو. ٽيون سبب "انساب جلالي" ۾ ڏنو ويو آهي ته ان وقت 'بخارا' جي حاڪمن سان سيد جلال بخاري جا تعلقات بگڙجي ويا هئا، انڪري سفر هندستان اختيار ڪيائون. مجمع شاعري "مسڪين نامو" ۾ سيد شير شاهه جلال بخاريءَ جو هندستان ۾ اچڻ جو سال 632هه لکيو آهي. ماستر ويسومل جيوت رام پنهنجي M.A لاءِ لکيل ٿيسز ۾ ڄاڻائي ٿو ته: سلطان شمس الدين التمش جي حملي وقت سنڌ ۾ ناصرالدين قباچه حڪمران هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ "اُچ شريف" هو، هن جي حڪومت 602هه کان 625هه تائين آهي. التمش سنه 633هه ۾ وفات ڪئي، ان وقت اُچ شريف ۽ ملتان سنڌ جي حدن ۾ هئا ۽ سنڌ جي گورنر جي سنڀال هيٺ هئا. انهيءَ وقت سيد جلال الدين بخاري هندستان ۾ آيا ۽ التمش کين چڱي عزت ڏني، هن مان چئني سگهجي ٿو ته پير سيد جلال بخاري 632هه ۾ هندستان آيا هوندا. ويسومل صاحب حاشيي ۾ "تاريخ اُچ" جي صفحي 25 تان نقل ڪري لکي ٿو ته: پير جلال، التمش جي پوٽي علاؤالدين جي ڏينهن ۾ بخارا کان ملتان پهتو ۽ 641هه ۾ اُچ شريف ۾ آيو. ليڪن تاريخ معصوميءَ واري لکيو آهي ته علاؤالدين 695هه ۾ تخت تي وينو هو. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سيد جلال بخاري 632هه ۾ ئي هندستان آيو هوندو. ان وقت سيد جلال بخاريءَ جي عمر 37 سال هئي.

'خطئہ پاڪ اوچ' جي مصنف مسعود حسن شهاب الدين پنهنجي تصنيف ۾ مٿين ڳالهه ويسومل جي جيڪا مختلف تاريخن تان ورتي آهي ته سيد جلال بخاري 632هه ۾ آيو يا التمش سندن وڏي مرحبا ڪئي، ڪي رد ڪندي لکي ٿو ته: سيد جلال سرخپوش بخاري 635هه ۾ پنهنجن ٻن صاحبزادن: سيد علي ۽ سيد جعفر سان گڏ بکر (سکر) پهتا ۽ سندن پهرين گهر واري سيده فاطمه انتقال ڪري چڪي هئي. ليڪن ڪن محققن لکيو آهي ته حضرت شير شاهه جلال الدين سرخپوش بخاري جن سڀ کان پهريان ملتان پهتا جتي حضرت غوث بهاؤالدين ملتانيءَ سان مليا ۽ سندن مهمان ٿي رهيا، ان وقت هڪ ڏينهن گرمين جي موسم ۾ گرميءَ جي شدت جي ڪري حضرت سيد جلال بخاريءَ جن جي زبان مبارڪ مان هيءُ فقرو صادر ٿيو ته:

"آه يخ بخارا در چنيں حرارت از کجا يابم"

يعني: هن گرميءَ ۾ بخارا جي برف ڪٿان ملندي؟ ته ڪشف جي ذريعي سندن ارادو، حضرت غوث بهاؤالحق کي معلوم ٿي ويو ۽ جلدي پاڻ مسجد شريف ۾ آيا ۽ مسجد جي خادم کي مسجد جي ٻهارڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو، خادم نکون وغيره ويڙهي صحن کي ٻُهاري ڏئي صفائي ڪري بس ڪئي ته يڪدم صاف آسمان مان ڪڪر نمودار ٿيو ۽ خوب بارش پئي ۽ ڳڙا پڻ پيا، جڏهن ته مسجد کان ٻاهر نه بارش پئي ۽ نه ڳڙا وسيا. حضرت غوث بهاؤالحق جن حضرت سيد جلال بخاريءَ کي مشڪندي فرمايو ته: "چئو سيد صاحب ڳڙا، ملتان جا بهتر آهن يا برف، بخارا جي بهتر آهي؟" حضرت سيد جلال بخاري جن فرمايو ته: "هن صورت ۾ ڳڙا ملتان جا سؤ سيڪڙو وڌيڪ بهتر آهن، بخارا جي برف کان." (تذڪره اوليائي پاڪ و هند، از: ڊاڪٽر مظهرالحسن)

**حضرت جلال الدين بخاريؒ جي سنڌ ۾ شادي:**

حضرت جلال الدين بخاريؒ جن جڏهن ملتان مان ٿي بکر پهتا ته "تذڪره خاندان مخدوم جهانيان" تحرير رفيعي رسول بخش گچيرائيءَ مطابق، ايران کان هندستان طرف سفر دوران جنهن شخص اشرفين جي ٿيلهي سيد جلال بخاريءَ کي ڏني هئي ۽ پوءِ هندستان (سنڌ) ۾ پهچڻ بعد ڪانئن اها ٿيلهي واپس وٺڻ لاءِ عرض ڪيو هو، اُهي ملتان مان جڏهن سکر پهتا ته ڪانئن ٿيلهي جي گهُر ڪئي ۽ سيد جلال بخاري پنهنجو هٿ درياهه ۾ وجهي اها اشرفين جي ٿيلهي ڪڍي ٿيلهي جي مالڪ کي ڏني هئي، جيڪا سفر دوران چوري ٿي وئي هئي. جڏهن سيد بدرالدين بکريءَ ٻڌو ته کين حضرت جلال الدين بخاريءَ سان ملڻ جو اشتياق

پيدا ٿيو ۽ اچي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ پهرين ملاقات سان ئي سندن قلبي لاڳاپو ٿي ويو، ان ملاقات بعد سيد بدرالدين پنهنجي نياڻي بيبي زهره سيد جلال الدين سرخپوش بخاريءَ کي نڪاح ڪري ڏني، جنهن مان ڪين حضرت سيد محمد غوث ۽ حضرت سيد بهاؤالدين پيدا ٿيا، ڪن جو چوڻ آهي تہ حضرت بيبي زهره مان سيد جلال بخاريءَ کي صرف هڪ فرزند سيد محمد غوثرح پيدا ٿيو، هن لکيو آهي تہ:

ليڪن "ملفوظات مخدوم" ۾ آهي تہ سيد جلال سرخپوش بخاريرح جن کي اُچ شريف ۾ سيد بدرالدين جي ٻنهي نياڻين مان ٽي فرزند پيدا ٿيا ۽ بخارا ۾ ڪين ٻہ فرزند پيدا ٿيا هئا.

"خزينة الاصفيا" جي مصنف پنجن ئي فرزندن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ:

"ایں پنج فرزند چوں پنج بنیاد اسلام

در ولایت و شرافت و خوارق اشتہار داشتند"

هي پنج فرزند جي اسلام جي پنجن بنيادي رڪنن (ارڪان الاسلام) جي طرح هئا، پنج ئي ولايت، شرافت ۽ خوارق ۽ ڪرامات ۾ شهرت رکندا هئا. انهن پنجن مان ٽي فرزند حضرت جلال الدين سرخپوش بخاريءَ کي حضرت سيد بدرالدين بکريرح جي نياڻين مان جيڪي پيدا ٿيا، اُهي هي آهن: (1) حضرت سيد محمد غوثرح، (2) سيد بهاؤالدينرح ۽ (3) سيد احمد ڪبيررح.

"اخبار الاخيار" ۾ حضرت شاهہ عبدالحق محدث دهلويءَ سيد بدرالدين جي نياڻين سان ٿيل نڪاح متعلق لکيو آهي تہ:

"گویند کہ در خواب از جانب رسالت مآب صلی اللہ علیہ وآلہ وسلم مبشر شد تزویج صغیرہ سید بدرالدین (جلال الدین) وسید بدرالدین نیز بہ ایں دولت بشارت یافتہ جگر گوش خود رابہ دے عقد تزویج بست وازاں جابہ جہت حسد ونزاع؟"

يعني: ان نڪاح جي بشارت حضرت مُحمد صلي الله عليه وآله وسلم جي دربار مان ڪين ملي هئي، ۽ خواب ۾ ان بشارت سان بدرالدين کي بہ نوازيو ويو هو، ۽ پوءِ عزيزن ۽ قريبن جي حسد جي ڪري حضرت جلال الدين بخاري بکر کان اُچ شريف روانا ٿيا ۽ اُتي ئي سڪونت اختيار ڪيائون.

**بکر شهر ۽ سيد بدرالدين جي خاندان جي باري ۾ چند ڳالهيون:**

'خطہ پاڪ' جي مصنف لکيو آهي تہ سيد بدرالدين جي جدامجد سيد مُحمد شجاع مڪي کان بکر آيو تہ سندس زبان مان هي الفاظ نڪتا تہ: "جعل الله بکر تي في البقعد المبارڪ يعني: الله بابرڪت مقام تي منهنجو صبوح ڪيو. عربيءَ ۾ 'بکرة' صبح يا پره ڦُٽيءَ کي چئبو آهي، اهڙي طرح ان جاءِ تي 'بکر' نالو پئجي ويو." هڪ ٻي روايت: جڏهن سيد محمد مکي بن شجاع مکي کان بکر پهتو تہ پاڻ هڪ ڳئون ذبح ڪيائون عربيءَ ۾ ڳئون کي "بقرة" چئبو آهي انڪري اُن بقره پويان ان مقام جو نالو 'بقر' پوءِ 'بکر' سڏجڻ ۾ آيو.

حضرت شجاع جن حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جا مريد هئا. حضرت شيخ شهاب الدين ڪين پنهنجي نياڻي نڪاح ۾ ڏني، جنهن مان حضرت سيد محمد مکي پيدا ٿيا. تاريخ ۾ اچي ٿو تہ سيد بدرالدين بکري ۽ اُچ جا بخاري سادات ٻئي نقوي آهن. هنن جو سلسلۂ نسب، امام نقيءَ سان هن طرح ملي ٿو:

سيد جلال الدين بن سيد علي مدني بن سيد احمد بن سيد عبدالله بن علي اصغر بن جعفر (ثاني) بن امام نقي عليه السلام سيد بدرالدين بن سيد محمد مکي بن شجاع بن ابراهيم بن امير قاسم بن ابوالمڪارم بن حمزه بن هارون بن عقيل بن سيد اسماعيل بن علي اصغر بن جعفر (ثاني) بن سيد امام نقي عليه السلام.

(ڪجهہ ليکڪن سيد بدرالدين کي سيد صدرالدين جو فرزند ڄاڻايو آهي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پڻ پنهنجي مقالي "سنڌ جا سهروردي بزرگ" ۾ بدرالدين بن شاهہ صدرالدين لکيو آهي).

ٻنهي خاندانن جو نسب، سيد علي اصغر بن جعفر (ثاني) بن امام نقي سان وڃي ملي ٿو. جيئن مٿي ڄاڻايو ويو آهي تہ حضرت عبدالله بن علي اصغر بن جعفر بن امام نقي

حضرت اسماعيل بن علي اصغر بن جعفر بن امام نقي يعني حضرت سيد جلال الدين بخاري جن حضرت عبدالله بن علي اصغر جي اولاد مان آهن ۽ حضرت بدرالدين بکري جن حضرت اسماعيل بن علي اصغر جي اولاد مان آهن، ۽ اهڙي طرح ٻئي خاندان نقوي آهن، يعني امام نقي عليه السلام جو اولاد آهن.

"آبِ ڪوثر" جي مصنف لکيو آهي تہ: سڀ کان ٻهريان جنهن سهروردي بزرگ اُچ شريف ۾ پنهنجا قدم مبارڪ رکيا، سو حضرت سيد جلال الدين سرخپوش بخاري جن هئا، حضرت صاحب جن 1244ع ۾ بکر کان اُچ شريف ۾ آيا ۽ اچي "محلہ بخاريہ" جو بنياد رکي هميشہ لاءِ سکونت پذير ٿيا. ان زماني ۾ اُچ شريف کي "ديوڳڙهہ" چوندا هئا ۽ هتي هندن جي اڪثريت هئي ۽ هتي حضرت جلال بخاري جي اچڻ سان اسلام کي رونق بخشي وئي. ان وقت جي راجا جيتوٽيڪ حضرت جلال بخاري جن جي سخت مخالفت ڪئي، ليڪن بالآخر ان راجا کي پنهنجي رياست تان هٿ ڌوئڻا پئجي ويا ۽ اُچ شريف، اشاعت اسلام جو هڪ وڏو مرڪز بنجي ويو. حضرت سرخپوش بخاري اُچ شريف ۾ "خانقاهہ بخاريہ" جو بنياد رکيو. ان خانقاهہ ۾ علمي ۽ روحاني استفاده ڪئين ماڻهو حاصل ڪندا رهيا ۽ ان ديو ڳڙهہ تي "اُچ شريف" جو نالو پئجي ويو ۽ اچ بہ "اُچ جهانيان بخاريہ" جي نالي سان ان کي ياد ڪيو وڃي ٿو.

"خطۂ پاڪ اُوچ" جي مصنف لکيو آهي تہ: سيد جلال الدين بخاري ۽ سيد بدرالدين بکري گڏجي اُچ شريف اچي رهيا هئا تہ "مئو" (مئو هڪ قديم ڳوٺ آهي، ان جو ذڪر راءِ جي خاندان دور حڪومت ۾ ملي ٿو). هن ڳوٺ ۾ سندن ملاقات سلطان محمد تغلق سان ٿي جو ٺٽي جي مهر تي وڃي رهيو هو، سلطان محمد تغلق جن حضرت غوث بهاؤالحق زڪريا ملتاني جن کان حضرت سيد جلال الدين سرخپوش بخاري جن جي اوصاف و ڪمالات جو ذڪر اڳ ئي ٻڌي چڪو هو، انڪري سلطان محمد تغلق حضرت جلال سرخپوش بخاري جن کي ڏهہ ڳوٺ بطور نظر جاگير عطا ڪيا هئا.

حضرت جلال الدين سرخپوش بخاري رحمة الله عليه جن جڏهن "مئو" کان اُچ شريف جي قريب پهتا تہ حضرت شيخ جمال الدين خندان رو سندن آجيان لاءِ اڳتي وڌي آيا ۽ کين اُچ شريف ۾ وٺي آيا. ان وقت اُچ شريف ۾ هڪ شخص جي گهر ۾ ڪو نانگ يا بلا يا ڪا آفت هئي. حضرت جلال الدين بخاري کي اُتي رهايو ويو، تہ سندن قيام جي برڪت سان اها آفت، بلا يا نانگ الله تعاليٰ جي مهرباني سان ختم ٿي ويو. هيءَ ڪرامت ڏسي سارو شهر سندن معتقد ٿي ويو.

حضرت جمال الدين خندان رو جيڪو حضرت جلال الدين بخاري کي اُچ شريف ۾ وٺي آيا سو بہ هڪ عظيم بزرگ، نهايت اصحاب ڪمال ۽ ارباب علم و فضل مان هئا. "مراة المناب" ۾ آهي تہ حضرت زڪريا ملتاني رحمة الله عليه جن جڏهن اُچ شريف ۾ آيا تہ سندن نظر جڏهن هڪ نوجوان جي پيشانيءَ تي پئي تہ ان ۾ کين آثار سعادت جي پرپور جهلڪ نظر آئي ۽ ان جي حق ۾ دعا فرمايائون. حضرت غوث بهاؤالدين زڪريا ملتاني رحمة الله عليه جن پنهنجي عمر جي آخري حصي ۾ يا پنهنجي انتقال کان ڪجهہ اڳ پنهنجي صاحبزادي حضرت شيخ صدرالدين عارف کي فرمايائون تہ:

> "اي صدرالدين پٽ جڏهن تو وٽ جمال الدين خندان رو پهچي تہ ان کي وڏي عزت ۽ احترام سان هڪ حُجري ۾ ٽن ڏينهن تائين تلاوت قرآن ۾ مشغول رکجانءِ تہ جيئن ان جو عشق ۽ مستي ڪنهن حد تائين سُڪون ۾ اچي تہ جيئن هو شعور سان آداب صحبت بجا آڻڻ جي قابل ٿي سگهي. ان کان پوءِ کين (يعني حضرت جمال الدين خندان رو کي) حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جن جي "خرقہ مبارڪ" کان سواءِ جو ڪجهہ تو وٽ هجي، ان جو نصف (اڌ) ان جي سپرد ڪري ڇڏجانءِ."

جڏهن حضرت جمال الدين خندان رو، حضرت غوث بهاؤالدين زڪريا ملتاني رحمة الله عليه جن جي وفات بعد، حضرت شيخ صدرالدين عارف جي خدمت ۾ حاضر ٿيو تہ حضرت شيخ صدرالدين عارف هن نامور

عالم کي پنهنجي والد بزرگوار جي ڪيل وصيت مطابق ڪين حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جو "خرقه خلافت" سان گڏوگڏ تمام تبرڪات مان به حصي مطابق (يعني اڌو اڌ) عطا ڪيائون.

حضرت جمال الدين خندان رو، رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مشهور اصحابي حضرت ابوهريره رضي الله عنه جن جي اولاد مان هو. سندن جدامجد اُچ شريف ۾ آيو جو سيد احمد ڪبير رفاعي جو مريد ۽ خليفو هو. سندن وصال پٽڻ (نهر والہ) گجرات ۾ ٿيو.

حضرت جلال الدين بخاري جن اُچ ۾ اچڻ کان اڳ، اُچ شريف ۾ به خانقاهون مشهور هيون، انهن مان هڪ گازرونيہ جي هئي ۽ ٻي حضرت جمال الدين خندان رو جن جي خانقاه "خانقاه جماليہ". جڏهن ته "خانقاه گازرونيہ" ۽ حضرت سيد صفي الدين گازروني جي هئي، هڪ عام روايت مطابق سيد صفي الدين گازروني چوٿين صدي هجريءَ ۾ اُچ شريف جي مقام وٽ آيو هو.

"آبِ ڪوثر" جي مصنف- "اخبار الاخيار" جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته: 'اخبار الاخيار' ۾ شيخ عبدالحق محدث دهلوي لکي ٿو ته اُچ شريف جو بنياد، شيخ صفي الدين گازرونيءَ رکيو هو. (گازروني 962ع ۾ تولد ٿيا ۽ 1007 ع ۾ وفات ڪيائون).

**حضرت شير شاهہ جلال الدين بخاري جو اولاد:**

هن کان اڳ مٿي اچي چڪو آهي ته شير شاهہ جلال بخاريءَ کي پنج فرزند هئا، اهي هئا:

(1) سيد علي، (2) سيد جعفر، (3) سيد محمد غوث، (4) سيد بهاؤالدين ۽ (5) سيد احمد ڪبير.

ڪن تاريخن ۾ اچي ٿو ته شير شاهہ جلال بخاري جا ٻه فرزند: سيد علي ۽ سيد جعفر پنهنجي والد سان گڏ هندستان آيا هئا، ليڪن پوءِ واپس 'بخارا' هليا ويا. ليڪن نواب صديق حسن خان "الفرع النامي" جي صفحي 40هين تي لکيو آهي ته شير شاهہ جلال بخاري جو وڏو فرزند سيد علي پنهنجي والد بزرگوار سان سنڌ ۾ ئي رهيو هو.

ڪن تاريخن ۾ لکيل آهي ته قلندر شهباز جي طلب تي شير شاهہ جلال بخاري پنهنجو فرزند سيد علي سرمست سنڌس حوالي ڪيو هو، جنهن جي پرورش ۽ تربيت قلندر شهباز ئي ڪئي هئي ۽ قلندر شهباز جن سيد علي سرمست کي ڪيڏانهن به ويندا هئا ته پاڻ سان گڏ وٺي ويندا هئا.

"سوانح حيات قلندر شهباز" جو مصنف صفحي 73 تي لکي ٿو ته:

> "سيد شبير شاهہ جلال، قلندر شهباز کي پنهنجو فرزند سيد علي سرمست قلندر شهباز جي طلب تي ئي ڪيس ڏنو هو، جنهن جي پالنا، تعليم ۽ تربيت، قلندر شهباز پاڻ ئي ڪئي هئي ۽ هميشہ ڪيس پاڻ سان گڏ ڪٽندا هئا ۽ پنهنجي جاءِ نشيني به سيد عليءَ کي ڏنائين، ڪيس پنهنجي تدفين جي جاءِ به ڏسيائين ۽ ان بعد ياد الٰهيءَ ۾ مراقبو ڪري ويٺا ته ڪجهہ دير بعد ڏنائون ته قلندر شهباز جن وصال ڪري ويا. قلندر شهباز سيد علي سرمست کي طالب ڪرڻ جي به اجازت ڏني هئي ۽ سندن آخري عمر ۾ ئي اڪثر ڪري سيد علي سرمست جن ئي فيض حيدري ونڊيندا هئا."

جيئن هڪ انگريزي ڪتاب جيڪو شهنشاهہ قلندر ئي لکيل آهي، جنهن جا شروعاتي ڪافي صفحا ضايع ٿي ويل آهن (شايد سيد ڏنل شاهہ جو لکيل آهي)، ان جي صفحي 131 تي لکيل آهي ته:

> The first and foremost important associate of our shahanshah who merits our special reference is sayed Ali sarmast as already observed. He was not only known as his vazir (وزير) during his life time but became his spiritual successor or "Sajjadah-Nashin" or "Masnad-e-Nasheen"

قوي انديشو آهي ته مٿين لکت مطابق، سيد علي سرمست اهوئي آهي جيڪو شير شاهہ جلال بخاريؒ، قلندر شهبازؒ کي ڏنو هو، جنهن جي تصديق مٿين بيان مان ٿئي ٿي. جيڪو "الفرع النامي" جي

مصنف مطابق سيد علي واپس بخارا نہ ويو هو، بلڪ پنهنجي والد بزرگوار شير شاهہ سان گڏ سنڌ ۾ ئي رهيو هو. هڪ ڀيري سيد مقصود علي شاهہ جهانيان سجاده نشين درگاهہ مخدوم حسن جهانيان شاهپور جن پڻ فرمايو هو تہ: قلندر جا وارث اسين ئي آهيون.

**سيد احمد ڪبير بن سيد جلال الدين بخاري:**

سيد احمد ڪبير بن حضرت شير شاهہ سيد جلال الدين سرخپوش بخاري جن ڇمندي ڇام هئا. جڏهن سندن ولادت ٿي تہ پنهنجي ماءُ جي ٿڃ نہ پيتائون، ان تي سندن ماءُ حضرت سيد جلال الدين سرخپوش بخاري جن کي عرض ڪيو تہ: سرتاج! ٻار شير مادر نوش نہ ٿو ڪري، تہ سيد جلال بخاري فرمايو تہ: ان ٻار کي مون ڏي ڪٺي اچو. پوءِ دائي ٻار کي سندن آڏو ڪٺي آئي تہ حضرت صاحب جن ان کي بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهي ڪنيو ۽ پنهنجي زبان مبارڪ سندن منهن (وات) ۾ ڏني تہ ٻار زبان کي ڏائڻ ۽ چوسڻ لڳو. ان بعد هن ننڍڙي احمد ڪبير پنهنجي والده ماجده جي ٿڃ ورتي ۽ ڪير پيتو. مٿان جڏهن ماه رمضان المبارڪ آيو تہ ٻاڻ ڏينهن جو ماءُ جي ٿڃ پيئڻ ڇڏي ڏني، جڏهن پاڻ سمجهہ لائق ٿيا تہ پنهنجي والد بزرگوار وٽ تعليم وٺڻ شروع ڪيائون ۽ نهايت ڪمال جي ڳالهہ آهي جو ستن، اٺن سالن جي عُمر مبارڪ ۾ نہ صرف ظاهري علمن ۾ عبور حاصل ڪيائون، بلڪ باطني علوم جي پڻ تڪميل ڪيائون. پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جن وٽ ئي دستِ بيعت ٿيا ۽ سندن مريد ۽ خليفہ اعظم بڻيا. ان ڪان سواءِ خانواده (حسينيہ بخاريہ) ۾ پنهنجي والد ماجد قدس سره کان ۽ خانواده سهروردیہ ۾ بہ پنهنجي والد صاحب سميت حضرت شيخ صدرالدين عارف ملتانيءَ کان خلافت ۽ اجازت حاصل ڪئي. سندن فرزند مخدوم جهانيان فرمائين ٿا تہ منهنجا والد صاحب (احمد ڪبير) خوف الٰهي جي سبب بستري تي ڪين سمهندا هئا تہ متان غفلت جي ننڊ اچي وڃي. سرديءَ جي موسم هجي يا گرميءَ جي هجي، صرف هڪ چادر ويڙهيندا هئا. قرآن پاڪ جا روزانو بہ ختما شريف پڙهندا هئا، هڪ ڏينهن جو ۽ ٻيو رات جو.

جڏهن نماز پڙهندا هئا يا قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندا هئا تہ مٿن رقت طاري ٿي ويندي هئي ۽ اهڙي طرح روئندا هئا جو محسوس ٿيندو هو تہ سندن سيني مبارڪ مان نعرا بلند ٿي رهيا آهن، قرآن مجيد سان وڏو شغف رکندا هئا. هميشہ عشق الٰهي ۾ سرشار رهندا هئا، جڏهن مصلي تي نماز لاءِ ويهندا هئا تہ زارو قطار روئندا رهندا هئا.

حضرت صدرالدين عارف جا خليفا ۽ سلسلهٔ سهروردیہ جي نامور بزرگ شيخ جمال خندان رو اوچي، حضرت احمد ڪبير جي حفاظت ۽ رعائيت فرمائيندا هئا تہ هڪ موقعي تي شيخ جمال خندان رو فرمايو تہ جڏهن مون کي حضرت جلال بخاري فرمايو هو تہ منهنجو فرزند احمد ڪبير وڏو باشوق ۽ عشق الٰهي ۾ سرشار ٿيندو ۽ تون ان جي حفاظت ڪجانءِ ۽ لهٰذا مان گهڻو خيال رکندو هوس، ابتدا ۾ احمد ڪبير حضرت جمال خندان رو جو ڪجهہ وڌيڪ خيال نہ رکندو هو، هڪ ڀيري حضرت رڪن الدين ابوالفتح جن حضرت مخدوم جي ذريعي پيغام موڪليو تہ احمد ڪبير جلدي حضرت جمال خندان رو جي خدمت ۾ پهتو ۽ قدم بوسي ڪئي ۽ وري ڪڏهن بہ آئنده اعتنائي جو اظهار نہ ڪيو.

ان زماني ۾ اُچ شريف ۾ ٽي خانقاهون هيون: (1) خانقاه شيخ جمال خندان رو، (2) گازروني جي خانقاه، (3) احمد ڪبير سهروردي جي خانقاه. حضرت احمد ڪبير جي خانقاه ۾ پري، ويجهي جا ڪيئي مهمان، مسافر، مشائخ ۽ سياح اچي مقيم ٿيندا هئا. حضرت احمد ڪبير جو اُچ شريف ۾ انتقال ٿيو. حضرت مخدوم جهانيان انتقال جي ڪيفيت جي متعلق فرمائي ٿو تہ:

> ”جنهن رات منهنجي والد ماجد جو انتقال ٿيو، مان ان رات موجود هئس، ان رات هو عشاء جي نماز وقت مستحب ۾ نہ پڙهي سگهيو، جڏهن آڌي رات ٿي تہ پاڻ مون کي گهرايائون،

وضوع ڪيائون، نماز عشاء ادا ڪيائون ۽ قبلي جي طرف منهن ڪري سُتا تہ سندن روح پرواز ڪري ويو.“

حضرت سيد احمد ڪبير جي طبعيت جي اڪثر جذبہ ۽ مستي جو غلبو طاري رهندو هو ۽ جيڪڏهن حضرت جمال خندان رو سندن نگهباني نہ فرمائين ها تہ پاڻ (احمد ڪبير) مجذوب ٿي وڃن ها.

حضرت احمد ڪبير جا ڪيترائي مريد هئا، سندن خليفن ۾ شيخ جلال مجرد سلهٽي خاص طور تي مشهور هو، جنهن بنگال ۽ سلهٽ ۾ اسلام جي شمع روشن ڪئي، هيءُ ڳالهہ بہ مشهور آهي تہ شيخ جلال مجرد سهلٽي، حضرت احمد ڪبير جو پاٽيجو هو ۽ حضرت مخدوم جهانيان بہ سندن وڏا خليفا هئا.

حضرت سيد احمد ڪبير کي بہ فرزند هئا: (1) سيد صدرالدين راجو قتال، هن جو اولاد ضلعي بهاولپور ۽ سرهند ۾ آهي، (2) حضرت مخدوم جلال الدين جهانيہ جهان گشت رحمة الله عليه.

**هندستان جا مشهور چار يار:**

حضرت سيد جلال سرخپوش بخاري جن جي زماني ۾ بيا بہ ٽي عظيم همعصر بزرگ، هندستان ۾ رهندا هئا، جن ۾: (1) شيخ بهاؤالحق ملتاني رحمة الله عليه جيڪو 578ھ/1182ع ۾ ڄائو هو، ۽ 7 صفر سنہ 666ھ ۾ 88 ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين، جڏهن تہ ’سفينة الاولياء‘ سنہ ولادت 565ھ لکيل آهي، (2) شيخ فريدالدين شڪر گنج پاڪ پٽڻ وارو، هن جي ولادت 584ھ ۾ ٿي (سير الاولياء 569ھ ڏيکاريل آهي)، سندس وفات 677ھ ۾ 93 سالن جي عمر ۾ ٿي (سفينة الاولياء ۾ 5 محرم سنہ 664ھ ڏيکاريل آهي)، (3) سيد عثمان مروندي قلندر شهباز بن سيد احمد ڪبير جو سنہ 662ھ ۾ مروند کان محمد غياث الدين بادشاھ جي عرض ڪرڻ تي ملتان ۾ آيو هو، قلندر شهباز 21- شعبان سنہ 673ھ ۾ سيوهڻ ۾ وفات ڪئي. هي چارئي يار گڏجي سفر ڪندا هئا.

متي ذڪر ڪيل انگريزي ڪتاب مطابق قلندر جا همعصر دوست:

The detail account and names of his contemporaries:
Among his close companions and associates the name of Sayed Ali sarmast is first.
He is popular known as his vazir.
The other famous spiritual leaders who joined his company were:

1. Ghous Baha-ul-Haque Zakria Multani.
2. Khuwaja Farid-u-ddin Ganj-e-Shakr of Pak Patan.
3. Sayed Jalal-u-ddin Bukhari of uch .

They were all known as four friends of Hind-us-tan.

**يڪ ٿنڀي۔ چو ٿنڀي:**

’سوانح حيات قلندر‘ جي صفحي 83 کان 85 تي آهي تہ: يڪٿنڀي هڪ غار آهي، جنهن ۾ شهنشاھ قلندر عبادت ڪندو هو ۽ چلا ڪڍندو هو، جا سيوهڻ شهر جي ڏکڻ پاسي اسٽيشن کان ٿوري مفاصلي تي موجود آهي. ان کي يڪ ٿنڀي يا چو ٿنڀي ۽ قلندر جو تخت بہ چوندا آهن، اتي هي چار يار، (زڪريا ملتاني، جلال بخاري، قلندر شهباز ۽ فريد شڪر گنج) ڪچهريون ڪندا هئا، ان غار ۾ وچ تي هڪ ٿنڀو بيٺل آهي، ان جي اندر هڪ چوقبلي روءِ محراب جي صورت ۾ آهي، جتي چون ٿا تہ قلندر شهباز عبادت ڪندا هئا، ساڄي ديوار ۾ بہ اونها بيا بہ غار بہ آهن، جن مان چون ٿا تہ قلندر شهباز ۽ بيا مطلب چارئي يار مديني شريف ۽ ڪربلا معلىٰ ايندا ويندا هئا. ان جبل جي مٿان اناس ۾ هڪ ٿلهو آهي، جنهن کي تخت قلندر سڏين ٿا. انهيءَ تخت جي چئن ڪُنڊن تي چار ننڍا منارا آهن، انڪري ان آستاني کي چوٿنڀي بہ چوندا آهن، هتي حضرت علي ڪرم الله وجه جي دلدل جا قدم مبارڪ پڻ اڀريا وڃن ٿا.

’تحفة الڪرام‘ ۾ لکيل آهي تہ: هڪٿنڀي هڪ جاءِ آهي جا جبل ۾ هڪ وڏو صفحو هڪ ٿنڀ تي بيٺل آهي. ماڻهن جي عقيدي مطابق هڪ قدرتي ٺهيل آهي، هتي ماڻهو سير سفر ۽ صفائيءَ تي ايندا آهن، ان

جي چت تي چڙهي ماڻهو نظارو ڏسندا آهن، چون ٿا تہ مٿين چئن يارن اتي ويهي مڪاشفا ڪيا، هي هڪ ناليرو مقام ۽ سگهورو مڪان آهي.

مٿي ذڪر ڪيل انگريزي ڪتاب جي مصنف لکيو آهي تہ:

Chauthanbhi: (Four pillars) This is an abode to the south west of sehwan, where the shahanshah is said to have line in and prayed for a conservable time. It is a small cave on a small hillock. The prayer carpet on the hard stone on which the sain prayed is still maintained. It is known in popu parlance as (تخت قلندر شهباز), i. e the Throne of Qalandar. It is further related that, Sayed Shah Jalal (Bukhari) and Baba Farid-u-ddin used to visit their leader in this cave. There is one stone pillar in the centre of the cave and hence the name "Yak Thanbhi". The throne is a smart plat from over the cave with pillers on the four corners and a flag just above the cave (Page 2).

صفحي 173 تي مصنف لکي ٿو تہ:

Yak Thanbhi: on a small hillock to the south-west near the railway station of sehwan is the cave in which the Qalanadar offered prayers and prayed often. Above it can be seen four small pillars. It was a meeting place and platform for exchange of spiritual views and ideas by the four companions viz: 1. Qalandar Lal Shahbaz, 2. Baha-u-ddin Zakria Multani, 3. Farid-u-ddin Shakar Ganj, and 4. Sayed Shah Jalal Bukhari.

It is obvious that shaikh Farid-u-ddin whose holy remains are buried "Pak-Patan" in Panjab has clearly refered to his visit to sehwan in his famouse book "Rahatul-Qulub" (راحت القلوب)

حضرت جلال الدين سرخپوش بخاري 19- جمادي الاوّل 690هـ/1291ع تي وفات ڪري ويا، سندن سنہ وفات "مخدوم" مان حاصل ٿئي ٿو، ڪين موجوده اُچ شريف کان 6 ڪوس پري چناب رسول پور ۾ دفن ڪيو ويو. پر سيلاب جي ڪري سندن خاڪ مبارڪ کي سيونگ ٻيلا ۾ دفن ڪيو ويو، ليڪن اُتي بہ سيلاب تنگ ڪيو ۽ اُتان بہ سندن خاڪ مبارڪ کي صدرالدين راجو قتال جي مزار سان گڏ دفن ڪيو ويو، هي سنہ 837هـ/1424ع هو. ان کان پوءِ 1026هـ/1617ع ڌاري سندن جسد مبارڪ کي چوٿون ڀيرو موجوده جاءِ تي دفن ڪيو ويو.

موجوده مقبرو سنہ 1261هـ/1845ع ۾ نواب بهاول خان (ثالث) نهايت پائدار نموني ٺهرايو ۽ 1300هـ ۾ نواب صادق محمد خان (رابع) ان جي تمام سُٺي مرمت ڪرائي. مقبري جي دروازي تي هيءَ رباعي لکيل آهي:

يا رب برسالت رسول الثقلين

يا رب بغزا کنندہ بدرو حنين

عصيان مراد و حصہ کن در عرصات

نے بہ حسن بخش و نے حسين۔

پروفيسر محمد اسماعيل ”منصور“

# محبتن جو شاعر
# عطا محمد ”حامي“

پروفيسر ڊاڪٽر عطا محمد ”حامي“ جي ڪلام جو اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ حامي صاحب ۽ شاعريءَ جو پاڻ ۾ چوليءَ دامن وارو تعلق آهي. حامي صاحب سنڌ جو ڪهنہ مشق شاعر هو ۽ سندن نالو ’جمعيت الشعراء سنڌ‘ جي صف اول جي شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. سنڌ توڙي خيرپورميرس جي تعليم ۽ علم و ادب جي سلسلي ۾ ڪيل سندن خدمتون وساري نہ ٿيون سگهجن.

عطا محمد ”حامي“ صاحب، قائم الدين ولد بهادر خان سوهو جي گهر ۾ ڳوٺ سوهو قناصره تعلقي ڪوٽڏيجي، ضلعي خيرپورميرس ۾ ڄائو. سندن ڳوٺ ۾ ڪوبہ پرائمري اسڪول نہ هو. انهيءَ ڪري حامي صاحب پنهنجيۦ ڳوٺ جي سربند پير بخش ۽ ڳوٺ جي ڊڪ منشيءَ وٽ پڙهڻ شروع ڪيو. جڏهن سندن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول کليو تڏهن اُتي داخلا وٺي پنهنجي تعليم جو سلسلو باقاعده شروع ڪيو. سندن پهريون استاد شفيع محمد پناڻ هو، جنهن وٽ هن پنهنجي پرائمري تعليم وارو مرحلو خير خوبيءَ سان پڙهي پورو ڪيو.

”حامي جو ڪلام“ ڪتاب جي مهاڳ ۾ محمد علي حداد لکي ٿو تہ:

”پنهنجي پرائمري تعليم کان پوءِ خيرپورميرس جي تاريخي درسگاهہ ناز هاءِ اسڪول ۾ داخلا حاصل ڪيائين، جتان سال 1941ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين(1).“

حداد صاحب اڳتي لکي ٿو تہ:

”اسڪول ۾ حامي صاحب پنهنجي چوڻ موجب پڙهڻ ۾ جڏو شاگرد هو. پڙهڻ بجاءِ شعر لکندو هو. شعر ۽ عشق کان سواءِ ٻيو ڪم ڪونہ هوندو هوس(2).“



حداد صاحب اڃا وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ:

”حامي صاحب جو شعر ۽ عشق وارو مشغلو اسڪولي زندگيءَ بعد بہ جاري رهيو. جڏهن سنڌ مسلم ڪاليج ۾ پڙهندو هو تڏهن بہ پنهنجي انهيءَ عادت جو اعلان هن ريت ڪيائين:

گر. پڙهان ٿو سنڌ مسلم مدرسه ڪاليج ۾،
عشق جي اسڪول ۾ ٻيي ڄاڻجو داخل مون ڪي(3).“

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ حامي صاحب شعر ۽ عشق جي معاملي ۾ ڇمندي ڄام هو. هن ڪي ننڍپڻ کان شعر ۽ عشق واري لنؤن لڳل هئي. ”مون مارن سين لڏيون لوئيءَ ۾ لاٿون.“ (شاهہؒ) جي مصداق حامي صاحب ٻالجتيءَ کان ئي شعر ۽ عشق سان لاٿون لهي ڇڏيون هيون. شعر ۽ عشق، هن جي رڳ رڳ ۾ سمايل هو.

حامي صاحب جي ڪمسني واري شاعرانہ موزون طبع، انهي حقيقت جو ثبوت آهي تہ جيڪا چٽنگ ننڍپڻ ۾ هن جي فطرتي طور شعر ۽ عشق لاءِ موزون وقت تي شعلو ٻڻجي ڀڙڪي ۽ حامي صاحب انهيءَ عطيہ الاهي ۽ خداداد ذات ڪي شعر جو رنگين لباس پهرائي عوام الناس ڪي پيش ڪيو.

شمس العلماء خواجہ الطاف حسين "حالي" پنهنجي مقدمہ 'شعر و شاعري' ۾ فرمائي ٿو تہ:

(ترجمو): "اها ڳالهہ تسليم ڪئي وئي آهي تہ شاعري اڪتساب سان حاصل نہ ٿي ٿئي، بلڪ جنهن ۾ شاعري جو مادو هوندو آهي، اهوئي شاعر ٿيندو آهي. شاعري جي سڀ کان پهرين علامت طبع جي موزوني سمجهي وڃي ٿي. گهڻو ڪري ڏٺو ويو آهي تہ جيڪي اشعار بعض فاضلن کان موزون نہ ٿا پڙهيا وڃن، اهي بعض اڻ پڙهيل ۽ ڪمسن ٻار، بنا تڪلف موزون پڙهي وڃن ٿا. انهيءَ مان ظاهر ٿيو تہ شاعري ڪا اڪتسابي شيءِ نہ آهي، بلڪ بعض طبعيتن ۾ ان جي استعداد خداداد هوندي آهي، پوءِ جيڪو شخص انهيءَ الاهي عطيہ کي فطرت جي تقاضا موجب موافق ڪم ۾ استعمال ڪندو تہ اهو ممڪن ئي نہ آهي جو ان منجهان سماج کي ڪجهہ نفعو نہ ٿئي(4)."

هن حوالي جي روشنيءَ ۾ اسان غور ڪنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ حامي صاحب جي شاعري ڪنهن اڪتساب يعني محنت يا پورهئي جو نتيجو نہ آهي بلڪ شاعري وارو مادو حامي صاحب جي طبعيت ۾ ڄائي ڄم کان سمايل هو، ويتر جو هن کي قدرت وٽان هڪ موزون طبع عنايت ٿي، تنهن سندس شاعريءَ ۾ سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. شاعري ۽ عشق حامي صاحب جون خداداد صلاحيتون آهن، جن کي هن فرض شناس انسان فطرت جي عين تقاضا موجب، موافق ڪم ۾ استعمال ڪيو. سندس شاعري ۽ عشق، اسان جي سنڌي سماج لاءِ بهره مند ثابت ٿيا. انهن منجهان سنڌي سماج کي جيڪو لاڀ حاصل ٿيو آهي، سو ظاهر ظهور اسان جي اکين اڳيان موجود آهي. چوندا آهن تہ "زبان خلق نغاره خدا." اڄ ڪلهہ ادبي حلقن توڙي عوام الناس ۾ حامي صاحب جو نالو انهيءَ پيار ۽ پاٻوهہ، عزت ۽ احترام، سان ورتو پيو وڃي جنهن محبت، مروت، فراخدلي، نيڪ نيتي، حسن اخلاق، هردلعزيزي، خير خواهي ۽ انسانيت جي اعليٰ قدرن جو پرچار هن پنهنجي زندگي جو مشن بڻائي، انسانذات جي فلاح و بهبود واسطي سر عام ڪيو.

عطا محمد حامي صاحب جي شاعري جي مجموعي "حامي جو ڪلام" تي نظر ڪجي ٿي تہ شروعات ۾ حمد باري تعاليٰ جي عنوان سان هڪ شاهڪار حمديہ غزل ملي ٿو، جنهن ۾ حامي صاحب پنهنجي دل جي حضور سان الله تبارڪ و تعاليٰ جي وحدانيت جو اعتراف ڪندي فرمائي ٿو تہ:

عالم امڪان ۾ ممڪن نہ جنهن جو ڪو مثال،
آهہ سو بيمثل بيچون ڪبريا منهنجو خدا(5).

انسان جڏهن صدق دل سان پنهنجي خلقڻهار ۽ پالڻهار جي هيڪڙائي جو اقرار ڪري ٿو، تہ جڻ عالم ارواح واري ميثاق جي تجديد ڪري ٿو جو جڏهن عالم ارواح ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ سڀني روحن کان پڇيو هو تہ "الست بربڪم" تڏهن سڀني روحن عهد ڪيو هو تہ "قالو بليٰ". حامي صاحب بليٰ واري قول تي قائم ۽ پنهنجي وفاداري واري وعدي تي ثابت قدم آهي. اهو انسان جي زندگيءَ جو معراج آهي جو پنهنجي ڪيل قول کي پاڙي ٿو ۽ اعتراف ڪري ٿو تہ:

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
قالو بليٰ قلب سين، تڏهہ تت چيوم.
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙيچن سين(6).
(شاهہ رح)

حامي صاحب جي ڪلام ۾ حمديہ غزل کان پوءِ حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي شان اقدس ۾ "مولود مسعود" جي عنوان سان هڪ شاهڪار نعت، شاعريءَ جي مسدس واري صنف ۾ ملي ٿي. هي طويل مسدس ٻنهي جهانن جي سردار احمدِ مجتبيٰ مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ولادت باسعادت تي چيل آهي. هن نعت جي مطالعي کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ هيءَ نعت، حامي صاحب وڏي شوق ۽ ذوق، عزت، احترام ۽ والهانہ عقيدت سان چئي آهي ۽ ثابت ٿو ٿئي تہ حامي صاحب جي دل عشق رسول صلي الله عليه وآله وسلم جن سان سرشار آهي ۽ پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وآله وسلم جن جي محبت حامي صاحب جو ايمان آهي. مذڪوره مسدس جي هڪ بند ۾ حامي

صاحب عوام الناس کي دل کولي مبارکون ٿو ڏي ته اڄ هن دنيا ۾ حضرت سيد الانبياء احمدِ مجتبيٰ مُحمّد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي آمد آهي جيکي هن دنيا ۾ ڪرم ۽ فضل جا سرچشما، سخا جا ڪڪر ۽ عطا جا بحر بڻجي تشريف فرما ٿا ٿين. مبارڪون ڏي ٿو ته اڄ انهيءَ سردار ثقلين جي آمد آهي. جنهن تي انسانذات جي هدايت واسطي پنهي جهانن جو وسيلو، قرآن ڪريم نازل ٿيو. جنهن مان جهان ۾ تشريف فرما ٿي، ظلم ۽ جبر جون پاڙون پٽيون ۽ دکايل انسانيت کي ظالمن، جابرن ۽ غاصبن جي غلامي جون زنجيرون ٽوڙي، آزادي ۽ خوشحالي واري زندگي عطا فرمائي، مبارڪون ڏين ٿا ته اڄ هن دنيا ۾ انهيءَ عظيم هستي جي آمد آهي جنهن جا حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام ۽ حضرت اسماعيل ذبيح الله عليه السلام جد امجد آهن، فرمائين ٿا ته:

مبارڪ، صاحبِ اڪرام جي، دنيا تي آمد ٿي،
مبارڪ، حاملِ الهام جي دنيا تي آمد ٿي،
مبارڪ، دافع آلام جي، دنيا تي آمد ٿي،
مبارڪ، باعثِ آرام جي، دنيا تي آمد ٿي،
مبارڪ ٿيو خليلِ الله جو نورِ نظر پيدا.
مبارڪ، ٿيو ذبيح الله جو لختِ جگر پيدا(7).

حامي صاحب پنهنجي ٻي نعت رسول الله صلي الله عليه وسلم ۾ معراج واري ارڙهن(18) سالن جي رات تي محيط عظيم واقعي کي ڏاڍي هوشياري، چابڪ دستي ۽ ڪمال شاعرانہ فن سان صرف ٻن مصرعن ۾ بيان ڪن ٿا. فرمائين ٿا ته نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ذات با برڪات زمان ۽ مڪان جي پابنديءَ کان مستثنيٰ آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي محبوب صلي الله عليه وآله وسلم جن جي ڪونين جي سير خاطر ارڙهن سالن جي طويل عرصي کي هڪ رات ۾ سمائڻ لاءِ پوري ڪائنات مان روح ڪڍي زمان ۽ مڪان جون پابنديون ختم ڪري پنهنجي حبيب صلي الله عليه وآله وسلم لاءِ ڪونين جي سير جون راهون هموار ڪيون. حامي صاحب ڪيڏي خوبصورتيءَ سان هن عظيم واقعي جو نقشو صرف ٻن مصرعن ۾ چٽي ٿو، فرمائين ٿا ته:

سير ارڙهن سال عرشن جو گهڙيءَ ۾ تو ڪيو،
توکي پابندي زميني ۽ مڪاني ڪين آ(8).

حامي صاحب اڳيان اڳتي هڪ ٻي نعت ۾ حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي شانِ اقدس جو ذڪر ڪندي فرمائين ٿا ته:

”الله تبارڪ و تعاليٰ پنهنجي عبد کي ڪيڏي نہ عظمت ۽ رتبو عطا فرمائي ٿو جو قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو ته: (ترجمو) ’بيشڪ الله تعاليٰ ۽ ان جا ملائڪ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جي مٿان درود پڙهندا رهن ٿا. اي ايمان وارؤ! اوهان بہ مٿن درود ۽ سلام پڙهو‘(9).“

هونئن ته الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ پنهنجي ٻانهن کي حڪم ڏئي ٿو ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد پڻ ڪري ٿو. انهن حڪمن ۾ اهڙو ڪوبہ حڪم ڪونهي جنهن تي الله تبارڪ و تعاليٰ پاڻ بہ عمل ڪندو هجي، پر پنهنجي حبيب صلي الله عليه وآله وسلم مٿان درود شريف پڙهڻ واري حڪم ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ پاڻ ۽ سندس ملائڪ ۽ انسان سڀ شريڪ آهن. حامي صاحب انهي نازڪ خياليءَ جو بيان هن طرح ڪري ٿو ته:

عبد اهڙو جنهن معبود صلواتون پڙهي،
ڪيئن چوان سو پاڻ جهڙو جنهن جو اينو شان آ(10).

حامي صاحب، حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي شانِ اقدس ۾ ”موليٰ جي ولادت جي رات“ جي عنوان سان لکيل منقبت ۾ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جن جي امامت جي تاج بابت خم غدير واري واقعي ڏانهن اشارو ڪن ٿا. حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم حجة الوداع جي موقعي تي عرفات کان واپس ايندي خم غدير جي مقام تي سڀني صحابہ ڪرام جي اجتماع ۾ پنهنجو عمامہ مبارڪ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي سر مبارڪ تي رکندي ۽ سندن ٻئي هٿ مٿي کڻندي فرمايو ته: ”من ڪنت موله فهٰذا عليٌ مولا.“ حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جا سڀ کان عزيز ترين رشتيدار هئا ۽ اسلام لاءِ ڪيل سندن خدمتن تي نازان هئا.

آهن. اسان حرام ۽ حلال وارو فرق اڃا تائين سمجهي نہ سگهيا آهيون. اسان پنهنجي منتشر سماج ۾ اڄ بہ رشوت خورن، زناڪارن ۽ شرابين کي پنهنجو نيڪ مرد، رهبر ۽ عوامي نمائندو ٿا سمجهون. حامي صاحب اهڙي آزادي جي شڪايت ڪندي چوي ٿو تہ: جنهن آزادي عوام الناس جي زندگي حرام ڪري ڇڏي آهي، تنهن آزادي تي وطن عزيز جا حوصلہ مند ۽ همدرد انسان لعنت وجهي رهيا آهن. هيٺين بند تي غور ڪري ڏسو:

جسم ۾ آزاد آهيون، پر ضميرن جا غلام،
رشوتين، زانين، شرابين جو ڪيون ٿا احترام،
اهڙي آزادي ۾ "حامي" زندگي آهي حرام،
اهڙي آزادي تي اهلِ دل تہ لعنت ٿا وجهن،
ڪيئن چوان آزاد ٿيو آهي غلاميءَ کان وطن(16).

هن کان پوءِ حامي صاحب جي ڪلام ۾ بعنوان "نئون دور" جا 49 غزل ملن ٿا ۽ "پراڻو دور" جا 35 سنڌي غزل 4 چار اردو غزل ۽ هڪ سرائڪي غزل سان گڏ 4 چار سنڌي ڪافيون، 8 قطعا ۽ 46 رباعيون پڻ ملن ٿيون. "نئون دور" جي غزلن مان پهرين غزل ۾ حامي صاحب فرمائي ٿو تہ: هن رنگ و بو جي دلڪش جهان جي لوڀ ۽ لالچ انسان کي اهڙو تہ موهي ڇڏيو آهي جو هُو بي بقا دنيا ۽ انهيءَ جي فاني عيش عشرت کي پنهنجي آخري منزل سمجهي، دارالبقا واري ابدي حياتي ۽ جنت جون حور و قصور واريون راحتون وساري عجيب طلسم ۾ ڦاسي پيو آهي. حامي صاحب انهيءَ فنا ۽ بقا واري منظر کي هن طرح بيان ٿو ڪري:

حور و جنت جون سموريون راحتون پلجي ويو،
آدمي کي هت مزو اهڙو تہ آب و گل ڏنو(17).

حامي صاحب جي زندگي جو مشن محبت هو. هن محبت جي اظهار واسطي شاعري وارو مؤثر طريقو استعمال ڪيو ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ شاعري وارو مادو حامي صاحب جي موزون طبع ۾ فطرتي طور سمايل هو، ٻيو وري شعر، عوام الناس جي دل تي نثر کان وڌيڪ اثر ڪري ٿو. شمس العلماء خواجہ الطاف حسين حالي پنهنجي مقدمہ 'شعر و شاعري' ۾ لکي ٿو تہ:

(ترجمو): "تاريخ ۾ اهڙا مثال بيشمار ملن ٿا تہ شاعري پنهنجي جادو بياني سان ماڻهن جي دلين تي نمايان فتح حاصل ڪئي آهي. بعض اوقات شاعر جو ڪلام جمهور جي دل تي اهڙو تسلط پيدا ڪندو آهي جو شاعر جي هرهڪ چيز ايتري تائين جو انهيءَ جا عيب بہ خلقت جي نظر ۾ مستحسن معلوم ٿيڻ لڳن ٿا ۽ ماڻهو انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوشش ڪن ٿا تہ پاڻ بہ انهن عيبن سان متصف ٿي ڏيکارين ٿا. 'بائرن' جي بنسبت مشهور آهي تہ: "ماڻهو انهيءَ جي تصوير ڏاڍي شوق سان خريد ڪندا هئا ۽ انهيءَ جون نشانيون ۽ يادگار سنڀالي رکندا هئا. انهيءَ جا اشعار حفظ ڪندا هئا ۽ اهڙا ئي، چوڻ جي ڪوشش ڪندا هئا(18)."

حسن ۽ محبت حامي صاحب جي ڪمزوري هئا. هُو حسين شين جو دلداده هو ۽ حسن جي قدرداني هن جي شعور ۾ سمايل هئي. انهيءَ ڪري شاعري جي سيني صنفن مان بہ هن غزل واري حسين صنف کي پسند ڪيو ۽ پنهنجي محبت جو اظهار بہ غزل واري نرم، نازڪ، دلپذير ۽ پُرتاثير صنف ۾ ڪيو. حامي صاحب جهڙي عاشق مزاج شاعر جي موزون طبع تي غزل جي صنف ٺهڪي پئي آئي. ڇاڪاڻ تہ غزل جي صنف صرف عشق ۽ محبت جي بيان واسطي ئي آهي. اهو مبالغو نہ ٿيندو جيڪڏهن

حامي صاحب کي غزل گو شاعر چيو وڃي. سندس ڪلام جي مطالعي ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ حامي صاحب کي غزل جي صنف تي ملڪو حاصل آهي. انهيءَ ڪري حامي صاحب پنهنجي خداداد شاعرانہ صلاحيت سان پنهنجي غزل ۾ عشق ۽ محبت واري منظر نگاريءَ ۾ پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. سندس غزل غمِ دوران جي پوري پوري عڪاسي ڪري ٿو. حامي صاحب جي زندگي جي ميراث عشق ۽ محبت آهي. عشق ۽ محبت سان گڏ درد بہ لازم ملزوم آهي. درد جي بي بها دولت کان سواءِ عشق ۽ محبت وارا جذبا پيدا ئي نہ ٿا ٿي سگهن. جيڪڏهن

سنڌي شاعري جي ذخيري تي هڪ طائرانہ نظر ڪنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ اسان جي سنڌي شعراءِ ڪرام هڪ صدي کان بہ وڌيڪ عرصو غزل جي فن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي.

”انهن شاعرن ۾ ڪُل، قاسم ۽ فاضل ابتدائي دور ۾ سنڌي موزون شاعري لاءِ زمين هموار ڪئي ۽ سرزمين سنڌ کي غزل جي صنف سان روشناس ڪيو. انهن ابتدائي دور جي شاعرن پنهنجي غزل ۾ فلسفانہ، ناصحانہ، عالمانہ ۽ اخلاقي نُڪتا بيان ڪرڻ تي زور ڏنو(19).“

انهيءَ ڪري ابتدائي دور جي غزل ۾ تغزل جو رنگ پرجي نہ سگهيو. اڳتي هلي حافظ حامد سنڌي غزل جي ٻوليءَ ۾ سليس، سنڌي الفاظ استعمال ڪري، سنڌي غزل ۾ سلاست ۽ سادگي پيدا ڪئي. حافظ حامد سنڌي غزل جو جيڪو خاڪو چٽيو هو، انهيءَ ۾ غلام محمد گدا وڌيڪ عشق و محبت جا خوبصورت رنگ ڀريا ۽ پنهنجي غزل کي تصوف جي رنگين موضوعن سان مالا مال ڪري ڇڏيو. ”گدا جي غزل ۾ محبوب جي خلو خال ۽ حسن و جمال جي مڙني خوبين کي رنگين انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي(20).“

جڏهن حامي صاحب جي ڪلام تي نظر ڪريون ٿا تہ حامي صاحب جو غزل اڇو اجرو، صاف سٿرو، سليس، سادو ۽ عشق و محبت جي خوبصورت رنگن سان ڀرپور نظر اچي ٿو. محبوب جي ناز و انداز، حسن و جمال، خلو خال، عشون غمزن، دلڪشي، دلفريبي، وصال و فراق، محبت جي تڙپ ۽ عشق جي جهڙپ سان ڀريو پيو آهي. انهيءَ ڪري وثوق سان چئي سگهجي ٿو تہ حامي صاحب سنڌي رنگين شاعريءَ ۾ گدا صاحب جو همنوا آهي. انهيءَ دعويٰ کي ثابت ڪرڻ لاءِ هيٺيان اشعار پيش ڪجن ٿا. ڏسو تہ محبوب جي ناز و انداز، رمز و راز، عشق جي سوز و گداز جو بيان ڪهڙي نہ دلڪش انداز ۾ ڪري ٿو:

تنهنجي ناز جا سڀ انداز نوان، هر سوز نئون سڀ ساز نوان،
هر رمز نئين سڀ راز نوان، حيران هزارين پيا ٿيندا(21).

حامي صاحب حسن خوبان جي الفاظ ۾ تصوير ڪشي ڪندي فرمائي ٿو تہ محبوب جي سهڻي صورت ۾ هڪ ئي وقت رخ مبارڪ جو تاب ۽ سندس ڀنين وارن ۽ زلف رسا جي سياهي سمايل آهي. غضب جي حسين ۽ دلڪش جسامت جي جلون مان سندس لاثاني حسن ٻهڪي رهيو آهي.

زلف و رخ ۾ئي نور ظلمت جو نچوڙ،
تنهنجو قد قامت قيامت جو نچوڙ(22).

محبوب جي ناز و ادا سان گڏ سندس عشوه ۽ غمزه بہ قيامت جو منظر پيش ڪن ٿا. ويچارو ”حامي“ ڪٿي ٿو انهن دلڪش جلون جي سٽ سهي سگهي، فرمائي ٿو تہ:

تنهنجو غمزه آهہ جلوه طور جو،
تنهنجو عشوه آهہ آفت جو نچوڙ(23).

محبوب جي جاذب نظر ۽ دلڪش نگاهہ جو حال اوريندي دانهن ٿو ڪري تہ انهيءَ جون شڪاري اکيون، جنهن ڏي ڏسن ٿيون، انهيءَ کي اڻ ماري مطيع ڪن ٿيون.

تلوار نہ تيرن جا ديدن جا ڪٺل آهيون،
عشون جا مُئل آهيون، نازن جا ڪٺل آهيون.
(”منصور“ سومرو)(24)

جي مصداق آخر ۾ حامي چوي ٿو تہ مان سچ ٿو چوان تہ محبوب جي جادو اثر نظر ۾ بلاشڪ ڪرامت سمايل آهي جو جنهن ڏي ڏسي ٿو، تنهن کي ڪُهي ٿو. هُو چوي ٿو تہ:

جنهن ڏي ڏسين ٿو تنهن کي ماري ڪرين مطيع،
تنهنجي نظر ۾ آهہ ڪرامت خدا گواهہ(25).

حامي صاحب دل جي درد جي دوا دڪانن تان پڇي ٿو. حڪيمن جا در ڪڙڪائي ٿو، پر هر جاءِ تان ڪيس نا اميدي ۽ نراسائي ملي ٿي. آخر انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ هن اڻ چٽ زخم دل جو علاج محبوب کان سواءِ ٻيو ڪوبہ طبيب نہ ٿو ڪري سگهي. هُو فرمائي ٿو تہ:

دوا هر درد جي آهي علاج عشق ڪونهي ڪو،
حڪيمن جي هٿان هرگز نہ هي ناسور چڱو ٿو آ(26).

عشق ۽ محبت جي دنيا نرالي آهي. عشق ۽ عقل جو پاڻ ۾ ڪوڙو ئي نہ ٿو لڳي. جنهن جاءِ تي

حق ۽ انصاف واري راھ تان هٽائڻ لاءِ، ناجائز رعايتون ۽ رشوتون آڇيون وڃن ٿيون، پر هيءُ مٿير مڙس، انهن دنيوي لالچن ڏانهن اک کڻي به نه ٿو نهاري. پنهنجي مارونڙن سان پنهنجي قول ۽ فعل واري آزمائش ۾ ثابت قدم رهي ٿو.

"حامي" صاحب پنهنجي غزل ۾ جيڪي عشق، محبت ۽ درد وارا جذبا بيان ڪيا آهن سي جديد ادب ۾ غمِ جانان جي زمري ۾ اچن ٿا. انهيءَ سان گڏ هن جن جذبن ۾ بيڪس، بيوس ۽ ڏتڙيل مارن جي ترجماني ڪئي آهي. اهي جذبا غمِ دوران جي زمري ۾ اچن ٿا. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته غمِ جانان ۽ غمِ دوران جا موضوع جيڪي غزل جي جان ٿيندا آهن تن کي "حامي" صاحب پورو پورو نڀايو آهي. غزل جي تشڪيل ۾ غمِ جانان وارو موضوع ته بنيادي حيثيت رکي ٿو، پر سياسي انقلاب کان پوءِ غزل ۾ غمِ دوران وارو موضوع به شامل ٿي وڃي ٿو جيڪو شاعريءَ جي موجوده ترقي پسند دور ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. جيڪو شاعر غمِ جانان جو ته ذڪر ڪري ٿو پر غمِ دوران وارن کان ڪنارو ڪري ٿو، ته اهو رجعت پسند شاعرن جي ٽولي ۾ شمار ٿئي ٿو(32).

"حامي" صاحب کي غمِ دوران جو فڪر به دامنگير آهي جو حالات حاضره تي نظر ڪندي جيڪي قتل، غارت، چوري، اغوا، ڦرلٽ، ڌوڪي ۽ فريب وارا دلسوز ۽ ڀيانڪ منظر اسان جي وطن عزيز ۾ روز جو معمول ٿي ويا آهن، تن جي عڪاسي ڪندي فرمائي ٿو ته:

فتنو، فساد، جنگ، جدل آھ جا بجا،
ڪيڏو بشر جي خون کي ارزان ڏسان ٿو اڄ(33).

وطن عزيز جي حب ايمان جو جز آهي. "حامي" صاحب جي غمِ دوران واري موضوعات ۾ وطن جي محبت سرِفهرست آهي. وطنِ عزيز جي ڪک پن کان وني وطنِ عزيز جي مٺڙي ٻوليءَ ۾ سراپا سرشار لڳي ٿو. جن سرويچن پنهنجي پياري وطن جي خاطر پنهنجي جان و مال جي قرباني ڏئي حياتي جاودان حاصل ڪئي آهي سي ٻنهي جهانن ۾ سرخرو ۽ سرفراز آهن ۽ وطن جا دشمن ۽ غدار، ذلت جي موت مري، ذليل، رسوا ۽ خوار ٿين ٿا. پنهنجي مٺڙي مادري سنڌي ٻوليءَ بابت "حامي" صاحب جي تاثرات تي غور فرمايو، چوي ٿو ته:

سنواريا جنهن جا گيسو شائق فڪر لطيف آهن،
اها دوشيزهءِ فطرت، اٿو سنڌي زبان پنهنجي،
سپئي سنڌي، سڪون سنڌي، پڙهون سنڌي، لکون سنڌي،
ته هر مشڪل ٿئي آسان خدا جي فضل سان پنهنجي(34).

حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جو فرمانُ عاليشان آهي ته: "پنهنجا رشتا نه ٽوڙيو، سؤ دفعا به رشتن جي جوڙڻ جي ڪوشش ڪريو، جي انهن رشتن جي جوڙڻ ۾ توهان کي ڪو نقصان به پهچي ٿو ته برداشت ڪريو. ان جو عيوضو قيامت جي ڏهاڙي مان اوهان کي ڏيندس(35)."

اهڙي تلقين قرآن ڪريم ۾ به ٿيل آهي. "حامي" صاحب، انهي فرمانِ رسول الله عليه وآله وسلم جن جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ڪلام ۾ پنهنجي ملت کي تلقين ٿا ڪن ته پاڻ ۾ اتحاد پيدا ڪريو، پيار ۽ محبت جا ناتا قائم ڪريو. جيڪڏهن هڪ ٻئي کان منهن موڙي نفاق واري راھ اختيار ڪندؤ ته منزل تي پهچڻ کان اڳ ئي اڪيلا ٿي وڏي نقصان ۽ خساري ۾ پئجي ويندؤ چاڪاڻ ته ملڪ ۽ ملت جو وجود، اتحاد ٻڌيءَ ۽ ايڪي سان آهي. جيڪا قوم نفاق جي مرض ۾ مبتلا آهي، اها ڌارين جي غلام ٿي ويندي. انهيءَ سلسلي ۾ "حامي" صاحب فرمائين ٿا ته:

پنهنجا پنهنجن سان نه نهندا ته پريشان ٿيندا،
پنهنجي ملت کي مٽائيندا ته ويران ٿيندا(36).

رشتن کي قائم رکڻ لاءِ "حامي" صاحب فراخدليءَ سان غم کائيندي، عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺندي، تڏي تي آيل دشمن جي به خطا معاف ڪري ڇڏي ٿو، فرمائي ٿو ته:

دشمن به ڪو اڳڻ تي لڙي ٿو اچي ته پوءِ،
"حامي" ڪيون ٿا ان جي به عزت خدا گواھ(37).

*

خبر ڪهڙي ڏيان اي دوست، "حامي" وٽ هلي ڏس تون،
تڏي تي دل جي دشمن تان به هو قربان ٿيندو آ(38).

حامي صاحب جي ڪلام ۾ اسان کي ڪجهه

قطعا بہ ملن ٿا، جن ۾ هن گهڻو ڪري فلسفاڻہ، ناصحاڻہ، عالماڻہ ۽ اخلاقي نُڪتا بيان ڪيا آهن پر محبتن جو شاعر حامي صاحب پنهنجي قطعن ۾ ڪٿي ڪٿي محبت جي پچار ۽ پيار جي گفتار ڪان بہ پنهنجو دامن نہ بچائي سگهيو آهي. هڪ قطعي ۾ انسان کي پنهنجي عظمت وارو مقام ياد ڏياريندي فرمائي ٿو تہ اي انسان! تون پنهنجي مٺڙي زبان مان اهڙا مٺڙا ٻولَ ٻولِ جو هر ٻڌندڙ توکي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏي. پنهنجي زندگي جو مختصر سفر صاف، سٺري ۽ سهنجي طريقي سان پورو ڪري ڪاميابيءَ سان وڃي پنهنجي عافيت واري منزل تي پهچ. اي انسان! تون پنهنجو پاڻ سڃاڻ تہ توکي معلوم ٿيندو تہ تون اصل ۾ مسجود ملائڪ آهين. تنهنجو شان اعليٰ ۽ افضل آهي بشرطيڪ تون انسان وارو ڪردار پيدا ڪرين. حامي صاحب ناصحاڻہ نُڪتي کي هيٺئين ريت نروار ڪري ٿو تہ:

جڳهہ جوڙي جا هر دل ۾ اها گفتار پيدا ڪر،
رسائي جيڪا منزل تي اها رفتار پيدا ڪر،
فقط اهل زمين ڇا؟ عرش وارن کان مٿي آهين،
اڙي انسان! تون انسان جو ڪردار پيدا ڪر(39).

محبتن جو شاعر حامي صاحب پنهنجي ٻي قطعي ۾ محبت جي بي بها ميراث جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو تہ هن دنيا ۾ محبت وارو املهہ ماڻڪ دولت سان خريد ڪري نہ ٿو سگهجي. انهي ڪري هن دورنگي دنيا جا ڀهروپيا پير يا فرعون صفت امير بہ پنهنجي مڪر و فريب يا ڌن دولت سان محبت خريد ڪري نہ ٿا سگهن. ڇاڪاڻ تہ محبت جو ملهہ صرف محبت ئي هوندي آهي. غريب انسان جيڪي مال ۽ دولت جي ڄار ۾ ڦاٿل نہ آهن تن وٽ محبت جا اڻ ڪٿ خزانا آهن، جيئن عشق ۽ عقل گڏ رهي نہ ٿا سگهن تيئن محبت ۽ دولت بہ گڏ گهاري نہ ٿا سگهن. حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن هن دنيا جي مال و دولت کي فتنو سمجهي ڌڪاري ڇڏيو. فرمايائون تہ "الفقر فخري"، "مون کي پنهنجي فقر تي فخر آهي."(40) حضور ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم عطا جا بحر، سخا جا ڪکر ۽ محبت جا منبع آهن، پاڻ ڪريم صلي الله عليه وسلم رحمت ۽ محبت جا مينهن وسائي عاشقانِ رسول کي ايترو مالا مال ڪري ڇڏيو آهي جو اهي پنهنجي آستانن تان عوام الناس کي تاقيامت محبت جون جهوليون ڀري ڀيا ڏيندا. حامي صاحب انهيءَ لاثاني محبت جي نُڪتي کي بيان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

نہ پيرن نہ ميرن جي قبضي ۾ آئي،
محبت غريبن جي قبضي ۾ آئي،
ڪيو فخر جنهن تي ٿي فخر دو عالم،
سا دولت فقيرن جي قبضي ۾ آئي(41).

ملان شاعري جي دائري ۾ هر دور ۾ ملامت زده ٿي رهيو آهي. صوفي ۽ دقيانوسي ملان مذهب جي معاملي ۾ هڪ ٻئي جا حريف ٿي رهيا آهن. ملان واري ظاهري دينداري کان صوفين سدائين ڪناره ڪشي پئي ڪئي آهي. صوفي جي ميڪشي کي ملان بدعت سمجهي ٿو، پر صوفي مئي پرستي کي متبرڪ ۽ محبوب سمجهي ٿو. شاعري ۾ ملان جي علامت پيدا ڪرڻ شاعرن جو مرغوب موضوع رهيو آهي. انهي ڪري ملان شاعري جي هر دور ۾ معتوب رهيو آهي.

حامي صاحب پنهنجي رباعي ۾ ملان تي طنز ڪندي فرمائي ٿو: تہ ملان جو حورن جي وڇوڙي جيءَ جهوري ڇڏيو آهي. ملان هن دنيوي زندگي ۾ سانباها ڪري پيو تہ هن جي جنت ۾ حورن سان شادي ٿيندي. انهي حوس پرستيءَ جي تصور ملان کي گمراهہ ڪري ڇڏيو آهي جو هُو دين جي حقيقت بيان ڪرڻ بجاءِ مطلب پرست ٿي پيو آهي. حامي صاحب، ملان جي انهيءَ خود غرضيءَ کان نفرت جو اظهار ڪندي، فرمائي ٿو تہ:

ملان کي لڳل آهہ برهہ جي ڪا باهہ،
حُورن جي تصور ۾ رهي ٿو گمراهہ،
جنت ۾ انهن ساڻ ڪندو هو شادي،
لاحول ولا قوت الا بالله(42).

حامي صاحب هن دورنگي دنيا جي طلسماتي ماحول تي نظر ڪندي انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ دور حاضر جي فتنہ انگيز، عيار، مڪار ۽ مطلب

پرست ماحول شريفن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن مصر جي بازار ۾ سر عام ضميرن جا سودا ٿي رهيا آهن. هن دين ۾ ايمان پڳڙن جي مٽ تي وڪامي رهيا آهن. باضمير انسانن جو جيئڻ محال ٿي پيو آهي. مڪارن، غدارن ۽ عيارن جي بيگهي لڳي پئي آهي. ڌوڪيباز، وڏيرا ۽ چالباز شاهوڪار رب پاڪ جي خلق کي ٻنهي هٿن سان ڦري ڪنگال ڪري رهيا آهن. حامي صاحب هن ناسازگار ماحول کان ڪناره ڪشي ڪرڻ چاهي ٿو. هن ڏکيءَ جي ڏاهه کان بيزار ٿي، چوي ٿو ته اسان جهڙن فقيرن کي اهو پُرفتن ماحول راس نه ٿو اچي. فرمائي ٿو ته:

ماحول شريفن جو مخالف آهي،
ماڻهن جي ضميرن جو مخالف آهي،
ڪم ظرف وڏيرن جو ۽ سيٺين جو سڄڻ،
مون جهڙي فقيرن جو مخالف آهي(43).

حامي صاحب هڪ دورانديش مدبر آهي. وطن عزيز جي حالات حاضره تي گهري نظر رکي ٿو. ڪشمير مان وهي ايندڙ پاڪستان جي دريائن تي هندستان، غاصبانه ۽ لالچي عزائم ڪري ٿو. پاڪستان جي دريائن جا رخ موڙي انهن جو پاڻي هندستان ڏانهن وهائي پاڪستان جي سرزمين کي بنجر بڻائڻ چاهي ٿو. حامي صاحب الله تعاليٰ کي پڪاري ٿو ۽ فرياد ڪري ٿو ته مالڪ ملڪ جا دور حاضر جي يزيد جا ناپاڪ ارادا خاڪ ۾ ملاءِ جو پاڪستان جي پاڻي تي ناجائز قبضو ڪري، هڪ ٻي ڪربلا برپا ڪرڻ چاهي ٿو ۽ پاڪستان جي عوام کي اُڃ، بک ۽ افلاس ۾ تباهه ڪري مارڻ جا سانباها ڪري ٿو. انهن ظالمانه ۽ غاصبانه عزائم کي حامي صاحب هن طرح نروار ڪري ٿو ته:

ٻي ڪربلا جي فڪر ۾ آهي يزيد- وقت،
پاڻي تي ٿئي ٿو قبضۂ ڪفار الغياث.(44)

حامي صاحب اسلامي مساوات جو قائل آهي ۽ انهيءَ تي مڪمل عبور رکي ٿو. هو دور حاضر جي سود واري مالياتي نظام جو جائزو وٺي، انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو ته سرمائيدارن، صنعت ڪارن ۽ جاگيردارن قوم ۽ وطن جي وسائل تي غاصبانه ۽ ظالمانه قبضو ڪيو آهي. سرمائيدار وياج وارو غير شرعي ۽ شيطاني کيل ڪيڏي رب پاڪ جي خلق کان وياج تي وياج وصول ڪري انهيءَ جو رت ست پيو ڪڍي. دنيا جا مالياتي ادارا ڳري وياج جي اگهه تي ترقي پذير ملڪن کي قرض ڏيئي، انهن کان مور تي ڳرو وياج حاصل ڪن ٿا. اهڙي طرح ترقي پذير ملڪن جي عوام کي اڻ سڌي طرح پنهنجي غلامي جي پنجوڙ ۾ جڪڙي رکن ٿا. صنعت ڪار پنهنجن ڪارخانن ۾ مزدور کي مزدوري جو نالي ماتر اجورو ڏيئي پنهنجا اٽڪٽ پيٽ ڀرين ٿا. جاگيردار هاري کي زمين جي اپت مان هاريءَ جو معمولي حصو ڏيئي باقي سڄو سال پنهنجي گودامن ۾ رکي ٿو. حامي صاحب جي دورانديش نگاهه ڏسي رهي آهي ته دنيا مان سرمايہ پرستي وارو اقتصادي استحصال عنقريب ختم ٿيڻو آهي. ملڪ ۽ ملت جي انتظام ۽ وسائل تي مزدور هاريءَ ۽ مسڪين محنت ڪش قابض ٿيندا، فرمائي ٿو ته:

ختم سرمايہ پرستي جو فسانو ٿيندو،
ملڪ ملت جا هي مزدور نگهبان ٿيندا.(45)

حامي صاحب دورنگي دنيا جي طلسماتي روپ جو نقشو چٽيندي ۽ ساده لوح، مسڪين اٻوجهه ۽ نيڪ دل انسانن کي خبردار ٿو ڪري ته هن دنيا ۾ مڪار، دغاباز، منافق ۽ ٻهروپيا ماڻهو پنهنجي چهرن تي شرافت ۽ اعتبار جا مختلف روپ ڍڪي خدا جي خلق کي ٺڳي رهيا آهن. انهن جي مڪارانه ۽ عيارانه چالبازين کان هوشيار رهو. فرمائي ٿو ته:

خبردار دنيا جي ڏوتي جي منهن تي،
وڏو آهه نقش و نگار جو ڌوڪو(46).

حامي صاحب، لا تقنطوا من رحمة الله، (ترجمہ: الله جي رحمت مان نااميد نه ٿيو.) واري زرين قول تي ڪامل يقين رکي ٿو. هن کي پنهنجي خلقڻهار ۽ پالڻهار جي رحمت ۾ هماليہ جبل جيڏو يقين آهي. سمجهي ٿو ته جنهن دل ۾ جيترا ڏک سمائجن ٿا، ته اهي اوترن سکن جي جاءِ ناهن ٿا. رات کان پوءِ پرڀات منهن ڪڍي ٿي. خزان کان پوءِ بهار اچي ٿي. اسان جي وطن عزيز ۾ ظلم و ستم ۽ جورو جفا وارو دور

هميشه نه رهندو. اسان جي وطن عزيز جي چمن ۾ پيل خزان جو دور ختم ٿيندو ۽ ان کان پوءِ بهار جو دور ايندو. مکڙيون ٽڙنديون ۽ چمن سر سبز ٿي ويندو. حامي صاحب روشن مستقبل جي نويد ڏيندي فرمائي ٿو ته:

اجهو منهن ٿيون کين مکڙيون، چمن سر سبز ٿي ويندو،
بهار آهي اچڻ واري خزان جو زور ڪنٽو آ.(47)

حامي صاحب جهڙو سچار ۽ وفا شعار عاشق، هن دورنگي دنيا جو جائزو وٺڻ کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو ته هن رنگ و بو جي طلسماتي جهان ۾ هر هنڌ بگهڙ، رڍن جو لباس ڍڪي، گهمي رهيا آهن. افسوس جو مقام آهي جو حضرت انسان پنهنجي ڪڌي ڪردار جي ڪري پنهنجو اعليٰ مرتبو وڃائي، شيطان جي روپ ۾ اسفل السافلين جي منزل تي وڃي پهتو آهي، فرمائي ٿو ته:

جت ڪٿ رڍن جي روپ ۾ آهن بگهڙ لڪل،
ڪيڏا بشر جي شڪل ۾ شيطان ڏسان ٿو اڄ.(48)

حامي صاحب جهڙو غيور ۽ بيباڪ انسان پنهنجي وطن عزيز تي ساهه ڏي ٿو. وطن جي حب هن جي ايمان جو جز آهي. چوي ٿو ته منهنجي پياري وطن ڏي جيڪو بري نظر سان نهاريندو، ته انهيءَ دشمن جي ناپاڪ ارادن کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏينداسون. وطن عزيز جي بدخواه جو نهوڙي ساهه ڪڍي ڇڏينداسون ۽ پنهنجي مادر وطن جي سالميت ۽ خودمختياريءَ کي هر حال ۾ برقرار رکنداسون. وطن جو جان نثار حامي صاحب فرمائي ٿو ته:

نظر ميري ڪري جيڪو، ڏسي هن ڏيهه پنهنجي ڏي،
انهيءَ مردود موذيءَ جو گهٽو ڏئي ساهه گهُٽڻو آ.(49)

حامي صاحب جمعيت الشعراء سنڌ جو صف اول جو شاعر آهي. شاعريءَ لاءِ هن کي موزون طبع ته جائي جم کان خدا جي ڏات طور مليل آهي. عشق ۽ محبت وارو جذبو هن جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. انهي سان گڏ سهڻن سنڌي لفظن، محاورن، چيده قافين، دلڪش تشبيهن، استعارن، ڪناين ۽ سهڻين تلميحن جي استعمال سان دلي جذبن، احساسن، نازڪ خيالن ۽ فڪري نُڪتن کي مؤثر انداز ۾ نروار ڪري ٿو. ڪيس سنڌي ٻولي تي مڪمل مهارت ۽ عبور حاصل آهي. سهڻن لفظن ۽ اصطلاحن سان پنهنجي من جي مراد هن ريت بيان ڪري ٿو:

مُنهن جا منڙا ڪوڙ ملن ٿا، دل جو منڙو ڪونهي ڪو،
ڪنهن سان ڪوئي روح رلائي، ڪانهي پرت پيارن ۾.(50)

*

تن تان نه سر جو بار هٽايم برو ڪيم،
الفت جو قرض کين چڪايم برو ڪيم.(51)

*

دل تي بتن جي حسن جو حملو ٿيڻ ڏنم،
بلبل تي چڻ ته باز بڇايم برو ڪيم.(52)

*

ٻاگ وارا تو ڪيا، هر ڪنهن تي ٻال،
مشڪندي ٽاري ڇڏئي منهنجو سوال.(53)

*

جا ٻجا جاچي ڏٺم، تو جهڙو جاني ناهه ڪو،
ثاني يوسف گهڻا، پر تنهنجو ثاني ناهه ڪو.(54)

*

جا گهڙيءَ تو ساڻ صحبت ٿي وئي،
سا گهڙيءَ وقف، عبادت ٿي وئي.(55)

*

تاب تنهنجي حسن جو دل ڇا جهلي،
باهه جي آڏو ڪپهه جي ڇا مجال.(56)

*

اسان جي سنڌي ٻوليءَ جا مختلف لهجا آهن، جن ۾ اترادي يا سِرولي، وچولي، لاڙي، ٿري، لاسي، ڪڇي ۽ ڪوهستاني لهجا اچي وڃن ٿا. جيڪڏهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، سچل سرمست رحمة الله عليه ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام تي نظر ڪنداسون ته سندن ڪلام ۾ انهن سڀني لهجن جا الفاظ استعمال ٿيل نظر ايندا. شاهه صاحب جي سر مارئي ۽ سسئي ۾ ته اسان کي ٿري، ڪوهستاني ۽ لاسي لهجن جا سوين لفظ ملندا. اهڙي طرح جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ به ٻين لهجن جا الفاظ استعمال ٿي وڃن ٿا، ته انهيءَ ۾ ڪا به قباحت نه آهي ڇاڪاڻ ته انهن مختلف لهجن جي لفظن جي

استعمال سان سنڌي ٻوليءَ کي وڌيڪ وسعت ملي ٿي.

حامي صاحب اترادي نمائنده شاعر آهي. هُو سنڌ جي سري واري ڀاڱي ۾ ڄائو نپنو آهي. هن اترادي ماحول ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ليڪچرر ۽ پروفيسر جي حيثيت سان سنڌ جي ڪاليجن خاص طور سري جي ڪاليجن ۾ شاگردن کي پڙهايو آهي. انهن سڀني حالات جي مد نظر هن جي سنڌي معياري لهجي ۾ به اترادي لهجي جو ملي وڃڻ اٿر آهي. حامي صاحب جي ڪلام ۾ اترادي لهجي جون جهلڪيون هيٺين ريت نظر اچن ٿيون:

اها رنگين سحر جنهن تان سڀئي رنگينيون قربان،
ڪيون جنهن ۾ بصد ناز و نعم نور ازل لاٽان.(57)

*

دلفريبي لاءِ دلبر جي ادا زيبا هجي،
منهن مٿان زلفان هجن صبح و مسا يڪجا هجي.(58)

*

اُٺ ڪر عمل نه پنهنجو اجايو وڃاءِ وقت،
ٻيڪار ڪار تي نه لڳوتار لاءِ وقت.(59)

*

چاڪ دل جا چڪن ٿا جنهن ويلي،
ياد تنهنجا ڪرم ٿا يار ڪيون.(60)

*

سدا سؤ صدمان اندر ۾ ته اڌمان،
ڪروڙان ۽ پدمان ڪشالا ٿا ڪاٽيون.(61)

*

حامي صاحب جي ڪلام تي نظر ڪنداسون ته هُو اسان کي غزل جو ڪامياب شاعر نظر ايندو. سندس ڪلام ۾ سهڻن، سليس ۽ سادن لفظن جو استعمال عام جام آهي. انهن لفظن ۾ ڪوبه ثقيل لفظ نه ٿو ملي. سندس قافيه ۽ رديف ۾ به ڪا سختي نظر نه ٿي اچي. انهي ڪري سندس غزل ۾ سلاست ۽ سادگي سان گڏ رنگيني، رونق ۽ تغزل نظر اچي ٿو. هن پنهنجي غزل ۾ پُر معنيٰ، پُر سوز، سادن، سهڻن ۽ مٺڙن لفظن کي استعمال ڪيو آهي. مٺڙو، ٿڌڙو، هلڪڙو، لڳڙو ۽ دلڙي جهڙن پيارن، مٺڙن ۽ دل لُڀائيندڙ اسم تصغير جي استعمال سان هُو پنهنجي غزل ۾ مٺڙو سوز ۽ محبت جو خلوص پيدا ڪري پنهنجي ڪلام کي هيٺين ريت وڌيڪ پُر تاثير ۽ دلڪش بڻائي پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جون دليون بي ساخته ڇڪي وٺي ٿو. فرمائي ٿو ته:

”منهن جو مٺڙو قلب جو ڪارو سڀ جو يار سڏائي ٿو،
ڏينهن ۾ ڏهه ڏهه پيرا جيڪو سؤ سؤ روپ مٽائي ٿو.(62)

*

سوز فراق جو، سيني اندر جان جگر کي جلائي ٿو،
ٿڌڙي ٿڌڙي آهه پري، هي باهه وسائڻ مشڪل آ.(63)

*

ڪڏهن ڪم ظرف ڪان قابو نه ٿيندو رازِ الفت جو،
ڪلڻ سان هلڪڙين مڪڙين منجهان هڪدم ٿي بو نڪري.(64)

*

ايمان، دين، عقل ۽ دلڙي سندس ڪسن،
خط، خال و زلف ابرو رکن جنهن سان چار سگ.(65)

*

حامي لڳڙا لالن لاري، پاڻ وڃي پيا پرت پناري،
موت نه هرگز تن کي ماري، عشق ڪيا جي جيئرا يار.(66)

*

ٻڌائي مٺا ٻولي حامي هليو ويو،
هيو ڏاڍو مٺڙو مزيدار ماٺهو.(67)

*

## ماخذ

1. حامي جو ڪلام، مرتب- محمد علي حداد، صفحو، 5.
2. ساڳيو، صفحو، 6.
3. ساڳيو، صفحو، 6.
4. مقدمه شعر و شاعري، شمس العلماء خواجه الطاف حسين حالي، صفحو، 9.
5. ڏسو حوالو-1، صفحو، 1.
6. سر مارئي- شاهه عبداللطيف رحمة الله عليه ڀٽائي.
7. ڏسو حوالو-1، صفحو، 4.

8. ساڳيو، صفحو، 8.
9. سورت الاحزاب، پاره 22، آيت 56.
10. ڏسو حوالو-1، صفحو، 9.
11. ساڳيو، صفحو، 19.
12. ساڳيو، صفحو، 22.
13. ڏسو حوالو-6.
14. ڏسو حوالو-1، صفحو، 28.
15. ساڳيو، صفحو، 35.
16. ساڳيو، صفحو، 42.
17. ساڳيو، صفحو، 53.
18. ڏسو حوالو-4، صفحو 10.
19. سنڌي غزل جو تجزيو، شيخ عبدالرزاق راز، صفحو 55.
20. ساڳيو، صفحو 57.
21. ڏسو حوالو-1، صفحو، 81.
22. ساڳيو، صفحو، 68.
23. ساڳيو، صفحو، 68.
24. پروفيسر محمد اسماعيل منصور سومرو ڏهرڪائي.
25. ڏسو حوالو-1، صفحو، 79.
26. ساڳيو، صفحو، 77.
27. ساڳيو، صفحو، 82.
28. ساڳيو، صفحو، 90.
29. ساڳيو، صفحو، 85.
30. ساڳيو، صفحو، 61.
31. ساڳيو، صفحو، 91.
32. ڏسو حوالو-1، صفحو 66.
33. ڏسو حوالو-19، صفحو، 54.
34. ساڳيو، صفحو، 55.
35. سورت الاحزاب آيت 27، (صحيح بخاري الادب باب 11، حديث: 5984).
36. ڏسو حوالو-1، صفحو، 58.
37. ساڳيو، صفحو، 80.
38. ساڳيو، صفحو، 93.
39. ساڳيو، صفحو، 133.
40. حديث پيغمبر اسلام صلي الله عليه وآله وسلم، فيروز اللغات اردو جامع صفحو 116.
41. ڏسو حوالو-1، صفحو، 134.
42. ساڳيو، صفحو، 136.
43. ساڳيو، صفحو، 139.
44. ساڳيو، صفحو، 58.
45. ساڳيو، صفحو، 59.
46. ساڳيو، صفحو، 63.
47. ساڳيو، صفحو، 77.
48. ساڳيو، صفحو، 78.
49. ساڳيو، صفحو، 78.
50. ساڳيو، صفحو، 62.
51. ساڳيو، صفحو، 65.
52. ساڳيو، صفحو، 66.
53. ساڳيو، صفحو، 72.
54. ساڳيو، صفحو، 67.
55. ساڳيو، صفحو، 72.
56. ساڳيو، صفحو، 73.
57. ساڳيو، صفحو، 3.
58. ساڳيو، صفحو، 101.
59. ساڳيو، صفحو، 103.
60. ساڳيو، صفحو، 117.
61. ساڳيو، صفحو، 129.
62. ساڳيو، صفحو، 84.
63. ساڳيو، صفحو، 85.
64. ساڳيو، صفحو، 89.
65. ساڳيو، صفحو، 98.
66. ساڳيو، صفحو، 131.
67. ساڳيو، صفحو، 95.



## ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# سونهري دور جو ساڃاهه وند_ انيس انصاري

شاعر اديب ۽ دانشور جي مقام ۽ مرتبي جو تعين، سندس احساسات جي گهرائي ۽ اظهار جي سونهن ۽ پرواز مان ئي ڪري سگهبو آهي. احساس ۽ ادراڪ جي موهيندڙ ميلاپ ڪي ئي دوام حاصل هوندو آهي جو هڪ دور کان ٻئي دور، ٻئي کان ٽئين ۽ ٽئين کان چوٿين تائين ٽپندي وڃي ڪلاسيڪيت سان هم آغوش ٿيندو آهي.

سنڌي ادب ۾ محسوسات، ان جي لاڳاپن، اظهار ۽ افاديت پري تخليق ۽ تحرير جا سرچشما جڏهن بدليا، تڏهن اظهار جا به نوان رنگ نکرڻ لڳا. اهو ترقي پسند سوچ اختيار ڪرڻ سان ئي ٿيو ۽ اسان ان کي جديد دور سان تعبير ڪرڻ لڳاسون. انهيءَ جديد دور ۾ جيڪي به روشن خيال اديب ۽ شاعر پنهنجي علمي خدمتن جي ڪري ناماچاري حاصل ڪندا رهيا، انهن ۾ لاڙڪاڻي جي انصاري خاندان جو چشم و چراغ الله بخش انيس انصاري به پنهنجي علمي ۽ ادبي ذوق سبب نروار ٿيو ته ”ادبي تاريخ“ مٿس موهت ٿي پنهنجي پاڪر ۾ پريو. هُو 26- جولاءِ 1923ع مطابق 11 ذوالحج 1341هه تي خميس جي ڏينهن برج سرطان ۽ ستاري قمر جي شعائن ۾ ابجد جي ايڪائي مطابق 3 جي عدد جي اثر موجب احمد بخش جي گهر تولد ٿيو. انهيءَ ڏينهن سندس والد صاحب ربي امر مجي وڃي بارگاهه الاهي ۾ حاضر ٿيو ته سندس چاچي رسول بخش پنهنجي پيءُ جو نالو مٿس ڌريندي پنهنجي پٽ وانگر پالنا جا فرائض سرانجام ڏنا. ذهين ٻار فطري طور تي ننڍپڻ ۾ گهٽو ڪري ضدي ۽ حرڪتي ٿئي ٿو. هن ٻار ۾ به اهي علامتون ڏسڻ ۾ آيون. سندس تعليم جي شروعات لاڙڪاڻي جي هڪ ديني مدرسي کان ٿي، جتان ڪجهه تعليم حاصل ڪري پوءِ ورنيڪيولر مين اسڪول ۾ داخل ٿيو. جتي جمال ابڙو به سندس هم سبق هو، ان وقت ته نه ڪنهن شاگرد ۽ نه ڪنهن استاد کي ڪا ڪل هئي ته هي ٻئي ٻار وڏا ٿي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جا معمار ثابت ٿيندا. الله بخش انصاري پرائمري تعليم مڪمل ڪري مدرسي هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيو، جتي انگريزي تعليم حاصل ڪندي سن 1941ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جي ميٽرڪ جو امتحان شڪارپور جي تاريخي گورنمينٽ هاءِ اسڪول مان پاس ڪيو. هي ذهين ۽ هوشيار شاگرد پنهنجي حالتن ۽ وسعت آهر ميٽرڪ تائين ته پنهنجي هوشيارپ سان اچي پهتو، مگر اڳتي هلڻ ڏُشوار هو، تنهنڪري هن وڌيڪ بهتر سمجهيو ته ملازمت اختيار ڪري پوءِ ئي تعليمي لحاظ کان اڳتي وڌجي، انڪري پاڻ 1- فيبروري 1943ع تي شهدادڪوٽ روينيو ڪاٽي ۾ ٽيهن روپين جي پگهار تي ڪلارڪ مقرر ٿيو. انهيءَ سال سندس شادي محترم عائشا انصاريءَ سان ٿي، چوڏهن سالن جي وقفي کان پوءِ وري تعليم جي سلسلي کي اڳتي وڌائيندي سن 1956ع ۾ انٽر جو امتحان پاس ڪيائين ۽ سن 1965ع ۾ بي.اي جي ڊگري حاصل ڪيائين. اهڙيءَ طرح پاڻ پنهنجي قابليت سان اڳتي وڌي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تي پهتو ۽ شڪارپور ضلعي ۾ پنهنجي ڊيوٽيءَ جا فرائض سرانجام ڏيندي سال 1983ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين.

الله بخش انصاريءَ کي ننڍپڻ کان ئي علم ۽ ادب سان چاهه هو. ان زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ بزم مشاعره جي وجود سبب ڪيترائي طرحي ۽ غير طرحي مشاعرا ٿيندا هئا جن ۾ شاعر حضرات شريڪ ٿي پنهنجو ڪلام پيش ڪندا هئا. 1941ع کان ماهوار رسالي ”اديب سنڌ“ جي شايع ٿيڻ سان ته لاڙڪاڻو ادب جو هڪ مرڪز بڻجي ويو ۽ ادبي سرگرميون گهڻيون وڌي ويون، انهيءَ ماحول جو اثر هن نوجوان تي به ٿيو ۽ سن 1944ع ۾ ’انيس‘ تخلص اختيار ڪري ادب جي ميدان ۾ نئين ستاري جيان نروار ٿيو. سندس پهريون نظم ”خاموشي گفتگو آهه، بي زباني آهه زبان منهنجي“ جي مصرع طرح تي لکيل نظم ماهوار اديب سنڌ جي اپريل 1944ع جي شماري ۾ شايع ٿيو، جنهن مان ڪجهه بند هن ريت آهن:

اگر ٿو مان ڪيان ظاهر دکايل دل سندا جذبا،
وَسائي آگ جا شعلا نه دل آتش فشان منهنجي،
وگر خاموش ٿو مان جي رهان، ٿي دل چوي هردم،
نه سا خاموش تون ڄاڻج جا هي آ بي زبان منهنجي،
الاهي ڇا ڪيان ڪاڏي وڃان آهيان جنوني ڇا،
خموشي گفتگو آ بي زبان آ، زبان منهنجي.

سخنوري جي انهيءَ ذوق کيس لاڙڪاڻي جي شاعرن ۾ معروف ڪيو ته ”سنڌ سدار سوسائٽي“ لاڙڪاڻي جو ميمبر به مقرر ٿيو. 31- مارچ 1945ع جي چونڊن ۾ ان جي جوائنٽ سيڪريٽريءَ جي عهدي تي چونڊجي آيو. پنهنجي محنت سان ”سنڌ سدار سوسائٽيءَ“ ۾ کيس مڃتا ملي ۽ 1946ع جي چونڊن ۾ وري مانائتي نموني چونڊيو ويو. انهيءَ زماني ۾ لاڙڪاڻي ۾ حاجي محمود خادم، نواز علي نياز جعفري، ماستر جمعو خان غريب، عبدالفتاح عبد عاقلي، غلام عباس قادري ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور شاعر رهندا هئا. شڪارپور جو عبدالوهاب ’ناظر‘ ۽ فقير غلام علي ’مسرور‘ به لاڙڪاڻي ۾ رهڻ ۽ اچڻ وڃڻ ڪري جڻ اتان جا ئي ليکبا هئا. انهيءَ ڪري لاڙڪاڻو شاعرن جو آکيرو يا آستانو سڏيو ويندو هو. انيس انصاري صاحب سخنوريءَ ۾ ناموري حاصل ڪرڻ سان گڏ نثري ادب ڏانهن به توجهه ڏنو.

ڪهاڻي نويسي ۽ مضمون نويسيءَ تي پڻ طبع آزمائي ڪرڻ لڳو. نثري ذوق سبب ۽ سرڪاري ملازمت جي مصروفيتن سندس سخنوريءَ جي شوق ۾ ڪجهه ڪمي آندي ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ پاڻ هڪ شاعر جي بجاءِ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان وڌيڪ ناماچار حاصل ڪيو. سندس قلم ڪڏهن به ڪونه ٿڪيو ۽ نه ڪڏهن سندس حساس طبعيت سندس درد ۾ ڪمي آندي. انهيءَ ڪري سندس تخليقي عمل جاري رهندو آيو. ماهوار رسالي ’نئين زندگيءَ‘ سميت ٽماهي ’مهراڻ‘ ۾ سندس ڪهاڻيون شايع ٿينديون رهيون. مطالعو به ايترو وسيع هئس جو نه رڳو سنڌي زبان جي ادب جو هر رسالو، اخبار ۽ ڪتاب پڙهندو هو، پر انگريزي، اردو ۽ هندي ادب جو به چڱو ڀلو اڀياس ڪيل هئس. پاڻ جڏهن ملازمت سانگي ڪراچي ۾ رهندو هو، تڏهن ايران جي ’خانه فرهنگ‘ ۾ فارسي سکڻ ويندو هو. ڪجهه عرصي ۾ فارسي سکي فارسي زبان جي ادب جي مطالعي مان به حظ حاصل ڪندو هو. اهڙيءَ طرح عربيءَ جي ڄاڻ سبب عربي شاعري به سندس مطالعي جو مرڪز رهي.

علمي لحاظ کان انيس انصاري ڪنهن هڪ ئي علم تي اڪتفا نه ڪئي، پر علومن جا علوم پڙهيو ۽ ڪڙهيو ته سهي، پر پنهنجي تدبرانه مزاج سبب سدائين ٽٽو رهيو. مون کي حيرت آهي ته پاڻ علم نجوم، دست شناسي، ستاره شناسي، چهرا شناسي ۽ دستخط شناسيءَ جو به ماهر هو. جڏهن شڪارپور ۾ ايڊيشنل ڪمشنر جي عهدي تي فائز هو، تڏهن مون کي به سندس صحبت ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪي گهڙيون گڏ گذاريندي نصيب ٿينديون هيون ۽ انهن مهارتن متعلق به ڏاهه

پنهنجي ويندي هئي. وسيع مطالعي، مشاهدي ۽ زندگيءَ جي اٿڪ تجربن هوندي به پاڻ ڪڏهن خودشناسيءَ لاءِ ڪا لب ڪشائي ڪانه ڪيائين. ’گهڻو پڙهائين، گهڻو ڏنائين، گهڻو لکيائين پر نه گهڻو ڳالهايائين ۽ نه اجايا بحث مباحثا ڪري، پاڻ کي عالم يا اڪابر ظاهر ڪيائين. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته جيڪو لکيل پڙهيل ماڻهو سندس صحبت ۾ هڪ گهڙي به رهيو هوندو سو اها گواهي ڏيندي نه گسندو ته انيس انصاري بيشڪ وڏو عالم، اڪابر ۽ ساڃاهه وند انسان هو. سندس شخصيت ڪيترين ئي انساني خوبين سان مالامال هئي، جن جا پَرتوا سندس تحريرن ۾ به شدت سان محسوس ٿين ٿا. ڪهاڻي نويسيءَ جي هر هڪ گُر جو گيان حاصل هئس. پلاٽ، ڪهاڻي، ڪردارنگاري، منظرنگاري، تجسس ۽ اسلوب سميت اظهار ۾ انفراديت سان گڏ ٻوليءَ تي بي پناهه قدرت حاصل هئڻ سبب موضوع مطابق لفظن جو انتخاب ۽ گهرج مطابق نحوي استعمال ۾ ڪوبه همسر نه رکندو هو. افسوس جو ڪنهن نقاد تڪليف ڪري سندس گهرائي ۽ بلند پروازيءَ ڏانهن نگاهه ئي ڪونه ڌري آهي!

خاڪا نگاريءَ ۾ به سندس اسلوب ۽ انداز منفرد پيو معلوم ٿئي، جنهن تي به خاڪو لکيائين تنهن جي اوصافن ۽ ارڪانن توڙي مزاج ۽ لاڳاپن کي نهايت نفاست سان بيان ڪندي، پنهنجي ادراڪ ۽ احساس جو تاڃي پيٽو اهڙو ته خوبصورت اُڻيائين جو ان هر رنگ روح کي پيو رڱيندو رهندو. هڪ دفعو پڙهبو ته ور ور پڙهڻ لاءِ پيو هٿ ڪتاب ڏانهن وڌندو.

ذوالفقار راشدي سندس دل گهريو دوست هو. جڏهن شڪارپور آيو تڏهن ساڻس پيار ۽ پاٻوهه پري گفتگوءَ مان ائين ئي سمجهيم ته سندس دل جا سپئي رستا ذوالفقار جي دل سان وڃي ملن ٿا ۽ هڪ ئي نئين احساساتي دنيا پئي ڏِکَ ڏئي. ذوالفقار راشدي جڏهن هي جهان ڇڏيو تڏهن انيس جي اندر جي ڪهڙي ڪيفيت هوندي!؟ اندازو ته انهن کي ئي هوندو جن جا واسطا انهن جهڙا هوندا. ذوالفقار راشديءَ تي جڏهن خاڪو لکيائين تڏهن هڪ هنڌ اهو به اظهار ڪيائين: ”راشديءَ سان منهنجي نينهن جو ناتو سال 1976ع ڌاري لڳو. انهن ڏهاڙن ۾ گهر سان گڏ نوڪري به لاڙڪاڻي ۾ هئم. مان ته هئم نوڪري جي ڏانوڻ ۾ ڏايل، نه هٿ چوري پئي سگهيم ۽ نه پير- پنڌ اڪثر پاڻ پيو ڪندو هو. مان به لوڪ لڄا کان ڇنڊي ڇڻي ماهي وڃي شاهه جي ڳوٺ ساڻس ڪچهريون ڪندو هئم. لاڙڻ ۽ توڙ نڀائڻ ڪو راشدي صاحب کان سکي. ذوالفقار راشدي دوست جي حيثيت ۾، يار جاني چوائڻ جو مستحق آهي. سندس دل گلاب جي گل وانگر نرم ۽ نازڪ آهي. پنهنجا ته پنهنجا ئي آهن پر پراوا ڏک پيو پاڻ سميٽيندو.“

انيس انصاري صاحب جي باڪمال علميت ۽ باوقار شخصيت جا ته روشن رخ گهڻا ئي آهن، جن جي متعلق ڇا چئي ڇا ڇڏجي! بيشڪ هُو ڪامياب زندگيءَ جو مالڪ هو. جيڏو صورت ۾ سهڻو هو تيڏو سيرت ۾ سيبتو. ڪهڙو ڏيل آهي جنهن ڏک جو ڏنگ نه سٺو هجي، هن به اڪ پڻڻ کان وٺي اڪ ٻوٽڻ تائين ڇا ڇا نه سٺو هوندو پر صبر ۽ ثابت قدميءَ سان هر ڏک جو منتطي نتيجو سڪ ئي سمجهي پاڻ کي پيو آماده ڪندو هو. زندگيءَ جي خود انتظامي ۽ ان جي پابندي جهڙي مون هن اعليٰ انسان ۾ ڏٺي، تهڙي اڄ تائين ٻي ڪابه ڪونه ٿو سنڀران! توڙي جو پاڻ نهايت ئي ڪم گو هو تڏهن به دل پئي چوندي هئي ته ساڻس صحبت جا به پل نصيب ٿي وڃن ته هوند پاڻ به ڪنهن اجري رنگ سان رڱجي وڃبو. ساڻس گڏ گذارڻ جون ڪي گهڙيون پنهنجي طفلي زندگيءَ جو خزانو سمجهندو آهيان. سندس آفيس ۾ گهٽ پر حافظ خير محمد اوحديءَ جي گهر ۾ گهڻو، بعض اوقات استاد محمد يوسف جي ”پاڪستان پرنٽنگ پريس“ ۾ ٽينڊڙ ڪچهرين ۾ مان به سندن علميت مان ڪي اکر جهٽي جيءَ ۾ جائيتا ڪندو ويندو

هئس. حافظ خير محمد اوحدي فارسي ادبيات جو وڏو ماهر هو. پاڪستاني سياست ۾ مسلم ليگ جو عهديدار رهڻ کان علاوه صحافت جي دنيا جو به چيمپئن هو. ڇا ته سندس ذهانت هئي ۽ ڇا ته سندس گفتگو! فارسي شاعريءَ جا ته قلب ۾ ڪوٽ هئا، عربي شاعري به ازبر هئس. حافظ شيرازي، رومي، سعدي، نظيري، عرفي ۽ رودڪيءَ سميت زيب النساء مخفي ته مرغوب سخنور هئس جن جي ڪلام جي ڪا اهڙي مصرع نه هئي جا سندس حافظي مان اڏاٽي هجي، پر متنبي، قيس آمري جنهن کي عرف عام ۾ ليليٰ جو مجنون چئجي ٿو، امراؤالقيس ۽ ٻيا ڪي عربي شاعر به ياد هئس. هيڏانهن انيس صاحب کي به ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام برزبان هو. انهن ٻنهي عالمن جي سخن جي محفل ۾ ٽيون فقط مان ئي هوندو هئس. جنهن کي نه فارسي اچي نه عربي. پوءِ به جڏهن محفل مچندي هئي تڏهن نه وقت جو احساس ٿيندو هو ۽ نه ٻئي ڪنهن طرف خيال ئي ويندو هو. شاعرن جي ڪلام سان گڏ انهن جي حياتيءَ جي اهم واقعن جي بياني من کي موهي وجهندي هئي. فارسيءَ جو هڪ شعر اوحدي جي زبان مان ٻڌل اڄ به حافظي ۾ موجود آهي.

هزار بار بشويم، دهن به مشڪ و گلاب،
هنوز نام تو گفتن، ڪمالِ بي ادبي است.

اهڙيءَ طرح مجنون جو هي شعر به هيٺيڪو اٿم:

الهيٰ تُبت عن ڪل المعاصي، ولڪن حُبِ ليليٰ لااتوب.

(ياالله مان سڀني گناهن کان توبهه ٿو ڪريان پر ليليٰ جي محبت کان توبهه نه ڪندس).

منهنجي خيال ۾ دنيا جي ٻولين مان عربي ۽ فارسي ڪلاسيڪي شاعري بيشڪ بيمثال خزانه آهن جن سان ٻي ڪابه ٻولي سخنوري ۾ مٽ ٿي نه ٿي سگهي. حافظ اوحدي پاڻ به پرگو شاعر هو. هڪ دفعي ڪلام برزبان شعر ٻڌم.

منهنجو زخم جگر هر هر اچي چو ٿو ڏسين،
ڪولي پلا توکي سجهن ٿا اتي ڪي تير جا ٽڪرا،
ڪرامن ڪاتبين جي ڊائري ڦاڙيم ته ڇا ٿي پيو،
ڪريان ٿوڪاتب تقدير جي تحرير جا ٽڪرا،
در جانان بيابان بزم زندان گوشه زندان،
اهي دنيا ۾ آهن عشق جي جاگير جا ٽڪرا

ان کان علاوه محمد جان قدسي جي نعت جو تتبع ڪيائين ته ڇيهه ڪري ڇڏيائين. اها نعت منهنجي ڪنهن نوٽ بڪ ۾ محفوظ آهي.

اهوئي وقت هو جو شڪارپور جي شاهه لطيف ڪاليج ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي به پرنسپال هو، سندس آفيس چڻ ته خانه علم ۽ محفل ادب هوندي هئي. شڪارپور ۽ اردگرد جا اديب ۽ شاعر وٽس ايندا ويندا هئا ته علمي ۽ ادبي محفل پئي آراسته رهندي هئي، وري جو ڪاليج پاران ڪو پروگرام منعقد ٿيندو هو ته اهو ڏينهن چڻ اديبن ۽ شاعرن لاءِ عيد جو ڏينهن هوندو هو. سڀني سان ملڻ جلڻ جو موقعو فراهم ٿيندو هو، اهڙن پروگرامن ۾ انيس انصاري صاحب به صدارت لاءِ يا مهمان خاص جي حيثيت سان شريڪ ٿيندو هو ۽ موضوع مطابق پنهنجي خطاب سان نوازيندو هو. شڪارپور ۾ انهن ئي عالمن ۽ اديبن توڙي شاعرن سان علم ۽ ادب جا اُفق روشن رهيا ۽ انهن ئي ڏينهن مان پيا ڏينهڙا پرندا رهيا ۽ راهون روشن ٿينديون رهيون:

انيس انصاري صاحب جي گهڻن ڪارنامن مان هڪ يادگار ڪارنامو لاڙڪاڻو هسٽاريڪل سوسائٽي قائم ڪرڻ آهي. اسان کي کپي ته اسان انهن جي زندگين جو مطالعو ڪري سندن نقش قدم تي هلي پنهنجو پاڻ کي سنواريون. انيس انصاري صاحب 6-مارچ 2000ع تي ستهتر سالن ستن مهينن ۽ ويهن ڏينهن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو. رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ جاءِ ڏيئي، آمين.

علي رضا قاضي



# شاهه لطيف جي عڪسي شاعري ۽ تنوير عباسي

پلوٽارڪ[1] جو اهو قول ڏاڍو زبردست آهي، جنهن ۾ هن چيو ته: ”پينٽنگ خاموش شاعري، ۽ شاعري ڳالهائيندڙ پينٽنگ آهي (1).“ ساڳئي وقت رابرٽ فراسڪ[2] شاعريءَ بابت چوي ٿو ته: ”شاعري تڏهن ئي ٿئي ٿي جڏهن جذبات کي خيال ۽ خيال کي لفظ ملي وڃن (2).“ پلوٽارڪ ۽ رابرٽ فراسڪ کان وڌيڪ شاعري بابت واضح قول استاد سقراط[1] جو آهي، جنهن ۾ هو چوي ٿو ته: ”مان ان نتيجي تي پهتو آهيان ته ڪا خاص ڏاهپ ناهي جيڪا شاعرن کان شاعري ڪرائي ٿي، پر اها هنن جي جبلت يا لاشعوري طور ڪنهن شيءِ کان متاثر ٿيڻ آهي، جيئن ولين مٿان الهام ٿيڻ يا پيغمبرن مٿان وحي جو نزول؛ هو بلڪل ان سرشتي مطابق ڪم ڪن ٿا(3).“ جڏهن شاعريءَ جي ڳالهه هلي ٿي، خاص ڪري تصوف سان ڀرپور شاعري جي، ته اسان کي ساڳيو لقاءُ ملي ٿو، جنهن ۾ اسان شاعرن جو اهو پيغام وصول ڪريون ٿا جنهن ۾ ڏاهپ جا نُڪتا ته هوندا آهن پر ساڳئي وقت هڪ اهڙو روحاني نياپو جيڪو عام حالتن ۾ دانشور نه ٿا ڏئي سگهن پر شاعر ڏيئي سگهن ٿا.

سونهاري سنڌ ۾ انهيءَ جو وڏو مظهر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ان جي شاعري آهي. نتيجي ۾ هن پنهنجي ڪم کي آيتن سان ڀيٽيو!

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهن،
نيو من لائين، پريان سندي پيچري.

(سر يمن ڪلياڻ)

اِتي هڪ سوال پيدا ٿئي ٿو ته ايتون ڇا آهن؟ مان پنهنجي ڄاڻ مطابق، جيڪو منهنجو پڪ سان ذاتي خيال ئي آهي ته آيتون ڀين لفظن ۾ Codes هونديون آهن، بلڪل ڪنهن سائنس جي اصولن مطابق جن کي پوءِ وقت جا ڏاها ماڻهو Decode ڪن ٿا.

شاعري، اڪثر حالتن ۾ شاعرن کي به سمجهه ۾ نه ٿي اچي. اهو مفروضو آهي يا حقيقت... ان کي ڏسڻو پوندو، پوءِ ڀلي اها عام شاعري هجي يا ڪنهن خاص قسم جي شاعري يا منهبي شاعري!

اچو ته سقراط[3] جي تجربي هيٺ، ان ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون: ايٿنس ۾ موجود ڊيلفي مان سقراط کي هميشه مختلف ڳالهيون ٻڌڻ ۾ اينديون هيون، اهي آواز فقط هن تائين محدود هئا، جنهن لاءِ سقراط سدائين اهو سوچي ڪنڌ کي ڌوڻيندو هو ته اهو سندس وهم آهي. هڪ ڀيرو هن ڊيلفيءَ مان لفظ ٻڌا ته: ”هن وقت توهان ئي دنيا ۾ سڀ کان ڏاها انسان آهيو!“ ڳالهه ٻڌي، سقراط کي هڪدم اهو خيال آيو ته موقعو آهي ڇو نه هن آواز کي غلط ثابت ڪري ڏيکارجي، جنهن لاءِ هو يونان جي ڊرامه نويسن سميت زندگيءَ جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وٽ صرف اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ويو ته اهي ماڻهو ڪانئس ڏاها آهن، پر هر جڳهه تي سقراط کي مايوسي پلئه پئي. آخر ۾ هو ايٿنس[4] ۾ رهندڙ مشهور شاعرن وٽ سندن تخليق جو مفهوم

---

[1] پلوٽارڪ ( 46ع کان 120ع تائين) هڪ مشهور يوناني تاريخ نويس، سوانح نگار ۽ مضمون نگار.

[2] رابرٽ لي فراسڪ (1874ع کان 1963ع تائين) مشهور آمريڪي شاعر .

[3] سقراط (470 کان 399 قبل مسيح تائين) يوناني فلاسافر، جديد فلسفي جو بنياد وجهندڙ.

[4] ايٿنس ۾ قائم عبادگاهه جتي زيوس ديوتا جي پوڄا ڪئي ويندي هئي

"هن بيت ۾ اڪيلائيءَ جو احساس ۽ روئڻ سو به وَڃن کي گلي لڳائي، جذبي جي شدت ۽ عڪس جي چٽائي هئي گڏجي عجيب تاثر ٿا پيدا ڪن (12).

تنوير عباسيءَ جو ساڳئي ڪتاب ۾ "شاهه لطيف جون سورميون" ۾ جهڙي طرح سهڻي جي ساراهه ٿيل آهي، تنهن کي پڙهي اڄ جي جديد دور ۾ به اسان حيرتن ۾ وڪوڙجي وڃون ٿا. مار! جڏهن 21 صدي ۾ ئي اسان جهڙن معاشرن ۾ رهندڙ عورتن جي ڳچيءَ مان غلاميءَ جا ڳٽ نه نڪتا آهن ته اڄ کان اٽڪل نو سؤ سال اڳ جڏهن سنڌ ۾ سومرا (1050ع کان 1351ع تائين) حاڪم هئا ۽ سهڻي- ميهار جو داستان به سومرن جي اوائلي دور سان تعلق رکي ٿو(13). ته هڪ ڪاسبي گهراڻي سان تعلق رکندڙ عورت ايتري بهادر ٿي سگهي ٿي، جنهن جو موجوده دور ۾ تصور به ڏکيو لڳي ٿو!

**لهر مڙيوئي لعل، وهڻُ ڪٿوريان وترو.**
**اوپارا عنبير جا، جَرَ مان اچن جال،**
**ڪُنن گهڙي ڪال، سڪ پريان جي سهڻي.**
(سر سهڻي)

"هي بيت، سنگهڻ جي احساس جو عڪس آهي. ڪنهن نظاري جي چٽسالي يا ڪنهن ماڻهو جي مهاندن جو نقشو چٽائيءَ سان اکين اڳيان اڀري اچي، ته اهڙي عڪس کي نظري عڪس چوندا آهن(14)."

ميهار جي سهڻي جڏهن ٻڏي وئي ته دريائي جانور ڪيس چيري ڦاڙي ٿا ڇڏين. ايتري تائين جو پاڻي به ڳاڙهو ٿيو وڃي. سهڻي جي جسم مان نڪرندڙ خوشبوءِ جنهن مثال ڪٿوري طور ورتو ويو آهي سا درياء جي پاڻيءَ ۾ گڏجي وڃي ٿي، نتيجي ۾ جَرَ مان عنبير جا اوپارا اچن پيا. سهڻيءَ جي دل ۾ ساهڙ سان ملڻ جي اڪير هئي سا جڏهن درياء ۾ گهڙي هئي ته تن بدن ان سڪ سان واسيل هو. هن بيت ۾ خوشبوءِ جي احساس کي لطيف سرڪار جهڙيءَ ريت مٿي ڪٿي آيو آهي، اتي انهن بيتن جي تنوير عباسيءَ پاران شاعريءَ کي سائنسي بنيادن تي ڪٿي وڃي تشريح ڪرڻ به ڪمال آهي.

سر سهڻيءَ ۾ سهڻيءَ جو ڪردار هن جي بهادري جتي تمام گهڻو متاثر ڪيو آهي، اتي انساني نفسيات جا مختلف پهلو به ظاهر ٿين ٿا. جڏهن شين جو نفسياتي ڇيد ڪجي ٿو، ته اتي جنسي ڪشش کي ضرور سامهون رکجي ٿو، جنس جي حوالي سان جڳ مشهور دانشور گرو رجنيش اوشوءَ لکيو آهي ته "جنسي زندگي اها آهي، توهان جتي زندگي ڏسندا اتي جنس ملندي، جنهن ڏينهن اها توانائي غائب ٿيندي توهان مرڻ شروع ڪندو، ڇو جو جنسي توانائي ئي توهان کي زنده رکي ٿي. احمقانه تصورن جي تعليم ته ان کي ترڪ ڪريو، اهو بيشمار ماڻهن سان هزارين پيرا مختلف نمونن سان ٿي چڪو آهي، لاتعداد Taboos گهڙيا ويا آهن. توهان کي سيڪس کان ڊيڄارڻ جو آسان طريقو ان کي موت سان ڳنڍڻو آهي. پنڊتن ۽ پادرين اهو آسان طريقو ڳولي ورتو، پنڊت ۽ پادري دنيا جا مڪار ترين انسان آهن، هنن ابتدا کان ڳولي ورتو هوندو ته جنس کي موت سان ڳنڍيو وڃي ته ماڻهن کي سيڪس کان ڊيڄاري سگهجي ٿو ۽ جڏهن هو سيڪس کان خوفزده ٿيندا ته ذهانت ۽ تخليق کان به ڊڄڻ لڳندا. هو آزادي کان ڊڄندا تان جو غلام ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ويندا (15)."

هيءُ هڪ ٻيو پاسو آهي، جنهن تي به الڳ نموني سان تحقيق ڪرڻ گهرجي. خبر ناهي ته سڄي دنيا جي مذهبن جي خاص ڪري اوڀر جي تعليم ۾ جنس ايتري 'ممنوع' ڇو آهي. سهڻي جو ساهڙ سان ملڻ، ڪشالا ڪيڻ، دنيا جهان سان مهاڏو اٽڪائڻ، آخر تائين نه جُهڪڻ مري وڃڻ، ضرور ڪا شيءِ ڪا ڪشش ڪا جسماني آسودگي هوندي، پر اسان بنيادي طور غلام آهيون. اسان جي جبلتن ۾ بندشون ۽ ممنوعات شامل آهن. هن مسئلي ڏانهن ڌيان ان جي مڪمل وضاحت ڪري پاڻ کي ڪافر ڪرائڻ نه ٿا چاهيون. سهڻيءَ جي قصي مان ته اها ڳالهه به آهي ته جنسي آسودگيءَ جو تعلق صرف شاديءَ سان نه آهي، پر ان جو لاڳاپو هڪ خاص قسم جي 'Chemistry' سان آهي جيڪا عورت ۽ مرد وچ ۾ جڙي ٿي. جسم مان

ڊاڪٽر عذرا سرور



# سنڌي اَدب ۾ سوانح نگاري

سوانح جو ادب دنيا ۾ اڳوڻي زماني کان موجود آهي. اوائلي يوناني ادب ۾ پلو تارچ جون سوانحون مشهور آهن. فردوسي پنهنجي شاهه نامي ۾ ايران جي اڳوڻن بادشاهن جا احوال ڏنا آهن. مها ڀارت ۽ رامائڻ قديم سنسڪرت جي ادب ۾ سوانح نگاريءَ جا شاهڪار آهن. انگريزي ٻولي ۾

**'A Coot's "Napoleon Bona Part "Lives of Poets" Johnson's "Historical Essays" Macaulay's "Life of Johnson" Boswells**

دنيا جي سوانحي ادب ۾ ممتاز حيثيت رکن ٿا.

سوانح نگاري ته مسلمانن جي فطرت جو هڪ حصو آهي اسان جي قومي زندگي جو واڌوارو سوانح نگاري کي ترقي ڏيڻ کان سواءِ اڌورو آهي. قرآن شريف خود انبياء عليه السلام ۽ رسول اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي سوانح جو هڪ نادر مجموعو آهي.

فن سيرت اسماءِ الرجال يعني ماڻهن جا نالا ۽ تاريخ ۾ مسلمانن جو ادبي سرمايو تمام گهڻو آهي. جڻ ته هيءَ ٽيئي علم قرآن شريف جي تفسير ۽ حديث جي سمجهڻ لاءِ اُمت کي گهربل هئا، تنهنڪري انهن کي سهيڙڻ لاءِ ۽ سوڌڻ ۾ بيحد گهڻي محنت کان ڪم ورتو ويو.

اهڙي طرح انهن عِلمن يعني سوانح ۽ سيرت ۾ ڪتابن جا انبار لکجي ويا. عربن کان پوءِ مسلمان قومن جهڙوڪ ايرانين، ترڪن ۽ مغلن به دنيا جي سوانحي ادب ۾ ڪافي واڌارو آندو. تاريخ فيروز شاهي، بابر نامه، همايون نامه، آئين اڪبري، تزڪ جهانگيري وغيره براعظم هندو پاڪ جي سوانحي ادب ۾ ممتاز حيثيت رکن ٿا. هند و پاڪ جي ٻين حصن وانگر واديءَ سنڌ ۾ به سوانح ادبي اوائل ۾ فارسي ٻولي جو جامو پهريو. هن ڏس ۾ بيگلار نامون، بيان العارفين، تحفة الڪرام ۽ مقالات الشعراء وغيره مشهور ڪتاب آهن. نج سنڌي زبان ۾ سوانح نگاريءَ جي اوليت جو سهرو مخدوم ميان عبدالله عليه الرحمة جي سِر تي سونهي ٿو. هيءَ صاحب واديءَ سنڌ جي مشهور عالم ۽ اوائلي سنڌي صورتخطيءَ جي ايجاد ڪندڙ مولوي ميان ابوالحسن جو سؤٽ هو. هن صاحب سيرت جي مُستند عربي ڪتاب شرح سراج المنير جو سنڌيءَ نظم ۾ ترجمو ڪري مٿس قمر المُنير جو نالو رکيو. قمرالمُنير ڪتاب ۾ فقط حضرت نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جا اخلاق، اعمال، اقوال ۽ احوال ڏنل آهن.

مصنف ڪتاب جي شروع ۾ فرمائي ٿو:

هاڻي سٺو مومنا هيئين سين ڪنن،
اوصاف احمد صلي الله عليه وآله وسلم ڄام جا سندا پرين.
ته ڪهڙا رکايا ربّ هو اِخلاق عجيب منجهن،
سيد سونهين تن سين صِفتون جي سندين
ته ڪري شفاعت ان مٿي جو آهي نور نبين
اوصاف افعال اڪمل جا سِکي صحي ڪجن
جنهن ڪري ٿو سُڃاڻجي سيد سنلو سين
ته ويترو رنهن ڏوڙ ٽٽي محنت ڪنان مڙن
پڻ ايمان ۽ اسلام بچي ڪنان آفتن-

- قمرُ المنير کان پوءِ مخدوم عبدالله سيرت جو ٻيو ڪتاب خلفاءِ الراشدين نالي لکيو جنهن جي شروع ۾ فرمائي ٿو؟

آهين خلفاءِ الراشدين پنج ڄڻا سڪي ياد ڪجن
هڪڙو ابابڪر رضي الله عنه صديق ٻيو امير
عمر رضي الله عنه شاهه ٽيون عثمان رضي الله عنه
ذوالنورين چوٿون علي مُرتضيٰ رضي الله عنه
پنجون خليفون پويون حضرت حَسن مُجتبيٰ
جنهن تي ٿيو ختم خلافت جو موجب حديثا

سوانح ۾ مخدوم عبدالله جو ٽيون ڪتاب قصو شهادت حضرت اِمام حُسين رضي الله عنه جو آهي. مخدوم عبدالله کان پوءِ مولوي محمد حُسين سال 1763ع ڌاري فارسي قصصُ الانبياء جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري مٿس "سير بَستان" جو نالو رکيو. ڪتاب ناهڻ بابت مُصنف پاڻ هيئن ٿو فرمائي.

خالِق موڪليون خبرون سچي سيد ڏانهن
پرڪين سمجهيو تِن ڪي جي اُمي عواما
مگر خبرون ڏين تِن ڪي جي سڳورا عُلماء
تہ لکي ڪريان پڌرا اُقصاء نبين جا
سنڌي وائي سهاجي ڪريان نيان.

سنہ 1785ع ڌاري مولوي عبدالسلام ٺٽوي حضرت پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم جن جي صورت ۾ سيرت تي شمائل نبوي نالي هڪ ڪتاب عربي تان ترجمو ڪري لکيو. ڪتاب سچو ابوالحسن واريءَ سنڌيءَ ۾ "آ" قافيہ واري شعر ۾ آهي. سنہ 1798ع ۾ مولوي احمد مرحوم پارسي روضة الشعراء کي سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيو. شمائل نبوي وانگر هيءُ ڪتاب بہ ابوالحسن جي سنڌي ۾ لکيل آهي پر صورت ڏوهيڙن جي اٿس. هن ڪتاب ۾ امام حَسن رضي الله عنه ۽ امام حُسين رضي الله عنه جي مبارڪ زندگي جو احوال ۽ سندن تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي. مولوي ولي محمد مرحوم سنہ 1804ع ڌاري حڪايت الصالحين نالي هڪ ڪتاب سنڌي ڏوهيڙن ۾ لکيو. هيءُ هڪڙو اخلاقي ۽ روحاني تعليم جو مجموعو آهي. جنهن ۾ اڳوڻن نبين، حضرت نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم، اصحاب سڳورن ۽ اوليائن جا نقل ۽ حڪايتون ڏنل آهن. ميرن جي صاحبي کان پوءِ جڏهن سنڌيءَ ٻولي ۾ نثر نويسيءَ جو رواج پيو تڏهن سال 1860ع ڌاري نيپيئر نامو ۽ فريئر نامو ڪتاب لکيا ويا.

ذِڪر ڪيل ٻن ڪتابن کانپوءِ اٽڪل اڌ صدي تائين سوانح جو ڪو خاص ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪونہ ٿو ڏسجي البتہ سنہ 1880ع ڌاري جڏهن مرزا علي قليچ بيگ سچل فقير جو ڪلام گڏ ڪري ڇپايو تڏهن ان ۾ مقدمہ طور فقير صاحب جي سوانح ڏني ڇڏيائين. سال 1910ع ڌاري مرحوم شمس العلماء، مرزا قليچ بيگ صاحب جون لکيل سوانحون شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، امام غزالي، شيخ بوعلي سينا ۽ خان بهادر حسن علي آفندي تي ڇپيون. آنجهاني لعل چند امر ڏني مل سنہ 1915ع ۾ محمد الرسول الله صلي الله عليه وآله وسلم نالي ڪتاب لکيو. سال 1924ع ڌاري مرحوم حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ پنهنجا ٽي سوانحي نامہ قلندري ۽ ابو الفضل ۽ ملا فيضي لکي تيار ڪيا. تقريباً ساڳئي زماني ۾ آنجهاني ڊاڪٽر هوتچند، مولچند گربخشاڻي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو رسالو ٽن جلدن ۾ مرتب ڪيو جن مان پهرئين جلد ۾ مقدمہ لطيفي نالي هڪ تمهيدي مقالو شاهہ صاحب جي سوانح تي لکيائين. ان وقت ڌاري راءِ بهادر ديوان تاراچند شوقيرام وري ڪوڙومل ساهتيہ منڊل طرفان ساميءَ جو جيون چرتر ۽ چونڊ سلوڪ ڇپائي پڌرا ڪيا.

سال 1931ع ڌاري حيدرآباد سنڌ ۾ سنڌ مسلم سوسائٽيءَ طرفان مرحوم ميان محمد بخش واصف 'اسان جو پيارو رسول' نالي سيرت جو هڪ ڪتاب لکيو. ان ساڳي سوسائٽيءَ طرفان سال 1941ع تائين فاتح سنڌ غازي محمد بن قاسم، شهيد ڪربلا، خليفو اول حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه، حضرت عمر بن عبدالعزيز، سيرت النعمان، دُر يتيم، حضرت يوسف عليه السلام، سَعد بن زبير رضي الله عنه، خالد بن وليد رضي الله عنه، قُرب قليچ، ڏهہ جنتي، نبين جا قصا، دُخترانِ اسلام، حضرت مخدوم نوح وغيره سوانح جا ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا. جون 1936ع ڌاري "الوحيد آزادي نمبر" شايع ٿيو جنهن ۾ واديءَ سنڌ جي اڳوڻن توڙي نون ڪيترن نامور هستين جا احوال ڏنل آهن، سال 1937ع ڌاري آنجهاني ڊاڪٽر گربخشاڻي "لنواريءَ جا لعل" نالي هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ لنواري شريف جي اولياء ڪرام جون سوانحون ڏنل آهن. شڪارپور جي آغا غلام النبي صوفيءَ سنہ 1940ع ڌاري سچل سرمست جو ڪلام گڏ ڪري ڇپايو، جنهن ۾ هن صاحب فقير صاحب جي سوانح تي ڪافي روشني وڌي آهي. سنہ 1940ع ڌاري



**ميرزا منظورعلي بيگ**

# ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني)

ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) انهيءَ مقتدر خاندان جو فرد هو، جيڪو ارغونن سان ملي ترڪستان جي ننڍي رياست قندار جي حڪومت جي انتظام ۾ شريڪ ٿيو هو پر مغل شهنشاهه ظهيرالدين محمد بابر جي لاڳيتن حملن کان لاچار ٿي، بابري حڪمن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، وطن ڇڏڻ تي مجبور ٿيو.

ٽرخان ۽ ارغون خاندانن جي رڳن ۾ حڪمرانيءَ جو خون گردش ڪري رهيو هو، تنهنڪري أهي سنڌ ۾ قندار جي مفتوح جي حيثيت ۾ نہ، بلڪہ فاتح جي حيثيت ۾ داخل ٿيا. سنڌ ۾ اجان ارغونن جي حڪومت ڪي قائم ٿيندي ٿيڻيهه (33) سال ٿيا هئا، تہ ٽرخان گهراڻي مان انهيءَ سرزمين تي سنہ 960هه ۾ ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جنم ورتو. سنڌس ماءُ سميجن مان هئي، سميجا سنڌ جو مشهور ۽ بهادر قبيلو هو.

ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جي ڄمڻ جي ٻن سالن کان پوءِ سنہ 962هه ۾ سندس ڏاڏي ميرزا عيسيٰ خان (اول) ٺٽي جي حڪومت تي قبضو ڪري 18 سال حڪومت ڪرڻ کان پوءِ، سنہ 980هه ۾ وفات ڪئي. أن جي وفات کان پوءِ سندس پٽن: ميرزا صالح، ميرزا غالب، ميرزا جان بابا ۽ ميرزا باقي جي وچ ۾ تخت نشينيءَ جي جنگ ٿي، جنهن ۾ ميرزا باقي کي فتح حاصل ٿي. ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جو والد ميرزا جان بابا انهيءَ اقتدار واري ويڙهہ ۾ اجل جو شڪار بڻيو.

انهن سنگين حالتن جي ڪري ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) روپوش ٿي پنهنجي ناناڻن ۾ رهيو، تہ جيئن ميرزا باقي کان محفوظ رهي پر ٿوري وقت کان پوءِ سنہ 983هه، ۾ ميرزا باقي خودڪشي ڪئي ۽ سندس جاءِ تي ميرزا پائنده بيگ ۽ ان جي پُٽ ميرزا جاني بيگ ٺٽي جي حڪومت سنڀالي (قدوسي، 1974ع: ص 323). جيتوڻيڪ ميرزا باقي جي موت ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جي حڪمرانيءَ واري شوق کي ضرور وڌايو، پر ميرزا جاني بيگ جي حڪمت ۽ سياست هن کي ايتري قدر نوازيو جو سندس حڪمرانيءَ وارو شوق دٻجي ويو. "ٽرخان نامہ" مان خبر پوي ٿي، تہ جڏهن حڪومت ميرزا جاني بيگ جي هٿ آئي، تڏهن هُو کيس تسلي ڏئي نهايت تعظيم و تڪريم سان ٺٽي وٺي آيو. أن جو احوال، سيد مير محمد هن طرح لکي ٿو تہ:

ميرزا عيسیٰ، تَرخان بن جان بابا تَرخان که از ملاحظه ميرزا محمد باقی در احتشام سميجه مختفی بود، بهزار تملق و دلاسا باعزاز و اکرام در تهته آورده عمهء خود را در حبالهء نکاح او آورده و جاگير و منصب مقرر نمود.( تتوی، 1964ع: ص 66)

[ترجمو: ميرزا عيسيٰ ٽرخان ولد جان بابا ٽرخان جيڪو ميرزا محمد باقي جي خوف کان سميجا قبيلي وٽ وڃي لڪو هو، تنهن کي ميرزا جاني بيگ هزار حيلن ۽ دلاسن سان ٺٽي ۾ نهايت عزت ۽ احترام سان آندو ۽ پنهنجي پڦيءَ جو هن سان نڪاح وڌائين ۽ هن لاءِ جاگير ۽ منصب بہ جدا مقرر ڪيائين.]

انهيءَ ڪري ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) پنهنجي والد واري حڪومت جي دعويٰ تان هٿ ڪڍي ويو. حالانڪہ انهي پُرآشوب دور ۾ مغلن

حملو نه ڪيو ۽ سنڌ جي خودمختياري بہ متاثر ٿي. جيئن تہ ميرزا جاني بيگ جو مغل شهنشاهہ اڪبراعظم وٽ وڃڻ اِهو ثو ثابت ڪري، تہ سندس موجودگيءَ ۾ سنڌ اندر خودمختياريءَ جي جنگ ڪانہ لڳندي، بلڪ هي صوبو بہ، هندستان جي ٻين ٻارهن صوبن وانگر تيرهون صوبو ٿي رهندو.

جڏهن اهي واقعا منهن ڪڍي رهيا هئا، تڏهن ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) سمورن پهلوئن جو جائزو وٺي رهيو هو ۽ منتظر هو تہ شايد غيب مان هن لاءِ ڪا راهہ نڪري اچي؛ ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو، جو سنہ 1009هه/1600ع ۾ ميرزا جاني بيگ جو برهانپور ۾ انتقال ٿيو ۽ هيڏانهن ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) حڪومت جي حاصلات لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. خسرو خان چرڪس جيڪو ٽرخان خاندان جو مستقل وڪيل هو، ميرزا غازي بيگ کي پيءُ جو جانشين مقرر ڪيو ۽ هن گهريو ٿي تہ ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) کي قيد ڪري (شاهنواز، 1970ع: ص 408)، پر ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) پيھر پنهنجي ناناڻن ڏانهن هليو ويو ۽ ڪيس الله ۾ آسرو هو، تہ ضرور ڪانہ ڪا راهہ نڪري ايندي، پر ابوالقاسم جي گرفتاري ۽ انڌي ٿيڻ کان پوءِ جان جي خوف کان هُو مغل شهنشاهہ اڪبراعظم جي حضور ۾ پيش ٿيو ۽ اُتي ملازمن جي فهرست ۾ داخل ٿي، طرح طرح جون خدمتون بجا آڻڻ لڳو('قانع'، 1957ع: ص 235).

ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) فوري طور تي اڪبر بادشاهہ وٽ ڪونہ ويو، بلڪ ڪجهہ عرصو هن سنڌ ۾ گذاريو ۽ تقريباً 10-12 سالن جي روپوشيءَ کان پوءِ اڪبر بادشاهہ جي قدم بوسيءَ جو شرف حاصل ڪيائين. تڏهن بادشاهہ هن تي تمام گهڻي عنايت فرمائي، عام قاعدي جي خلاف هُن تي ايتري عنايت ۽ شفقت ڪئي، جو ڪيس انهن اميرن ۾ شامل ڪيائين، جيڪي انتظامي معاملا سنڀاليندا هئا ۽ سؤ سوار جو منصب وڏائي چڙهيائين(تتوی، 1964ع: ص 96).

شهنشاهہ اڪبر، ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جي منصب ۾ انهيءَ ڪري اضافو ڪيو هو، تہ جيئن هُو ضرورت وقت سنڌ جو انتظام سهڻي طريقي سان سنڀالي سگهي؛ ڇو تہ اُن وقت ميرزا غازي بيگ اڪبري دربار ۾ اچڻ کان ڪيٻائي رهيو هو. آخرڪار ميرزا غازي بيگ پنهنجي فوجي قوت ۽ مغلن جي طاقت جو موازنو ڪندي دربار ۾ پيش ٿيڻ کي ترجيح ڏني. جنهن وقت ميرزا غازي بيگ، اڪبر بادشاهہ سان ملاقات جو شرف حاصل ڪيو، ان وقت ميرزا غازي بيگ جي عمر تقريباً 20 سال هئي. اڪبر بادشاهہ، هن جي پيءُ جي خدمتن کي ڏسندي بہ شاهي عنايتن سان نوازيو ۽ سنڌ ملڪ سندس حوالي ڪيائين. جڏهن شهنشاهہ جهانگير قنڌار جي حڪومت ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو، تہ اهڙي طرح ميرزا غازي بيگ، سنڌ ۽ قنڌار جو صوبيدار مقرر ٿي ويو.

ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جي باري ۾ وڌيڪ معلومات اڪبري دور ۾ نہ بلڪ جهانگيري عهد ۾ ملي ٿي. هونئن تہ هن اڪبر بادشاهہ کان منصب حاصل ڪري اِهو ثابت ڪيو، تہ هو ٻين مغل اميرن کان صلاحيت ۾ گهٽ نہ آهي پر اصل خدمتون جيڪي هن سرانجام ڏنيون، سي جهانگيري ۽ شاهجهاني دور سان لاڳاپو رکن ٿيون. شيخ فريد بکري لکي ٿو تہ:

> مرزا، استیلائی او را معائنه کرده از آنجا گریخته برامده بدرگاه مقدس معلی. بندگان حضرت جهانگیری رسید و بمنصب فاخره رسیده تعینات دکن گشت۔ (بکهری، 1970ع: ص 210)

غالباً انهيءَ علائقي جي باري ۾ "ٽرخان نامہ" جي مصنف لکيو آهي تہ، "حڪومت جا گهڻا رڪن هن جي مخالفت تي سندرو ٻڌيو بيٺا هئا ۽ ڪيس ذڪين جاين تي بدلي ڪري جاگير ۽ تنخواهہ ڏيندا هئا"(تتوی، 1964ع: ص 96-97).

ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) تقريباً ڇهہ سال خان جهان سان وابستہ رهيو ۽ دکن ۾ پنهنجون

خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. جڏهن 1021هه (1612ع) ۾ ميرزا غازي بيگ جي وفات جي خبر پهتي، تڏهن به ميرزا کي اُتي طلب ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري شيخ فريد لکي ٿو ته:

پس از فوت مرزا غازی بیگ در سال هزار و بیست و یک هجری بموجب فرمان طلب از دکن بحضور آمد۔ جنت مکانی خواستند که اورابه تته فرستند که مبادا خسرو خان بغی ورزد و عبدالعلی تَرخان که بجای مرزا غازی بیگ نشانده اورا تقویت بخشد۔ (بکهری، 1970ع: ص 210-211)

هن دفعي خاص طور تي ميرزا عيسيٰ ٽرخان (ثاني) ۽ ميرزا رستم قنڌاري کي ٻنهي مان ڪنهن به هڪ جي چونڊ ڪرڻ لاءِ، دربار ۾ گهرايو ويو هو. جو ته سنڌ ۾ خسرو خان چرڪس پنهنجو اقتدار ايتري قدر وڌائي ڇڏيو هو، جو پاڻ بادشاهه جي مرضي معلوم ڪرڻ کان سواءِ هڪ شخص عبدالعلي خان کي ميرزا غازي بيگ جي جاءِ تي نامزد ڪري، خود حڪمراني ڪرڻ لڳو. اِها من ماني اقتدار اعليٰ جي خلاف هئي، تنهنڪري شهنشاهه جهانگير فوري طور تي ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) کي دڪن مان گهرايو، ته جيئن هُو ٺٽي جي صوبي جو انتظام سنڀالي. هن سلسلي ۾ جهانگير بادشاهه پنهنجي توزڪ ۾ لکيو آهي ته:

ميرزا عيسيٰ ٽرخان، جيڪو ميرزا غازي جي عزيزن مان هو ۽ دڪن جي لشڪر تي مقرر ڪيل هو، مون اُن کي ٺٽي موڪلڻ جي خيال کان طلب ڪيو هو. هُن انهيءَ تاريخ تي منهنجي خدمت ۾ حاضريءَ جي سعادت حاصل ڪئي. جيئن ته هُو مهربانين ۽ نوازشن جي قابل هو، انهيءَ ڪري مون هُن کي هزاري ذات ۽ پنج سؤ سوارن جي منصب سان ممتاز ڪيو(جهانگير، ج:01، 1970ع: ص 370).

شهنشاهه جهانگير هتي به انهيءَ ڳالهه جو خيال ظاهر ڪيو آهي، ته هن ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) کي ٺٽي موڪلڻ ٿي چاهيو پر اِهو ڪٿي به ڪونه لکيل آهي، ته ڪيس ٺٽي موڪليو ويو. انهيءَ جي ابتڙ هُن جي توزڪ ۾ ان ڳالهه جي تائيد آهي ته، ميرزا غازي بيگ جي وفات کان پوءِ ميرزا رستم قنڌاري کي ٺٽي موڪليو ويو هو ته ميرزا غازي بيگ جي وفات وقت نه ته ميرزا رستم قنڌاري دربار ۾ موجود هو ۽ نه ئي ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني). تنهنڪري هنن ٻنهي مان ڪنهن به هڪ کي سنڌ ۽ قنڌار جي علائقن جي مناسبت سان موڪلڻو هو. جهانگير بادشاهه لکي ٿو ته:

مون کي خيال آيو ته هُن کي (ميرزا رستم) ٺٽي جي حڪومت لاءِ موڪليان، ته جيئن هُو اُتي پنهنجا ذاتي جوهر ۽ قابليت ڏيکاري سٺي طريقي سان ملڪ جي حفاظت ۽ نگراني ڪري. انڪري مون ڪيس پنج هزاري ذات ۽ سوار جي منصب سان سرفراز ڪري ڀ لک روپيا نقد بطور مدد جي. خرچ جا ڏني، ٺٽي جي صوبيداريءَ لاءِ روانو ڪيو(جهانگير، ج:01، 1970ع: ص 426).

هيڏانهن جهانگير بادشاهه ته ميرزا رستم ۾ تمام سٺي اميد رکيو ويٺو هو، پر هوڏانهن سنڌ وارا هُن جي ظلم ۽ ستم جا شڪار هئا ۽ دربار ۾ اڪثر ڪري سنڌس خلاف ڪا نه ڪا شڪايت ايندي رهندي هئي. اُهي شڪايتون اڳتي هلي هن جي برطرفيءَ جو سبب ثابت ٿيون، بلڪ ڪجهه عرصو ڪيس انيراءِ سنگهه دلن[1]جي بند ۾ به رهڻو پيو.

---

[1] انيراءِ سنگهه دلن جي نالي سان مشهور هو. راجپوتن جي شاخ بڙگوجر مان هو. پاڻ پنهنجي پيءُ جي زماني ۾ ئي اڪبر جي ملازمت ۾ منسلڪ ٿيو ۽ اڪبري عهد جي آخر ۾ خواصن جو سردار مقرر ڪيو ويو. شهنشاهه جهانگير به پنهنجي عهد ۾ هُن تي اعتماد رکندو هو. ايتري قدر جو خسرو جي نگراني به سنڌس حوالي ڪئي وئي. مهر بنگش ۽ ٻين مهمن ۾ هو وڏن وڏن امراء تي سپه سالار مقرر ڪيو ويو. هن 10 جلوس شاهجهاني (1637ع) ۾ وفات ڪئي(جهانگير، ج:01، 1970ع: ص 445).

اهڙي طرح ميرزا رستم سنہ 1021ھ کان 1023ھ تائين سنڌ ۾ بحيثيت صوبيدار رهيو، پر جهانگيري عهد جي مستند مؤرخ معتمد خان، ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي باري ۾ اهو ڪونہ لکيو آهي، تہ ڇا جي ڪري کيس ٺٽي نہ موڪليو ويو ۽ نہ ئي ”تزڪِ جهانگيري“ ۾ ان جو ڪو اهڙو ذڪر ملي ٿو پر ”ترخان نامہ“ ۽ ”ذخيرة الخوانين“ جي مصنفن صاف طور تي ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) سان اميرن جي حسد ۽ رقابت جا اصل ڪارڻ بيان ڪيا آهن. ”ترخان نامہ“ جو مصنف لکي ٿو:

در ايام سلطنت جهانگير بادشاه مدارالمهامی اکثر بوسائل بود۔ و ميرزا عيسی ترخان از کمال جمعيت و همت و غيرت بغير از بادشاه بکسی سر فرونمی آورده، و بارکان دولت توسل نمی جست، لاجرم ارکان دولت در مقام نزاع او بوده،او را در جاهای سخت و زور طلب تنخواه ميکردند۔(تتوی، 1964ع: ص 96-97)

[ترجمو: جهانگير بادشاهہ جي دور حڪومت ۾ مدارالمهامي جو عهدو اڪثر ڪنهن نہ ڪنهن وسيلي سان ملندو هو پر ميرزا عيسيٰ ترخان اهو عهدو بادشاهہ کان بغير ڪنهن وسيلي جي حاصل ڪيو ۽ ڪوبہ وسيلو تلاش نہ ڪيائين، ايستائين جو حڪومت جا گهڻا رڪن هن جي مخالفت تي سندرو ٻڌي بيٺا.]

گويا دربار ۾ هڪ طبقو اهڙو بہ هو، جيڪو ميرزا صاحب جي تمام گهڻي مخالفت ڪندو رهندو هو ۽ بادشاهہ انهيءَ گروهہ کان ايترو تہ متاثر هو، جو باوجود ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي بروقت دربار ۾ پهچڻ تي بہ، کيس ٺٽي نہ موڪليو ويو. هتي اهو واضح طور تي نٿو چئي سگهجي، تہ ان گروهہ ۾ ڪهڙا ماڻهو شامل هئا پر سنڌ جي حالتن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اها ڳالهہ ضرور چئي سگهجي ٿي، تہ هن علائقي (سنڌ) جي صوبيداري حاصل ڪرڻ جا تمام گهڻا اميدوار هئا. جيئن تہ اهو علائقو امن پسند ماڻهن جو هو ۽ انهي جي ابتڙ دکن ۽ بنگال ۾ روز بروز وڌندڙ بغاوتون ڪنهن بہ صوبيدار کي سڪون سان رهڻ ڪونہ ڏينديون هيون. وري ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جو تہ اهو وطن هو، هن کان وڌيڪ خواهش ٻئي ڪنهن کي ٿي پئي سگهي پر ميرزا رستم قنڌاريءَ سان بہ ساڳي حالت هئي، ڇو تہ هن جو وطن قنڌار بہ انهيءَ دور ۾ سنڌ جي صوبي سان لاڳاپيل هو، جنهن طرح سان ميرزا غازي بيگ کي سنڌ ۽ قنڌار جي حڪومت ملي، تيئن هن جي بہ خواهش ٿي هوندي، تہ کيس سنڌ ۽ قنڌار ملي، پر سندس اميدن جي ابتڙ کيس صرف سنڌ جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو.

هتي ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جو اثر تمام ۽ ميرزا رستم جي صوبيداري کي ناڪام ڪرڻ لاءِ ماڻهن طرح طرح جون شڪايتون مغل شهنشاهہ جهانگير جي دربار ۾ پهچايون. انهن شڪايتن جي ڪري نہ صرف ميرزا رستم کي ٺٽي جي صوبيداري تان هٽايو ويو، بلڪ ڪجهہ عرصو کيس انيراءِ سنگهہ دلن جي بند ۾ بہ رهڻو پيو پر بي بنياد شڪايتن جي تحقيق کان پوءِ ميرزا رستم قنڌاري جو عهدو ٻئي صوبي ۾ بحال ڪيو ويو. انهن ذڪر ڪيل حالتن ۽ واقعن تي روشني وجهندي شيخ فريد بکري لکي ٿو:

بعضی ارباب عناد بعرض رساندند ميرزا عيسی بيگ که از سال های دراز آرزوی حکومت ملک موروثی خود است. حالا که در انجا برود با دارای ايران شاه عباس صفوی ساخته، توسل باو نمايد و باحاکم کيج و مکران و هرمز که دران ضلع واقع شده اند، توسل جسته به اعانت انها درانجا بماند۔ عمری بايد که کار او ساخته گردد۔ (بکهری،1970ع: ص211)

[ترجمو: ڪجهه حاسد اميرن، بادشاهه کي عرض ڪيو، ته ميرزا عيسيٰ بيگ ڪنهن زماني کان پنهنجي موروثي ملڪ جي آرزو ۾ آهي، اگر هن مستقل طور تي قبضو ڪري ڪيچ، مڪران ۽ هرمز جا حاڪم جيڪي ويجها آهن، انهن جي مدد حاصل ڪري، شاهه عباس صفوي (واليءِ ايران) سان لاڳاپو پيدا ڪري ورتو ته انهي جي تدارڪ ۾ گهڻو وقت لڳندو. بادشاهه بدگمان ٿي هن (ميرزا رستم) کي انهي ملڪ جي حڪومت تي مقرر ڪيو.]

اُن وقت ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جو منصب ٻه هزاري ذات و سوار هو. بهرحال ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جي تقدير ۾ ٺٽي جي صوبيداري لکيل نه هئي، تنهنڪري اُهي احڪام جيڪي هن جي صوبيداريءَ جا هئا، سي رد ٿي ويا ۽ انهيءَ جي جاءِ تي دلجوئيءَ خاطر ٿورڙي جاگير ميرزا صاحب کي ڏني ويئي. صمصام الدوله جي بيان مطابق:

> ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان کي ڌن پور (گجرات) جي جاگيرداري ملي ۽ هُو انهي صوبي ۾ متعين ٿيو(شاهنواز خان، 1970ع: ص 409).

1201هه کان پوءِ ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) جو ذڪر ٺٽي جي گورنريءَ جي باري ۾ ٻيهر 17 ربيع الثاني 1037هه/1627ع ۾ مغل شهنشاهه جهانگير جي آخري سن جلوس ۾ ملي ٿو. جڏهن ته اقبال نامه، شاهجهان نامه، ذخيرة الخوانين ۽ ماثر الامراء جي مصنفن جتي هن جي منصب ۾ چار هزاري ذات ۽ ٻه هزار پنج سؤ سوارن جو ذڪر ڪيو آهي، اُتي هن جي ٺٽي ۾ صوبيداري جو به ذڪر ڪيو آهي، جا هن کي شاهجهان ڏيڻ چاهي ٿي. محمد صالح ڪنبوهه 17- ربيع الثاني 1037هه بمطابق 26- ڊسمبر 1627ع جي واقعات ۾ لکي ٿو ته:

> ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان کي چار هزاري ذات، ٻه هزار پنج سؤ سوار جو منصب ۽ ٺٽي جي صوبيداري عطا ڪري اوڏانهن روانو ڪيو(ڪنبوهه، ج:01، 1974ع: ص 203).

چو ته شهنشاهه جهانگير جي آخري دور ۾ شاهجهان باغي سرگرمين جو آغاز ڪري ڏنو هو ۽ هُو عمرڪوٽ ۽ ٺٽي جي رستي کان گجرات پهتو هو. ليڪن گجرات جي صوبيدار سيف خان، شاهجهان جو مقابلو ڪري رات جو حملو ڪيو. جڏهن ته گجرات جا امير ۽ جاگيردار شاهجهان سان گڏ هئا، انهن ۾ ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) به هو ۽ هُو سيني کان گوءِ کٽي ويو. اهڙيءَ طرح هُن ”بَه ڪمالِ خلوص و دانائي“ گجرات جي صوبيدار جي اجازت کان سواءِ احمدآباد جي عيدگاهه ۾ صاحبِ قران ثاني شاهجهان بادشاهه جي نالي جو خطبو پڙهي، پاڻ شاهجهان جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ احمد آباد کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي هڪ ڳوٺ ۾ وڃي قدم بوسيءَ کان مشرف ٿيو ۽ شاهجهان بادشاهه کي ٻين اميرن کان پهرين جيڪي هن صوبي جا هئا، ڪورنش ۽ مبارڪباد جي سعادت حاصل ڪئي (تتوی، 1964ع: ص 97). حالانڪ اُن وقت اڃان شاهجهان جي تاج پوشي به ڪانه ٿي هئي ۽ تاج پوشيءَ جي جشن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) به ساڻس گڏ هو، پر رستي ۾ ئي هن کي ٺٽي جي صوبيداريءَ لاءِ نامزد ڪيو ويو. بادشاهه، ميرزا صاحب کي ٺٽي ڏانهن موڪلڻ جو فرمان 18- ربيع الثاني 1037هه جي جاري ڪري ڪيس خلعت ڏئي ٺٽي اُماڻيو.

اٽڪل ٻن مهينن اندر ميرزا عيسيٰ خان ٽرخان (ثاني) تياري مڪمل ڪئي ۽ هن جي انهيءَ دير جو سبب اِهو هو، جو هُو پهرين حڪمن کان دل برداشته ٿي چڪو هو. جڏهن ته جهانگير بادشاهه نامزدگي به ڪري ڇڏي هئي ۽ هُو هڪ ڏينهن سندس دربار ۾ حاضر به ٿيو، پر ڪابه اُميد افزا ڳالهه ظاهر نه ٿي. غالباً هُو انهيءَ ڳالهه کان واقف هو ته، اهو حڪم ٻيهر رد ٿي ويندو؛ ۽ ائين ئي ٿيو. جڏهن گجرات جون حدون پار ڪرڻ وارو هو، ته هن کي شاهي

هزاري ذات، ٽي هزار سوار جي منصب تي سرفراز ٿيو(ڪنبوهه، ج:01، 1974ع: ص 266-265).

جڏهن جهانگير احڪام جاري ڪري رد ڪيا، تڏهن سنڌس جاءِ تي ميرزا رستم قنڌاري کي موڪليو ويو ۽ جڏهن شاهجهان احڪام ڏئي منسوخ ڪيا، تڏهن خواجه باقي کي ٺٽي موڪليو ويو ۽ ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) انهي دوران يعني 23- شعبان 1037هه/28- اپريل 1628ع تي دربار ۾ حاضر ٿي چڪو هو. اِها ڳالهه به ذهن ۾ رهي ته، ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي مقرري جا احڪامات رد ٿي چڪا هئا ۽ اُهي هن کي اپريل ۾ مليا. جڏهن ته خواجه باقي (شير خواجه) جي حق ۾ ٺٽي جي صوبيداريءَ جا احڪام 2 رجب 1037هه/8- مارچ 1628ع تي جاري ٿيا. انهيءَ سن وار تاريخي حوالي سان محمد صالح لکي ٿو ته:

> خواجه باقي خان (شير خواجه) کي چار هزاري ذات، ساڍا ٽي هزار سوارن جو منصب، خلعت، خنجر مرصع، گهوڙو، علم ۽ نقاره سان صوبي ٺٽي جي صوبيداري عطا ٿي(ڪنبوهه، ج:01، 1974ع: ص 258).

گويا پيو پيرو 26- ڊسمبر 1627ع کان 8- مارچ 1628ع تائين يعني ٻه مهينا ۽ ٻارهن ڏينهن تائين ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي لاءِ ٺٽي جي صوبيداريءَ جا احڪام رهيا، پر ان ٿوري عرصي لاءِ هُو پنهنجي عهدي جي چارج به نه وٺي سگهيو.

پير حسام الدين راشدي "مڪلي نامه" جي حاشيه ۾ لکي ٿو ته:

> ميرزا عيسيٰ خان (ثاني) جي تبادلي جو فرمان 01- رجب 1037هه جو نڪتو، ممڪن آهي ته شير خواجه ستت اچي ٺٽي پهتو هجي. ليڪن ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) چارج ڇڏڻ بعد ڪم و بيش نو مهينا پوءِ به (رجب 1037هه تا ربيع الاول 1038هه) ٺٽي رهي پيو(قانع، 1967ع: ص 297).

راشدي صاحب پنهنجي انهيءَ دعويٰ جي ثبوت ۾ ڪوبه حوالو ڪونه ڏنو آهي. شايد سندن نظر مان "شاهجهان نامه" جا مذڪوره سن ڪونه گذريا، تنهنڪري هن کان اها غلطي ٿي وئي: ۽ وري اهو به ته شير خواجه، ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) کان انهيءَ عهدي جي چارج ئي ڪانه ورتي، ڇو ته هُو خود رستي ۾ وفات ڪري ويو. محمد صالح لکي ٿو ته:

> 07 خرداد (27- مئي 1628ع) تي مير حسام الدين انجو[3] کي مرتضيٰ خان جو خطاب ۽ خنجر مرصع، هاٿي ۽ پنجاهه هزار روپيا انعام عطا ٿيو ۽ ڪيس ترقي ڏئي سنڌس منصب چار هزاري ذات، ٽي هزار سوار مقرر ڪيو. ٺٽي جي صوبيداري به عطا ٿيس. پهرين اهو عهدو شير خواجه کي عطا ٿيو هو، پر هُو رستي ۾ ئي گذاري ويو، تنهنڪري اهو منصب هن جي حوالي ٿيو(ڪنبوهه، ج:01، 1974ع: ص 268).

بهرحال ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) نااميديءَ ۽ ڏک جي حالت ۾ دارالخلافه واپس موٽيو. سنڌس خاطرداري ۽ دلجوئيءَ لاءِ هن کي ڪجهه عرصو دربار ۾ رکيو ويو. پوءِ وري پنجين شاهجهاني جلوس واري سال، 28- شعبان 1040هه/20- مارچ 1632ع ۾ ميرزا عيسيٰ خان ترخان کي خلعت، گهوڙو ۽ ايلچ پور جي جاگير عطا ٿي (ڪنبوهه، ج:01، 1974ع: ص 446). ليڪن صمصام الدَولہ جو بيان محمد صالح ڪنبوهه کان مختلف آهي، هُو لکي ٿو ته:

> ميرزا (عيسيٰ) ناڪام رستي کان واپس موٽي آيو ۽ مٿرا ۽ ان جي پسگردائيءَ جي جاگيرداريءَ تي فائز ٿيو(شاهنواز خان، 1970ع: ص 410).

هن ڪتاب (مآثرالامراء) جي مترجم پروفيسر محمد ايوب قادري، انهيءَ سلسلي ۾ فوٽ نوٽ ڏئي معلومات ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي. هن

---

(3) مرتضيٰ خان انجو جي وفات ٺٽي ۾ 1039هه/1629ع ۾ ٿي. انهيءَ سال ملتان جي صوبيدار امير خان کي ٺٽي جو صوبيدار مقرر ڪيو ويو. جامع مسجد ٺٽو انهيءَ جي عهد ۾ تعمير ٿي.

جي مطابق
”مٺرا جي ويجهو هن جي نالي هڪ ڳوٺ ’عيسيٰ پور‘ اڄ به موجود آهي.“ (شاهنواز خان، 1970ع: ص 410)

مٿئين لکت مان اِهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته، شايد ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) پنهنجي عهد ۾ مختلف هنڌن تي آباديون ڪرايون ۽ ويرانين کي آباديءَ ۾ تبديل ڪيو هجي. سندس اِهي سڀ ڪوششون انفرادي هيون، جنهن جو مقصد عام فائدي جي سلسلي کي تيز ڪرڻ به هو ۽ اهڙي طرح بروقت سپاهين کي سهولتون مهيا ڪرڻ به هو. وري اهو ملڪ يا گهٽ ۾ گهٽ هن صوبي جي پيداوار ۾ مقامي ماڻهو اضافي جو سبب به ٿيندا رهيا. اهڙي طرح ملڪ کي وڌيڪ خراج حاصل ٿيندو رهيو.

ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي تعريف ۾ سيد مير محمد لکي ٿو ته:

”هُو شخص تمام خليق، علم دوست، نهايت بردبار، همت ۽ غيرت وارو، قبيلہ پرور، سپاهين جو دوست ۽ ويرانين کي آباد ڪرڻ وارو هو.“ (تتوي، 1964ع: ص 96)

ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) بحيثيت منصب دار جي، هر ڪم خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ڏنو. هن آهستي آهستي ترقي ڪري، وڏي کان وڏو منصب حاصل ڪيو ۽ اهوئي نہ، بلڪ ميرزا صاحب جو اولاد بہ وڏن وڏن منصبن تي سندس ئي زندگيءَ ۾ فائز ٿيو هو.

اٺين شاهجهاني جلوس واري سال ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي منصب ۾ هڪ هزاري ذات ۽ هڪ هزار سوار جو اضافو ٿيو ۽ هُو پنج هزاري ذات ۽ چار هزار سوار دو اسپہ سہ اسپہ جي منصب تي سرفراز ٿيو ۽ ڪيس سورت سرڪار جي فوجداري ملي(شاهنواز خان، 1970ع: ص 410). 01 جمادي الثاني 1049هه/29 سيپٽمبر 1639ع تي تيرهين شاهجهاني جلوس جي جشن جي ئي موقعي تي، ڪيس هزار سوار جي ترقي ڏئي پنج هزاري ذات و سوار، هڪ هزار سوار دو اسپہ سہ اسپہ جي منصب تي سربلندي بخشي(ڪنبوهہ، ج: 02، 1974ع: ص 255). ان وقت جڏهن ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) سورت جو صوبيدار هو، تڏهن سندس عمر نوي سال هئي ۽ انهيءَ عمر ۾ 1052هه/1642ع ۾ اعظم خان جي جاءِ تي هن کي گجرات جو صوبيدار مقرر ڪيو. جيتوڻيڪ اعظم خان سرڪشن کي تنبيهہ بہ ڪئي، پر هُو گجرات جي رعيت سان مناسب سلوڪ نہ ڪري سگهيو. ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي سوارن (پنج هزار) مان اڍائي هزار سوار دواسپہ سہ اسپہ مقرر ٿيا (ڪنبوهہ، ج: 02، 1974ع: ص 300). مطلب تہ ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) کي انهي جاءِ تي روانو ڪيو ويندو هو، جتي سرڪشي عروج تي هوندي هئي تہ جيئن هُو سرڪش ماڻهن جي سرڪوبي ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن رعيت بدحال آهي، تہ ان کي خوشحال ڪري.

ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) گجرات ايندي عوام جون دليون فتح ڪري ورتيون. اُتي جيڪي شورشون هيون، سي سڀئي آهستي آهستي دٻجي ويون ۽ پوري گجرات ۾ امن امان جو دور شروع ٿي ويو. ميرزا صاحب کي هتي حڪومت ڪرڻ ۾ گهڻي دشواري ڪانہ ٿي: ڇو تہ هُو هتي تمام گهڻو عرصو رهي چڪو هو، تنهنڪري اُتي جو مزاج شناس ٿي ويو هو ۽ هن رعيت جي مرضيءَ مطابق سڀئي مسئلا حل ڪيا. جيئن ئي هتي امن امان قائم ٿيو تہ، جون 1644ع تي شاهي فرمان پهتو: جنهن مطابق ميرزا عيسيٰ ترخان (ثاني) کي اڍائي هزار سوار دو اسپہ سہ اسپہ جي ترقي ڏئي پنج هزاري ذات، پنج هزار سوار دو اسپہ سہ اسپہ جو منصب عطا فرمايو ۽ خلعت ۽ سوني زين وارو گهوڙو عنايت ڪري الهہ آباد روانو ڪيو ويو(ڪنبوهہ، ج:02، 1974ع: ص 339).

ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جون خدمتون هتي ختم ڪونہ ٿيون؛ بلڪ هُو پيرسنيءَ ۾ بہ نوجوانن وانگر گهوڙي جي پُٺ تي سوار ٿي الهہ آباد کان قنڌار روانو ٿيندو هو. مطلب تہ هُن سورت ۽ الهہ آباد کان وٺي قنڌار تائين جي ٽڪري ٽڪري جي مٽيءَ کي گهوڙي جي سنبن سان هر طرف اڏائي ڇڏيو.

باقي جيستائين قنڌار جي قلعي "ارڪ" جو تعلق آهي، تہ ان جي سموري ذميواري ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي مٿان نٿي آڻي سگهجي. ان ڪري جو نہ تہ هُو قلعي دار هو ۽ نہ ئي هُو اڪيلو شهنشاهہ ايران جو مقابلو ڪري ٿي سگهيو، تنهنڪري هُو قلعي جي حفاظت پوري طرح نہ ڪري سگهيو ۽ اهو آخرڪار شهنشاهہ ايران جي حوالي ڪرڻو پيو. تنهن هوندي بہ هتي ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) کان هڪ وڏي غلطي اِها ٿي، جو هن شاهہ ايران سان گنج علي جي باغ ۾ ملاقات (بہ) ڪئي(ڪنبوهہ، ج:03، 1974ع: ص. 540). پر شهنشاهہ شاهجهان چشم پوشيءَ کان ڪم وٺندي هن کان ڪابہ پوشيدگي نہ رکي بلڪ سورت جي جاگير اڳين موجب برقرار رکي.

پنجويهين سال شاهجهانيءَ ۾ سورت جي صوبيداري سندس پُٽ محمد صالح کي ملي ۽ ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) کي شاهجهان بادشاهہ جي دربار ۾ حاضر ٿيڻ جو فرمان مليو(شاهنواز خان، 1970ع: ص 410). ميرزا عيسيٰ ترخان (ثاني) جهوناڳڙهہ کان بارگاهہ شاهي ۾ حاضر ٿيڻ خان لاءِ اچي رهيو هو، تہ رستي ۾ سانپر جي مقام تي، 13- محرم 1062هہ/26- ڊسمبر 1651ع تي وفات ڪري ويو(ڪنبوهہ، 1974ع: ص 590-3).(4) سندس مڙهہ کي ٺٽي جي مشهور قبرستان مڪليءَ ۾، ميرزا جي پنهنجي حياتيءَ ۾ ٺهرايل مقبري ۾، دفن ڪيو ويو.

جهڙي طرح ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) پنهنجي زندگيءَ ۾ ويران جاين کي آباد ڪيو، علائقن کي سرسبز و شاداب ۽ عوام الناس کي خوش حال ڪيو، اهڙي طرح هن پنهنجي اباڻي قبرستان جي ويرانيءَ کي بہ ختم ڪري ڇڏيو ۽ مڪلي جي پسگردائيءَ وارن ماڻهن کي روزگار ڏيڻ لاءِ هن پنهنجو مقبرو تعمير ڪرائڻ شروع ڪيو. شايد انهي مرد شهسوار کي پنهنجي موت جو فڪر هر وقت دامن گير رهندو هو. انهيءَ جو سبب هيءُ بہ ٿي سگهي ٿو تہ، هن جي سؤ سالہ پوڙهي هٿ ۾ تسبيح جي جاءِ تي هميشہ گهوڙي جي واڳ، تلوار يا مينا و جام يا گلفام هوندو هو. اها هن جي خوبي هئي. هن عيش عشرت ڪرڻ جي باوجود حيات جي رشتي منقطع ٿيڻ کي هميشہ ياد رکيو.

ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جي مقبري جي تعمير جي حوالي سان "تحفة الڪرام" جو مصنف لکي ٿو:

> چون ٿا، تہ [رانڪ لاءِ] پٿر پاڻ انهيءَ پاسي کان موڪليا هئائين ۽ ارڙهن سالن ۾ تيار ٿي. ان جو خرچ نورائي ديهہ جي آمدنيءَ مان ٿيو، جا سندن وڏن جي قبرن جي خرچ لاءِ انعام هئي('قانع'، 1957ع: ص 236).

مير علي شير 'قانع' انهيءَ علائقي جو نالو نہ ڏنو آهي، جتان اهو پٿر موڪليو ويو هو پر آثار قديمہ جي ماهرن جي نظر ۾ هي پٿر جهنگ مان موڪليو ويو هو. اڄ بہ هن جي مرمت لاءِ اهو پٿر استعمال ڪيو وڃي ٿو، تہ جيئن مقبري جي قدامت جديديت جي آميزش جي باوجود برقرار رکجي. جڏهن تہ هڪ رايو هيءُ بہ آهي، تہ هن مقبري لاءِ پٿر ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) ڪاٺياواڙ (گجرات) مان موڪليو ۽ شايد سنہ 1642ع ۾ موڪلڻ شروع

(4) ذخيرة الخوانين (ص: 212)، جي مطابق هن جي عمر 112 سال ٿئي ٿي ۽ مآثرالامراء جي مطابق 100 سال کان بہ گهٽ. جڏهن تہ مصنف ترخان نامہ لکي ٿو تہ "عمر شريفش نو دو پنج سال بود" يعني پنجانوي سالن جي عمر ٿي.

ڪيائين ۽ انهيءَ سال مقبري جي تعمير شروع ٿي. اهڙيءَ طرح نَوَن سالن جي عرصي ۾ هيءُ مقبرو جڙي راس ٿيو. چون ٿا تہ مقبري جي تعمير دوران ئي ميرزا صاحب وفات ڪري ويو هو ۽ سندس نوڪرن وڏيڪ تعمير روڪي ڇڏي. ورنہ ميرزا صاحب جو خيال هو، تہ وڏي نشيمن جي سامهون چئني طرفن کان قابلِ ديد نشيمن هڪ ٻئي جي جواب ۾ تعمير ڪرايا وڃن('قانع'، 1957ع: ص 236).

هن مقبري کي جيڪڏهن پري کان ڏٺو وڃي، تہ هندي فن تعمير کان بهترين نمونو نظر اچي ٿو؛ پر جيئن ئي ويجهو وڃبو، تہ هندي مسلم فن تعمير جي حسين آميز نظر اچي ٿي. چو تہ هن جا ٿنيا هندي تعميرات جا حامل آهن ۽ محراب مسلم فن تعمير جو نادر نمونو آهي. مقبري جي هڪ طرف عربي ۽ فارسي رسم الخط جون لکيتون آهن ۽ ٻئي طرف ڪنول جا گل آهن. مقبري جي سرخ پٿر تي ٿيل تمام سنهي ۽ دلپسند نقاشي ۽ مقبري جي وقار کي ڏسندي تمام گهڻا ماڻهو غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويندا آهن ۽ اهو گمان ڪندا آهن، تہ هيءُ سنڌ جي حاڪر جو مقبرو آهي. اِهو اُنڪري، جو مڪلي ۾ موجود مڙني مقبرن مان ميرزا عيسيٰ خان ترخان (ثاني) جو مقبرو سجاوٽ ۽ ڊزائين جي لحاظ کان سڀني کان منفرد آهي.

## مددي ڪتاب


### فارسي

1) تتوی، سيد مير محمد بن سيد جلال: 1964ع، تَرخان نامه، مرتب: پير حسام الدين راشدی، حيدرآباد: سندی ادبی بورد، ص: 66، 96، 97، 98۔

2) بکهری، شيخ فريد: 1970ع، ذخيرةالخوانين(جلد دوم)، مرتب: ڈاکٹر سيد معين الحق، کراچی: پاکستان هسٹاريکل سوسائٹی، ص 210، 211، 212۔

### اردو

3) قدوسی، اعجاز الحق: 1974ء، تاریخ سندھ (جلد دوم)، لاہور: مرکزی اردو بورڈ، ص323۔

4) جہانگیر، شہنشاہ نورالدین محمد: 1970ء، توزکِ جہانگیری (جلد اول)، ترجمہ و حواشی: اعجاز الحق قدوسی، لاہور: مجلس ترقی ادب، ص370، 426، 445۔

5) شاہنواز خان، صمصام الدولہ: 1970ء، مآثر الامراء (جلد سوم)، مترجم: پروفیسر محمد ایوب قادری، لاہور: مرکزی اردو بورڈ، ص: 300، 408، 409، 410۔

6) کنبوہ، محمد صالح: 1974ء، عملِ صالح المعروف بہ شاہجہان نامہ (جلد اول)، مترجم: ڈاکٹر ناظر حسن زیدی، لاہور: مرکزی اردو بورڈ، ص:203، 258، 265، 266، 268، 446۔

7) کنبوہ، محمد صالح: 1974ء، عملِ صالح المعروف بہ شاہجہان نامہ (جلد دوم، سوم)، مترجم: ڈاکٹر ناظر حسن زیدی، لاہور: مرکزی اردو بورڈ، ص:77، 252، 255، 266، 268، 300، 303، 339، 540، 590۔

### سنڌي

8) 'قانع' سيد مير علي شير: 1967ع، مڪلي نامہ، تصحيح ۽ حاشيہ: پير حسام الدين راشدي، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص: 297.

9) 'قانع'، سيد مير علي شير: 1957ع، تحفة الڪرام، مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص: 235 ۽ 236.

اهو به رواج هوندو هو ته تيز طبع وارا شاعر اهو چاهيندا هئا ته اسين پنهنجي ڪلام ۾ اهڙا مضمون اهڙا قافيا ۽ رديف آڻيون جو ٻيو ڪو شاعر انهيءَ ميدان ۾ قلم کڻڻ جي جرائت ئي نه ڪري سگهي. سيد غلام شاهه انهيءَ ئي لحاظ سان هڪ ڪافي لکي جنهن ۾ ڏکيا قافيه به استعمال ڪيائون ۽ سياست کي به استعمال ڪيائون. حسن ۽ عشق جي مضمون ۾ سياست جو ڪهڙو ڪم! پاڻ اها ڪافي هيئن چئي اٿن:

پئي اسان سان ٻڪجن ٿا
تنهنجا سهڻا نيڻ سياست وارا.
پائين رنج ڪجن جي راڻا
سوين ناز لکين لک ماڻا
سي ته لڙندي ائين نا لکجن ٿا
حڪمان حڪمين ڪرن هلائون
جيئن جيئن جوڙي ٻڌجن پانهون
توڙي هٿ پيرن تي رکجن ٿا.
زلف مسلسل ڪمند قهاري
باغ حسن کي ڏين بهاري
توڙي مشڪ عطر سان مکجن ٿا.
انهن اکين جو ناز سخاوت
رخ غلام شاهه جهلين کي راوت
توڙي سير گريءَ ڪان تکجن ٿا.

نامور ڪافي گو شاعر سيد غلام شاهه جو اهو به عزم هو ته ڪافي کي غزل وانگر تشبيهن ۽ استعارن سان سينگارجي ۽ سليس ۽ سادي سنڌي زبان جي بدران ان ۾ فارسيءَ جا لفظ ۽ ترڪيبون به استعمال ڪجن. سائين غلام شاهه انهيءَ انداز کي به ڪافيءَ جي صنف ۾ سنو نباهيو ۽ ڪيتريون ئي اهڙيون ڪافيون چيائون جن ۾ اِهي لوازمات پوريءَ طرح سان نظر اچن ٿا. سندن اهڙي انداز جي هڪ ڪافي هن ريت آهي:

ڪئين رخ ڪان پاسي وار ميان
لٽي شاهِ مصر زنگبار ميان
ڪلي موئي پريشان جي بوءِ ڏسو
خوشبوءِ اها هر سوءِ ڏسو
هتي تبت هتي تاتار ميان
گيسو مشڪِ ختن خمدار ميان
انهيءَ چاهه زنخ جي چاهه اُتي
ڪن شاهه فدا سر ساهه اُتي
ڪنجن ڪرنگهه توڙي ڪاپار ميان
ته به دم نه ٿين هڪ ڌار ميان
خونين نيڻ خماري شهه زور چڙهن
ڪوپا قصد ڪلي پر زور لڙن
ڪري قهر ڪجل جي ڌار ميان
جيئن گنج، خوبيءَ تي مارِ ميان
ڏسي چين جبين جي نازو ادا
ڪريان چين اتان مان چين فدا
سوين سر ته غلام شاهه نثار ميان
هڪ وار تان لک وار ميان.

انهي ڪافيءَ ۾ زير اضافت جو به استعمال ٿيل آهي ۽ هڪ ئي وقت تي به قافيا استعمال ڪيا ويا آهن. سلوڻي ۽ سادي سنڌي زبان ۾ ڪافيون چوڻ ڪافي گو شاعرن جو ورثو هو. سيد غلام شاهه سادي سنڌي زبان ۾ ذوالقافيه ڪافيون چئي، انهيءَ ميدان ۾ به ڌاڪ ڄمائي ويا. سندن هڪ اهڙي ڪافي جنهن ۾ ذوالقافيه جي صنعت ڪان سواءِ مشڪل قافيا به استعمال ڪيل نظر اچن ٿا، هن ريت آهي:

پيچ وجهي پيوند يار
ونگيئي دل ويڙهن سان
سنجهي آيئي ساءُ سمهڻ جو
وسري ويڙئي وقت وڃڻ جو
پوءِ پڇائين پنڌ يار
لڏيئي تان نه ليڙن سان
اوڪا اٽانگا گهيڙ ۽ گهاٽا
چيٽا چرن ۾ ڪن چرڙاٽا

خوشيءَ جي موقعن تي ضرور خوشيون ملهايو. خوشي انسان جي هڪ طبعي ۽ فطري گهرج آهي. دين، فطري ضرورتن جي اهميت کي محسوس ڪندي ڪجهه قدر حدن اندر چند شرطن سان هنن گهُرجن کي پورو ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو. دينِ اهو بلڪل پسند نه ٿو ڪري ته توهان ڪوڙي شانُ، اجائي سنجيدگي، خشڪ چپن ۽ ڪهري منهن سان پنهنجي ڪردار جي ڪشش ۽ رونق وڃائي ڇڏيو. دين ته خوشيءَ جي سيني جائز موقعن تي خوشي ملهائڻ جو مڪمل حق ڏئي ٿو ۽ چاهي ٿو ته توهان سدائين بلند حوصلن ۽ جوان جذبن سان جيئندا رهو. جائز موقعن تي خوشي ملهائڻ جو اظهار نه ڪرڻ ۽ خوشين ملهائڻ کي دين جي خلاف سمجهڻ ديني سمجهه کان اڻ واقفيت آهي.

توهان کي ڪنهن ديني فرض پوري ڪرڻ جي توفيق ملي، اوهان يا اوهان جو ڪو مائٽ علم ۽ ڏات جي مٿانهين درجي تي رسيو هجي، الله پاڪ توهان کي مال ۽ دولت يا ڪنهن ٻي نعمت سان نوازي، توهان ڪنهن ڊگهي سفر تان خير سان موٽيا هجو، اوهان وٽ ڪنهن مانائتي مهمان کي اچڻو هجي، اوهان وٽ ڪا شادي مرادي يا ڪو ٻار ڄائو هجي، ڪنهن مٽ مائٽ جي تندرستيءَ جي يا خيريت جي خبر ٻڌو يا اسلام جي فتح ۽ سوڀ جي خوشبري ڪن پوي يا ڪو ٻيو ڏڻ هجي. اهڙن سيني موقعن تي خوشي ڪرڻ اوهان جو فطري حق اهي، اهڙين خوشين ملهائڻ جي اسلام، نه فقط اجازت ڏئي ٿو پر انهيءَ کي حقيقي دينداري ڪوٺي ٿو.

**انجنيئر عبدالمالڪ ميمڻ**

ڪتاب: ”ڪامياب زندگي“ تان ڪنيل

شاعري، انساني جذبن جي تاريخ جو نالو آهي، شاعر، انساني جذبن جي تاريخ لکندڙ مؤرخ آهي .انساني جذبن جي جاسوسي ۽ جاچ پڙتال ڪري، نيون ڳالهيون، نوان انڪشاف ۽ نوان راز، ڳولي هٿ ڪري شاعريءَ ۾ انهن جو بيان، اهڙو ته دلپذير ۽ ترچ انداز ۾ تيار ڪري ٿو جو پڙهندڙ جا سمورا حواس، ان ۾ محظوظ ٿين، جذب ٿي وڃن ٿا ۽ ان جي اندر مان ازخود 'واهه واهه' جا لفظ آلاپجن ٿا .

شاعري، هڪ اهڙي ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪا شاعر ۽ پڙهندڙ تي طاري ٿئي ٿي . شاعر شعر لکي ٿو ۽ پڙهندڙن جي سحر ۾ جڪڙجي ٿو، جيڪڏهن اها حالت پنهنجي [شاعر ۽ شعر پڙهندڙ] تي حاوي نه ٿي ٿئي ته اها هيئت جي لحاظ کان ته شاعري چوائي سگهي ٿي، پر معنوي لحاظ کان اها ڪجهه به نه آهي .شاعريءَ جي جاءِ، انسان جي دل آهي ۽ انسان جي دل ۾ پيار، محبت جي نفيس جذبن ۽ احساسن سميت نفرت، ڌڪار، ڪاوڙ ۽ غصو به پلجي ٿو، پر پيار ۽ محبت جا نفيس احساس ۽ جذبا جڏهن پنهنجي پرپور اپار ۾ ايري اچن ٿا ته پٿر دل ۽ نفرت رکندڙ انسان به ميڻ ٿي وڃن ٿا، اهڙي ڪيفيت پيدا ڪندڙ کي 'شاعر' چئجي ٿو .

**دين محمد ڪلهوڙو**

ڪتاب: "لوڪان ڪيئن لڪايان" تان ڪنيل

# شاعري

# غزل

پٽ تي ڪوبہ نہ پيرو پنھنجو،
ڪيڏو ماڳ ڏکيرو پنھنجو.

پيرن ناھن پير ڪڙا پر،
ڏور اچا دڳ ديرو پنھنجو.

اکڙين ۾ ٽي اوندھہ اٽڪي،
ميرو سانجھہ سويرو پنھنجو.

ڀوليا! تنھنجي ڀار نہ ڄاتم،
نيٺ ڀڳو تو ڀيرو پنھنجو.

اونداھيءَ مان اُڪري آخر،
ٽوڙيندا گگھہ گھيرو پنھنجو.

جذبن جي ھن جوءِ ۾ جيڏيون،
رھندو مانُ مٽيرو پنھنجو.

(مريم مجيدي)

## نياز پنهور



# دوها

منهنجا شعرَ تہ خوشبو خوشبو آهن بسنت هيرون،
منهنجا شعر پڙهي ڏس پيارا، تنهنجون ئي تصويرون.

مُرڪي سُڏڪي جيئڻ بہ آهي گذريو ڪوئي پل،
لفظن منجهہ وڪوڙيم تن کي سرجيا گيت غزل.

ڪيئن گذاريون ڪيئن گذاريون توبن پيارا ويل،
ڪڏهن ملنديون خوشبون سائين ڪيڏا ٿيندا ميل.

ڪنهن مهل رسي چو ويندي آهين مونکان منهنجي ذات،
توبن پائيندو آهيان مان جيون ڪاري رات.

لفظ لفظ ۾ پيار آ مون وٽ سٽ سٽ منجهہ سڳنڌ،
پيار جي خاطر ڪندو آهيان ڏورانهن کو پنڌ.

سک امن ۽ پيار ٿو چاهيان ٻيو نہ ڪجهہ ڏيو،
منهنجا يارو مون کي چاهيو منهنجا لڙڪ ڪسيو.

گذري ويل ڪنهن ويلَ جيان مان گذري ويندو سانوَ،
موت کان پوءِ ياد ڪندؤ پر مان نہ هوندو سانوَ.

آيو آهي تو وٽ سائين پيار جي جهول پري،
مگتو چاهي ٿو تہ سائس ڪوئي پيار ڪري.

منهنجا گيت گلابي آهن ڳائيندو هي لوڪ،
مان تہ لکندو رهندس پيارا مون کي ائين نہ روڪ.

◘

# وائي

او ذات جي راڻي،
مهل تہ ملهائي ڪا.

اڄ آئي آهي اوچتو، ياد پراڻي،
مهل تہ ملهائي ڪا.

اُٺ اٿي تون ٻاهر جا لاٽ اُجهائي،
مهل تہ ملهائي ڪا.

روڳ پريل کي آ ياد ڪهاڻي،
مهل تہ ملهائي ڪا.

وسڪاري جي مُند ۾ دلڙي ويڳاڻي،
مهل تہ ملهائي ڪا.

سانول جي ديسَ ڏي سوچَ اڏاڻي،
مهل تہ ملهائي ڪا.

# ترائيل

آءُ تہ ڳائي ونون آءُ تہ مُرڪي ونون،
ڪير ڄاڻي سياڻي ٿئي نہ ٿئي،
زخمَ روڙي ونون، ڪجهہ ڪري تہ ونون،
آءُ تہ ڳائي ونون، آءُ تہ مُرڪي ونون.

آءُ تہ روئي ونون، آءُ تہ ڏاڍو ڪلون،
ڪو اهو سياڻي ڏئي نہ ڏئي،
آءُ تہ ڳائي ونون، آءُ تہ مُرڪي ونون،
ڪير ڄاڻي سياڻي ٿئي نہ ٿئي.

◘



**غلام حسين رنگريز**

## غزل

ايلمن ڪان اميري سوچ سرمد جي،
فقر، فاقا فقيري سوچ سرمد جي.

قلندر جي ڌمالن ۾ وڃي وڄ جيئن،
۽ روميءَ رقص، ڦيري سوچ سرمد جي.

نہ عالمگير جيتي جڳ سگهيو آهي،
سگهاري ۽ سچيري سوچ سرمد جي.

اَپڇندَا! عشق تنهنجي ۾ ٽنو مهڪي،
پيو ڀَهڪي پڀيري سوچ سرمد جي.

پٽي اونده کي للڪاري ازل کان ٿي،
صفا سچ جيئن اڇيري سوچ سرمد جي.

اُها منصور ميڙي شمس ورهائي هئي،
زماني ۾ تڪيري سوچ سرمد جي.

نشانبر نينهن ٽيندو وقت گذرڻ سان،
سدا گهاٽي گهٽيري سوچ سرمد جي.

اَگهاڙپ جو اهو اسرار ڇا ڄاڻن!
'قوي'[1] کان آ مٿيري سوچ سرمد جي.

اسان رنگريز سوچيون ٿا ۽ لوچيون ٿا،
ڪٿي پيرا سُنيري سوچ سرمد جي.

## غزل

اوهان جي وساريو تہ رنج ڪوئي ملال ناهي،
نراس ڇو ٿيون، حياتُ ايڏو وبال ناهي.

هي پورا پورا وَجُود ميڙي رکون سهيڙي،
اوهان کي جانان! اسان جو ڪوئي خيال ناهي.

چراغ آهيون ۽ شام کان ئي جلڻوَن پيا ٿا،
سڙُون پيا ٿا، جيئون پيا ڇا ڪمال ناهي؟

جڏهن بہ چندا آ تڪيندو مون ڏي ۽ ڏسندو مون ڏي،
آ پاسندو ائين اِهو بہ ڇا يَر! وصال ناهي؟

گلاب جهڙيون، سراب جهڙيون جوانيون هي،
بچي سگهي ڪو اُنهن کان ڪيئن سو مجال ناهي.

اکين ۾ پنهنجي ٿا خوابَ پوکيون عذاب پوکيون،
هيءَ آس اهڙي آ جنهن جو ڪوئي مثال ناهي.

اسان تہ رنگريزَ آسمان جيئن رکون ٿا دِل کي،
اسان جي دِل جيئن تہ ڪائي دل پيي وشال ناهي.

[1] مُلان قوي جنهن اورنگزيب جي چوڻ تي سرمد جي واجب القتل هجڻ جي فتويٰ جاري ڪئي.



بخشل باغي

# نظم (پَريو فقير)

هُن جي اکين جي جهيٽي،
تي وئي هُئي نظر،
پوءِ بہ هُو تلاوت قرآن ڪندو هو،
هُو زندگيءَ جي پورين،
ڏينهن ۾ ڪٽ تي،
پڙهندو هيو نماز،
پنجئي وقت سُتي پئي،
هُن جي سچي حياتي،
پورهيو ڪندي بسر تي،
پٽڪي وئي ٻُکن ۾،
غربت جي نظر تي،
ڪنهن جي اڳيان بہ ڪڏهين،
ڦهليا نہ هٿ هُن جا،
پنهنجو پگهر وهائي،
هُن جوت هُئي جلائي،
هٿ جوڙ ۽ نوڙت،
هُن جي هُئي وڏائي،
هُن کي ملي فقيري،
فڪرات ۽ فهم جي،
تهجد گذار بڻجي،
هُن زندگي گذاري
هُن ورد، وظيفن ۾،
هر صبح هئي اُياري،
مُک تي اچي سونهاري،
۽ پوتڙي جو پٽڪو،
مسجد سان پراڻي هئي،
هُن جي اَزل کان ياري

هُن جي سچي حياتي،
هُن کي ڪُنو سدائين،
اوڏر جي تِڪي ڪاتي
مسواڙ هر مهيني،
هُن لئہ وڏو مسئلو،
ڪو ٻيو نہ سنگتي ساٿي،
بيمار ۽ اڪيلو،
هر ڳالهہ کي ڏنو هُن،
همت سان مُنهن سدائين،
دنيا کي مفلسيءَ جي،
نظرن سان پئي ڏنائين،
ڪيڏو عجيب هُن جي،
جيئڻ جو ڍنگ هو،
دل جو امير هو پر،
هٿ، ڪيس تنگ هو
هٿ ۾ سدائين هُن جي،
تسبيح جا هُئا داڻا،
گهر ۾ مسيت، مُصلو،
هُن جا رهيا نڪاڻا،
سانجهيءَ جو وقت هو ۽،
آيون پئي اذانون،
آکيرڙن ڏي واپس،
پکين جون هُون اُڏارون،
اُن وقت ڇانئجي ويا،
گهاٽا ڪڪر غمن جا،
۽ پُورجي سدا لئہ،
ويا نيڻ ٻيئي هُن جا،



## گلبدن جاويد

### چؤسٽو

يادن جا گلاب پوکيان ٿي،
سُرخ انقلاب پوکيان ٿي،
وقت تو جيڪي ڪيا،
هڪ هڪ ڪري حساب پوکيان ٿي.

### غزل

اسان جي ياد تي اُڪريل انوکا ڪي فسانا هِن،
اوهان جي بي رُخي جا پِي حسين ڪيڏا بهانا هِن.

ڳوليون ٿا چند پنهنجي ڪي چڪوري جيان اسان تڙپي،
اسانجين بيقرارين جا ڪيئي شاهد زمانا هِن.

هٽين ٿو تير نظرن جا ڪرين ٿو جگر جا زخمي،
پڇين ٿو پيار پنهنجي جا ڪٿي پهتا نشانا هِن.

نگاهن ۾ سمائڻ جا اوهان سان دل لڳائڻ جا،
اسانجين حسرتن اُٿيا سوين سپنا سُهانا ناهِن.

اي ساقي غم گهٽائڻ لئه ڪيون ٿا مئڪشي ورنه،
ڪٿي مخمور هو نظرون ڪٿي تنهنجا ميخانا هِن.



## جبار ”تاثير“ سومرو

### غزل

ٻاٽ اونده ۾ ڪو ٻاري ڏيئڙو،
ياد ٿو مونکي پوي جانيئڙو.
ماءُ جي هنج ۾ شل هن ٻارڙا،
زور ٿو وڻندو وڃي پيو سيئڙو.
مفلسيءَ تي ٿو ڪري ماتم پيو،
پاند سان ڳوڙها اُگهي ٿو پيئڙو.
گهر ڪچو سو پِي اچي آ جهُور ٿيو،
تنهن مٿان ڦڙ ڦڙ وُٺو پي مينهڙو.
حالتون پسندي اٻوجهن جون هتي،
ڪنهن نه پاتو آ اچي ڪو ليئڙو.
سڀ گهٽيون ويران ڏسندو ٿو وڃي،
ڳوٺ مان رمندو رهي جوڳيئڙو.
پنهنجي ڌرتيءَ تي ڏسي ايڏو ستم،
جيءَ جهرندي ۾ وڏيو اوسيئڙو.
روز ٽيون ڪاريون ڪندي ماريون وڃن،
”تاثير“ ڏسندي ٿو ڏکي پيو هينئڙو.

### غزل

هٽڙو هٽن مان جڏائي نه وڃ،
پرائي آ سنگت ڦِٽائي نه وڃ.
اجان لب ٿا ترسن ڳلن کي چمڻ لئه،
پنهنجو ڪنڌ ڦيري تتائي نه وڃ.
خطا حوصلو ٿي نه منهنجو وڃي،
جفائون ڪري وڻ وڃائي نه وڃ.
پنهنجو پيار پختو اجان مس ٿيو آ،
ڪچايون ڪري دل رنجائي نه وڃ.
اونده ۾ شمع علامت سحر جي،
شمع سا ٻرن ڏي اجهائي نه وڃ.
چمن پيار وارو به ٿي منبر ويو آ،
ڦٽا گل خنچا اجاڙي نه وڃ.
سلامت هجين مان دعاگو هان تنهنجو،
پنهنجو بخت بالا بگاڙي نه وڃ.
وڃڻ کان اڳي پنهنجي ”تاثير“ جا،
سُتا سُور ساجن اُٿاري نه وڃ.

معصوم بخاري

## گيت

سنڌ تنهنجي مٽيءَ کي مان سجدو ڪيان!

شهر تنهنجا چُمان،
ڳوٺ تنهنجا چُمان،
تن جي هڪ هڪ گهٽيءَ کي مان سجدو ڪيان.
ڪٽڪ، ڏاٿا، مٽر، ساڳَ تنهنجا ڀلا،
سازُ تنهنجا سُٺا، راڳَ تنهنجا ڀلا،
تنهنجا ماڻهو مِٺا، ماڳَ، تنهنجا ڀلا،
تو ۾ پٽ جو ڏٺي، ڀاڳَ تنهنجا ڀلا،
جيڪا پٽ مان ڦُٽي آ مِلي ڏيهه کي؛
چاندني اُن چٽيءَ کي مان سجدو ڪيان،
سنڌ! تنهنجي مٽيءَ کي مان سجدو ڪيان!

تنهنجي موهن جا آثار سڀ ڪان مٿي،
تنهنجي عظمت جا مينار سڀ ڪان مٿي،
تنهنجي جوڌن جا ڪردار سڀ ڪان مٿي،
تنهنجي صوفين جا ويچار سڀ ڪان مٿي،
درس محبت جو ڏئي، جن هٿن ۾ ڏئي،
پيار جي اُن پٽيءَ کي مان سجدو ڪيان،
سنڌ! تنهنجي مٽيءَ کي مان سجدو ڪيان!

ڪيڏي آهي ڪٿوري ڀيل ڪيسَ ۾،
ڪيڏو سهڻو لڪان ٿو پنهنجي ويس ۾،
تو جهڙي سونهن آهي نہ ڪنهن ديس ۾،
ياد تنهنجي ستائي ٿي پرديس ۾،
تو جا معصوم چاهت مان آهي مُڪي،
چاهہ جي اُن چٽيءَ کي مان سجدو ڪيان،
سنڌ! تنهنجي مٽيءَ کي مان سجدو ڪيان!

يوسف لغاري

## غزل

اُتر ڏني اوت تيئن پيارو، پرين اڄ ياد پيو آهي،
پوي جيئن پوءِ ٿو پارو، پرين اڄ ياد پيو آهي.
ڦِٽي وئي ننڊ نيڻن جي، ڦٽو آرام اکڙين جو،
وري آجيئن وريو سيارو، پرين اڄ ياد پيو آهي.
هلايان ٿو گهڻئي هيلا، هلي هڪ ٻي نٿي منهنجي،
گذاريم روئي اونهارو، پرين اڄ ياد پيو آهي.
حياتي مون سڄي جنهن لئہ، وهايا رت جا ڳوڙها،
اهوئي دوست دل وارو، پرين اڄ ياد پيو آهي.
سدا آهي مُنهنجي دل تي، رڳو بس سار دلبر جي،
وسري لوڪ ويو سارو، پرين اڄ ياد پيو آهي.
اچي يوسف مُلاقي مَن، ٿئي محبوب اڄ مونسان،
منهنجي اکڙين سندو تارو، پرين اڄ ياد پيو آهي.

## غزل

وري واءُ گهُلندا، وري جوڙ نهندا،
وري بوندون وسنديون، وري مور نچندا.
وري ڪونجون ورنديون، وري روح رڙندا،
وري يادون ايندي‌ون، وري جيءَ جهرندا.
وري گُل ٽڙندا، وري ايندي خوشبو،
وري خيال پنهنجا، ٻڌي چيرون نچندا.
وري رات ٺرندي، وري سار ورندي،
وري چنڊ ساڳيا، اگڻ تي اُپرندا.
وري ايندي محبت، وري ويندي نفرت،
وري نينهن نِکرندو، وري پوَنر اُڏندا.
وري چنڊ چڙهندا، وري ساز وڄندا،
وري چاهہ پنهنجا، وري چوٽ چڙهندا.
وري سر نُسرندا، وري سيءَ پوندو،
وري ايندو سيارو، وري نيڻ ٺرندا.
وري يار يوسف، وري ٿيندو ميلو،
وري ايندي‌ون خوشيون، وري محب ملندا.

محبوب 'رضا' راهو



## غزل

روح منهنجي جو راز تون آهين،
نينهن منهنجي جو نياز تون آهين.
هاڻ سمجهيم تہ چو ستائين ٿي
غير سان ساز باز تون آهين.
چند شعرن ۾ ڪيئن سمايان مان،
درد ڪير دراز تون آهين.
تنهنجو رهندس سدا سلامي مان،
منهنجي نوڙت نياز تون آهين.
عشق آهين سندر حقيقي تون،
لوڪ ليکي مجاز تون آهين.
آهيان تنهنجي اڳيان "رضا" بيوس،
دل جهٽيندڙ کو باز تون آهين.

## غزل

پرين گڏ هيو زندگي شاد هئي،
سندر دل جي دنيا بہ آباد هئي.
زماني زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏيو
ڪٿي ڪا حياتي نہ آزاد هئي.
رڳو حادثاتي رهي زندگي،
هي دنيا بہ ڪيڏي نہ بيداد هئي.
جڏهن ڪوئي ڳيرو ٿيو هو شهيد
تڏهن سنڌ بنجي پئي بغداد هئي.
چون شاعري جنهن کي سڀ ٿا "رضا"،
اها درد وندن جو فرياد هئي.

## غزل

پيرَ آهن اڃا، پيار جي پنڌ ۾،
منهنجي سهڻي سَندِي سار جي پنڌ ۾.
پاڻ آهيون سدا جيت جي پنڌ ۾،
پاڻ ناهيون مٺا هار جي پنڌ ۾.
آ اکين کي هتي انتظاري اڃا،
تو لڳي حُسن سينگار جي پنڌ ۾.
آنءُ گلڙا خريدي نہ آهيان سگهيو،
دل رکي آ مون دلدار جي پنڌ ۾.
آ دوا ڪان چڙهيل ڪر مٽي دوستو!
آ دعا هاڻ بيمار جي پنڌ ۾.
جن بہ پنهنجي حقن لئہ جاکوڙ ڪئي،
سي سدائين رهيا دار جي پنڌ ۾.
مون کي منزل جي پرواهہ ناهي "رضا"!
عمر گذري وڃي يار جي پنڌ ۾.

## غزل

تارا تارا راتِ بہ توسان،
پرهہ ڦٽي پرڀاتِ بہ توسان.
منهنجا سارا ٽهڪ بہ توسان،
نيڻن جي برساتِ بہ توسان.
دلبر هن دنيا ۾ منهنجي،
جِيت بہ توسان، ماتِ بہ توسان.
منهنجي مَنَ جي تانگهہ بہ توسان،
منهنجي مَنَ جي تاتِ بہ توسان.
توسان انگُ ازل جو آهي،
جيئڻ جي جذباتِ بہ توسان.
يار ڪکائين گهر جي جهوپي،
ٿيندي اچ محلاتِ بہ توسان.
توکي آهہ "رضا" سمجهائي،
ڏانءُ بہ توسان ڏاتِ بہ توسان.

فياض بلوچ

## غزل

هِت درد ملن ٿا، ناهي پيار سَچو ڪنهنجو،
هت ڪوڙ ڪمائن ناهي يار سچو ڪنهنجو.

دولت تي ڪِپي دوستي جي دم ۾ پَرڻ دم سان،
ٿو ڪونہ لڳي دل کي اقرار سچو ڪنهنجو.

هروقت ڏکن ۾ پئي گذري ٿي حياتي جو،
ناهي ڪو اڃان نڪتو انڪار سچو ڪنهنجو.

سڀ ڪَن ٿا، سچائي جي دعوا بہ محبت ۾،
دل ڪين اڃان ماڻيو سهڪار سَچو ڪنهنجو.

رونق ٿي، وَڏي محفل جي يار جي صحبت سان،
نڪري جي پَوي دل جو هتِ يار سَچو ڪنهنجو.

هر وقت هُجي پَر ۾، الفت جون ڪجن ڳالهيون،
همدرد ٿئي دل جو، سينگار سَچو ڪنهنجو.

## غزل

چار جوين ڏينهڙا،
کهڙا توبن ڏينهڙا.

ساز سُڏڪَن جا وڄَن،
ڏک ۾ سڏڪن ڏينهڙا.

خيال ۾ رهجي ويو،
سوچ مٿجن ڏينهڙا.

مَن ۾ هُرڪر ٿي رَهي،
سور سَلجن ڏينهڙا.
دور ناهين پَر هتي،
ڪين ڪٽجن ڏينهڙا.

تون ڪَرين رسَي دُعا،
سک ۾ گُذرن ڏينهڙا.

وقت گذري ٿو پيو،
ڏک جا ٽپجن ڏينهڙا.

ساک رهندي يار جي،
پيار پلجن ڏينهڙا.

پاس رکيو يار جو،
شل نہ رُڪجن ڏينهڙا.

جديد مختصر سنڌي ڪهاڻيءَ جي ابتدا ويهين صديءَ ۾ ٿي آهي. انگريزن جي دور ۾ نثر جي ادبي صنفن ناول، ناٽڪ، افسانې وغيره جا دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب مان ترجما ٿيا ته مٿين صنفن ۾ طبعزاد ڪم لکڻ جو رجحان به عمل ۾ آيو. شروع دور ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي قصن، داستانن ۽ لوڪ ڪهاڻين کي لکت ۾ آندو ويو، جن ۾ عربي، فارسي، هندي، سنسڪرت ۽ ٻين ٻولين مان "چندر ڪانتا"، "الف ليليٰ"، "ممتاز دمساز"، "حاتم طائي"، "گل بڪاولي" ۽ ٻيا قصا ترجما ٿيا ته ڏيهي آکاڻين ۾ "سورٺ ڏياچ"، "ينيي زميندار جي ڳالهه" ۽ "سڏا تورو ڪڏا تورو" نموني جون نصيحتي ۽ رومانوي آکاڻيون شايع ٿيون.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ 1914ع ۾ "شريف بيگم" جي عنوان سان جديد ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي، ترت ئي ٻين ليکڪن پڻ هن صنف ۾ هٿ وڌايو، جن ۾ محمد عثمان ڏيپلائي، شيخ اياز، لطف الله بدوي، عثمان علي انصاري، آسانند مامتورا، حشو ڪيولراماڻي، سڳن آهوجا، پرمانند ميوارام، نارائڻداس ميوارام يمياڻي ۽ ٻين ڪهاڻيون لکيون. ڪهاڻيءَ کي هٿي ڏيڻ ۾ ان وقت سنڌي ساهت سوسائٽي، سندر ساهتيه سک ٽرنڪ سوسائٽي، ڊي.جي ڪاليج جو "سنڌ سرڪل"، امر لعل جو "ڦلواڙي"، "آشا"، "ساقي"، "پرهه ڦٽي"، "ڦليلي"، "جيون ڪلا"، "ڪهاڻي"، "ٻولچند راجپال جو "سنڌو" [1932ع] ۽ ٻيون اخبارون ۽ مخزن هئا.

**پروين موسيٰ ميمڻ**

ڪتاب: "سون ورنيون سوڍيون" تان ڪنيل

خدمت جو سوال آهي. مان سمجهندو هئس ته شايد طبقو اعليٰ تعليم يافته هئڻ جي باوجود اڄ به پردي جو پورو پابند آهي- سو سمجهايومانس ته ”ڏس ناز! پاڻ پنهنجي شهر کان پورا ٽي سؤ ميل پري آهيون، هتي حيدرآباد ۾ پنهنجو ڪو واقفڪار به ڪونهي، جنهن کان دٻ ڪجي“. پر هوءَ اهڙيون ڳالهيون ڪٿي ٿي ٻڌي، چئي، ”مشرقي عورت جي سندرتا لاءِ، برقعو سڀ کان قيمتي سنو زيور آهي.“

مون، هن جي برقعي ڇڏائڻ لاءِ، هزارين حيلا هلايا آهن، پر اڄ به، هوءَ پنهنجي جڳهه تي اٽل آهي ۽ منهنجي دل جي حسرت، حسرت ئي رهجي وئي آهي.

جڏهن اهو نوجوان جوڙو، منهنجي ويجهو آيو ته، ڏٺم ته اهو نوجوان منهنجو گهرو دوست ياسين هو- هُو پنهنجي سهڻي ساٿڻ سان، ڪيترو نه مست مگن ٿي جهومي جهومي هلي رهيو هو، ڄڻ سڄي دنيا سندس پاڪر ۾ هئي! مون کي هن جي قسمت تي رشڪ اچي رهيو هو.

هن مون کي ڏسي، مٺل دل سان هٿ جو سلوٽ ڪيو. ڄڻ منهنجو اتي هجڻ ڪيس ناگوار گذريو هو. مون کي سندس ائين پري کان هٿ هلائڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي- مان ته سمجهيو هو ته منهنجو گهرو دوست جو ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ڏسڻ ۾ آيو آهي، مون سان هميشه وانگي ڊوڙي اچي پاڪر پائي ملندو ۽ پنهنجي سهڻي ساٿڻ جو تعارف ڪرائيندو، جا شايد سندس زال زرينا هجي: جنهن جي ڪيترا دفعا هُو منهنجي اڳيان ساراهه ڪري چڪو آهي- پر هُو ته مون کي ڏسي، ائين نظرانداز ڪري وڃي رهيو هو، ڄڻ مان غير هئس. مون کي مٿس ڏاڍي ڪاوڙ اچي رهي هئي، ته جيڪڏهن مون سان اچي ملي ها، ته ڇا مان سندس سهڻي زال کي چڪ هڻي کڻان ها! مان ڪيتري دير تائين، هنن ٻنهي کي پٺيرو ويندو ڏسندو رهيس.

منهنجي لاءِ، شام ۾ ڪا به رنگيني باقي نه رهي هئي. سڄو سنگيت نه ڄاڻي ڪيڏانهن ٻڏي ويو هو— ساري رنگيني ته ڄاڻي ڪٿي لڪي ويئي هئي— هوريان هوريان، ڏنڊ وڌي رهي هئي— ڪناري جا مبهوت مبهوت وڻ، ڄڻ وقادن کان ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺا، ٿڏيون آهون ڀري رهيا هئا— مون گهٻرائجي مهراڻ جي اڇ ڏانهن نهاريو. اچانڪ، پاڻيءَ ۾ ڪا شرير مڇي تڙپي ڪائي، مون کي ڇپرا ڏيئي وئي. پري لهرن مٿان پرواز ڪندڙ تاڙو منهنجي نظرن کان پري ٿي ويو، هن جي ٽي ...... ٽي جو پر درد آواز، اڃا به منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيو هو. مان، ڇا اُداس ٿي ويو هئس، ساري ڪائنات اُداس ٿي وئي هئي. شام جي رنگيني ڦڪي پئجي وئي هئي، تنهنڪري منهنجا قدم گهر ڏانهن کڄڻ لڳا!

رات جو جڏهن يارن دوستن وٽان ٿيندو، ڏهين بجي گهر پهتس ته پنهنجي زال جو ڪوماٽيل ۽ اداس چهرو ڏسي، دل کي لوڏو اچي ويم- ڪجهه به ٿي پوي، اها حقيقت هئي ته، مون کي هن سان بي انتها پيار هو- هن جون ٻئي وڏيون وڏيون خمار ڀريل اکيون، سڄيل سڄيل ۽ ڳاڙهيون هيون، ڄڻ هوءَ ڪيتري دير کان روئندي رهي هجي، مون دل ئي دل ۾ پاڻ کي ملامت ڪئي ته، مان به ڪيترو نه ردي ماڻهو آهيان، جو نڪا ڳالهه نه مهاڙ، اجايو ٿو سندس دل کي رنجايان— پلا هوءَ پنهنجي دل ۾ ڇا سوچيندي هوندي، مون کي پنهنجي پاڻ تي ڪاوڙ هئي. هوءَ مون کي ڏسي اُٿي.

”تون ماني ڇو نه ٿو کائين- توکي ڇا ٿي ويو آهي- توکي منهنجي صورت نه ٿي وڻي؟“ هن جي آواز ۾ درد هو.

شڪوه شڪايت هئي. هن جي ڊنڊ جهڙين گهرين اکين ۾، پاڻي چمڪي رهيو هو. ”تون ايترو ڪنور ڇو ٿي ويو آهين- ٻڌاءِ ته توکي ڇا ٿي ويو آهي؟“ مون کان ڪو به جواب ڏيي نه سگهيو- مان هڪ مجرم وانگر خاموش بيٺو هئس، بلڪل پٿر وانگر، پوءِ هن پيار سان پنهنجون ٻئي ٻانهون منهنجي گلي ۾ حائل ڪري ڇڏيون. ”مان ڄاڻان ٿي ته تون ڇو ڪاوڙيو آهين- انهيءَ لاءِ نه، ته مان برقعي کان سواءِ توسان ٻاهر نه ٿي نڪران؟ اڄ کان پوءِ، ته مان ڪڏهن برقعو نه پائينديس- تون به ڇا سمجهندو هوندين، ته مان تنهنجي لاءِ ايترو به نه ٿي ڪري سگهان.“

نصيب ٿيو هجي. هن سان گڏ راڻي باغ جي خوبصورت ڦلواڙن جي ٻارن مان هلندي، مون کي ائين محسوس ٿي رهيو هو، ڄڻ منهنجي بوٽن جي تري ۾ اسپرنگ لڳل هجن. مان انتهائي جهومي جهومي هلي رهيو هئس.

جهڙالو هئڻ ڪري، راڻي باغ ۾ ڪافي هجوم هو- ڪئين نوجوان برقع پوش عورتون، ٽيڊي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، پوڙها ٽهلجي رهيا هئا. هڪ نوجوان، جنهن سان گڏ هڪ برقع پوش ساٿي هئي، گهڙيءَ گهڙيءَ گوراڪون وجهي فلم ايڪٽرن وانگي، ايڪشن ڏئي، ناز ڏانهن نهاري رهيو هو. مون کي مٿس ايتري ڪاوڙ آئي، جو وس پڄيم ته ٻئي آڱريون تير ڪري دوڏا ڪڍي ڇڏيانس. گڏهه جو پٽ، پرايون زالون ٿو تڪي، بيوقوف کي ڪيڙن جي ڳوتري ڪٿي گهمڻ ۾ چا خاڪ مزو ايندو هوندو. ايڊيٽ- سوئر- پاجي .... مان دل ئي دل ۾ مٿس ڦٽڪار ڪئي.

ڪافي دير تائين راڻي باغ ۾ ٽهلڻ کان پوءِ، اسان وري اچي پنهنجي ڪار ۾ ويٺاسين. اسان جي ڪار وري، راڻي باغ جي وڏي ويڪري سڙڪ تان ٻوڙڻ لڳي.

”هون..... آه“ ناز، هڪ وڏو ساهه کنيو. ”ڪهڙي نه پنل پنل خوشبوءِ آهي سرهه جي وڻن جي- چا چام شوري هلي رهيو آهين؟“

”نه پياري! چام شوري ۾ ته شام جو رونق لڳندي آهي، جڏهن پل جا رنگين قمقما، ستارن وانگي ٽم ٽم ڪري جهرڪڻ لڳندا آهن.“

”اڄ ته مون کي تنهنجين ڳالهين مان شاعريءَ جو واس ٿو اچي.“ ”تنهنجي نوازش آهي.“ اسان ٻئي کلڻ لڳاسين.

ٿوريءَ ئي دير ۾، اسان جي ڪار ڪوٽڙيءَ جي پل سان گذري رهي هئي، اسان جي پنيان ٻي ڪا به گاڏي نه هئي، تنهنڪري مون ٿوريءَ دير لاءِ ڪار پل ۾ بيهاري ڇڏي.

”هو ڏس ناز! ڪيترو نه سهڻو منظر آهي.“

”اوهه! ڪيترو نه عجيب منظر آهي- درياءَ جي گولائي ته ڏس، جهڙو ٻن ٻن سڳن وارو چنڊ. هل نه: ٿورو مهراڻ جي ڪناري ٽهلجنداسين.“ ناز للچائجي وئي. ايتري ۾ مون محسوس ڪيو ته پنيان ٽرڪ وارو، هارن جي ڌم مچايو بيٺو آهي. مون جلدي ڪار اسٽارٽ ڪئي، ۽ پل جو پورو چڪر ڪاٽي، هيٺ ڪناري جي حفاظتي بند تي بيهاري. مون تصويرون ڇڪڻ لاءِ ڪئميرا به کنئي هئي. ڪئميرا ڳچيءَ ۾ لڙڪائي، اسين ٻئي، هٿ ۾ هٿ ڏئي ڪناري ڏانهن وڌڻ لڳاسين.

”اوهه! ڪيتري نه همگوار گولائي آهي درياءَ جي- وري هي واريءَ جا دڙا ته ڏس، ڪهڙو نه سهڻو منظر آهي- جهڙو ڪوهه مريءَ جي سبز شاداب پهاڙن تي وڇايل نرم نرم برف.“

”ها ناز! واقعي اهي واريءَ جا دڙا ڏاڍا خوبصورت لڳي رهيا آهن- پر هڪ انجنيئر جي حيثيت سان. مون کي اهي دڙا بلڪل نه ٿا وڻن، مان ڪي قدر سنجيده ٿي ويو هئس. ۽ ناز حيرت سان مون ڏانهن نهارڻ لڳي!

”چا مطلب،“ مون چيو:

”ڏس ناز! تون آسانيءَ سان سمجهين سگهين ٿي ته جڏهن درياءَ موج ۾ اچي ٿو ته انهن دڙن سان وڃيو ڏڪ هڻي ۽ انهن دڙن جي سڄي واري پاڻ ڏانهن ڇڪيو اچي- ڏس ته ائين هوريان هوريان هي ڪنڌي ڪيتري نه مٿاهين ٿي ٿي وئي آهي ۽ انهيءَ جي مد مقابل ڪوٽڙيءَ جو شهر ڪيترو نه هيناهينءَ تي زور پريندو آهي. سوچڻ جي ڳالهه آهي ته آخر هيءَ ويچارو معمولي بند، ڪيستائين درياءَ جو منهن موڙيندو رهندو.“

”اوه ....... سمجهي ويس- پوءِ توهان ڪجهه ڪيو چو نه ٿا؟“

مون هڪ ٿڌو ساهه پري چيو: ”ناز! منهنجو تعلق رود سب ڊويزن سان آهي- دريائن ۽ واهن سان منهنجو ڪو تعلق ڪونهي.“

”پر انساني زندگين سان ته توهان جو تعلق آهي.“

مون کلي چيو: ”تون ته ايترو ڊڄي وئي آهين، ڄڻ تنهنجو گهر به ڪوٽڙيءَ ۾ هجي.“

”چو نه! ڪوٽڙيءَ ۾ ته مون جهڙا هزارين جيوَ رهن ٿا.“ مون کان ٽهڪ نڪري ويو. ناز ڪاوڙجي چيو:



ايوب عمراڻي

# سيوهڻ

اڄ مون سيوهڻ وڃڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو!

چڱيءَ طرح ياد اٿم ته ننڍي عمر ۾، ڏاڏيءَ سان گڏ سيوهڻ ويو هوس. ان وقت سيوهڻ مون کي خوابن جي پرستان جهڙو شهر لڳو هو. خوبصورت دڪان، بجلي، هوٽل، ڳانا، ڪنگڻ، ڪاشيءَ جا رانديڪا، سڀ حيران ڪندڙ هئا، پر سڀ کان حيران ڪندڙ هئي "ڌمال"! شام جي وقت درگاهه جي اڱڻ ۾ عورتون ۽ مرد گڏ ٿيندا ويا ۽ پوءِ جيئن ئي هڪ پوڙهي اتي رکيل وڏن نقارن کي وڄائڻ شروع ڪيو ته ماحول ۾ ٿرٿلو مچي ويو. مرد ۽ عورتون نعرا هڻي نچڻ ۾ شروع ٿي ويا. سڀ بي حجابه ڪنهن به ڊپ ڊاءَ کان بغير ديوانن جيان نچي رهيا هئا. مان ننڍڙو ٻار سڀ ڪجهه حيرانيءَ مان ڏسندو رهيس، تڏهن ڏاڏيءَ مون کي ٻڌايو هو: "ابا اِها ڌمال ٿئي! هتي ماڻهو نچي نچي پنهنجا گناهه بخشائڻ ايندا آهن!"

مون کي ان عمر ۾ گناهه ۽ ثواب جي به ڪا خبر نه هئي. بس سڀ ڪجهه ڏسي رڳو حيران ٿي ٿي رهيو هوس!

اڄ ان کي ڪئين ورهيه گذري ويا آهن. مان وڏو ٿيندي زندگيءَ جي ڪئين گوناگون مصروفيتن ۾ مصروف ٿي ويس، وري سيوهڻ ڏسڻ جو موقعو نه مليو. هر ڀيري اها ئي خواهش رهندي هئي ته سيوهڻ وڃي پنهنجي ننڍپڻ جي يادگيرين کي تازو ڪريان. نيٺ اڄ وقت ڪڍيم ۽ ڪراچيءَ مان لاڙڪاڻي ويندڙ ڪوچ جي ٽڪيٽ وٺي گاڏيءَ ۾ سوار ٿيس. ڪوچ ۾ منهنجي پر واري سيٽ تي ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪندڙ هڪ سنڌي پوليس وارو ويٺو هو. سامهون واريءَ سيٽ تي هڪ پنجابي جوڙو براجمان هو. زال ڏاڍي نفيس، نازڪ ۽ سهڻي هئي، پر هن جو مڙس بدصورت ۽ ٿلهو هو، عورت جي هنج ۾ هڪ خوبصورت ٻارڙي هئي (جيڪا يقيناً ان جي ڌيءَ هوندي) ٻارڙي بار بار معصومانه انداز سان مون کي ڏسي مُرڪي رهي هئي.

منهنجي پر ۾ ويٺل سنڌي پوليس واري، مون کي ٻڌايو ته هُو مسلمان ته آهي، پر نه عبادت مان ڄاڻي، نه ئي ڪا دين جي گهڻي خبر اٿس. بس گناهه بخشائڻ ۽ شيطان کان پري رهڻ لاءِ، هر مهيني پگهار ملندي ئي سيوهڻ جو رُخ ڪندو آهي، قلندر جي اڱڻ ۾ ڌمال هڻي گناهه بخشائيندو آهي ۽ پوءِ هُو قلندر جي ذڪر ۾ چڙي پيو "... لال سائين ولايت مان ڳاڙهو لباس پائي اڏامي سيوهڻ پهتو. انڪري ڪيس لال شهباز چوندا آهن....." ۽ پوءِ هن اهو به ٻڌايو ته ڪيس پيٽ گذر لاءِ جيڪا پوليس ۾ نوڪري ملي آهي، اها به قلندر جي ڪرامتن جو نتيجو آهي! سندس زبان قلندر جون ڪرامتون ٻڌائيندي ٿڪنچيءَ جيان هلي رهي هئي جو اوچتو ڪوچ واري اتي لڳل ٽي وي تي قلندر جي ڌمال جي سي ڊي لڳائي. پوءِ ته همراهه کي جهڙو جن چنبڙي ويو، سيٽ تي ويٺي ويٺي ڌمال ۾ شروع ٿي ويو. منهنجي سيٽ جي سامهون ويٺل پنجابي جوڙي به گهٽ نه ڪئي. ٿلهو مرد "قادر قلندر مست شهباز" جو نعرو هڻي نچڻ لڳو ته سندس سنهڙي سيپڪڙي زال به ان جو ڀرپور ساٿ ڏنو. مائيءَ جي هنج ۾ ويٺل ٻارڙي اهو منظر ڏسي روئڻ ۾ شروع ٿي وئي پر هُو ٻئي زال مڙس پنهنجي ڪرت ۾ ايستائين مدهوش ٿي ويا هئا جيستائين ڌمال وارو ڳانو ختم نه ٿيو!

مون ان پنجابيءَ کي چيو: "ڪمال آهي توهان جي معصوم ٻارڙي روئي رهي هئي ۽ توهان

نچي رهيا هئا!"

منهنجي سوال تي ٿلهو پنجابي مون کي غصي مان ايئن ڏسڻ لڳو ڄڻ ڪو مون وڏو ڪافرانه ڪم ڪيو هجي. پوءِ نيٺ ٽٽو ٿيندي چيائين: "بادشاهو اسان نون قلندر تي وَڌا يقين اي!"

مون يڪدم چيو: "ڪهڙو يقين!؟"

چيائين: "هيءُ ٻارڙي گونگي آهي، ڊاڪٽرن علاج ڪان جواب ڏئي ڇڏيو آهي. هاڻي قلندر تي حاضري پريندا سين ته ضرور ڳالهائيندي." مان سندس جواب تي حيران ٿي ويس. سوچيو هوم ته اڄ جي دور ۾ انسان شعور جي بلندين تي پهچي ويو آهي، پر هاڻي ان ڳالهه جو شديد احساس ٿي رهيو هو ته "نه" اعتقاد ۽ عقيدي جو انڌو گهوڙو اڄ به پنهنجي پوري طاقت سان ماڻهن جي شعور کي پنهنجي سنبن سان لتاڙي رهيو آهي.

ڊگهي سفر ڪان پوءِ جڏهن سيوهڻ پهتس ته حيران ٿي ويس. هيءُ شهر منهنجي ننڍپڻ واري شهر کان مختلف لڳي رهيو هو. گاڏيءَ مان لهڻ وقت ڪنڊيڪٽر چيو: "بابا پنهنجي کيسن جو خيال رکجو شهر ۾ چپي چپي تي ڳنڍيچوڙ موجود آهن!"

ان تنبيهه تي مون کي کيسي تي نظر رکڻي پئي. منهنجي سامهون واقعي به ڪيئن اهڙا بوٿ مون کي گهوري رهيا جيڪي ڳنڍيچوڙ پئي لڳا.

شهر ۾ داخل ٿيس ته حيران ٿي ويس، ڏنگيون ڦڏيون گهٽيون، اٽلنڊڙ گٽر، بدبوءِ، ماڻهن جي پيهه، حد دخليون، سرعام ڪڪڙ ڪُسي رهيا هئا ۽ مڇي وڪامي رهي هئي جنهن گندگيءَ ۾ اجا به واڌارو ڪري ڇڏيو هو. مون کي يقين ئي نه پئي آيو ته اهو ساڳيو شهر سيوهڻ آهي جنهن کي ننڍپڻ ۾ ڏسي مان تمام گهڻو حيران ٿيو هوس يا هيءُ اهو شهر سيوهڻ آهي جنهن جو ذڪر تاريخ ۾ هڪ شاندار ۽ سڀ کان قديم شهر جي نالي سان ٿئي ٿو. هاڻي ته پارٽي فلمن جي گانن ۾ به سيوهڻ جو ذڪر ٿئي ٿو. ڇا هنن کي اها خبر هوندي ته جنهن شهر جو ذڪر هُو گاني ۾ ڪن ٿا، اهو هڪ بدبودار ۽ بي ترتيب شهر آهي!؟

اهو سڀ ڪجهه ڏسندي حيران ٿيندي اڳتي وڌي رهيو هوس جو رستي تي اچانڪ دهلن جا ڌڌڪا ٻڌم. ڪٿي جو نهاريان ته ويهه پنجويهه مرد ۽ عورتون هٿن ۾ "پَڙُ" جهليو، ان جي نمائش ڪندي نچندي ڪُڏندي اڳتي وڌي رهيا هئا. هڪ اڌڙوٽ عورت سِيني کان اڳيان نچي رهي هئي. هر ڳالهه کان بي نياز ڪيس ان ڳالهه جو به احساس نه هو ته سندس جسم جا ڪپڙا پگهر ۾ پسي چنبڙي ويا هئس ۽ جسم جا ڪجهه حصا صفا چٽا نظر اچي رهيا هئا جيڪي لڪائڻ لاءِ عورتون وس ڪنديون آهن. مان حيرانيءَ جو مجسمو ٿيو اجان اتي بيٺو هوس جو هڪ نوجوان منهنجي سامهون آيو. انتهائي پهنجائپ مان چيائين: "سائين مسافرخاني تي هلو، خاص ماڻهن لاءِ خاص ڪمرا، هڪ ڀيرو رهندا بار بار ايندا!"

مون کي اهو پنهنجائپ وارو لهجو گهڻو وڻيو، چيومانس: "هل ته هلون!"

منهنجي ايئن چوڻ تي هو گهڻو خوش ٿيو. اسان سوڙهيون گهٽيون لتاڙي هڪ مسافر خاني ۾ پهتاسين. مون رجسٽر ۾ نالو لکائي اڱواٽ بل ڏئي، چابي ورتي، چوڪرو مون کي ڪمري تائين وٺي آيو. ڪمرو رات گذارڻ جهڙو هو. چوڪري کان نالو پڇيم، چيائين: "بخشل!"

چيومانس: "اڄ توکي مون سان گڏ گذارڻو آهي."

منهنجي ڳالهه ٻڌي هو گهبرائجي ويو. ڄڻ مون ڪا ڪيس اهڙي ڳالهه چئي هجي جيڪا ڪيس انتهائي ناگوار لڳي هجي! هن هٻڪندي چيو: "سائين مان ان ٽائيپ جو چوڪرو نه آهيان!" مون ڪيس سمجهائيندي چيو: "ان ۾ ٽائيپ جو ڇا وڃي؟ مون کي سڄو شهر گهماءِ توکي چڱي خاصي خرچي ملي ويندي ۽ سيٺ کي به پئسا ملندا."

منهنجي ڳالهه ٻڌي هن اطمينان جو گهرو ساهه کنيو پوءِ چيو: "ٺيڪ آهي مان هلندس!" مان وري به حيران ٿي ويس ته چوڪرو اچانڪ ڪيئن راضي ٿي ويو!

مان فريش ٿيڻ کان پوءِ ڪپڙا بدلايا. بخشل منهنجي اوسيئڙي ۾ ويٺو هو. چيومانس: مون کي پهرين شهر جا ڪجهه تاريخي حصا ڏيکار. پوءِ درگاهه تي هلنداسين. هن جي اکين ۾ حيراني نما سوال اڀري آيو ڄڻ چوندو هجي: عجيب شخص آهين! قلندر جي درگاهه تي سڀ کان آخر ۾!

پر هو اهو مون کي چئي نه سگهيو!

سڀ کان پهرين اسان بودلي بهار جي درگاهه تي آياسين. اها شهر جي هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾ موجود هئي. بخشل ٻڌايو: "جڏهن بودلي کي هنوت ڪاسائيءَ ڪُهي ان جو گوشت ماڻهن ۾ وڪڻي ڇڏيو، ته لال سائينءَ کيس ٻيهر جيئرو ڪري سڀني کي حيران ڪري ڇڏيو!" مون کي بخشل جي ڳالهه متاثر نه ڪيو جو اها ڳالهه ننڍي هوندي کان ٻڌندا ٿا اچون ۽ بخشل ڪجهه گهڙين لاءِ مون کي حيرانيءَ مان ڏٺو، ڄڻ چوندو هجي صفا ڪو ڪنجوس آهين! ايڏي وڏي ڪرامت جي ڳالهه ٻڌڻ کان پوءِ به چپ آهين!

مان درگاهه ۾ داخل ٿي دعا گهري ٻاهر آيس. بخشل حيرانيءَ مان مون کي ڏٺو. ڇو ته مون نذراني لاءِ ڪجهه به نه رکيو هو!

هاڻي اسان هڪ مٽيءَ جي دڙي تي پهتاسين. جتي هڪ سرڪاري ريسٽ هائوس ۽ ڪجهه جايون نهيل نظر اچي رهيون هيون. بخشل چيو: "هي اهو شهر آهي جنهن کي لال سائينءَ ابتو ڪري ڇڏيو!"

"ڇو!؟" مون يڪدم حيرانيءَ مان چيو.

"ڇو جي مون کي به خبر ناهي، ننڍي هوندي کان اهو ئي ٻڌندا ٿا اچون." بخشل منهنجي سوال تي گهٻرائجي ويو.

چيومانس: "هڪڙي شهر کي ابتو ڪرڻ سان سوين انسان بي گناهه مري ويا هوندا!"

بخشل مون کي تنبيهه ڪندي چيو: "نه سائين اهي ماڻهو گناهه گار هوندا تڏهن ته لال سائين انهن کي غرق ڪري ڇڏيو!"

چيومانس: "هي مٽيءَ جو ڍير بلڪل موهن جي دڙي جيان لڳي ٿو. ان جي کوٽائي ڪرائجي ته خبر پئجي ويندي ته ان کي الٽو ڪري تباهه ڪيو ويو هو يا ڪنهن زلزلي ۾ تباهه ٿي ويو!"

منهنجي ڳالهه هن کي بلڪل نه وڻي، پر سُور پي چُپ ٿي ويو. کيس خبر هئي ته مان هن وقت سندس گراهڪ هوس ۽ گراهڪ جا انگل آرا ته ڪٺڻا ئي پوندا آهن. اسان مٽيءَ جي دڙي تان لهي رڪشا ۾ چڙهي ڇٽي امراڻيءَ جي درگاهه تي آياسين. جيڪو شهر جي بلڪل ٻئي ڇيڙهي تي هو. بخشل چيو: "ڪنهن زماني ۾ هي سڄو علائقو تاريخي قبرستان هو، پر بااثر ماڻهن رات وچ ۾ بلبوزر هلائي قبرستان تي قبضو ڪري ورتو آهي. بس رڳو ڇٽي امراڻي جي درگاهه کي بخش ڪيو اٿن!"

مون بخشل کان پڇيو "اهي بااثر وري ڪير آهن جيڪي هڪ ڏڪ ۾ تاريخي قبرستان کي ڊاهي پٽ ڪري ٿا ڇڏين ۽ کين ڪوبه چوڻ وارو ناهي؟"

منهنجي ان سوال تي بخشل کي ڪنبڻي وٺي وئي. ٿڌو ساهه کڻندي چيائين: "سائين! رڳو قبرستان تي قبضا نه پر هنن جا ٻيا به گهڻا غلط ڪم آهن بس اسان غريب ڪُڇي نٿا سگهون. آخر سيوهڻ ۾ رهڻو آهي."

سندس جواب واقعي منطقي هو. اسان درگاهه ۾ اندر داخل ٿياسين، بخشل جي زبان وري قينچيءَ جيان هلڻ لڳي: "سائين! هي درويش به وڏي ڪرامت وارو آهي. بادشاهه جو پاءُ هو پر پاڻ درويشي قبول ڪيائين!"

مون بخشل کي چيو: اها ڳالهه مون به ڪتاب ۾ پڙهي آهي!

منهنجي ان جواب تي هو ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين: "سائين مس مس منهنجي ڳالهه جي ميچي اٿو! هاڻي هلو ته لال باغ هلون!"

نه نه مون اهو لال باغ رستي تي ڏسي ڇڏيو آهي. هاڻي پاڻ کي واپس هلڻ گهرجي!

منهنجي ائين چوڻ تي بخشل هڪ طنزيه مُرڪ مُرڪيو، ڄڻ چوندو هجي: "ڄڻ مان ڦاسي ويو آهيان!"

هن منهنجي منهن ۾ گهوريو ۽ پوءِ سندس مُرڪندڙ چهرو گنڀير ٿي ويو. اهو چهرو جنهن تي ڪجهه وقت اڳ گراهڪ ڦاسائڻ لاءِ هڪ مصنوعي مُرڪ هئي، ان مرڪ جي جاءِ تي هاڻي حقيقي غصو هو. سندس خوبصورت اکين جي پوپٽين ۾ پاڻي پرجي آيو. هن چيو: ”تون ڇا لاءِ آيو آهين سيوهڻ!؟ قلندر جي زيارت لاءِ؟ هرگز نه. هتي زيارت لاءِ ته ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ايندا آهن باقي ماڻهو ته عياشي ڪرڻ ايندا آهن. اسان جهڙين مجبور عورتن جي عزت ۽ جسم سان کيڏڻ لاءِ، تون مون کي شرافت ياد نه ڏيار!“

تڏهن مون غصي ۾ چيو: ”توکي ڪهڙي مجبوري آهي؟ تون ته زماني جي ستايل به نٿي لڳين جو پنهنجي معصوم جوانيءَ کي بازار حسن بڻائي ڇڏيو اٿئي!؟“

هاڻي سندس اکين مان لڙڪ ٽپ ٽپ ڪري وهڻ لڳا. سڏڪندي چيائين ڇا ٻڌي ڪندين؟ هي بازار به ته مون کي توجهڙي نام نهاد مرد ئي ڏيکاري آهي. منهنجو واسطو اتر سنڌ سان آهي. شاديءَ جي ٻئي ڏينهن منهنجي مڙس غيرت ۾ اچي هڪ قتل ڪيو. جرڳي ۾ سردار ڏهه لک روپيا ڏنڊ وڌس. پٽ سٽ ڪري پنج لک ته ڏناسين باقي پنج لک هٿ ڪرڻ لاءِ منهنجو مڙس مون کي هتي وٺي آيو آهي. مان اڄ تائين ستر مردن کي پنهنجو جسم وڪڻي چڪي آهيان. ڪن وٽ سڄي رات ته ڪن وٽ صرف اڌ ڪلاڪ. هتي رهڻ جو خرچ به وڌو آهي پر جيئن ئي پنج لک رپيا جمع ٿيندا، اسان هتان هليا ويندا سين!“

ائين چئي هو سڏڪڻ لڳي. ڳوڙها سندس اکين مان موتين جيان ڪِرڻ لڳا.

”تنهنجو مڙس ڪٿي آهي!؟“ مون سوال ڪيو.

”هيٺ ويٺو آهي! بوسڪي جي پڳڪي سان!“

”اوهه!“ مان ايترو چئي سگهيس، پر منهنجي پوري وجود ۾ ڄڻ سوين نانگَ بلائون ۽ وڇون ڏنگ هڻي رهيا هئا. مان سڄو وڏجي ڇڄي ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويس. ڄڻ ته ان عورت پنهنجي اندر جو سمورو زهر منهنجي اندر ۾ اوتي ڇڏيو هو. مون کي خاموش ڏسي چيائين: ”مان سڄي رات جا پندرهن هزار وٺندي آهيان، پر جيڪڏهن تو وٽ پندرهن هزار ناهن ته پاڻ اڌ ڪلاڪ به گذاري سگهون ٿا. ان اڌ ڪلاڪ جي قيمت صرف....“

مون سندس وات تي هٿ رکي ڪيس اڳتي ڳالهائڻ کان روڪي ڇڏيو. کيسي ۾ هٿ وڌم ته پورا سورنهن هزار نڪري آيا. مون پندرهن هزار سندس هٿ تي رکندي چيو: ”مان توکي جسم فروشي کان بچائي نه ٿو سگهان، پر صرف هڪ رات لاءِ ڪنهن وحشي ٻگهڙ کان بچائي سگهان ٿو.“

هوءَ پئسا وٺي حيران ٿيندي ٻاهر هلي وئي. مان به پنهنجي بئگ کڻي نڪري آيس. ڏٺم ته ڪائونٽر وٽ هڪ بوسڪي جي پڳڪي وارو همراهه سگريٽ جا سوٽا هڻي پئسا ڳڻي رهيو آهي. هوءَ سندس پر ۾ بيٺي هئي. اهو شخص سندس مڙس ئي هو، جنهن غيرت ۾ اچي خون ڪيو هو ۽ هاڻي سندس غيرت......

مان تڪڙو تڪڙو مسافرخاني مان نڪري بس اسٽاپ تي آيس. ان وقت لاڙڪاڻي کان آيل ڪوچ ڪراچيءَ لاءِ نڪري رهي هئي. مان ٻوڙي ڪوچ ۾ چڙهيس. پوءِ جڏهن ڪوچ سيوهڻ کان نڪري ڪاري ڏامرائين روڊ تي ٻوڙڻ لڳي، تڏهن مون اطمينان جو ڊگهو ساهه کنيو، ته مان هاڻي سيوهڻ ۾ نه آهيان!



اصغر لاڪو

# ڪلاچيءَ جو ڪُن

حاجن، صبح جي نماز پڙهي، قرآن شريف جا ڪجھ رڪوع دور ڪيو، پوءِ هُو ڪراچي وڃڻ جي سنبت ۾ لڳي ويو. اتي ٻئي ڏينهن هن جو ڪلارڪيءَ لاءِ انٽرويو هو، هُو وهنجي سنهنجي تيار ٿي، نيرن ڪرڻ لاءِ کٽ تي اچي ويٺو.

حاجن جي ماءُ، حاتان نماز پڙهڻ کان پوءِ ٻچن جي ڀاڳ بخت ۽ روزي رزق لاءِ دعائن گهرڻ ۾ محوَ هئي ۽ حاجن جي ڀيڻ، حاجران ماني پچائي رهي هئي.

”ادا! الله ڪندو...“ حاجران ٻه ڏڳڙيون ۽ لسيءَ جو گلاس پاڻُ آڏو کٽ تي رکندي، دعا ڪندي چيو: ”انٽرويو ۾ ڪامياب ٿيندين، پڪي نوڪري ملندئي، پر ادا منهنجو هڪڙو عرض...“

”عرض...!؟“

حاجران جي ڳالھ اڌ ۾ ڪاٽيندي حاجن چيو:

”چري حڪم ڪر تون!“

”پلو وڳو وٺي ڏجانءِ مون ڪي، پهرين پگهار مان.“

”دعا ڪر، نوڪري ملي...“ حاجن اٿاھ پيار مان ڀيڻ کي چيو: ”وڳي سان گڏ سونيون واليون به وٺي ڏيندو مانءِ.“

”سونيون واليون!!“ حاجران کان بي ساخته رڙ نڪري وئي ۽ خوشيءِ مان اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، پوءِ ته ٻئي هٿ پنهنجي ڳلن تي رکندي ڀاءُ کي دعائون ڏيڻ لڳي.

حاجن ماني کائي ماءُ وٽ آيو ۽ ماءُ جي پيرن تي هٿ رکي موڪلايائين.

حاتان جهٽ ڏئي مصلي تان اُٿي ۽ حاجن جي پيشاني چمندي چيو:

”ابا! رب رسول ڪندو سڌي نوڪري ملندئي. ”ڪائيندين اوباريندين ڪڏهن نه هٿ مُنجهندئي، الله سائين وار وار چمار ڏيندئي!“

حاجن بس تي چڙهي، ڪراچيءَ روانو ٿيو، هُو شام پنجين بجي ڪراچي پهتو ۽ سهراب ڳوٺ لٿو، ان وقت سهراب ڳوٺ جو پورو علائقو گولابارود جي ڪاري ڪڪر هيٺ آيل هو، گولين جي گرم گرم برسات وسي رهي هئي ۽ بارود جي بوءِ واسيل هوا هلي رهي هئي، اڄ ٻن پهرن جو ان وقت خونريز لڙائي شروع ٿي، جڏهن ٻن مختلف فرقيوار تنظيمن جا ماڻهو، دين جي خدمت خاطر هديو، خيرات، صدقو، مدد، چندو (ٻين لفظن ۾ ”ڀتو“ پر دين جي خدمت واري چادر ۾ ويڙهيل) اوڳاڙيندي اوڳاڙيندي هڪ ئي وقت ساڳئي دڪان تي پاڻ ۾ آمهون سامهون ٿي پيا ۽ هڪٻئي کي ٻئي ڌريون پاڻ ۾ هٿين پئجي ويون ۽ پوءِ هلندي جهيڙي ۾ ٻنهي ڌرين موبائيل فون ذريعي پنهنجا پنهنجا هٿياربند ماڻهو گهرائي ورتا. چند منٽن ۾ جديد هٿيارن سان زوردار فائرنگ شروع ٿي وئي ۽ پورو علائقو جنگ جو ميدان بڻجي ويو. پکي پنهنجا آشيانا ڇڏي، ڦر ڦر ڪندا آسمان ڏانهن اُڏريا. ماڻهو جان جي امان گهُرندا، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا. دڪانن جا شٽر هيٺ ڇڪجي ويا، روڊن تان ٽريفڪ الائي ڪاڏي غائب ٿي وئي... پر اتان جا روڊ، رستا ۽ شاهراهه اڃا چٽا چمڪي رهيا هئا، ڄڻ ته چغل خور بڻجي، تڪي رهيا هجن ۽ هر ايندڙ ويندڙ کي ٻڌائي رهيا هجن ته چند گهڙيون اڳ هتي ڇهڇٽو ۽ رونق هئي ۽ زندگي پنهنجي جوين سان روان دوان هئي!

حاجن تسبيح سوريندو ۽ رب کي انبيائن جا واسطا ڏيندو، گولين جي گونجار مان نڪتو. هُو هڪ مني بس ۾ چڙهي، پنهنجي دوست جي گهر، گلستان جوهر روانو ٿيو، اتي پهچندي ٽي.ويءَ تي هلندڙ

بهادر ٽالپر



# ياد جي لڪير تي!

اُن ڏينهن اوچتو هُنَ جو ايس،ايم،ايس پهتو، اوچتو اِن ڪري ته چوان جو ڪو وقت هُن ۽ مون وچ ۾ اهڙي قسم جي خوشگوار هوا اڳ ڪانه گُهلي هئي.....! آءٌ ان ويل باٿ روم ۾ حاجت، روائيءَ لاءِ ويل هوس. ٻاهر نڪتس ته محسوس ٿيم مٽي تي ڪو جيت جٺو سُري رهيو آهي... جيئن ئي مٽي ڏانهن هٿ وڌايم ته هڪ ڪوريئڙو هٿ تي چڙهي آيو.....! اهڙي موڙ تي جڏهن ماڻهو تڪڙ ۾ هوندو آهي ته ڪانه ڪا شيءِ رنڊڪ بڻجي ويندي آهي.....!

ذهن سوچن جو چار اُٽڻ لڳو... چڻ ذهن به ڪوريئڙو بڻجي پيو.....! صبح سويل آخر اهو ميسيج ڪنهن جو ٿي ٿو سگهي؟ سوالن جو خمار ذهن جي البيلين اکين ۾ پنهنجو آڪيرو ناهيندو ويو... ۽ ماضيءَ ڏانهن موٽ کائيندي ڪن ريشمي وارن ۾ وڃي اٽڪيو...! جاري ۾ ڪجهه ڪتاب هئا جن تي جميل مٽيءَ جي دز منهنجي سست پڻي تي گواهه هئي... ۽ جاري ۾ موجود نظر وارو چشمو منهنجي جوانيءَ تي طنز جو علامتي اظهار هو.....! جاري ۾ مَسُ واري پين ۾ سُڪي نوٽ بڻجي.ويل مَسُ ٻڌائي رهي هئي ته ان پين کي استعمال ڪرڻ وارو يا ته مري چڪو آهي... جيڪڏهن نه ته هُو اڄڪلهه بال پين جي استعمال پنيان ائين آهي. جيئن ڪو ٻار بيٽ-بال پويان هجي.....!

اول ليڪ مس واري پين استعمال ٿي ڪئي...! وڏو پنس تڏهن سندس لکيل اکر ڏسي چوندو هو: ”ڪاش! اهڙا اکر آءٌ به لکي سگهان.....!“ ۽ پوءِ الاءِ ڪهڙو واچوڙو آيو..... ۽ ڪهڙيون اڻاٽيون هوائون گُهليون.... جو ليڪ جي آڱرين جي وٿين مان اهو قلم ئي ڇڏائجي ويو.....!

هن ان قلم جي ڪهاڻي پڇي هئي مون کان... ته مون ڏانهس اهڙي اجنبيت مان ڏٺو هو ڄڻ ڪيس ٻڌائيندو هجان ”آءٌ ان قلم جي ڪهاڻي ڇا ڄاڻان...؟ قلم ته قلم هوندو آهي جنهن مان ڪروڙين ڪهاڻيون نڪري چڪيون آهن البت خود قلم جي ڪهاڻيءَ ڏانهن ڪنهن به توجهه نه ڏنو آهي...!!“ هن جي پاند ۾ ڪا ازلي اُڃ هئي ۽ اکين ۾ اٽڪيل اڻ-ڏٺل سپنا...! اکين جي پرسرار هڪ وادي هئي... جنهن ۾ هڪ اجنبي شهر هو... هن چاهيو ته ڪوئي اهو شهر ڏسي... ۽.....۽..... پوءِ هن هڪ رات پنهنجو هڪ پيارو سپنو منهنجي نانءُ ڪيو ته جيئن اسان ٻئي گڏ اهو شهر گهمي سگهون.....!

....عورتاڻي احساس مان جڙيل اهو شهر ڏاڍو خوبصورت هئو... جنهن جي گلستان ۾ ڳاڙها، پيلا، نيرا، ساوا ۽ ٻيا سهڻا سهڻا گل هئا... جنهن جي رستن تي رونق ئي رونق هئي.... پر ان رونق جي پس-منظر ۾ ڇا هو...؟ شايد ايندڙ وقت کي ان جي سُڌ هئي.....!! ۽..... هن جي ذهن ۾ به انديشا هئا... امڪان هئا... ۽ ماڻهو انديشن ۽ امڪانن وچ ۾ الاءِ ڇو فيصلو ڪري وٺندو آهي ۽ پوءِ هن مون کان پڇيو هو: ”منهنجو هُن سان ازدواجيت وارو رشتو ڪامياب رهندو يا ناڪام...؟ ته چيوهومانس: ”ڪاميابي ۽ ناڪامي هڪ ئي ساهمي جا ٻه پڙ هوندا آهن... جيئن اوهان ٻئي رشتہ ازدواج جي ساهميءَ جا ٻه پاسا هوندا.....! وڌيڪ چيوهومانس اوهان ٻنهي سراپائن

وچ ۾ ٽيون سراپا وسري ته نه ويندو...؟ وراڻيو هنائين اڳتي منهنجي سُئي شايد ان ئي سوال تي اٽڪيل رهي... اهڙو سوال تنهنجي ذهن ۾ آخر آيو ڪيئن...؟! ته وراڻيومر آخر انسان آهيان..... ايندڙ وقت جو تصور منهنجي من ۾ بڙڇي بڻجي لهي رهيو آهي... ته چيائين: اهڙا سوال نه سوچيندو ڪر جيڪي زندگيءَ ۾ بي- معنائي جو باعث بڻجن!! ته چيومانس بي- معنائي ۽ بامعنيٰ ئي جڻ خزان ۽ بهار هونديون آهن... ڪنهن جي ياد جي لڪير تي رهندي ماڻهو جڻ بهار ۾ هوندو آهي.... ۽ ڪنهن کان وسرندي جڻ خزان ۾ هليو ويندو آهي....! هرڪو مصور تصوير ناهي ٺو... پر ملهه هر تصوير جو ڏار هوندو آهي ۽ ان ملهه موجب ئي تخليقڪار جو قدر ٿيندو آهي.....!!

منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي هُوءَ ڪجهه وقت لڪيرون ڏسندي رهي ۽ پوءِ پنهنجي هٿ جي تري ڏنائين جنهن ۾ جڻ منهنجو ڏک ساڻس مسڪرائيندو رهيو...! اهڙين ئي ڪيفيتن ۾ پنهنجو اُجايل من هڪ ٻئي کي آچيندي وقت جي تاج محل هيٺان ڪجهه دير ويٺا رهياسين...!!

اُج ڇا ٿيندي آهي... اُج ڇو ٿيندي آهي... پيار جو پاڻي جيڪر پيدا نه ٿئي ها... ته شايد اُج به وجود نه وٺي ها... ماڻهو جي اندر ۾ طوفان نه اٿن ها... اندر ۾ باهه نه لڳي ها... ماڻهو اُج اُج ڪري پوءِ ڪيئن اٿن ها.... اُج جڻ جڙي ٻُوٽي هوندي آهي... جنهن جي بيمار کي تلاش هوندي آهي... جيئن هُو پنهنجي بيماري اجا وڌيڪ وڌائي سگهي... اُج اجهاڻل باهه جي رک ۾ چڻنگ هوندي آهي....! اُج اڻڏٺل اندلٺ آهي. جنهن جا رنگ ئي ٻيا هوندا آهن.. جيڪا اُجايل روح جي آڪاس تي ايري وڌيڪ اُجارو بڻائي ويندي آهي...!

هيءُ کهڙو جيون آهي... هيءُ کهڙي زندگي آهي. ماڻهو اول اول جمي ٿو ته روئي ٿو... خود ماڻهوءَ کي سُڌ نه هوندي آهي ته ڇا لاءِ ٿو روئي...؟ مرڻ لڳي ٿو ته تڏهن به روئي ٿو... ڪنهن سان محبت ڪري ٿو ته اکين ۾ ڪِلي ٿو... ۽ اندر ۾...!! چپ‌چپن سان ملن ٿا ته ڪائنات هڪ هنڌ بيهجي وڃي ٿي... ۽ وقت ڊُڪندو رهي ٿو... اها جاءِ جتي اهو سڀ ڪجهه ٿئي ٿو. الاءِ ڇو هانوَ ۾ چُڀجي وڃي ٿي....!!

ليڪڪ شين مان پنهنجي معنيٰ تلاشڻ جا عادي هوندا آهن... انڪري سندس حساسيت ۽ تخليقت مس واري پين جي مس مان لڙڪن جي معنيٰ خلقڻ لڳي هئي:

”لڙڪ نه لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي“

هن ان پين سان هونئن ڪيئي ٽريجڪ ڪهاڻيون سِرجيون هيون... اها ٻي ڳالهه هئي ته سندس اندر ۾: ’سجاڻ نه سائل، خدا خوش رکيئي... جهڙي ڪا صدا هئي....!!

انهن ڪهاڻين مان هڪ ”هُن“ بابت هئي. جنهن ۾ هن جا احساس ۽ ڪي ازلي خمار هئا... جاڙا ابرو هئا.... جڻ اهي ڪارا ڪڪر هئا...

”ڀرون ڪارا ڪڪر تن جا، اُداسين ۾ اڙايل ارڏا“ ڪهاڻيءَ ۾ ٻيون ضمني ڪهاڻيون هيون... پيٽس جي پرٽي جو ويراڳ هو... درد هئا... سُڏڪا هئا.... ۽ پيٽس ساڻس پنهنجا ڏک سور شيئر ڪري رهي هئي....!

پوءِ جڏهن سندس سماعتن ۾ پنهنجي ئي پرٽي جا دهل‌دمام وڳا ته هيڪار ڇرڪ نڪري ويس... جڻ ڪنهن خوفناڪ خواب مان جاڳايو هجيس... سندس دل جي ڌڪ...ڌڪ.... نارمل ٿيندي اکين ۾ آس جا ڏيئا چمڪيس:

”چوڙيليءَ چمڪائيا، اکين جا الماس“

هوءَ پيٽس ۽ مڙسهنس سان هاڻ آمريڪا ۾ هئي...! آمريڪا ڏاڍو پري هو، پر هوءَ ويجهو هئي... ۽ آهستي آهستي هوءَ به جڻ پري پئي ٿيندي وئي... فونن پڇاڻان ايس.ايم.ايس.... ۽ پوءِ ڊگهو وقفو...!!

گهڻو ڪري سڀ خوبيون هيون، پر هڪ گهٽي خوبي نمايان اُها هئي تہ ڀاءُ سگريٽ حد کان وڌيڪ ڇڪيندو هو، جنهن جو ڪو حساب نہ هو. امڙ ۽ بابا جي سمجهائڻ باوجود بہ نہ سمجهندو هو. امڙ کي منهن ڏاهي چوندو تہ: ڪٿي ڇڪيندو آهيان سگريٽ؟ ڪڏهن ڏٺو اٿوَ، سندس جاسوسي ڪندا هئاسين. هڪ شام مان ڪاليج کان ڪجهہ دير سان گهر پهتيس، هوريان پردو پري ڪري آهستي داخل ٿيس، منهنجيون اکيون خوشيءَ ۾ چمڪي اٿيون، منهنجو ڀاءُ ريڊيو جي پرسان آرامده ڪرسي تي پٺي ڏيئي ويٺو آهي ۽ سگريٽ جو دونهون هڪ وڏي شان سان پيو ڪڍي. پاڻ ڪرسي جي اندر ڦوسائجي ليٽيو پيو هو، مٿي تي هٿ رکيل، جيئن پري کان مٿو نظر نہ اچي، جيئن ڏسڻ وارو سمجهي، ڪرسي تي هڪ هٿ رکيل آهي، مون بنا ڪڙڪي جي ميز تي ڪتاب رکيا، ڏيرج سان وڌيس، هڪ هٿ سان هيٺ، ٻئي هٿ سان سگريٽ ڦُريم، هو ڇرڪي اٿيو... توبهہ... جيڪو نظارو مون ڏٺو، حيرت ۾ پئجي ويس. هي منهنجو ڀاءُ نہ هو، پر ڀاءُ جو دوست رفيق هو! اتان واپس ڀوڙيس تہ هوش نہ رهيو، سامهون امڙ اچي ويئي. دروازي تي امڙ سان ٽڪرجي پيس، ”اهو ٻالڪپڻو ڪڏهن ويندئي؟“ امڙ دڙڪو ڏئي چيو. مون پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ساهہ پٽيو. رات جو دير تائين ننڊ ڪونہ آئي. هو پنهنجي دل ۾ ڇا سوچيندو هوندو يا تہ ڪڏهن سامهون ڪونہ پئي آئي ۽ هي اوچتو جي بي تڪلفي؟ جيڪڏهن هو منهنجي ڀاءُ کي چئي نہ وٺي تہ منهنجو سگريٽ ڇڪڻ تنهنجي ڀيڻ کي سٺو نہ لڳو، تہ ڀاءُ ڇا سوچيندو تہ ڪيڏي نہ بدتميز آهي پر هڪ عجيب خيال دل تي سُرور طاري ڪري ڇڏيو. ڪجهہ بہ ٿئي، آخر هُن بہ تہ مون کي ڏسي ڇڏيو هو نہ، پر ڪهڙي حُليي ۾؟

مون پنهنجي ڪپڙن تي هڪ نظر وڌي، چاڪليٽي رنگ جي شلوار ۽ ان ئي رنگ جي قميض ۽ رئو، جيڪو مان رئو اتي ئي ڇڏي آيس. مون پنهنجو پاڻ سان شڪايت ڪندي چيو. مون وٽ تہ سٺا وڳا هئا... سٺيون ساڙهيون. ڪاش مون ان ڏينهن چمڪيلي بارڊر واري سائي رنگ جي ساڙهي پاتي هجي ها، منهنجا وار وکريل هئا، چهرو سڄي ڏينهن جي پڙهائيءَ ڪري مرجهائجي ويو هو، پر ٿي سگهي ٿو بجليءَ جي روشنيءَ ۾ شايد ڪجهہ گلابي جهلڪ اچي ويئي هجي. هفتي کان پوءِ منهنجو ڀاءُ بيمار ٿي پيو هو. ڇگو پلو ڪاليج مان آيو، رات جو بستري تي پئجي رهيو. بابا دوري تي ويل هو، امڙ، نوڪرياڻي ۽ ننو سڀ پاڙي ۾ ويل هئا. مان اڪيلي گهٻرائجي ويس، نوڪر کي موڪليم تہ رفيق کي سڏي اچي. ان کان علاوه مان ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس. گهڙي گهڙي سوچي رهي هيس، هُن سان ڪيئن ڳالهائينديس؟ سائيڪل جي گهنٽي وڳي، پردو ڪٽي اندر داخل ٿيو. مون کي پهرين ڏسي بيهي رهيو، پوءِ منهنجي ڀاءُ جي طرف ڏسي يڪدم اندر ويو.

”هي ڪڏهن کان بيهوش آهي؟“ مون ڏانهن بغير ڏسندي پڇيائين. مون جواب ڏنو ۽ ڪافي سوالن جا جواب اُلٽا اُبتا پئي ڏنم. اها هئي منهنجي ۽ هن جي وچ ۾ پهرين ڳالهہ ٻولهہ. ٻارن جيان هو شرمائي رهيو هو. مٿو هيٺ ڪري بغير مون ڏانهن ڏسڻ جي، سوال پڇندو رهيو، ۽ مان جهلي جهلي جواب ڏيندي رهيس. لفظ منهنجي گلي ۾ اٽڪيا پئي، پنجن ڏينهن ۾ ڀاءُ ٺيڪ ٿي ويو. هُن جي اڻٿڪ تيمارداريءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو هو اسان ۾ رلي ملي ويو ۽ وري ننو جيڪو رفو ڀاءُ، رفو ڀاءُ جي رَٽ لڳائيندو رهندو هو. گهڻو پيرو سمجهايم تہ بيوقوف ڪٿان جا، پهرين تہ وڏن جو نالو نہ وٺبو آهي ۽ اگر وٺجي بہ، تہ ادب سان پورو وٺجي. هر ڏينهن ننو جي کيسي ۾ چاڪليٽ هوندا هئا. ڪو اهڙو ڏينهن نہ هو جو هو هُن سان واڪنگ تي نہ وڃي. هڪ ڏينهن مون بيزار ٿي چئي ڏنو تہ اوهان ننو جي عادت خراب ڪري ڇڏي آهي. روز واڪنگ تي وٺي وڃوس ٿا ۽ روز چاڪليٽ بہ وٺي ڏيوس ٿا. هروڀرو جو بار آهي نہ، اوهان تي؟ تہ پوءِ توهان هن کي مون سان گڏ وڃڻ چو ڏينديون آهيو، روڪيوس نہ؟“ هو کلي رهيو هو. هڪ ڏينهن مان ڪاليج لاءِ تيار پئي ٿيس، ٻاهران آواز آيو ”تار وٺو“..... ڀاءُ تار ورتي ۽ رڙيون ڪري

نفرت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي، ۽ پوءِ عورت جي دل، هڪ نوڪر لڳڻ سان ختم! مرد ڄاڻيندا به آهن ته حسد ۽ شڪ ته عورت جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي، پنهنجو پاڻ کي چالاڪ ٻڌائيندا آهن، پر مرد جي دل کي عورت هڪ ئي نظر ۾ سڃاڻي ويندي آهي ۽ وري رفيق جهڙو چريو ڪو به نه هوندو. مون هزار دفعا اشارن ۾ ذڪر ڪيو. ڪيئي ڀيرا صاف چيو ته مون کي هي ناز ۽ تال نه ٿا وڻن، پر هُن ڪنهن ڳالهه جي پرواهه نه ڪئي.

هڪ ڏاڍي سٺي فلم هلي رهي آهي، ادا پروگرام ٺاهيو آهي، ته شام جو فلم تي هلڻ جو رفيق کي به چيو اٿس. منجهند جو وقت هو، آپا منهنجي ڪمري ۾ ڊوڙي ايندي چيائين: تو وٽ ڪا ڪاري ساڙهي آهي؟

مون وارڊ روب ۾ رکيل هڪ گهاٽي چاڪليٽ رنگ جي ساڙهي طرف اشارو ڪندي چيو: ”ته نه اهڙي نه بالڪل ڪاري! جيئن منهنجا وار جيئن ڊنر سوٽ هوندو آهي.“ ڊنر سوٽ جو ذڪر مان هن نرالي تشبيهه تي حيران ٿي ويس، ٿورو هيٺ مٿي ڪپڙن کي ڪري آخرڪار ڪاري سلڪ جي ساڙهي نڪتي ۽ بلاؤز؟ اهو به ڪاري رنگ جو، مون پڇيو: ”ها بلڪل ڪاري رنگ جو، مون بلاؤز به ڪڍي ڏنو، هوءَ خوش ٿي ويئي. بس نيڪ آهي ڪارا جوتا ته مون وٽ آهن. ڊوڙي ڪمري مان نڪري ويئي. شام ٿي، مون اڇي رنگ جي سادي ساڙهي پاتي، آپا ڪمري مان نڪتي، مٿي کان وٺي پيرن تائين ڪاري جوڙي ۾، اڇو منهن ڪاري ساڙهي ۾ چمڪي رهيو هو. ”آپا اڄ ڏاڍي سٺي ٿي لڳين!“ ”ڪوڙي ڪٿان جي، اڇا هيڏانهن ته اچ“ هوءَ مون کي ڇڪي آئيني ڏانهن وٺي ويئي، ”ڏس تون هن سادي ساڙهي ۾ مون کان به هزار دفعا سٺي ٿي لڳين.“ هُن چيو. ”خاڪ سٺي آهيان ڀلا ڪٿي اوهان ۽ ڪٿي مان؟“ سامهون واري ڪمري مان آواز پئي آيو، ”مان ته عاجز ٿي ويئي آهيان. هي رفيق به عجيب ڇوڪرو آهي. ڏس ته سهي هينئر تائين ناهي پهتو. اڃا تائين چريو ناهي پهتو.“ اهي الفاظ مون کي ڇڇي رهيا هئا، آخر آپا هن کي چريو چوڻ واري ڪير ٿيندي آهي؟ ”مون اڄ تائين اهڙو ڇوڪرو ناهي ڏٺو.“ آپا چيو. ”هاڻ ڪيستائين انتظار ڪنداسين، هلو آپا اسان پاڻ هلون ٿا، هو پاڻ ئي سينيما تي ويندو.“ ڀاءُ چيو. اسان گهڙيال ۾ ڏٺوسين. وقت گهٽ بچيو هو. آپا ان چڪر ۾ هئي ته رفيق جو انتظار ڪيو وڃي پر ڀاءُ نه مڃيو. اسان سڀ ڪار ۾ وڃي ويناسين. ڀاءُ مون کي اڳيان ويهاري ڇڏيو. ننو ۽ آپا پويان واري سيٽ تي، ٿوريءَ دير ۾ ڀاءُ سڏيو ”رفيق! هيڏانهن اچ، جلدي ڪر. ننا، تون اڳيان ويهه، رفيق تون هيڏانهن اچ.“ مون پويان مڙي ڏٺو. رفيق کي ڪارو سوٽ پاتل هو، بلڪل ڪارو ڪوٽ ساڳيو اهڙوئي جوتو، ڀاءُ نني کي اڳيان ويهاريو ۽ هو پوئين سيٽ تي وينو. مون کي باهه لڳي ويئي، هاڻ مان سمجهي ويس، آپا ڪاري ساڙهي ڇو پاتي؟ رفيق ڪيڏو نه مڪار نڪتو، اسان وٽ ان کان پهرين ڪارو سوٽ پائي ڪونه آيو. ضرور آپا فرمائش ڪئي هوندس. سينيما پهتاسين، پرسان ڪرسي تي رفيق کي ويهاريو، پاڻ سامهون پاسي واري ڪرسي تي ويئي، انهن جي پر ۾ ننو ويهي رهيو، هڪ ڪرسي ڇڏي مان چوٿين ڪرسي کان پوءِ ويٺس، وچين ڪرسي ڀاءُ لاءِ ڇڏيم! توهان ايترو پري؟ رفيق پڇيو. مون ڪوبه جواب نه ڏنو، مون کي خبر ناهي ڪهڙي فلم هئي ڀاءُ ڇا چئي رهيو هو ۽ آپا ڇا چوي پئي. ڪجهه عجيب آواز منهنجي ڪنن ۾ اچي رهيا هئا. مٿو ڦريو، اکين اڳيان انڌيرو. مان تڙپي رهي هيس، فقط ڳوڙها ڪونه نڪتا اکين مان، باقي منهنجي روئڻ ۾ ڪا ڪسر نه رهجي وئي هئي. آپا ۽ رفيق پاڻ ۾ کلي کلي مون کي ماري وڌو. فلم ختم به ٿي ويئي. خبر ئي نه پئي، ڀاءُ منهنجي ٻانهن پڪڙي چيو: هَل! مان اٿي بيٺس، ڀاءُ ۽ آپا پويان پئي آيا. مان اڳيان سيٽ تي ويٺس، هاڻ مان ڪار هلائيندس.

رفيق منهنجي پرسان ڪار ۾ ويهندي چيو: ”توهان پويان ويهو.“ مون هڪ پاسي ٿي چيو، ”ڇو؟“ هو حيران ٿي ويو. ”بس ائين ئي! توهان پوئتي وينل سٺا ٿا لڳو.“ ”ڇا مطلب آ توهان جو؟“ هن

پڇيو: ”توهان هتي ويهو آپا سان گڏ“. مون منهن ٺاهي ڦيري ڇڏيو هو ۽ آپا، ننو پويان ويهي رهيا. رستي ۾ فلم تي تنقيد ڪندا رهيا، پر مان چپ هيس. شايد ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪريان ها ته ڳالهائي نه سگهان ها. سڄي رات روئندي رهيس، ڪيڏا مڪار هوندا آهن هي مرد. انهن جي سامهون دل جي ڪاٻ قيمت ناهي هوندي. روئي روئي ويهاڻو آلو ڪري ڇڏيم. آخر صبح ٿي ويو ۽ منهنجي زندگيءَ جو منحوس ڏينهن شروع ٿيو جنهن ڏينهن مان سڀ ڪجهه وڃائي ڇڏيو. ياٽا ڪاليج ۽ آپا ڪنهن سهيلي وٽ هئي. امڙ متي هئي ۽ ننو مون وٽ هو. دروازو کليو ۽ رفيق اندر آيو. هُن جو چهرو ايترو سنجيده هو جو ڪنهن حد تائين پوائتو نظر اچي رهيو هو. ”تورو هيڏانهن اچو، مون کي ڪجهه چوڻو آهي.“! ”ڇا آهي؟“ ”مون کي توهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي“، ”جيڪو ڪجهه چوڻو آهي، هتي ئي چئي ڇڏيو.“ مون وڏيءَ خار ۾ چيو: ”اوهان نه ٻڌنديون.“ هُن چيو: ”چوان جو ٿي، هتي ئي ٻڌائي ڇڏيو!“ ”اڇا توهان کي منهنجيون ڳالهيون ناگوار لڳنديون آهن.“

”ناگوار لڳنديون آهن؟ ڀلا مون کي ڇو ناگوار لڳنديون ڪنهن جون ڳالهيون، ڪو ڪجهه ٻه چوي مون کي ڇا؟“ هو ڪجهه دير خاموش رهيو، هو سوچي رهيو هو ته ڇا چوي: ”مان اوهان کي هميشه غلط سمجهندو رهيس، پر مون ته اوهان کي ڪڏهن ڪو اشارو ناهي ڪيو جنهن سان اوهان کي غلط فهمي ٿي هوندي.“

”واقعي توهان ڪو اشارو نه ڪيو پر منهنجي حماقت هئي جو مون سمجهيو ۽ هاڻ تائين سمجهندي رهيس.“

”مان هاڻ توهان کي ڪڏهن تڪليف نه ڏيندس. توهان جي مرضي، مون اوهان کي التجا ڪئي هئي...“ هُن عجيب نظرن سان مون طرف ڏٺو. جيئن چوندو هجي ته: اها اميد نه هئي... هُن جي چهري تي ڏک ۽ بي چيني هئي.

”ڏاڍو سٺو، توهان وقت ڪان پهرين ٻڌائي ڇڏيو ته توهان وٽ منهنجي ڇا حيثيت آهي، ڪاش! مون کي پهرين خبر پئجي وڃي ها... هڪ ٻي ڳالهه ٻڌائي ڇڏيان، ته مون کي اهڙي ئي قسم جي حالتن ۾ نڪرائجي وڃڻ جو اتفاق پهرين ٻه ٿي چڪو آهي. مون کي نڪرائڻ واري توهان پهرين هستي ناهيو، خدا حافظ“! هن جي چپن تي هڪ پوائتي مسڪراهٽ هئي. مون خدا حافظ ٻه نه چيو، مٿو جُهڪائي پردو کڻي بغير مون ڏانهن ڏسڻ جي، هُو ڪمري مان نڪري ويو. پردو لڏي رهيو هو... مون کي ائين محسوس ٿيو جيئن منهنجي قسمت تي هميشه لاءِ پردو پئجي ويو هجي. دل ۾ آيو ته سڏ ڪيانس پر زبان نه هلي سگهي، نڙي خشڪ ٿي وئي. دل پئي چيو: زور زور سان روئان رڙيون ڪيان. باوجود ڪوشش جي، هڪ ڳوڙهو ٻه نه نڪري سگهيو. مون هُن کي هميشه لاءِ وڃائي ڇڏيو. اُن کان پوءِ ڇا ٿيو. آپا ٻي هفتي واپس هلي وئي. ايترا ڏينهن ٿي ويا هن واقعي کي، پر پوءِ ٻه رفيق اسان وٽ ڪونه آيو. خدا ڄاڻي مُنهنجي ياٽا کي ڇا چيو هوندائين. پوءِ هڪ ڏينهن ٻڌڻ ۾ آيو ته هو ڪٿي هليو ويو، سندس نه ڪو خط آيو نه ڪا خبر.

منهنجي دل ۾ هڪ پڇتاءُ رهجي ويو ۽ سڄي حياتي اهو غم رهندو ته ڪاش مان هُن جي ڳالهه ٻڌي وٺان ها، جيڪا هو ڪرڻ آيو هو. خدا ڄاڻي هو اُن ڏينهن محبت جو پيغام کڻي آيو هو يا منهنجي غلط فهمي دور ڪرڻ چاهي پيو.

پوءِ سال جي اندر آپا جي شادي اسان جي هڪ مائٽ سان ٿي وئي. مان سوچيندي آهيان: منهنجي ان الميي جو باعث منهنجي ڪمزوري هئي يا وڏي آپا؟ اِن الجهن کي اڄ تائين حل ڪري ناهيان سگهي. پر هُن جو هڪ جملو ته: ”مون کي نڪرائڻ واري توهان پهرين هستي ناهيو! مون کي مرندي گهڙيءَ تائين ياد رهندؤ!“

ڌرتيءَ سان پيار، لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو (**Attachment**) مان اها بہ مُراد ڪانهي تہ ڪو زمين/ڌرتيءَ جي فقط پٽرن ۾ ڪڙن سان پيار، لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو (**Attachment**) ٿئي. ان جو مطلب آهي تہ ڌرتيءَ سان لاڳاپيل سموري وايومنڊل سان رشتو، جنهن ۾ سموري پيدا ڪيل اهڙي ماحول سان واسطو آهي. جيڪو ڌرتيءَ سببان آهي. جنهن ۾ پکي پکڻ، جيت جانور، منڊون موسمون، آبهوائون، وڻ ٽڻ، ڇهچ ساوا، ڪشادا ساوا ميدان، گل ٻوٽا، خوشبوئون، پيار، نفرتون، محبتون، رُساماڻا ۽ پرچاءَ وغيره. جهڙ ڪڪر، مينهن جو وسڻ، اندلٺ جو اُڀرڻ، چانڊوڪيون راتيون، چنڊ، سج، ڪهڪشان، ستارا وغيره. آڌيون، سومهڻيون، پرهہ ڦٽڻ، رات جا آواز، ڪوهہ، واهہ، واهڙ، نديون، نالا، ٻيڙيون، سيٺيون، ٻانهنياتا، تارو، ترپا وغيره اچي وڃن ٿا. جن جي هر هڪ ٽڪ ۾ الائجي ڪيترا سنيها ۽ سارُون موجود هونديون آهن. انهن ڏانهن هر ڪنهن قوم جو ۽ هر ڪنهن خطي جي ماڻهن جو پنهنجو پنهنجو رَويو ۽ لاڙو ڏسڻ ۾ ايندو.

**مير محمد پيرزادو**

**ڪتاب: "مهاڳ - ياد ٻهانا ڪيا" تان کنيل**

ميرزا دبير



# حشو ڪيولراماڻي: نه وسرندڙ شخصيت

جڏهن اسان پنهنجي آسپاس نظر ڦيرايون ٿا، تڏهن اسان کي هِن درد وندي ديس ۾ اهڙا ڪيترائي ڏاها نظر اچن ٿا، جيڪي پنهنجي ذات ۽ فڪر جي بلنديءَ ڪري وڏي شخصيت جا مالڪ ٿيا، پر ڪين پذيرائي نه ملڻ سبب سندن زندگي ڏاڍي ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ گذري! اهڙين مهان شخصيتن مان حشوڪيولراماڻي به هڪ هو. جيڪو سنڌ جو عظيم دانشور ۽ مفڪر هو ۽ ڪيس سنڌ جي سياسي، سماجي، ادبي ۽ صحافتي دنيا ۾ وڏو مقام حاصل هو، پر ورهاڱي سبب، جڏهن هُو اکين مان بيڪسيءَ جا نِيرَ وهائيندو، سنڌ مان جلاوطن ٿي هند ويو، تڏهن هن اُتي مفلسيءَ جو پيانڪ روپ ڏٺو!

حشوڪيولراماڻي پنهنجي ذات ۽ فڪر جي بلنديءَ ۾ هڪ مڪمل اداري جي حيثيت رکندڙ هو، پر سندس شخصيت کان سنڌ ۽ هند اڻ واقف رهي؛ خاص ڪري نوجوان نسل! اُن جو خاص سبب حشو ڪيولراماڻي جي زندگي، اُن دؤر جي تحريڪن ۽ آزاديءَ لاءِ ڪيل سندس ڪوشش جي باري ۾ مڪمل ۽ سربستي احوال جي کوٽ هئي. اهڙي عدم دستيابيءَ کي محسوس ڪندي، سنڌي ادب جي معروف ڪهاڻيڪار، اتهاسڪار ۽ مشهور ليکڪ مدد علي سنڌيءَ، سنڌ جي هِن عظيم سپوت جي شخصيت تي هيءُ ڪتاب "حشوڪيولراماڻي:



حشوڪيولراماڻي پنهنجي پن ڌيئن مينا ۽ نينا ۽ پُٽ گل راماڻيءَ سان گڏ.

نوٽ: هيءَ ناياب تصوير، راقم جي والد ميرزا فياض علي بيگ کي مدد علي سنڌيءَ ڏني، جيڪا هِتي سندن ٿورن سان ڏجي ٿي. - دبير

نہ وسرندڙ شخصيت“ لکيو.



سنڌ جي ڇاپي جو عڪس

هيءُ ڪتاب، مدد علي سنڌيءَ جي ساروڻين تي مشتمل آهي، جيڪو هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. هن ڪتاب تي اداري پاران: موهن مدهوش، مهاڳ: موهن گيهاڻي، پيش لفظ: محمد ابراهيم جويو ۽ ٻہ اکر: شوڪت حسين شوري جا لکيل آهن. جڏهن تہ حشو ڪيولراماڻي جي مڪمل زندگيءَ جي احوال سان گڏ سندس پريا واري گهر ۽ ڪراچيءَ واري فليٽ جون يادگار رنگين تصويرون ۽ هندستان مان ڪتاب جي ليکڪ مدد علي سنڌيءَ ڏانهن حشوءَ جا لکيل 03 خط، شيخ اياز جو 01 خط ۽ موهن ڪلپنا جا 03 خط پڻ هن ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن ۽ حشوءَ جي هڪڙي اڻ لڀ ڪهاڻي ”پدم“ جيڪا هُن سال 1946ع ۾ لکي هئي، اُها بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي. حشو ڪيولراماڻي جي شخصيت تي لکيل هِن اهم ڪتاب کي ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد 2016ع ۾ ڇپائي منظرعام تي آندو آهي. هيءُ ڪتاب 88 صفحن تي مشتمل آهي. جنهن جي ڇپائي ۽ بائينڊنگ ديده زيب آهي ۽ هن ڪتاب جي قيمت -/100 رپيا آهي.

هيءُ ڪتاب، حشوڪيولراماڻيءَ جي آزاديءَ لاءِ ڪيل خدمتن ۽ اُن دؤر جي سياسي پسمنظر جي عڪاسي ڪري ٿو. مدد علي سنڌيءَ هن ڪتاب جي شڪل ۾ هڪڙو مڪمل تاريخي دستاويز لکي، سنڌ واسين کي، خاص ڪري سنڌ ۽ هند جي نوجوان نسل کي سنڌ جي هِن ليجنڊ شخصيت کان روشناس ڪرايو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي فرض جي ادائگي پڻ ڪئي آهي. جنهن لاءِ شوڪت حسين شورو لکي ٿو تہ:

> حشوءَ جو قرض تہ سڀني سنڌ ۽ هند تي هو. سنڌ ۽ هند جا ماڻهو بہ حشوءَ جا قرضي ٿي رهيا. وري بہ سنڌ کي ئي اهو قرض لاهڻو هو، جنهن تي الائجي ڪيترو وياج چڙهي چڪو آهي.
>
> مدد علي سنڌي سڄو سمورو نہ سهي (سڄو سمورو قرض تہ سنڌ ئي ڪانہ ٿي لاهي سگهي)، پر ڪنهن حد تائين اهو قرض لاٿو آهي، هي ڪتاب لکي *(مدد، 2016ع، ص:24)*.

حشوءَ جو اصل نالو حشمت راءِ هو، پر پاڻ حشوڪيولراماڻي جي نالي سان مشهور ٿيو. سندس جنم 20- ڊسمبر 1914ع تي آچر جي ڏينهن پريا شهر ۾ ٿيو. سندس پيءُ جو نالو ديوان ٽهلرام هو، جيڪو روينيو کاتي ۾ مختيارڪار هو ۽ پوءِ ٽنڊي آدم ۾ ريزيڊنٽ ماجسٽريٽ جي عهدي تي هو. سندس ڏاڏو ديوان ڪيئومل زميندار هو. جڏهن حشو اٺن سالن جو هو، تہ سندس پيءُ 03- ڊسمبر 1922ع تي ديهانت ڪري ويو. هن جي پرورش سندس ماءُ ڪئي، جيڪا سُلڇڻي، باهمت ۽ خوددار هئي *(سيد، 2005ع، ص:91،92)*.

حشو پرائمري تعليم ڪي. سي اسڪول پريا مان ۽ سيڪنڊري تعليم N.J.V هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. سندس مائٽن جو خيال هو تہ هو آءِ.سي.ايس ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر ٿئي، پر

هن پنهنجي مستقبل کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو ۽ پنهنجي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي آزاديءَ جي جنگ ۾ جُنبي ويو. هن جديد سنڌ جو خواب ڏٺو، جنهن سبب ڪيس ورهاڱي کان اڳ ٻه ڀيرا جيل ۾ قيد ڪيو ويو ۽ ٽيون ڀيرو پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ سال 1949ع ۾ ڏهن مهينن لاءِ ڪيس باندي بڻايو ويو. هن ورهاڱي ٿيڻ ڪانپوءِ به سنڌ ۾ رهڻ ٿي چاهيو، پر ڪيس سال 1950ع ۾ پاڪستان پبلڪ سيفٽي آرڊيننس تحت، زوريءَ پنهنجي ئي ڏيهه مان جلاوطن ڪري هندستان اُماڻيو ويو (مدد. 2016ع، ص:24).



حشوءَ جي جوانيءَ جي هڪ يادگار تصوير

جڏهن حشوءَ کي سنڌ مان جلاوطن ڪيو ويو، تڏهن هُو هندستان ويندي به سنڌيت لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. هِن سنڌ جي سَرموڙ شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ورسي، هندستان جي شهر نئين دهلي ۾ پهريون ڀيرو آڪٽوبر 1955ع تي ملهائي، جنهن ۾ هن شاهه ۽ سنڌيت تي هڪ زبردست تقرير به ڪئي هئي (مدد 2016ع، ص:39).

ان ڪانسواءِ هندستان ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ سندس ڪيل خدمتن جي حوالي سان مدد علي سنڌي لکي ٿو ته:

> جڏهن سال 1967ع ۾، سنڌي ٻوليءَ کي هندستان جي بين قومي ٻولين ۾ شامل ڪرڻ جي هلچل هلي رهي هئي، ته حشو ان هلچل جو سرواڻ هو. پارليامينٽ جي ميمبرن سان ملاقاتون ڪري، ڪين سنڌي ٻوليءَ جي اهميت کان واقف ڪرڻ، انگريزيءَ ۾ حشوءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪير ٿي ڳالهائي سگهيو؟ جنهن ڏينهن اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ پيش ٿيڻ وارو هو، اُن ڏينهن صبح جو حشو پنهنجي ننڍڙي پٽ گل کي بيهاري ڇڏيو. ان جي هٿن ۾ ڪراچي حلوي جا پئڪيٽ هئا. هر ايندڙ ميمبر کي هُو حلوو ڏيندي چئي رهيو هو: "صاحب! ايترو مٺو هيءَ اسان جو سنڌي حلوو آهي، ان کان به مٺي سنڌي ٻولي اٿوَ. ان جي حمايت ۾ ووٽ ضرور ڏجو!!" (مدد 2016ع، ص:40).



هند جي ڇاپي جو عڪس

حشوءَ جون هندستان ويندي به سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ ڪيل اهڙيون ڪيئي خدمتون يادگار آهن، جنهن ڪري هُو هِن دردونديءَ ديس ۾ ڪسمپرسيءَ واري حالت ۾ پنهنجا ڏکيا- سُکيا ڏينهن جاليندي، ڪنهن اونداهي گليءَ ۾ ته گم ٿي ويو، پر پنهنجي وجود کي هميشه لاءِ امر بنائي ويو...

حشوڪيولراماڻيءَ جي شخصيت کي پيڻا ڏيندي ۽ سندس زندگيءَ تي لکيل هن ڪتاب جي اهميت کي مدنظر رکندي، ڪتاب جو ٻيو ڇاپو نند ڇپجڻ گهرجي.

"ڪونج" رسالي جو "جولاءِ آگسٽ 2016ع، حشو ڪيولراماڻي خاص انڪ" طور هند مان شايع ڪرايو آهي، جيڪو پڻ سانڍڻ جهڙو آهي.

حشوڪيولراماڻيءَ جي پُروقار شخصيت کان سنڌ جون به اهم شخصيتون، جي. ايم. سيد ۽ شيخ اياز تمام گهڻيون متاثر هيون. حشوءَ جهڙي عظيم شخصيت جو هند ۾ قدر نه ڪيو ويو هو، جنهن لاءِ شيخ اياز لکي ٿو:

> 1963ع ڌاري جڏهن هُو دهليءَ ۾ هڪ شام ۾ شريڪ هو ۽ پنهنجي شاعريءَ جو مدّ اوتي رهيو هو ته اُن محفل ۾ اوچتو حشو اُٿي بيٺو. هو به ڏڪ پيتل ضرور هو، پر هن جا سڀ حواس سالم هُئا. "شاعر!" هن ايازکي مخاطب ٿي چيو هو، "منهنجي پيرن تي هٿ رک ته هنن کي خبر پوي ته مان ڇا آهيان؟" سموري پنڊال کي نانگ سُنگهي ويو هو. اياز جون اکيون پرجي آيون هيون ۽ هن ڏڪندڙ هٿن سان هن جا پير ڇُهيا هئا. اُهي پير جن ڏاڍو سفر ڪيو هو ۽ ڏاڍا ٿڪجي پيا هُئا يا هنن کان وڏيڪ پنڌ نٿي پڄگو (سبزوئي، 2011ع، 56 ۽ 57).

لڇمڻ ڪومل پنهنجي آتم ڪٿا "وهي کاتي جا پنا" جي ستاويهين پني ۾، حشوءَ سان ڪيرت باباڻيءَ جي گهر تي ٿيل آخري ملاقات وقت سندس حُليي بابت لکي ٿو:

> ڦاٽل ميري قميص ۽ ڪٽل پئنٽ، مهيني کن جي وڌيل اڇي ڏاڙهي، مٿي تي ڪاري رنگ جي پراڻي ڇٻي ٽيل فليٽ هئٽ، گهنجيل چهرو ۽ ذرا ڏيئي آيل اکيون (ڪومل، 2015ع، 282).

حشوڪيولراماڻي سنڌ جو هڪڙو وساريل ورق آهي. هُو سنڌ جو هڪ وڏو مفڪر هوندي به، گمناميءَ جي ڪنهن اونداهي گليءَ ۾، هڪ گمنام شخصيت بڻجي، هميشه هميشه لاءِ گم ٿي ويو....

مددي ڪتاب:


1) سبزوئي، حميد: (2011ع). **فاني جڳ لافاني ماڻهو**. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن. ص:56 ۽ 57.

2) سنڌي، مدد علي: (2016ع). **حشُوڪيولراماڻي: نه وسرندڙ شخصيت**. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن ص:24، 39 ۽ 40.

3) سيد،جي.ايم: (2005ع). **جنب گذاريم جن سين** (جلد ٻيو). ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ. ص:91 ۽ 92

4) ڪومل، لڇمڻ: (2015ع). **وهي کاتي جا پنا**. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. ص:282.



پروفيسر غلام مرتضيٰ ڪلوڙ

# هاڪڙي درياءَ جي ڪپ تي قديم ماڳ ۽ ان ۾ مدفون "پير بايد رحمة الله عليه"

الله تبارڪ و تعاليٰ حضرت آدم عليه السلام جي تخليق سان گڏ ڪيس چار درياءَ تحفي طور ڏنا هئا، جن ۾ سنڌو درياءَ به شامل هو. سنڌو درياءَ جي هڪ شاخ جو نالو "هاڪڙو" به آهي.

'هاڪ' معنيٰ ساراهه ۽ تعريف. محبت وچان اسم تصغير جي صورت ۾ ان کي "هاڪڙو" سڏيو ويندو هو. سنڌ جو هي دريا دجلہ، جمنا، گنگا ۽ فرات جهڙو مشهور ۽ سدا ملوڪ درياءَ هو، جو قديم درياءَ سنڌ جي اوپر واري حصي يعني ٿر واري پاڳي جي پر ڏيئي وهندو هو. ماڻيلو (مومل جي ماڙي)، چيچڙو، اروڙ ۽ عمرڪوٽ کان ٿيندو ڪڇ جي دنگ تائين پڪي پکڻ، جهنگلي جيوت ۽ انسان ذات لاءِ آبِ حيات هو.

رب ڪريم بي نياز بادشاهه آهي، جنهن کي بڻائڻ جي طاقت به آهي ته مٽائڻ جو اختيار به آهي. انهيءَ جي حڪم سان هيءُ هاڪڙو درياءَ بادشاهه وهڪرو وڃائي وقت جي ويرانگي جي ور چڙهي ويو. هن جي ٻنهي ڪپن تي قديمي ڪوٽ، قلعا جي ڪاريهر وانگر ڪرُ ڪٽي بيٺل هئا ۽ بيشمار وسندڙ عاليشان شهر هئا، سي برباد ۽ مٽيءَ جو ڍير ٿي وقت جي ويراني ۾ تبديل ٿي ويا. اهي هميشہ لاءِ سنسان ٿي ويا ۽ وري اُسري آباد ٿي نہ سگهيا، پر پوءِ به هاڪڙي جي سونهن، سيپتا ۽ تاريخ جي شاهدي ڏيندا رهن ٿا.

ماموئي جي ستن سالڪ شهيد درويشن ڏانهن منسوب بيت جن کي سنڌ متعلق پيشگوئيون چيو وڃي ٿو، تن مان پهرين پيشگوئي ڪنڊڙ درويش هاڪڙي جي حسناڪي کان متاثر نظر اچي ٿو ۽ پنهنجي دعائيہ شعر ۾ هاڪڙي جي موج موٽڻ جي تمنا ڏيکاري ٿو. فرمائي ٿو:

هاڪ وهندو هاڪڙو پڄندي ٻنڌ اروڙ،
ٻهه، مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي.



هاڪڙي جي ٻنهي ڪپن تي قديم قلعا، ڪوٽ، قلعا ۽ ڪئين برباد شهرن جا ڪنبر جي گمنام ۽ ويران حال ۾ دڙن جي صورت ۾ اڄ به ڏسڻ ۾ اچن ٿا، اهڙن ڪوڙ سارن دڙن مان تعلقي پني عاقل جي ڳوٺ چيچڙو جي اولهہ طرف هڪ وڏو دڙو جنهن جي اوچائي هن وقت زمين جي سطح کان اندازاً ڏهہ فوٽن تائين ٿيندي، هاڪڙي درياءَ جي ڪاٻي ڪپ تي موجود آهي.

مشهور بادشاهڻ سڙڪ هن دڙي کان ڏکڻ طرف کان گذرندي هئي، هاڪڙي جي ڪنڌيءَ تي پوڙيون (ڏاڪڻيون) جتي بيڙا لنگر انداز ٿيندا هئا، سي باقاعده بندر جو ڏيک ڏين ٿيون، اهي اڄ به صحيح حالت ۾ موجود آهن. ان کان علاوه بندر جي

پر پر قديم دؤر جي سنهين سرن واري مسجد جنهن جي پتين جا نشان باقي آهن، ان ۾ موجود بہ تراشيل پٿر جيڪي اندازاً اڍائي فوٽ اُيا آهن، مسجد شريف جي ڪاٺ جي ٿنين جي ڏنل ڪامن کي ٽيڪ جي هيٺان استعمال ڪيا ويا هئا تہ جيئن مٽيءَ کان مٿي هجڻ ڪري ڪاٺ جا ٿنيا ڳرڻ کان بچي سگهن.

هن دڙي ۾ دفن ٿيل ديوارن جا ڪيترائي نشان نمايان نظر اچن ٿا، مسجد شريف جي ويجهو اولهہ طرف هاڪڙي جي ڪپ تي هڪ مضبوط پٽ جو ٽڪرو جنهن جي تقريباً ديگهہ ڏهہ فوٽ ۽ اُيي ائن فوٽن تائين ٿيندي، سالم حالت ۾ موجود آهي. اهو پٽ جو ٽڪرو شاهدي ٿو ڏئي تہ درياءَ پاڻ جي حفاظت لاءِ ڊگهي ديوار ڏنل هئي جنهن جو باقي حصو گهڻو وقت گذرڻ ڪري پجي پُري ويو هجي. دڙي جي پتين ۾ جيڪي سرون استعمال ڪيون ويون آهن، اُهي اروڙ واري مسجد شريف جي سرن سان مشابهت رکن ٿيون. هتان جي مٽيءَ جو رنگ هلڪو ڳاڙهسرو آهي، تنهن جو سبب پڪين سرن ۽ ٽڪرن جو ڳري مٽيءَ ۾ ملڻ معلوم ٿئي ٿو. دڙي جي معائني دوران مون کي پٿر جي مختلف نمونن جا بہ ڏيئا هٿ آيا جي مون محفوظ ڪيا آهن.

جڏهن تاريخ تي نظر ٿي ڊوڙائجي تہ اسان کي تاريخ معصومي (مترجم: مخدوم امير احمد، ڇاپو 2006ع) جي صفحي 218 تي لنجواري جي قلعي جو ذڪر ملي ٿو، جيڪو بکر کان ماٿيلو طرف 18 ڪوهن تي موجود ڏيکاريل آهي، اهو ڪٿي هو؟

هن هنڌ جي ويجهو لنجارن جا بہ ڳوٺ، لاکو لنجاري ۽ پير محمد لنجاري جي نالن سان موجود آهن، پر انهن ۾ قديم شهر يا قلعي جون ڪي بہ نشانيون نہ ٿيون ملن. صدري روايتن موجب هن هنڌ کي 'قديم لنجاري جو شهر' سڏيو وڃي ٿو، جتي هاڻي مقام جا مجاور رهائش پذير آهن. اتي مشهور پير مخدوم لعل فريد جي قتل حويلي ۽ مسجد شريف آهي، جا ان درويش سان منسوب ڪئي وڃي ٿي.

مٿين مڙني تاريخي اهڃاڻن ۽ نالن مان اِها ڄاڻ ٿي ملي، تہ هتي وڏو وسندڙ شهر هو ۽ "تاريخ معصومي" ۾ ذڪر ڪيل قلعو بہ ان ۾ موجود هجي، جو ويران ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ ايراضيءَ تي وڏي تاريخي قبرستان ۾ تبديل ٿيو هجي!

هيءَ قديم تاريخي مقام پير "بايد سلطان" جي نالي سان مشهور آهي. سندس مرقد مٿان قديم دؤر جو دلڪش مقبرو ڏاڍي سيبتائيءَ سان سينگاريل آهي. پر معلوم نہ آهي تہ اهو ڪنهن ۽ ڪڏهن جوڙايو؟ هن وقت قبو ڪافي ڪمزور ٿي چڪو آهي، مقبري اندر بہ قبرون ڏهہ فوٽ ڊگهيون آهن، جن مان اولهہ طرف واري قبر پير بايد جي آهي ۽ ٻي قبر جي لاءِ چيو وڃي ٿو، تہ اها شايد ان جي پاڻٽي جي آهي.

مقامي ماڻهن کان مليل معلومات مطابق، بزرگن جي مرقدن تي قديم دور جا ڪتبا لڳل هئا، جيڪي ويجهي دؤر ۾ مقبري جي مرمت دوران درگاهہ جي اندر جيڪي ڪاشيءَ جون سرون لڳل هيون، تن کي ڪتبن سميت پٽي بزرگ جي روضي ٻاهران سٽيو ويو هو، تن مان ڳولا ڪندي مون کي قديم دؤر جو ڪتبو هٿ آيو، جيڪو هيٺئين چوٿين حصي تي مشتمل آهي. تنهن ۾ هيٺئين ريت لکيل آهي:

از دار فنا بدا.....

وفات.......

تنهن مان معلوم ٿو ٿئي تہ واقعي بزرگن جي مرقدن تي ڪتبا لڳل هئا، پر افسوس جو پونيئرن جي بي ڌيانيءَ ڪري معلومات جا ثبوت ئي ميسارجي ويا آهن. صاحبِ قبر جو تعارف ۽ وصال جو سن، ڪتبن تي اڪريل هوندو آهي، حقيقت تہ انهن مان معلوم ٿئي ها، تنهن کان علاوه سڄي

قبرستان ۾ ڪنهن به درويش جي قبر جو ڪتبو برباد ٿيڻ ڪان بچي نه سگهيو آهي.

بزرگ پير بايد سلطان بابت ڪنهن قديم تاريخي تذڪري مان معلومات ميسر نه ٿي سگهي آهي، تنهنڪري اسين قبيلي متعلق نه ڄا پر درويش جي اسم گراميءَ جي صحيح صورت ڪان پڻ وڏي عرصي تائين اڻ واقف رهياسين.

سن 1978ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان ڊاڪٽر پروفيسر نواز علي "شوق" صاحب کان ڊاڪٽوريٽ جي ڊگريءَ لاءِ لکيل تحقيقي مقالي "فقير هدايت علي نجفي تارڪ جو سنڌي ڪلام" ان ٿيسز کي ثقافت کاتي 2012ع ۾ ڇاپيو آهي، تنهن ۾ هن بزرگ جو مختصر تذڪرو هيئينءَ ريت ملي ٿو:

"سنڌن وڏو پير بائد هو، جنهن جي مزار چيچڙه تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ آهي، پير بائد کي پير عبيد به سڏيو وڃي ٿو." (ص 20) پير صاحب جي وفات جي تاريخ تارڪ فقير "رخ" لفظ مان ڪڍي آهي، مصرع ملاحظه، فرمايو:

سال فوتش رابگير از لفظ رخ

800هه

ڊاڪٽر نواز علي شوق جو مقالو "فقير هدايت علي نجفي تارڪ بحيثيت تاريخ نويس" ماهوار رسالو "پيغام" سيپٽمبر 2011ع جي صفحا 09 ۾ ذڪر ٿو ڪري ته:

"تارڪ فقير جو تعلق تونيه خاندان سان هو، سنڌن وڏو پير بازيد هو..... تارڪ فقير...." مصرع مان پير بازيد جي وفات جي تاريخ معلوم ٿئي ٿي.

پير بازيد است فوت صبح مڪرمت

800هه

ڊاڪٽر شوق صاحب Ph.D واري ٿيسز ۾ بزرگ جو نالو بائد (ء) سان ۽ مقالي "فقير هدايت علي نجفي تارڪ بحيثيت تاريخ نويس" ۾ پير عبيد بجاءِ بازيد ڄاڻايو آهي.

ڪتاب "پنوعاقل ماضي حال" (ڇاپو پهريون، سال 2013ع) ليکڪ پروفيسر سرور سيف پيدائشي پنوعاقل جو آهي. هن هيڏي تاريخي قبرستان جو ذڪر علحده ڪرڻ بجاءِ ڳوٺ چيچڙو جو احوال لکندي ڪيو اٿائين. چيچڙو جي آسپاس اهم قبرستان آهن، جن ۾ بگو شير، پير بائد، احمد غبارو وغيره. اڳتي ڄاڻائي ٿو ته صدري روايتون آهن ته پير بائد ذات جو تنيو هو.

سرور سيف پير بايد جي تاريخي قبرستان کي حصن ۾ تقسيم ڪيو آهي، جڏهن ته حقيقت اها آهي ته بگو شير ۽ احمد غبارو، پير بايد سان ملحق آهن، پيو بزرگ بابت احوال زباني روايتن تي اڌ سٽ ۾ قلمبند ڪيو اٿس. باعد لفظ (ع) سان لکيو اٿس.

مطلب ته هن هيڏي وڏي ولي الله بابت جنهن کي جتان آيو ۽ جيئن وٽيو، تيئن لکيو اٿن. سنڌ جو مشهور ناليوارو تاريخدان ڊاڪٽر حامد علي خانائي صاحب پنهنجي ڪتاب "مقالات خانائي" (ڇپيل 2006ع) صفحي 91 ۾ سيد سلطان بايزيد بابت ڄاڻائي ٿو ته: "نصرپور جي اتر ۾ اڄ تائين سلطان بايزيد جو قبو موجود آهي، جنهن کي مقامي ماڻهو اڪثر ڪري "بايد" به ڪري چوندا آهن."

مٿئين معلومات مان اها ڄاڻ ٿي ملي، ته سنڌ جي مشهور، ٻئي هڪ نصرپور واري پير کي مقامي ماڻهو "بايد" جي نالي سان سڏين ٿا پر سندس اصل نالو بايزيد آهي.

نالي جي هڪجهڙائي هئڻ سبب خيال آيو ته ممڪن آهي ته پني عاقل واري پير بايد جو به اصل نالو بايزيد هجي؟ تنهنڪري مون انهيءَ نالي جي تلاش جاري رکي، تڏهن سوچ صحيح ثابت ٿي، جڏهن مون کي عاشق، عابد، عالم، حافظ، هفت زبان شاعر، سچل ثاني علام محمد هدايت علي نجفي تارڪ سائينءَ جو هڪ قلمي ڪتاب "سلڪ الاقارب" جو 1934ع ۾ تصنيف ڪيو آهي، ان کي ڏسڻ ۽ پڙهڻ جو موقعو مليو، تنهن جي سرورق تي

علامه صاحب سندو نسب نامو قلمبند ڪيو آهي، ان ۾ هن پير بايد جو اسم گرامي "با يزيد" ڏنو اٿس ۽ سندس والد بزرگوار جو نالو پير عبيد ڄاڻايو اٿس. (پير عبيد جي قبر مبارڪ قبي شريف اندر پير بايد جي پرسان پڌائي وڃي ٿي).

علامه تارڪ سائينءَ جي تحرير (قلمي ڪتاب) موجب تونيه قبيلي جو هيءُ جد امجد بزرگ، پير عبيد سلطان قريشي علوي المعروف تونيه فقير اولاد حضرت غازي عباس عليه السلام علمبردار مان آهن.

هن قبرستان ۾ هڪ گنبذ ڍهي مٽي ۽ سرن جو وڏو دڙو ٿيو پيو آهي، ٿي سگهي ٿو، ته ان دڙي اندر گهڻن ئي بزرگن جون مزارون گڏ هجن؟ پر ان دڙي جي مٿان ئي مقامي ماڻهن هڪ مزار ناهي ڇڏي آهي، جيڪا شيخ الياس سلطان جي نالي سان مشهور آهي. هيءُ پير، بايد سلطان جي ستين پيڙهي مان هو.

پير بايد سلطان جي خاندان مان هڪ بزرگ طيب سلطان بن شيخ عيسيٰ سلطان بن شيخ الياس سلطان وڏو ولي ۽ اهل دل ٿي گذريو آهي، هن درويش هتان هجرت ڪري ڪوهه سليمان جي دامن ۾ شهر هڙند شريف (وستي پناهه علي شاهه ضلع راڄنپور) ۾ رهائش اختيار ڪئي هئي، اتي درويش جا ڪيترائي مريد ٿيا، سندس مزار هڙند شريف قلعي جي قريب آهي.



پير بايد سلطان جي مقام ۾ ٻيا متعدد درويش مدفون آهن. مقام جي مجاورن ۽ مقامي ماڻهن کان جن بزرگن جا نالا مليا آهن، تن ۾ شيخ محمد سلطان (ڦهريون انڊڙ مسلمان) سندس شان ۾ فارسي شعر فرمايو آهي:

شد نور ولايت، بر تو عيان،
از قوت دست، تو ڪفر نهان،
اي شيخ محمد، قطب زمان.

(هن درويش جي آخري آرامگاهه جو نشان ئي مٽجي ويو آهي) شهيد برهان الدين، شهيد احمد غبارو، شهيد برخوردار شاهه، مخدوم لعل فريد، دائم شاهه، قائم شاهه، ميان ميٺو، پير ڪامڻ، خضر سلطان بن هونده سلطان (وصال 7- رمضان 1144هه) (هي بزرگ شيخ محمد جي پنجين پيڙهي مان هو) ۽ سندس فرزند دائم سلطان (وصال 25 شعبان 1184هه) محمد مستقيم المعروف بگو شير (وصال 11 رمضان 1224هه) ميان عابد ۽ بيگ خضراڻي (وصال 10 رمضان 1302هه) خاص طور قابلِ ذڪر آهن.

ان کان علاوه لاتعداد گمنام بزرگ، اڻ ڳڻيا عالم، هزارين حافظ، سوين صوفي، بيشمار شهيد، امير ۽ فقير هن مقام جي مٽيءَ ۾ آرامي آهن. هن قبرستان ۾ چوطرف يعني سکر، شڪارپور، گهوٽڪي ۽ ڪنڌڪوٽ جا اڪثر فوت ٿيندڙ فرد پنهنجن عزيزن کي وصيت ڪري ويندا آهن، ته مرڻ کان پوءِ کين ان مقام جي مٽيءَ ۾ مدفون ڪيو وڃي، تنهنڪري سوين سال اڳ کان اڄ تائين ماڻهو پنهنجن پيارن کي هن سر زمين ۾ سانڍيي وڃن ٿا.

هاڪڙي درياء جي ڪڙ تي هي حسين ماڳ جو هينئر قديم مقام جي صورت ۾ موجود آهي، تحقيق جي طرف ورهين کان واجهائيندو رهيو آهي. هتان جي عوام جي امنگ آهي ته آرڪيالاجي کاتو تحرڪ وٺي تحقيق ڪرائي، جيئن پتو پوي ته هي قديم ترين شهر جيڪو هينئر زمين دوز ٿي چڪو آهي، ڪهڙي دؤر سان تعلق رکندو هو ۽ ڪيئن ويران ٿيو.

## ضروري گذارش:

پير بايد کان چند ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڳوٺ جوٽاس جي پرسان پير بايد جي روضي نما

شيخ لالو جو مقبرو موجود آهي، جنهن جي اتر واري پٽ ۽ گنبذ ڊهي چڪا آهن. ڏاکڻي داخلي دروازي مٿان پيلي پٿر واري ڪتبي تي خوبصورت خط ۾ فارسي ۾ قطعہ تاريخ اڪريل آهي، جنهن جو عڪس هيٺ ڏجي ٿو:



جڏهن تہ 'پنوعاقل ماضي، حال' ڪتاب جو ليکڪ پروفيسر سرور سيف پنهنجي ڪتاب جي صفحي نمبر 86 ۾ ڄاڻائي ٿو تہ: "جوڻاس جي بلڪل ئي پرسان شيخ لالو جو پراڻو قبرستان آهي جنهن جي ايراضي سرڪاري رڪارڊ موجب 92 ايڪڙ آهي. شيخ لالو جو قبو انتهائي پراڻو آهي جنهن کي ٽنهي پاسن کان دروازا آهن. قبي جي ڇت ۽ چوٽي ڪِري پئي آهي ۽ پٽيون بہ جُهري پيون آهن. هن جي مقبري ۾ ڏکڻ واري دروازي تي هڪ فارسيءَ ۾ خوبصورت اکرن ۾ هڪ سفيد پٿر واري ڪتبي تي سندس تاريخ وفات اُڪريل آهي، جنهن ۾ وفات جو سن 480هجري ڄاڻايل آهي.

"ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هي بزرگ تقريباً هڪ هزار سال اڳ ۾ هتي دفن ٿيو آهي ۽ اهو سومرن جو شروعاتي دؤر آهي. ڪتبي جا ڪافي اکر ڊهي يا ميسارجي چڪا آهن باقي بہ سٽون اجان واضح آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿيون:

شيخ لالو از دل پاکي داشت
يافت تاريخش از شيخ پاڪ دل 480هہ

جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ قبرستان جي موجوده ايراضي عام قبرستانن جيتري آهي جڏهن سرور سيف هن قبرستان متعلق جيڪا مٿين ايراضي ڄاڻائي آهي سا وڌاءُ معلوم ٿئي ٿي. شيخ لالو جي قبي کي ليکڪ ٽنهي پاسن کان دروازا ڄاڻايا آهن، جڏهن تہ حقيقت هيءَ آهي تہ قبي جون ٽنهي پاسن واريون پٽيون، سواءِ اتر طرف جي ڪلر سبب پيڙهہ کان سرون ڪاڄي ويون آهن، پر پوءِ بہ چڱيءَ حالت ۾ بيٺيون آهن. سرور سيف جنهن کي ٽنهي پاسن کان دروازا ڄاڻائي ٿو سي حقيقت ۾ ٽيئي دروازا ناهن پر اهي هن جي ٻن پاسن کان پير بايد جي روضي جهرڪيون ساڳيون ئي دريون آهن. سرور سيف سفيد پٿر تي ڪتبي جون بہ سٽون ڏيئي بزرگ جي وفات جو سن 480 هجري ڄاڻايو آهي، اهو سفيد پٿر وارو ڪتبو، نہ پر پيلي پٿر جو ڪتبو آهي، تنهن تي فارسي ۾ قطعہ تاريخ اڪريل آهي. بيو مصنف وصال جو سن پنهنجي اندازي تي ڪڍيو آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪتبي جي قطعہ تاريخ واري شعر کي پوري ريت سمجهي ئي نہ سگهيو آهي، ڪتبي تي اڪريل قطعہ تاريخ واري عبارت تحقيق طلب آهي، ان جا ڪجهہ اکر ميسارجي چڪا آهن، ڪو فارسي جو ماهر ان کي پوري ريت پڙهي پروڙي صحيح مطلب ۽ علم ابجد جي حساب موجب صحيح وصال جو سال واضح ڪري سگهي ٿو.

سليم چنا

# شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نگار



# قمر شهباز

قمرالدين ولد محمد مقبول ٻگهيو المعروف قمر شهباز 13- اپريل 1938ع ۾ نوابشاهه ۾ جنم ورتو. پرائمري ۽ هائر سيڪنڊري تعليم نوابشاهه مان ورتائين، مشهور تعليمدان ايڇ.ايم خواجا واري اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. اسڪول ۽ ڪاليج جي زماني ۾ ڪرڪيٽ ڏاڍي شوق سان کيڏيائين. خوبصورت، قداور، خوش لباس شخصيت جو مالڪ هو. ايم.اي (انگريزي ادب ۾) ڪراچي يونيورسٽيءَ مان 1962ع ۾ پاس ڪيائين. P.T.V لاءِ توڙي ريڊيو لاءِ تمام گهڻا ڊراما، ناٽڪ لکيائين، سندس اڪثر تمام سٺا صاف سٿرا هوندا هئا. 1962ع کان 1963ع تائين گورنمينٽ ڪاليج ميرپورخاص ۾ ليڪچرار ٿي رهيو، 1964ع ڌاري گورنمينٽ ڪاليج نوابشاهه، 1964ع کان 1965ع تائين گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور ۾ ليڪچرار ٿي رهيو ۽ 1965ع ۾ پرنسپال ڊگري ڪاليج ڪنڊڪوٽ مقرر ٿيو، جتي 1969ع تائين رهيو. اڳتي هلي ريزيڊنٽ ڊائريڪٽر گيهه ڪارپوريشن وزير علي انڊسٽري حيدرآباد ۾ به رهيو. 1986ع ۾ ادب ۾ شاعري، ڪهاڻيون ۽ ڊراما سندس صنفون رهيا.

اسڪول جي زماني کان ادب ۾ پير پاتائين، ڪهاڻين ۽ شاعريءَ ۾ تمام گهڻي دلچسپي ونئي، لکڻ جي شروعات ڪيائين، 1954-55ع ۾ ”ادا“ نالي رسالو ڪڍيائين، جيڪو ٻه سال ادبي خدمت ڪندو رهيو، جنهن کي پوءِ ذاتي سببن جي ڪري بند ڪرڻو پيس. سنڌ جي مختلف رسالن ۾ ڪهاڻيون ۽ شعر ڇپرايائين، P.T.V تي ڊراما لکيائين، ريڊيو تان به سندس لکڻيون نشر ٿيون، T.V، ريڊيو، اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجڻ جي ڪري ڏاڍي شهرت ۽ عزت مليس.

قمر شهباز پنهنجي دور جي ليکڪن جي اُن لڏي ۾ شامل هو جن بين الاقوامي ۽ انگريزي ادب کي پڙهي پنهنجين لکڻين ۾ جدت آندي، ۽ سنڌي ادب کي جديد لاڙن سان متعارف ڪرايو، ساڳئي وقت سنڌي قديم ۽ جديد ادب جو مطالعو به هِن باريڪ بينيءَ سان ڪيو هو، تنهنڪري سندس شاعري، ڪهاڻي توڙي ڊرامي ۾ اسان کي پنهنجو ثقافتي، فڪري ۽ تاريخي رنگ به چٽو نظر اچي ٿو.

پاڻ جڏهن ڪنڊڪوٽ جا پرنسپال هئا، تڏهن اُتي ٿيندڙ هڪ مذهبي انتهاپسندي وارو واقعو سندن جيءَ کي جهوري وڌو، پاڻ اُتي پرنسپال هجڻ سبب اهو وحشتناڪ واقعو تحرير هيٺ نه آندائون، پر پنهنجي گهاٽي ادبي دوست امر جليل کي فون تي اِهو دل ڏاريندڙ هاجو ٻڌائي زور ڀريائون ته پاڻ ان کي ڪهاڻي ۾ قلمبند ڪري، تنهن کان پوءِ امرجليل ”سرد لاش جو سفر“ نالي ڪهاڻي لکي سهڻي رسالي ۾ ڇپرائي هئي، جنهن سڄي سنڌ جي مذهبي انتهاپسندي کي وائڪو ڪري ڇڏيو هو.

سندس وفات کان ڪجهه سال اڳ پنهنجون نيون توڙي پراڻيون ڪهاڻيون ماهوار سوجهرو ۽ ماهوار امرتا ۾ ڇپرايائين، جن سندس ڪهاڻيڪار واري حيثيت کي نئين سر اُجاگر ڪيو. شروعاتي ۽ وچين دور ۾ شاعري، ڊرامن ۽ ڪهاڻين جي ڪينواس ۾ هُن جو اُستادي فرض ۽ انتظامي

ڪامورڪي، ڪرڪيٽ سان بي انتها دلچسپي، ٻاهرين ملڪن جا سرڪاري دورا، غير ملڪي ادبي مطالعو، ڏيهه اندر ادبي پروگرامن ۾ تقريرون ۽ تحريرون سندس ڪهاڻيءَ جي فن جي ڪمال کي ڇهڻ تہ ڊڪيون ٻيڻيون هيون ۽ هُو پرائي دور ۾ مشهور ٿي بہ نروار ٿي نہ سگهيو، ڪيس صحيح معنيٰ ۾ سندس پوئين دور ۾ سوجهرو ۽ امرتا معرفت هڪ مڪمل پختو ۽ پڪو ڪهاڻيڪار طور سڃاتو ويو.

هڪ ڀيري موهن مدهوش جي ڪويتا پبليڪيشن واري دڪان تي امرتا جي ايڊيٽر، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر فقير محمد ڍول کي مون چيو: فقير! قمر شهباز تي اڳي بہ پڙهيو هئم، پر هينئر تاج بلوچ ۽ تو وٽ ڇيڇڻ کان پوءِ قمر شهباز جو سچو ادبي ڪينواس ڪهاڻين جي ڪڪرن سان پرجي سنڌي ادب تي هڪ نئين نرالي انداز سان وسي رهيو آهي.

تنهن تي موهن مدهوش ۽ فقير محمد ڍول ٻنهي انهيءَ ڳالهہ کي تسليم ڪندي چيو تہ توهان بلڪل درست ٿا چئو، اسان وٽ ايندڙ امرتا پڙهندڙن جا خط بہ قمر شهباز لاءِ اهڙائي خيال لکن پيا، پوءِ مون موهن ۽ فقير سندس تازو سوجهرو ۽ امرتا ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي فن، ٻوليءَ ۽ موضوعن تي ڳالهائي، اهو ڳنڍيل رايو جوڙيو.

سنڌي ڪهاڻي ۾ حقيقت، منظرنگاري، ٻوليءَ، موضوع، مڪالمن، پلاٽ ۽ ڪلائيمڪس جي حوالي سان قمر شهباز تمام گهڻو سگهارو ڪهاڻيڪار هو، سندس مشهور ڪهاڻين مان ڪجهه هي بہ آهن: ڪارا ماڻهو، نيٽي جيٽي پل، واڳهہ ٽڪ، رئيس جي پُراسرار بيماري، ورهاڱي گهڻو ڪجهه ورهائي ڇڏيو، نرواڻ، ڏاڏي آدم جو سوال، جڏهن بيت تنهنجا رُنا ها ڀنائي، تياڳ جي پيار هجي يا پاڇولو، پر پيار تہ ناهي پاڇولو، (ٻنهي ڪهاڻين کي اسان جاڙيون ڪهاڻيون چئي سگهون ٿا). ڪلهي تي ڊرڪي پيل ڪنڌ ڪجي جو ڇن، (علامتي ۽ ٽراجڊي انداز ۾ لکيل)، (تجريدي) شڪست ۽ ٻيون ڪهاڻيون لکيائين، حيدرآباد جي ڪجهہ ٻين ادبي دوستن سان قمر شهباز جي ڪهاڻين بابت ڳالهايم تہ انهن بہ لڳ ڀڳ ساڳيوئي رايو ڏنو. هاڻي قمر شهباز جون ڪهاڻيون، اڳي کان وڌيڪ متاثر ڪندڙ آهن، ڪڏهن سندس وفات کان ڪجهہ وقت اڳ پاڻ بزمِ روح رهاڻ ۾ 18- اپريل 2009ع آيو تہ رهاڻ ختم ٿيڻ کان پوءِ ڪچهري ڪندي مون ڪين پنهنجي ۽ فقير، موهن ۽ ٻين دوستن جي سنڌن راءِ ٻڌائي تہ پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ چيائون: ”مون کي لڳي ٿو ڪهاڻي ڪار طور آءٌ نئين سر Explore ٿيو آهيان، تنهنڪري نيون پراڻيون ڪهاڻيون گڏ ڪري ڇپرائڻ لاءِ ڪم پيو ڪريان.“

قمر شهباز جي ڪهاڻي نيٽي جيٽي پُل، درد ڀريل مڪالمن، ۽ منظرن سان ڀري پئي آهي، اُن ڪهاڻي جو هڪ ننڍڙو جملو بہ اندر وڍي ٿو وجهي.

”بند اکين سان چيائين: خبر اٿئي منهنجي جوان پٽ خودڪشي ڪئي هئي.“

”ها“، انصاف عليءَ وراڻيو.

”بيروزگار هو، ڊگريون ساڍي ساٺو ٿي پيو هو، پن ڪاغذن جو بار گهڻي دير ڪٽي نہ سگهيو، مون سندس ٻئي ڊگريون سنڀالي رکيون آهن، سندس پگهر جي خوشبو ايندي اٿم انهن ڪاغذن مان.“

ساڳي ڪهاڻي جو هڪ ٻيو سورن جي سِٽَن وارو منظر! ”لفظ هُن جي وجود کي وڍيندا، ڪٽيندا، گهائيندا، ٽڙڳهٽ تي سِير مٿان سير وهائيندا، خون جا ڦوهارا ٻنجي ڦهلجندا رهيا، سندس لونڊڙيءَ جون نسون اُڀري آيون هيون ۽ آڱريون بندوق جي ناليءَ ۾ پختيون پيهنديون ٿي ويون، چيائين: ”اڄ ٻيو گهائل ڏسي پنهنجو گهاءُ ياد آيو اٿم، جُوالا ڦٽي پئي اٿم، سيني منجهان.“

قمر شهباز پرڏيهي ماحول تي لکيل ڪهاڻي "واڳهه نُڪُ" جي پڇاڙي جا پُراثر جملا هن ريت لکيا آهن:

"مان وڪريل وجود جي سموري سگهه ميڙي اتان ٿو، ٽڪريءَ جي چيڙي تي لوهي جهنگلن جو سهارو وٺي هيٺ ماڙيءَ ڏانهن ڏسان ٿو، جتي ڌُنڌ گهرو ٿيندو ٿو وڃي.

هوءَ منهنجي پٺيان اچي بيٺي آهي.

ايتري همت نہ رهي اٿم جو پنتي مُڙي ڏانهس ڏسي سگهان، چوي ٿي: اهو شعر ياد اٿو، تري مانيتيوم وارو!؟ مان ڪنڌ سان هاڪار ڪيان ٿو.

هن جو آواز التجا بڻجي وڃي ٿو، چوي ٿي ٻڌائيندؤ نہ؟ مان ماڙين ڏانهن نهاريندي وڏيل آواز سان چوان ٿو.

هر ڪنهن مَن جو ڪوئي موتي،
هر ڪنهن جيءُ جي ڪائي جوتي،
پيار پرئي هِن جڳ ۾ سائين،
منهنجو ڪير؟
پپيها تون!

لفظ وانگهه نُڪُ جيان نڙيءَ ۾ اٽڪي پيا آهن ۽ مان روح جي گهراين تائين رتوڇاڻ ٿي پيو آهيان."

قمر شهباز ڪهاڻي "ڪارا ماڻهو" ۾ هڪ هنڌ هيئن تِکن لفظن جا تير وسائي ٿو:

"مڙسهنس ڪي غيرت ايندي آهي؟ ٻہ دفعا يورپ پڄي وٺي آهين يارن سان، ڪو لفظ چيو اٿائين توکي زبان سان؟"

"هوءَ ٿهڪ ڏئي کِلي پئي، چيائين پيريءَ ۾ جواڻ جماڻ پڙهيل ڳڙهيل ۽ مابرن ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ وارا اکيون، ڪن ۽ زبان بند رکندا آهن. هونئن بہ وڏيرڙا ويچارڙا گهر جا ڪکڙ مارڻ ۾ ماهر هوندا آهن. عورت کي پير جي جُتي چوڻ وارا، شهرن ۾ اهائي جُتي مٿي تي رکي گهمندا آهن."

ڪهاڻي "ڏاڏي آدم جو سوال" ۾ قمر شهباز هڪ ڪراڙي قيدي کان هي جملا چورائي اهم مسئلي ڏانهن ڌيان ڇڪرايو آهي:

"تڏهن اوچتو وارڊ جي پرينءَ ڪنڊ مان ڪو ڏڪندڙ آواز جاڳي اُٿيو. ڪروڌ ۽ ڪاوڙ مان چيائين: "لک جي لعنت اٿوَ سڀني جي بوٽ ۾! پاڙيا ڪنهن جاءِ جا! معصومن گگدامن کي ماري ڪڳيون ٿا هٿو ڪوبلا؟ وڏا غيرتي پٽ ٿا سڏايو پاڻ کي؟ گانگٽ جهڙيون مڇيون مروٽيندي ٻڏي نٿا مرو ڊڪٽي ڊُڪ پاڻيءَ ۾؟ اڙي هوڏانهن ساري سنڌ پئي سڙي، ماءُ پئي نيلام ٿئي. جيجل پئي ڏارين هٿان جهري، اتي گيرت ڪاٿ ٿي اچيوَ؟"

قمر شهباز جي ڪهاڻي "رئيس جي پُراسرار بيماري" جو ڪلائمڪس خود غرض سنڌي وڏيري جي عڪاسي هيئن ڪري ٿو: "غلامون" گهڻي ئي گوٺنات ڪئي لنوايائين، انڪار ڪيائين، ڪاوڙيو، پڳو، ٻوڙيو، پر ماڻهو ڪٿي ٿا ڇڏين؟ آخرڪار جڏهن ڪا ٻي واهہ نظر نہ آيس تڏهن رازداڻي انداز ۾ چيائيني "پٽيا، ٻڌايان ٿو پر ٻيلي ڳالهہ ڪنهن سان نہ ڪجو!"

سڀ چپ ٿي ويا، خاموشي ڇانئجي وئي، ماٺ وڪوڙي وئي.

غلامون حجام ڌڄندي ڌڄندي چيو: "رئيس کي لوسڻ جو نڪ پيدا ٿي پيو آهي؟ جيترو ٿو ڪٽجي اوترو ٿو وڌي، هاڻي تہ ڏاٽي کان بہ ڳالهہ چڙهي وئي آهي!"

قمر شهباز پنهنجي ڪهاڻي "ورهاڱي گهڻو ڪجهہ ورهائي ڇڏيو" ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو:

"اسڪول بيهر کُلي ويو، پر نہ رتنا رهي نہ بلراج پولو، نہ داداگير جانڪي ۽ نہ چولن وارو پوهومل. ورهاڱي گهڻو ڪجهہ ورهائي ڇڏيو هو، شهر بدلجي ويا، ماڻهو بدلجي ويا، سوچ بدلجي وئي."

شيوڪ ڪلڪيوليٽر تي حساب ڪري چيو: "پيٽ اگهه ۾ گهڻ وڌائي ڪونه ٿيندي پُڄاءِ پَوئي ته وٽ، نه ته ڇڏي ڏي." جيءَ جهڙي پيم، چيم: سنڌ جو نه پڇندين؟ پنهنجي گهر جو، پاڙي جو؟ دوستن جو؟ ڪلڪيوليٽر مون ڏانهن وڌائيندي چيائين: سنڌ سنڌ آهي، ڌنتو ڌنتو آهي، ڪراچيءَ تائين ور ور خيال پئي آيم ته دبئي ۾ ڪجهه وڃائي آيو آهيان، ڇا سو سمجهه ۾ نٿي آيم."

ماهوار اُمرتا جي سيپٽمبر 2009ع ۾ ڇپيل مضمون "منهنجي ڪهاڻين جا ڪردار" ۾ قمر شهباز لکي ٿو:

"اديب جڏهن ادب تخليق ڪري ٿو، پوءِ ڪٿي اهو افسانوي ادب هجي، شاعري يا ڊرامو هجي، هُو پنهنجي مطالعي، مشاهدي ۽ محسوسات سان گڏ پنهنجي شخصيت جو ڪونه ڪو حصو پڻ پنهنجي لکڻيءَ ۾ اوتي ٿو ڇڏي، جتي هو "مان" چوي ٿو، اُتي هُو مان ٿي پوي ٿو، اجان به ٿورو اڳتي هُو "مان" چوي ٿو، اُتي هُو پنهنجي ڪردارن کي حقيقي زندگيءَ جي ڪن ڪردارن جي روپ ۾ Identify ٿو ڪري. تڏهن سمجهڻ گهرجي ته ان ليکڪ پنهنجي گهري سوچ ۽ مشاهدي جي زور تي پنهنجي زاويي کان خود پاڻ کي ۽ پڻ پنهنجي سڄڻ کي ٻيهر جيئاريو (Recreate) آهي. اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي، پر پوءِ ڪلاڪار ٿيڻ به ته ڪو سولو ڪم ناهي."

ساڳي مضمون ۾ اڳتي هلي لکي ٿو ته: "منهنجون علامتي ڪهاڻيون، جن ۾ "ڪجيءَ جو ڇن" پڻ شامل آهي، تجريدي ۽ غير واضح هوندي به پنهنجو اثر ڇڏين ٿيون. سو انڪري جو منجهن منهنجي ذهن توڙي روح جي ڀرپور شموليت آهي، پرڏيهي ماحول ۾ لکيل ڪهاڻيون، جن ۾ "واڳهه ٽُڪُ" به شامل آهي، سواءِ معمولي گهٽ وڌائيءَ جي، هر طرح حقيقتن تي ٻڌل آهي، انهن ڪردارن جا ڏنل تحفا مون پاڻ وٽ سنڀالي رکيا آهن، "واڳهه ٽُڪُ" جي وانيا جي ڏنل ننڍڙي گڏي اڄ به منهنجي شوڪيس ۾ موجود آهي."

اڄا اڳتي هلي لکي ٿو: "گذريل ٻن ٽن سالن کان مون جيڪي ڪجهه لکيو آهي، سو ائين ڄڻ آتم ڪهاڻي لکندو هجان، خبر ناهي ڇو هاڻي ماضيءَ کي کوٽي، رهڙي، مهڻي سهڻي، پراڻين يادن ۽ واقعن کي جيئڻ جو تيئن لکڻ تي دل ٿي ٿئي. "امرتا" ۽ "سوجهرو" ۾ ڇپيل سڀ افسانا منهنجا پنهنجا ڏٺل وائٺل، گذريل گذاريل واقعا آهن. جن ۾ ڪردارن جا نالا پڻ تقريباً ساڳيائي رکيا آهن، ائين ڪرڻ سان هڪ ته مون کي اعتماد حاصل ٿئي ٿو ۽ ٻيو ته ڪهاڻي ۾ حقيقت جو رنگ پرجي ٿو."

قمر شهباز کي هڪ شاعر جي حيثيت ۾ پڙهنداسين ته سندس هيٺيون شاهڪار سِٽون هڪ جديد ۽ پختي شاعر هجڻ جو ثبوت ڏينديون.

توڙي ڪاري ٻاٽ، توڙي اوڪو ماڳ،
ٻارينداسين ساٿيو، آنڌيءَ ۾ ٻي لاٽ،
ملي ويندي واٽ، متان يَرَ ماندا ٿيو.

***

ٽڪا ٽڪا نيڻ، سُڪا سُڪا ساهه،
رکي رکي روح مان، اُڏامي ٿي آهه،
اڄها او الله، سگهو آڻج سوجهرو.

***

انڌارو آڪاس، ساٿو منهنجو ساهه،
پاڳل منهنجي پريتڙي، چريو منهنجو چاهه،
پويون آ پساهه، سگهو پهچ او پرين!

سندس واين مان به مثال:

چنڊ رهين ٿو دور، تون ڌرتيءَ جا درد نه ڄاڻين!
هت هر آشا ٻانڌي آهي، بيوس ۽ مجبور،
چنڊ رهين ٿو دور!

وَسُ وَسُ منهنجي ويراني تي،
اڄ ته ڪٿي تون وس، او يار!

***

ڪنن تي اعتبار ئي نہ آيو، لڳي پيو خواب آهي، وهم آهي منهنجي دل جو سپ بي اعتبار نظرون متس ڄمي ويون، هُو سچ پچ سامهون بيٺو مُرڪي رهيو هو!“

مٿين شاهڪار سِٽن جو سرجڻهار شايد سمجهي ويو هو تہ هاڻ وٽس وقت تمام ٿورو آهي، تنهنڪري وفات کان ڪجهہ هفتا اڳ هُو حيدرآباد ۾ ڄام شوري جي ياترا تي هليو آيو هو.

سنڌالاجي ۾ ويهي چار پنج ڏينهن تہ پنهنجو چپيل مواد ڳولي هٿ ڪندو ويو، ڄام شوري جي ادبي دوستن سان دل ريجهائي حيدرآباد جي هوائن ۾ هليو ايندو هو، نيرون ڪوٽ ۾ اچي رهيو هو، مهراڻ T.V جي دوستن سان مليو هو، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد اسٽيشن تي وڃي يادن جا پل پل سهيڙيا هئائين، نصير مرزا ۽ ٻين سان مليو هو، سنڌي لئنگويج اٿارٽي ۾ اچي تاج جويو وٽ وينو هو، اُتي ٻين اديبن سان بہ مليو هو ۽ اتفاق سان تاج وٽ وڃڻ سبب مون بہ ساڻس ڳالهيون ڪندي گهڙي ڪن گذاري هئي ۽ سندس اُمرتا ۽ سوجهرو ۾ ڇپيل ڪهاڻين تي ڳالهايو هو.

هن ڪي حيدرآباد اچڻ کان پوءِ اُمرتا جي ايڊيٽر فقير محمد ڍول سان ملڻ جي ڏاڍي چنتا هئي، نيٽ فون تي رابطو ڪري ڪيس شهباز بلڊنگ وٽان اچي پاڻ ئي پڪ ڪري ڪنيو هئائين، نيرون ڪوٽ وٺي وڃي دل ڀري ڪچهري ڪري، پنهنجين ڪهاڻين بابت ڳالهائي، وري ڪيس ساڳي هنڌ اچي ڊراپ ڪيو هئائين.

قمر شهباز پرنسپال ٽيڻ کان پوءِ جلدئي گيهہ ڪارپوريشن آف پاڪستان ۾ هڪ وڏي عهدي تي، اچي پهتو هو، پر ڪيس پنهنجا گهاٽا ادبي دوست هميشہ ياد رهيا. رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ هُن ادبي ڪم وڌائي ڇڏيو هو، شيخ اياز کان سندس حياتيءَ ۾ آڊيو انٽرويو ورتو هئائين، جنهن جون 20-22 ڪيسٽون ڀرجي ويون هيون، بقول قمر شهباز جي. اهڙو ڀرپور ۽ طويل انٽرويو شيخ اياز ڀهرئين ڪڏهن ڪونہ ڏنو هو.

پنهنجي حيدرآباد واري آخري ياترا ۾ هُن پنهنجي پراڻي ادبي دوست حميد سنڌيءَ کي ڪونہ وساريو ۽ ساڻس ۽ بزمِ روح رهاڻ جي اديبن شاعرن، ڪهاڻيڪارن سان ملڻ لاءِ آچر 18- اپريل 2009ع اچي حاضر ٿيو هو، سندس شرڪت ۽ گفتگو اسان سڀني لاءِ باعثِ فخر هئي.

سنڌ جي هن ساڃاهہ وند سرجڻهار، ڪهاڻيڪار، ڊراما نگار، صداڪار، شاعر ۽ مقرر 5- مئي 2009ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو. الله تعاليٰ سندس مغفرت ڪرڻ فرمائي، آمين.

ڊاڪٽر شهاب الدين غازي

# سنڌ ۾ بلوچ سپاهين جي آمد

سنڌ ۾ عرب، غوري، غزنوي، افغان، ترڪ، ارغون ۽ ترخان آيا، سي سڀ فاتح ۽ حاڪم بڻجي آيا، پر بلوچ سپاهيءَ جي طور تي آيا ۽ اهي اڄڻ سان سنڌ جا حاڪم ڪونہ بڻيا، انهن کي گهٽ ۾ گهٽ چار صديون انتظار ڪرڻو پيو.

جڏهن سنڌ کي محمد بن قاسم فتح ڪيو ۽ محمود غزنوي جو لشڪر سنڌ مان گذريو تڏهن سنڌ ۾ بلوچ ڪونہ هئا. سنڌ جا تاريخدان لکن ٿا: ”سنڌ جو پروارو ملڪ، جنهن کي هن وقت بلوچستان سڏجي ٿو، سو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ سنڌ سان لاڳاپي ۾ هو، اتي رهندڙ بروهي قوم جي زبان ۾ دراويدي زبان جا گهڻا لفظ رهجي ويا آهن، جو اهي درياهہ جي ڪناري کان دور رهڻ ڪري آرين جي سڌي تسلط ۽ اثر هيٺ اچڻ کان بچي ويا، ۽ هنن قديم زبان کي هڪ حد تائين سلامت رکيو آهي.“ (سنڌو جي ساڃاهہ، ص 42-41)

ساڳيوئي مصنف جناب جي.ايم.سيد لکي ٿو تہ: ”ان وقت بلوچستان جو وجود ڪونہ هو، خشڪيءَ رستي کان جڏهن عرب لشڪر سنڌ جي سرحد تي پهتو، تہ سنڌ جو اهو حصو عربن جي قبضي هيٺ آيو، جيڪو هن وقت سنڌ ۾ نہ آهي، بلڪ بلوچستان جي اُتر اُلهندي طرف آهي. تن ڏينهن ۾ هيءُ سارو ملڪ سنڌ ۾ شمار ڪيو ويندو هو. ان وقت جاگرافيءَ ۾ ڪوبہ ملڪ بلوچستان جي نالي سان نہ سڏيو ويندو هو. مڪران ۽ سيستان سان سنڌ جون حدون مليل هيون.“ (سنڌو جي ساڃاهہ، ص 67)

سنڌ ۾ بلوچ سپاهين جي آمد جو پهريون سراغ لهندي ڊاڪٽر ليمبرڪ لکي ٿو تہ: ”تاريخ معصوميءَ موجب ڪجهہ بلوچ 1326ع جيترو اڳ سنڌ ۾ آيا هئا، تڏهن جڏهن خسرو خان، محمد شاهہ تغلق طرفان سنڌ جو گورنر مقرر ٿيڻ تي پنهنجي بادشاهہ خلاف بغاوت ڪئي هئي ۽ بکر ۾ بلوچن جو لشڪر ڪٺي گڏ ڪيو هئائين. ان ماخذ موجب، ساڳيءَ صديءَ ۾ ڪنهن وقت بلوچن، راجپوت، سوڍن ۽ جاڙيجن سان گڏجي سومرن حاڪمن جي مخالفت ڪئي هئي، انهن ٽن قبيلن جي ٻڌي بہ عجيب هئي. (سنڌ جا نسل ۽ ماڻهو، ص 393)

سنڌ جي تاريخ جو اهو اهم ورق ڪاٽي نٿو سگهجي، ان موضوع تي بہ تفصيل سان تحقيقات کي سامهون آڻڻ گهرجي. ڊاڪٽر ايچ.ٽي. لئمبرڪ ان موضوع تي ڪجهہ روشني وڌي آهي، ڊاڪٽر ليمبرڪ لکي ٿو: ”سنڌ جي آدم شماريءَ جو هڪ ٻيو مکيہ جزو آهن بلوچ جي پڻ عرب هجڻ جي دعويٰ ڪندا آهن. اجا پندرهين صدي عيسوي پوري نہ ٿي هئي، جو هُو پنهنجي موجودگي محسوس ڪرائڻ لڳا. هي مالوند ۽ نيم لاڏائو ماڻهو هئا ۽ جهيڙي جهٽي جا ڪوڏيا پڻ. چيو وڃي ٿو تہ ان نسل جو بڻ شام ۾ اُسريو، جتان سنڌن اوپر طرف واڌارو ڪڏهن ڪڏهن تيز بہ ٿي ويندو هو، خاص ڪري تڏهن جڏهن انهن ملڪن جا حاڪم، جتي هي رهيل هوندا هئا، سنڌن خلاف ڪات ڪهاڙا ڪڻندا هئا. سنڌن آخري لڏپلاڻ سنتوماتريءَ ڏانهن هئي، هتي هُو سيستان کان آيا، جتي هُو ڪجهہ زمانو رهيا تہ هُو پاڻ ٽوڙي سنڌن ڏڻ جيئن پوءِ وڌندا ٿي ويا. سنڌن ڪيترائي قبيلا اچي ڪڇيءَ ۾ ويٺا ۽ اتي ٽڪر وٺي اُتر پاسي ديراجات ۽ ڏکڻ پاسي سيوهڻ ۽ ان کان پرتي پکڙجي ويا. ماڻهو ويڙهاڪ هئا، سو ترت قدر ٿيڻ لڳن، ۽ اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ سبيءَ جو گورنر ڪين پنهنجي لشڪر ۾ پرتي ڪري شاهہ بيگ ارغون سان وڙهيو هو. وري اسين پڙهون ٿا تہ ان بادشاهہ ٿورا ورهيہ پوءِ جڏهن مٿينءَ سنڌ تي بہ قبضو ڪيو، تڏهن

هنن مان اهڙو اچي تنگ ٿيو جو ملڪ جي انهن مان جند ڇڏائڻ لاءِ هڪ ئي وقت وڏي پيماني تي انهن جو ڪوس ڪرايائين. اهو واقعو 1521ع ڌاري ٿيو، 1523ع ۾ شاهه بيگ جو پٽ مرزا شاهه حسين سبيءَ تي چڙهي، وچي رندن ۽ بين بلوچن کي سيڪٽ ڏئي آيو. رپورٽيءَ موجب، ملتان جي لانگاهه جاٽ حاڪمن سورهين صدي عيسويءَ جي پهرين چوٿائيءَ ۾ بلوچن کي جاگيرون ڏنيون، ديراجات ۾ اچي رهڻ تي هرڪايو، جاگيرن ۾ هُو مالوند رهندي ۽ چاري جي سانگ تي سجو ڏيهه رُلندي، هوريان هوريان حد دخلي ڪندا نظر اچن ٿا. ڪٿي ته ائين به ٿيو ته جتي ڪنهن قبيلي ٿاڪ ڪيو، سو تر ئي سندن نالي پويان سڏجڻ لڳو، جيئن چانڊڪو ۽ بڙديڪا وغيره.

ڪلهوڙا سنڌ جا پهريان حاڪم هئا، جن بلوچن کي، سپاهين جي حيثيت ۾ ڪمائتو ڏسي، سنڌ لڏي اچڻ تي همٿايو. هُو مرشد هئا ۽ انهيءَ زور تي ٽالپرن ۽ مرين کي خدمت لاءِ گهرائي ٿي سگهيا، تاهم ڪجهه سندن قبائلي سرشتي جي تقاضا، ڪجهه پراٽا پلوَ پاڙڻا ۽ ڪجهه وري هونئن ئي قڌي جو چسڪو، سو بلوچ بيا ته ٿهيو خود پنهنجي هر قوم حاڪمن هيٺ به سنڌ جي آدمشماريءَ جو وڳوڙي عنصر ٿي رهيا. ٽالپرن جي صاحبي برپا ٿي ته بلوچن جي گهڻي پاڱي پنجاب مان اصل لانڍ لڳي ويئي ۽ سندن سردار ملڪ جا فوجي امير بڻجي ويا. برطانيه سرڪار پڻ بلوچ جاگيردارن جي حيثيت توري قيرقار سان قائم رکي ۽ ڀهراڙيءَ جي سماجي جوڙجڪ ۾ بلوچ زميندار اڃا به وڏي اثر وارا آهن ۽ اها ڳالهه هر ڪڙمي مڃي ٿو." (ص 377-379)

سنڌ ۾ سرائڪي ٻوليءَ جي واهپي متعلق لئمبرڪ لکي ٿو: "پهرين پهرين سرائيءَ جي معنيٰ اُتر جو ماڻهو هوندي هئي. پر پوءِ اهو لفظ ڪلهوڙن جي گهرائي سان لاڳاپي جي ڪري تعظيمي لقب ٿي ڪم اچڻ لڳو. انهن جا اڪثر قبيلا پاڻ ۾ لهندا يا اُلهندي پنجابي ڳالهائيندا آهن جا ٻولي سنڌ ۾ سرائڪي سڏي وڃي ٿي. اوني جتن توڙي ڪيترن اهڙن بلوچ قبيلن يا قبيلن جي پاڙن جي ٻولي به اهائي آهي، جيڪي ڳچ وقت پنجاب ۾ گهارڻ کان پوءِ هت آيا هئا." (ص 379)

سنڌ ۽ پنجاب ۾ جتن ۽ بلوچن جي سڃاڻپ متعلق لئمبرڪ لکي ٿو: "ساڱيءَ ريت، گهڻ ۾ گهڻ انهن بلوچن کي، جيڪي پنهنجي قبائلي علائقي کان دور وچين پنجاب ۾ جاٽن سان گڏ رهندڙ آهن، اوٺي يا اُٺ پاليندڙ سمجهيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ وري معاملو ان جي ابتڙ آهي، سو جيئن سنڌونديءَ جي اوڀر پاسي اُلهندي پنجاب ۾ سڀني قبيلن جو لاڙو پاڻ کي جاٽ سڏائڻ ڏانهن آهي، تيئن سنڌ ۾ ڪيترائي جت ۽ سماٽ قبيلا پاڻ کي بلوچ سڏائڻ چاهيندا آهن. سنڌ ۾ لڏي ايندڙ بلوچ ڀهراڙيءَ جي ماڻهن کي بنا ڪنهن ساڳاهه جي جت سڏيندا هئا. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي صاحبين ۾ جڏهن هُو وڌندڙ تعداد ۾ اچڻ لڳا، تڏهن هنن پاڻ سان گهڻا اوڏي يا نوڪر يا قبائلي جنگين ۾ پڪڙيل ٻانها به ضرور آندا هوندا. انهن سڀني کي گڏي ڌڪار وچان جت سڏيو ويو. جيئن ته بلوچ قبيلا ملڪ جا فوجي امير ٿيندا ٿي ويا، سو سنڌ ۾ جت نسل نه پر ڪِرت ڏيکاريندڙ لفظ بنجي ويو، جنهن جي معنيٰ هئي اوٺي يا اُٺ وارو. آنجهاني مسٽر ڪورٽنن ٻڌائي ٿو ته: "پنجاب ۾ نسل يا ذات لاءِ لفظ جاٽ يا جٽ آهي، جڏهن ته لهندا ٻوليءَ ۾ اوٺي لاءِ لفظ جت آهي، جيئن سنڌ ۾ جيڪو "ٽ" اکر وارو جٽ لفظ ويجهڙائيءَ واري وقت تائين سنڌي هندو مسلمان هاري يا ڳوٺاٽي لاءِ ڪتب آڻيندا هئا، سو پنجاب اندر نسلي مفهوم ۾ ڪم ايندڙ لفظ سان ڳنڍيل آهي، پر سنڌ ۾ بيعزتيءَ واري معنيٰ اختيار ڪري ويو آهي. سنڌ ۽ پنجاب جي جاٽ يا جٽ لفظ جي بگڙڻ جي سمجهاڻي هيءَ به ٿي سگهي ٿي ته بلوچن وٽ اصل ۾ "ٽ" اُچار هوئي ڪونه، سو هو ملڪ جي ڏيهي ڪُڙمين کي جٽ جي بدران "ت" سان جت سڏيندا هئا ۽ جت جي معنيٰ جيئن اڳيئي ڄاڻايو اٿئون، لهندا ٻوليءَ ۾ آهي "اوٺي". (ص 381)

ٿر، لاڙ ۽ ڪاڇي ۾ رهندڙ بلوچن جي تاريخ بابت لئمبرڪ هيءَ راءِ ڏئي ٿو: "انهن ٽڪرن ۾ بلوچ به رهن ٿا. گبول، جي اولهه طرف سيوهڻ تعلقي جي

ڏکڻ کان ويندي ذري گهٽ ڪراچيءَ تائين آهن، ۽ ڪوسا، جي ڪونڙيءَ طرف اوپر واري ٽڪر ۾ آهن، ٽڪرن جي ڏکڻ ۾ ميرپور ساڪري جو پرپاسي واري ڪرمتي بلوچن جو ڳڙهه آهي. چيو وڃي ٿو ته اهي سورهين صديءَ جي شروعات کان اڳ سنڌ مڪران کان آيا هئا ۽ اهو نالو ڪلمت هور، يعني ڪلمت ڪاريءَ کان مليو اٿن، جا مڪران ۾ آهي. ٽر جي پريان ننگرپارڪر جي پرپاسي ۾ به ڪوسا آهن. ڪڇ جڏهن انگريزن جي حفاظت هيٺ آيو هو، تڏهن ڪوسن ان تي جهلون ڪيون هيون. انهن جهلن جي ڪري ئي بمبئي سرڪار ۽ ٽالپرن جي وچ ۾ اها سفارتي ڏي وٺ ٿي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 1820ع وارو عهدنامو عمل ۾ آيو هو. ڏکڻ وارين ٽڪرين جي ڪوسن وانگر هي ڪوسا به پڪ ئي پڪ مڪران کان نسبتي طرح اوائلي وقت ۾ آيا هئا.“ (ص 386)

لئمبرڪ حاشيي ۾ ڄاڻائي ٿو: ”ٽالپرن جو ڪوسن تي اعتبار ڪونه هو ۽ ڪانئن فوجي خدمت ڪانه ورتي ويندي هئي ڇو جو هو ڪلهوڙن جي لشڪر ۾ وڏيءَ حيثيت وارا هوندا هئا.“ (ص 393)

ديرو غازي خان، جيڪب آباد ۽ ڪڇيءَ جي بلوچن بابت لئمبرڪ جتي بلوچ گهٽائيءَ ۾ آهن. جيڪو تر اُتر طرف ديرو غازي خان ۽ اولهه طرف جيڪب آباد ٽڪي وڃي ٿو، تنهن ۾ ڪڇيءَ جي اولهه ۽ اوپر ۾ ٽڪرين جي هيٺان به گهٽو گهٽو بلوچ آهن پر ڪٿي ڪٿي ترن جا مکيه زميندار هوندا هئا.“ (ص 387)

**”الوحيد“ جو ”سنڌ آزاد نمبر“:** ”الوحيد“ جو ”سنڌ آزاد نمبر“ 1936ع، اخبار ”الوحيد“ جي ”سنڌ آزاد نمبر“ ۾ سنڌ جي تاريخ تي روشني وجهندڙ مضمون نگار مرزا حسن ارغون جي ڪاهن بابت لکي ٿو ته: ”مرزا حسن 930هه ۾ سبي پهچي ظهيرالدين محمد بابر ڏانهن پنهنجي نيازمنديءَ جو خط لکيائين ۽ سوکڙيون موڪليائين. 931هه ۾ ملتان تي ڪاهڻ لڳو، وات ۾ بلوچ ۽ لانگاهه ۽ ٻيون قومون هزارن جي تعداد ۾ اچي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيون، رستي ۾ اُچ فتح ڪري قلعو دلاور وڃي هٿ ڪيائين، جتان ڪيس تمام وڏو خزانو هٿ آيو. ان کان پوءِ مضمون نگار وري ڪلهوڙن جي دور ۾ بروهين جي مدد ۽ نصرت جو ذڪر ڪري ٿو. مياں دين محمد ڪلهوڙي ڪي دٻائڻ لاءِ بکر جي گورنر بروهين کان مدد ورتي، الله يار خان بکر جو گورنر سرائين جي وڌندڙ طاقت ڏسي قنبر خان بروهي جي فوج وٺي سرائين تي ڪاهيو، پر ٿوري لڙائي کان پوءِ ڏرين ۾ ناهه ٿي ويو. بعد ۾ دين محمد ڪلهوڙي مغلن جي هٿان قيد ٿي ملتان پهتو. ميان دين محمد جي گرفتاري کان پوءِ سرائين ۽ فقيرن جي طاقت ڪمزور ٿي وئي. ميان دين محمد جو ڀاءُ ميان يارمحمد قلات هليو ويو. سندن زمينداري ۽ جاگيرداري تي سيوي (سبي) جي حاڪم بختيار خان قبضو ڪري ورتو، ٻن سالن کان پوءِ ميان يارمحمد حوصلو ٻڌي قلات مان بروهين جي فوج ڪاهي وطن ڏانهن موٽيو، راڄو فقير ليکي جو سندن خاندان جو خاص مريد هو، سو وڏي جماعت سان ميان کي اچي مليو، ميان يارمحمد منڇر کان وٺي خداآباد تائين پنهورن جي علائقي تي قبضو ڪري پوءِ چانڊڪا پرڳڻي مان وڃي بختيار خان پناڻ کي تڙيو. ميان يارمحمد کان پوءِ سندس پٽ ميان نورمحمد ساريءَ سنڌ تي ڇانئجي ويو. ميان نورمحمد سنڌ تي ڇانئجڻ کان پوءِ سموري بلوچستان کي مطيع ڪيو. 1942ع ۾ بلوچستاني سردار: قيصر کان مگسي، ميرو رند (سردار شورڻ) پاڳناڙي ۽ ڊاڍر جا زميندار به سندس پيش پيا. ان کان پوءِ عبدالله خان بروهي والي قلات سان ميان جو مقابلو ٿيو. 1143هه بروهين جي ملڪ تي سوپارو ٿيو، صلح جي وقت ميان نورمحمد پنهنجن ٻن پٽن جي عبدالله خان جي ٻن نياڻين سان شادي ڪرائي ناهه ڪيو.

ميان غلام شاهه ڪلهوڙو سنڌ کان سواءِ ديره غازي خان ۽ سبزل ڪوٽ نواب بهاول خان کان هٿ ڪيا، رياست قلات ۽ قلاتي بندر (ڪراچي) تي قبضو ڪيو ۽ رياست ڪڇ بيچ جو راڄا به سندس باج گذار ٿي رهيو.

اخبار الوحيد جي خاص نمبر ۾ مضمون نگار نواب غيبي خان چانڊيو جي احوال ۾ لکي ٿو تہ، ”هي صاحب سنڌ جي بلڪل قديم گهراڻي جي خاندان جو وارث آهي. سندن حڪومت سمي گهراڻي کان وٺي قائم آهي. سندن جاگير هن وقت 50 ميل اُتر کان ڏکڻ تائين ۽ 40 ميل اُيرندي کان اُلهندي تائين آهي. نواب صاحب جو وڏو سردار سُريمڻ خان قنڌار جي لڙائيءَ ۾ فتح پائڻ کان پوءِ سيوهڻ کان وٺي قلات تائين صوبي جي چارج ۾ هو. انگريزن جي اچڻ سان سردار ولي محمد خان ساڻن وفاداري جو وعدو ڪيو. ديوان ڏيارام گدومل لکي ٿو تہ، ”مياڻيءَ جي لڙائي مهل سردار ولي محمد خان چانڊيو ڏهہ هزار لشڪر سان سر وليم نيپئر کي مدد ڪرڻ لاءِ هڪ ميل مفاصلي تي هو، جنگ پوري ٿيڻ بعد هن پنهنجي ملڪ ۾ موٽي مير علي مراد خان کي پنهنجي جاگير ۾ دست اندازي ڪرڻ کان روڪيو، مئي 1844ع جي دربار ۾ سر چارلس نيپئر چانڊيا سردار جي حسن خدمتن جو اظهار ڪندي هن کي هڪ جوهردار تلوار ڪليل دربار ۾ عطا ڪئي. سردار ولي محمد خان جي وفات وقت لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ ۾ جاگير جي ايراضي چاليهہ هزار بيگهہ هئي، ان بعد انگريز سرڪار هميشہ اها خبر پئي لڌي آهي تہ چانڊيا سردار جي حيثيت قلات جي خان جي مشابهت ۾ ڪنهن بہ طرح گهٽ نہ هجي، جاگير موروثي آهي، ڪابہ ڏل ڏيڻ ۾ نہ ايندي آهي.

**ٽماهي مهراڻ**: ٽماهي مهراڻ جي 2012ع جي چوٿين ۽ 2013ع جي پهرين ۽ ٻئين شماري ۾ ”چانڊڪا پرڳڻو“ جي عنوان سان نذير شاڪر بروهي جو مقالو ٽن قسطن ۾ ڇپيو آهي، ان ۾ چانڊڪا پرڳڻي جي نالي جي اصليت، چانڊيا سردارن جي جاگير ۽ رياست ۽ مهرن جي سرداري تي بحث ڪيل آهي. نذير بروهي جتوئين کي بہ نہ بخشيو آهي، انهن تي بہ قلم وهايو اٿائين.

پهرين قسط ۾ نذير شاڪر بروهي لکي ٿو تہ: ”نوس تاريخي شاهدين جي مطابق بلوچي تاريخي ڪردار غير حقيقي ۽ افسانوي آهن، نہ ڪي حقيقي تاريخ آهن. مختلف بلوچ مؤرخن يا بلوچ سردارن پاران پيش ڪيل ۽ لکيل ذاتي شجرا ۽ واقعا روايتن ۽ افسانن تي مبني آهن، جنهن وجهہ کان اهي سڀ تاريخي حقائق ۽ سَندي شاهدين جي روءِ سان صحيح ناهن، چاڪر رند، جنهن کي بلوچ تاريخ ۾ بلوچن جو عظيم هيرو ڄاڻائڻ جي ڪوشش ٿيندي رهي آهي، جو ڪردار ۽ ڪارناما غيرتاريخي آهن، سبي پرڳڻو قديم زماني کان سنڌ جو حصو رهيو آهي، سبي پرڳڻو ارغونن، ترخانن ۽ پوءِ اڪبر بادشاهہ جو 1575ع ۾ سنڌ کي مغل سلطنت سان ملائڻ تائين سنڌ جو حصو ۽ مغل جاگيردارن جي جاگيرداري ۾ هو.“

ٻين قسط ۾ پڻ نذير شاڪر بروهي بلوچن جي تاريخ تي چوهہ ڇنڊيا آهن، هُو لکي ٿو تہ: ”بلوچ مؤرخن جي افسانوي قصن ۽ ڪهاڻين مطابق مائي جتوءِ جو ڏؤر 1200ع جو هو ۽ جتوئي ان جو اولاد آهن، منطقي ۽ تاريخي حوالي سان بي بنياد ڳالهہ بيهي ٿي، بلڪل اهڙي طرح جلال خان جي نالي منسوب ٿيل عالي، هوت، لاشار، رند، ڪورائي پٽن جو اولاد، گهرام لاشاري جي ڪڇيءَ ۾ جاگير ۽ چاڪر رند جو سبيءَ تي حڪومت، پڻ افسانا ۽ بوگس واقعا ثابت ٿين ٿا.

نذير شاڪر بروهيءَ جي تحقيقي قياس تي ٻڌل راءِ مطابق چانڊڪا پرڳڻي جي نالي جو چانڊين سان تعلق ناهي، اهو نالو چانڊين کي جاگير ملڻ کان اڳ جو رکيل آهي ۽ ان جي ٻئي ڪا نسبت ٿي سگهي ٿي. ايم.ايڇ.پنهور جي حوالي سان ٻڌائي ٿو تہ چانڊين 1616ع جي لڳ ڀڳ سنڌ ۾ قدم رکيو، چانڊين کي جاگير ڄام نظام الدين سمي کان ڪانہ ملي هئي مگر ڪافي عرصي کان بعد مغل بادشاهہ شاهجهان جي زماني ۾ هڪ مغل گورنر کان ملي هئي.“

ان مقالي ۾ نذير شاڪر بروهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولائي شيدائي، ايم.ايڇ. پنهور، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، غلام احمد بدوي ۽ لطف الله بدوي سميت سمورن بلوچ تاريخ جي محققن جي راين تي سخت تنقيد ڪئي آهي. تقريباً هڪ سال

گذرڻ کان پوءِ بہ ڪنهن تاريخدان ڪيس جواب نہ ڏنو آهي. لڳي ٿو تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي وفات کان پوءِ سنڌ جي بلوچن وٽ هڪڙو بہ محقق ۽ مصنف نہ رهيو آهي.

نذير شاڪر بروهي پنهنجي مقالي ۾ بروچن جي خلاف مهرن ۽ ڏهرن جي اتحادي ۽ ساٿاري هجڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. جيتوڻيڪ هن پڻ تاريخ معصومي مان بہ حوالا ڏنا آهن، پر ڊاڪٽر لئمبرڪ (پنهنجي تاريخ ۾) تاريخ معصومي جي ئي حوالي سان هي نتيجو ڪڍي ٿو. مير معصوم اسان کي ٻڌائي ٿو تہ 1521ع ۾ ڏهر ۽ اپاوڙي جا ماڇي ماتيلي جي مهرن سان سدائين پيا وڙهندا هئا ۽ ٿر جي بلوچن کي پيا چوريندا هئا تہ اسان سان اچي شامل ٿيو." (ص 394، سنڌ هڪ عام جائزو، سنڌ جا نسل ۽ ماڻهو، حاشيو، 36)

ان حاشيي تي وري مترجم صاحب هي نوٽ لکيو آهي: "مهرن ۽ ڏهرن جا تڪرار هلندڙ صديءَ ۾ بہ جاري نظر اچن ٿا. تازو 1975ع ۾ سندن جهيڙي جون خبرون اخبارن ۾ آيون هيون ۽ ڪن سياسي اڳواڻن کي وچ ۾ پئي، ڏرين جو ناهہ ڪرائڻو پيو هو."

مشهور انگريز فوجي جاسوس هينري پاٽنجر، جنهن 1810ع ۾ "سنڌ ۽ بلوچستان جو سير ۽ سفر" ڪيو، چانڊڪا جي چانڊين سان نسبت جو ذڪر نہ ٿو ڪري. هُو لکي ٿو: "جيسين مون چانڊوڪي ضلعي جي متعلق پنهنجو پهريون بيان نہ ڏنو هو، جاڪاڻ تہ اها ڳالهہ نہ فقط منهنجي پنهنجي معلومات کي ٽيڪو ڏئي ٿي، پر ساڳئي وقت قديم جاگرافيءَ سان پڻ حيرت انگيز حد تائين ٺهڪي اچي ٿي. لفظ چانڊوڪي جي معنيٰ سنڌ جي جديد ٻوليءَ ۾ آهي چانديءَ جي يعني استعاره طور ان جو مطلب خوشحال، آسوده يا اک کي سهڻو نظر ايندڙ آهي." (ص 447)

هينري پاٽنجر چئي ٿو تہ: "اورنگزيب عالمگير جي انتقال کان پوءِ (سنڌ جي حاڪمن) هندستان جي انتشار واريءَ حالت مان هنن همت ڪري ڏن جي رقم جي ادائگي بند ڪري ڇڏي، سنڌ جي آباديءَ ۾ ان دؤر ۾ وڏي تبديلي اچي چڪي هئي، جو انهيءَ صوبي ۾ پڳهاردار سپاهين جي حيثيت ۾ بلوچي قبيلن جا قبيلا آندا ۽ آباد ڪيا ويا هئا." (ص 470)

هينري پاٽنجر جو بلوچن جي بابت رايو هو تہ اهي اصل ۾ سلجوقي ترڪمانن منجهان آهن، هُو لکي ٿو: "ڪيترين ڳالهين مان ثابت ٿئي ٿو تہ هو ترڪماني نسل جا آهن، سواءِ سندن زبان جي باقي سب ڳالهيون مثلاً هنن جون رسمون رواج، چال چلت ۽ مذهب ساڳيا آهن. هنن جي زبان چو مختلف ٿي آهي، تنهن جي لاءِ هڪ تمام معقول سبب آهي. سلجوقي گهٽي وقت کان ايران ۾ آباد هئا، جو ان وقت ايشيا جو واقعي سڀ کان سرسبز ۽ صحت بخش ملڪ هو، قدرتاً هنن مڪاني زبان اختيار ڪئي، جڏهن خوارزم جي بادشاهن اتان ڪين هڪالي ڪڍيو تہ هُو پنهنجي زبان بہ پاڻ سان کنيو آيا. خوارزمين کان پوءِ چنگيز خان وارا مغل آيا. هنن جي زبان ۾ پروارين قومن سان ملڻ ڪري ڪي معمولي ڦيريون گهيريون ٿيون آهن." (ص 289)

ڊاڪٽر جيمس برنس "سنڌ جي دربار" (1828ع) ۾ ميرن جي لشڪر لاءِ لکي ٿو: "ان ۾ اڪثر بلوچستان جي پهاڙن جا سرويچ جوان هوندا آهن. انهن مان هڪڙي رندن جي قوم آهي، ٽالپر بہ پاڻ کي رند سڏيندا آهن." (ص 96) ٽالپرن جي فوج جي باري ۾ هو رقم طراز آهي: "سنڌ جي فوج منهنجي اُميدن جي بلڪل خلاف ثابت ٿي، آءٌ ڪجهہ وقت ڪڇ ۾ رهيو هئس، جتي حملن ۽ لڙاين جا هر وقت افواهہ ٻڌبا هئا، مون کي ۽ ڪڇ جي ماڻهن کي خيال وينل هو تہ حيدرآباد ۾ ڪا زبردست فوج رکيل آهي، پر حقيقت ان جي بلڪل خلاف آهي. قلعي جي حفاظت لاءِ فقط بلوچن جو هڪ ننڍڙو دستو رکيل آهي." (ص 94)

علي نواز ڏاهري

# ٽوڪي هٿ نڪر، پکو ڪٽج پاڻ سان

## (حمل فقير جي شاعريءَ ۾ سنڌ دوستيءَ جو پيغام)

مرشد لطيف جڏهن نادر شاهه، مدد خان ۽ احمد شاهه ابدالي جهڙن وحشي ڌاڙيلن لشڪرن جي بدمست هاٿين ۽ گهوڙن جي سنبن هيٺ پنهنجي ماتر ڀوميءَ کي لتاڙجندي، سارا کيت تباهه ٿيندي ۽ لائبريريون سڙندي ڏٺيون، سنڌ جي قومي، سياسي، مذهبي، اقتصادي، تهذيبي ۽ معاشرتي آزاديءَ کي پاش پاش ٿيندي ڏٺو ته سنڌ جي حالت تي بي ڊپو ٿي وڏي واڪ چئي ڏنائين ته:

”مڙيا مڇ هزار، پاڳا ٿيندي سهڻي.“

هتي سهڻي مان سندس مراد ”سهڻي سنڌ“ آهي، لطيف سائين جنهن قومي آزاديءَ جي بچاءَ ۽ بقاءَ جي جدوجهد لاءِ جيڪا راهه چوندي هئي، لطيف کان پوءِ هر دؤر ۾ ان راهه تي جن سرفروش سنڌي صوفي درويش لطيفي سنت کي جياري تمثيلي ۽ علامتي انداز جي آڌار، قومي ۽ انقلابي شاعري رستي ڌارين ڌرين جي خلاف مزاحمت جو مورچو سنڀاليو هو، تن ۾ حمل فقير به هڪ هو.

هن درويش جي دؤر ۾ سنڌي سماج جا بنياد چڻ ته کوکلا ٿي چڪا هئا. سنڌ جيڪا هزارين سالن کان پوءِ پنهنجو قومي تشخص برقرار رکندي، هڪ ملڪ جي حيثيت رکندي پئي آئي، ٽالپر حڪمرانن ان جي وحدت کي ٽوڙي ٽي ٽڪر ڪري ڇڏيو هو. ميرپورخاص، حيدرآباد ۽ خيرپورميرس نالي رياستن ۾ ورهائي ۾ انتظامي طور سنڌ ٽوڙي وئي، ڌرتي ساڳي، ٻولي ساڳي، تاريخ ۽ جاگرافي ساڳي، تهذيب ساڳي، پر بادشاهن سنڌ کي فقط پنهنجي زرخريدي جاگير سمجهي ان کي ٽن حصن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو هو، نه رڳو اهو، پر ان وقت تائين حڪمران گهراڻي ۾ وري مذهبي ويڇا به وڌي ويا هئا. ميرپورخاص ۽ حيدرآباد جا مير صاحبان سني ته خيرپوري مير صاحبان وري شيعا ٿي ويا هئا. جتي حڪمران گهراڻي جي اها حالت هجي، اتي عوام ويچارو ته باقاعدي مذهبي تفرقي جي ور چڙهي چڪو هوندو. مذهب جي حوالي سان ايڏا ته ويڇا وڌي وڃي ٿيا هوندا جو پنهنجائپ ئي ماڻهن کان موڪلائي وئي هوندي، تڏهن ته حمل فقير چيو ته:

جن چيو ٿي جيءُ، سي اڄ ٻوڏ نه چون ٻاجهه مؤن،
جن ڪارايو ٿي خوشيءَ مؤن، سي پاڻي چون ته پيءُ،
هوڏهن هونئن حمل چئي، هت حال منهنجو هيءُ،
رحم پيو رب ريءَ، ڪوجهن تي ڪير ڪري.

اها رڳو ڪٿي ڪٿي، ڪن ڪن گهراڻن ۽ قبيلن جي ڪن ڪن ماڻهن جي حالت نه هئي، پر سڄو ملڪ ئي شايد ان پڙڪنڌڙ باهه جي لپيٽ ۾ اچي ويو هو. پيار، محبت، پنهنجائپ ۽ پاڻپيءَ وارو ماڻهن جو مزاج ئي مٽجي ويو هو. محبت جيڪا هتان جي ماڻهن جي رڳ رڳ ۾ رچيل هئي، اها ڄڻ ته هتان لڏي پکين وارا پر پائي پرواز ڪري الاءِ ته ڪهڙي ڪُنڊ وڃي پهتي هئي، حمل فقير افسوس ڪندي چيو ته:

هئه هئه هئه هاءِ، جو محبت وئي ملڪ مؤن،
جتي قرب ڪمال هو، تتي لاءُ نڪو ساءُ،
حمل چئي هن ڳالهه جو، ڪونهي سڌ سماءُ،
ڪو جو وريو واءُ، جو ماڻهو سڀ مٽجي ويا.

يارن مان ياراڻي ختم ٿي وئي هئي، دوست ڦري هڪٻئي جي رت جا پياسا ٿي پيا هئا. ”دوست ڦري دشمن ٿيا، جانب ها جيئي“ ساهه کان مٺا سڄڻ به سامهان ٿيڻ لڳا هئا. سک، صحبت ۽ ساءَ جهڙا ٽئي املهه گڻ ٽڙي پکڙي گم ٿي ويا هئا.

هڪ طرف اهو مذهبي ۽ سماجي وايومنڊل جڙيو هو ته ٻئي طرف پنجابي شائونسٽ رنجيت

سنگهه جي سنڌ کي هڙپ ڪرڻ واري پراڻي ۽ غليظ خواهش سندس من ۾ ڇهنئي پئي هئي، ٻئي طرف وري گوري سامراج جون حريص نگاهون هر وقت موقعي جي تلاش ۾ هيون ته موقعو ملي ته سنڌ کي حلوو سمجهي ڳڙڪائي ڇڏين. ان لاءِ انگريزن اڳواٽ ئي هوم ورڪ ڪري ڇڏيو هو. ايسٽ انڊيا ڪمپني جي ڪوٺي ته هندستان ۾ مغلن جي دؤر ۾ ئي کُلي چڪي هئي. موقعي کي نظر ۾ رکي برٽش سرڪار رنجيت سنگهه کي گهوڙا تحفي طور ڏيڻ جي بهاني، سندن نمائندو برنس اليگزينڊر سنڌ تي حملي جي تيارين جي سلسلي ۾ سنڌو جو اڀياس ڪرڻ لاءِ گهوڙا درياءَ رستي بيڙين ذريعي پنجاب ڪٺي ويو. هن جي اها ڊيوٽي هئي ته گهوڙن پهچائڻ بهاني نه رڳو سنڌو درياءَ جو اڀياس ڪري، پر سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو اکين ڏٺو احوال به پهچائي ته جيئن سنڌ تي حملي ڪرڻ ۾ ڪا گهٽي مشڪل پيش نه اچي. توڙي جو حيدرآباد سنڌ جي حڪمرانن سان گڏ سڄي سنڌ جي عوام برنس اليگزينڊر جي انهيءَ مهم کي ڳڻتي ۽ ڪاوڙ سان ڏٺو. ٽالپرن جي هڪ سپاهيءَ جي اها دانهن ته ”گهوڙا! هاڻ سنڌ اسان کي وئي، گورن سنڌو درياءَ ڏسي ورتو آهي.“ ڄڻ ته سڄي سنڌي قوم جي پڪار جو پڙاڏو هو ۽ سڄي سنڌ نفسياتي ڪشمڪش ۾ مبتلا ٿي چڪي هئي ته هاڻ ڇا ٿيندو؟ هڪ طرف حيدرآباد جا ٽالپر حڪمران ۽ عوام سخت ناراض ته ٻئي طرف خيرپور رياست جو والي مير رستم خان انهي ساڳئي انگريز جاسوس جي هر طرح جي مخبري ڪري، دعوتون ڪرائي، قيمتي سوغاتون ۽ سوکڙيون ڏيڻ ۾ پورو هو. ان کان وڌيڪ بي کهڙي ڪم ظرفي ٿيندي جو مير رستم خان انگريز ايجنٽ کي اها به پڪ پئي ڏني ته جيڪڏهن انگريزن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ ڪاهي آيا ته هُو نه رڳو سندن استقبال ڪندو، پر ڀرپور مدد به ڪندو. چوٿين طرف وري ڪراچي جي سيٺ نائونمل جي غداريءَ وارو ڪردار.

حمل فقير جڏهن شعوري طور پنهنجي زندگيءَ جي اهڙن واقعن کي سهيڙيو هوندو ته سندس من ڪينواس تي اهي سڀئي واقعا چٽا ٿي اُڀريا هوندا. جڏهن حمل فقير پنجن ڇهن سالن جي عمر ۾ شاهه شجاع جي پهرين ڪاهه ڏٺي يا ٻڌي هوندي. رنجيت سنگهه جا ارادا پرکيا هوندا. مير مراد علي خان جي علاج بهاني آيل انگريز ڊاڪٽر برنس جيمس جي اچڻ کان واقف ٿيو هوندو. جنهن ميرن جي دربار ۾ پهچي جاسوسي رپورٽون پئي موڪليون، ڪجهه وقت کان پوءِ ان انگريز ڊاڪٽر جي پاءُ اليگزينڊر جي جاسوسي مهم جي ڄاڻ رکي هوندائين. ويهن ورهين جي عمر ۾ وري ٻيو دفعو شاهه شجاع کي سنڌ ڌرتي لتاڙيندي سرسبز فصل تباهه ڪندي ڏٺو هوندائين. ميرن ڪيس شڪارپور جو شهر رهڻ لاءِ ڏئي ڇڏيو هو. ان کان به چڱي طرح واقف ٿيو هوندو.

جيئن اهڙين حالتن ۾ لطيف سائين تمثيلي انداز ۾ درد ڀري دانهن ڪئي هئي ته ”مڙيا مڇ هزار، ڀاڳا ٿيندي سهٽي“. بلڪل انهيءَ ئي نموني حمل فقير سنڌ کي پيش آيل خطرن، تڪليفن، سورن، غدارين، ڀاهرين حملن، مار ڌاڙ، ڦرلٽ، ڪوس، ۽ قتل عام، رڻ گجي راڙا ٿيڻ جهڙين حالتن کي ڏسندي سنڌ کي سسئي سان مشابهت ڏيندي ڪيس گهيري آيل غنيمن کي بگهڙ، باندر ۽ پولڙا سڏي علامتي انداز اختيار ڪري وڏي واڪ چئي ڏنو ته:

آڏا ڏونگر ڏاڪڙا، چوڪس چوڌاري،
بگهڙ، باندر، پولڙا، چوڏس چوڌاري،
ونڊر ۾ واڪا ڪري، ور لئه ويچاري،
تنهن ضعيف جي زاري، ٻڌي هوت حمل چئي.

هتي سسئي مان مراد ”سنڌ“ آهي. جيڪا ضعيف ۽ ويچاري آهي، ونڊر ۾ واڪا ڪرڻ جو مطلب وجود واريءَ ويڙهه ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد آهي. هتي ”هوت“ مان مراد وري ننگن ۽ ڌنگن تي سر ڏئي سرخرو ٿيندڙ اهو سپاهيانه قومي ڪارڪن طبقو آهي، جنهن جي ”حمل حب وطن جي اندر روح رهي.“ جيڪو سر جون سٽون ڏئي سنڌ جي سينڌ ۾ سندور ڀرڻ لاءِ پنهنجي جگر جو خون پيش ڪرڻ جو عزم رکندو هجي. جيڪو سنڌڙي ۽ جنڊڙيءَ ۾ فرق

ماضيءَ ۽ مستقبل جي مستقبل جا مفڪر ۽ ڏاها ڏات ڏڻي هوندا آهن.

اڄ جڏهن اسان جي قوم تفرقي جي ور چڙهي وئي آهي، هر ننڍي ٽولي کي پنهنجو جدا جدا جهنڊو آهي، تہ حمل فقير جي لفظن مان سند سڏڪي ٿي پئي. وجود جي تحفظ لاءِ ڪا منظم قوت ڪانہ ٿي ڏسي تہ اڄ بہ اها ساڳي سٽ چئي سند سڏڪي ٿي پئي تہ:

ڪانهي ڪل اُها، تہ ڪميٽي سان ڪيئن ڪندا.

ها! پر شاعر، اديب، مصور، موسيقار، مفڪر، ڏاها ۽ ڏات ڏڻي پُراميد بہ هوندا آهن. اسان جو شاعر حمل فقير بہ هيڏن هاڃن، تاريخي تڪرارن ۽ وجود جي ويڙهہ جي اکين ڏٺو گواهہ بہ رهيو آهي. هن کي پوري پڪ آهي تہ جڏهن ۽ جتي بہ ظلم، انياءَ، ڏاڍ، ڏهڪاءَ ۽ ناانصافي وڌي آهي تہ تاريخ اتي نئين مسيحا کي جنم پئي ڏنو آهي. هن کي شڪ نہ پر پوري پڪ آهي تہ حالتن جي بہ ضرورت آهي ۽ تاريخ کي پنهنجا ورق روشن رکڻا آهن تہ ڪي ارڏا، اٿموڙ، جاننا ۽ جنگ مڙس ۽ ڏڳ جوان جن جي ڪلهن تي تاريخ پنهنجو بار وجهندي. تن کي همت جي هٿيار سان ڪُنن ۾ ڪاهي پوڻو آهي، ۽ حمل سائين تن کي تاڪيد ڪندي چئي ٿو تہ:

پيلي مٽي پر، مٿان ڪڇ مهراڻ ۾،
اڳئون آب عميق وهي ٿو، جوش منجهاران جر،
ڪچي تي ڪاوڙ مان، ڪري ليٽ لهر،
بيڙن جا بار ۾، وير لاهي ٿي ور،
هيبتناڪ حمل چئي، ڪڙڪن ڪن ڪپر،
نوڪي هٿ نڪر، پڪو ڪڇ پاڻ سان.

# شاهہ جي رسالي ۾ آيل "جبل ۽ ٽڪر"

"شاهہ جو رسالو" ان ڳالهہ جو چٽو دليل آهي تہ شاهہ صاحب پڙهيل هو، جنهن ۾ قرآن پاڪ جون آيتون، حديثون ۽ عربي، فارسي زبان جي شاعرن جون مصراعون تضمين طور آنديون اٿس. شاهہ صاحب فطرت جو بہ گهرو مطالعو ڪيو هو. مارئي جي محبت ۾ ٿر جو سير بہ ڪيو هئائين، ۽ جڏهن سسئي جا سُور ياد پيس تہ جبل جهاڳي پهاڙن جا پيرين پنڌ ڪيائين، جوڳين ۽ سامين سان بہ سير سفر ڪندي پري پري تائين پهتو هو. هتي سندن ڪلام ۾ ذڪر ڪيل ڪن جبلن ۽ ٽڪرن جو احوال ڏجي ٿو:

(1) **گنجو ٽڪر**: شاهہ صاحب فرمايو تہ:

پيو جن پرو، گنجي ڏونگر گام جو،
چڙهي ڪيڻ ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.

شاهہ صاحب گنجي ٽڪر متعلق سُر ڪاهوڙي جي داستان پئين ۾ ذڪر ڪن ٿا، گنجو حيدرآباد شهر جي ڏکڻ کان شروع ٿئي ٿو ۽ ڪيترن ئي ميلن ۾ هليو وڃي ٿو، هن کي 'گنجو پيرن جو منجو" بہ چوندا آهن، چاڪاڻ تہ اتي ڪيترين ئي بزرگن جون زيارتون آهن، اتي عبدالرحمان سرهنديءَ جي درگاهہ پڻ آهي ۽ درويش شاهہ چني جي مزار پڻ آهي. شاهہ صاحب پاڻ بہ گنجي ٽڪر تي ويو هو ان جي ساراهہ ڪئي اٿس. هيٺيان بيت گنجي جي واڪاڻ ۾ فرمايا اٿن:

جني پيئي بوءِ، گنجي ڏونگر گام جي،
ڏوري سائي جوءِ، لوچي لاهوتي ٿيا.
گنجي ڏونگر گام جي، پيئي جني باس،
چڙهي سي لباس، لوچي لاهوتي ٿيا.

گنجي ڏونگر گام جي، پيئي جن پروڙ،
چڙي سي ضرور، لوچي لاهوتي ٿيا.

شاهه صاحب کي سنڌ سان بيحد محبت هئي، انکري هتي جي هر شيءِ کيس پياري هئي، ڍنڍيون ڍورا، جهنگ جبل، پکي پکڻ ۽ وڻ ٽڻ سڀ کين پيارا هئا. ميران محمد شاهه جي مضمون "گنجي ٽکر جو سير" مان اهو پسي سگهجي ٿو ته گنجو ٽکر ڪيڏو نه وڻندڙ جبل آهي.

(2) **کانيو ۽ کارو جبل**: شاهه صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ هنن ٻن جبلن جو ذڪر ڪندي فرمائن ٿا ته:

چڙ چمر پانئيان، کانيو ۽ کارو،
پب وجهنديس پٽ ۾، صبح سوارو،
وجڻ مون وارو، ڪين وهنديس وچ ۾.

هي ٻئي جبل کانيو ۽ کارو ٽاٽي بولا خان جي آسپاس ۽ ويجهو آهن.

(3) **پب جبل**: پب جبل جو احوال شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ٻن بيتن ۾ ڪيو آهي:

کهي جا کنيائين، تنهن وک ويجهي ڪئي،
چڪيءَ چنائين، پنڌ مڙيوئي پب جو.

*

ويون پب پئي، ڪيروڻ ڪاهوڙين جون،
آءُ تن ڏوٿيئڙن کي پچان کير پهي،
رڄن رات رهي، جني ڏونگر ڏوريا.

انهن ٻن بيتن مان پتو پئي ٿو ته جوڳي ۽ ٻيا فقير درويش پب جبل ڏانهن ويندا هئا، چاڪاڻ ته اُتي شاهه بلاول جي مزار آهي، اڄ به عقيدتمند ان پاڪ جڳهه ڏي ويندا رهندا آهن.

(4) **هاڙهو جبل**: شاهه صاحب پنهنجي هڪ بيت ۾ هاڙهي جبل جو ذڪر ڪيو آهي ۽ هيءُ جبل بلوچستان ۾ واقع آهي، پاڻ چون ٿا:

رئڻ ۽ راڙو، مون نماڻيءَ جي نجهري،
ڪُنل کي قلب ۾، قرب جو ڪاڙهو،
هوتن لئه هاڙهو، رجائينديس رت سين.

(5) **جائو، جمر ۽ جر جبل**: هي ٽئي جبل لسٻيلي ۽ قلات جي وچ واري جوءِ جهلوان واري علائقي ۾ آهن، هتي ساوڪ ئي ساوڪ آهي، هتي پاڇيون به جام آهن. شاهه صاحب هنن جبلن جو ذڪر ڪندي چون ٿا ته:

وڏا وڻ وٽڪار جا، جت جائو، جمر، جر.

(6) **لمون جبل**: هيءُ جبل به لسٻيلي واري علائقي ۾ واقع آهي ۽ شاهه صاحب سسئي جي سورن جو ذڪر ڪندي چون ٿا ته:

ڪيا ويچاريءَ وس، ڪارڻ ڪوهياري گهڻا،
گهٽو پچي پانڊيين، سندا ڏيرن ڏس،
لمون ڏوري لس، ستي سگر پٽيين.

حقيقت ۾ سنڌ جا سيئي ڳوٺ، واهڻ وستيون، ماڳ مڪان ڏسڻ وٽان آهن، پر اسان کي شاهه صاحب جي مشاهدي ۽ حب الوطني مان سبق پرائڻ گهرجي، انهيءَ لاءِ اسان سنڌ وطن جا سڀ ماڳ مڪان گهمي ڏسون. انهن جي تاريخ ۽ جاگرافي پڻ ڪتابن جي صورت ۾ لکي سگهون ٿا.

◙

فقير محمد ڍول



# پوپٽ رنگ رنگيلا

## (ٻارڙن لاءِ شاعري)

ٻلاشڪ تہ ٻار نيٽن نار آهن!

دنيا جي حَسِين هجڻ واري حُسن ۾، جيڪا رنگيني ۽ رعنائي ٻارن جي هجڻ سان آهي، سا بي مثل آهي. ٻارن جو چمڻ، ٻارن جو وڏڻ ويجهڻ ۽ ٻارن جو هجڻ اِهي سڀ ڳالهيون سبب آهن انسانن جي خوشيءَ جو... ٻارن سوا انسان جون سڀ خوشيون ۽ خواهشون اڌوريون ۽ اڻپوريون آهن ۽ ٻارن سان وري زندگيءَ جي حُسناڪي آهي.

خود ٻارن لاءِ ٻاروتڻ واري زندگي ڪيڏي شاندار ۽ بادشاهيءَ واري آهي، اُن جو احساس هر ٻارَ کي مون جيئن ئي، پڪ سان پوءِ ٿيندو هوندو، جڏهن اُهي وڏا ٿي ويندا آهن ۽ سندن ٻاروتڻ واري وَهِي واريءَ جيئن سندن هٿن مان وهي ويندي آهي.

ٻار، اصل ۾ پنهنجي پَرَ ۾ ملوڪيت جا ڏٽي هوندا آهن ۽ هجن بہ چو نہ... ملوڪيت جا ڏٽي اصل ۾ تہ هجڻ ئي معصوم گهرجن ۽ اڄ بہ جيڪڏهن دنيا جي مڙني ملڪن جا مڙيئي حاڪم معصوم ٿي پون تہ اجوڪي هيءَ دوزخ جهڙي دنيا، جنت بڻجي پئي.

ٻارن جي دنيا ۾ رنگيني پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ سندن احساسن ۽ اُمنگن ۾ وڌيڪ سونهن ۽ نکارُ پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ انهي معصوميت واري عمر کي ٺهان وڌيڪ انجواءِ ڪرڻ لاءِ ۽ گد گد ٿي گذارڻ لاءِ، دنيا اندر هميشہ کان ٻارن لاءِ تخليقي ادب لکيو ويو آهي، جنهن ٻارن منجهہ وڌيڪ سنوار ۽ سُڌار آندي آهي. دنيا سميت سنڌ اندر بہ ٻارن جي ادب جي آبياري اصل کان ٿيندي رهي آهي. اهڙي ڪِرت ۽ نِرت کي اڳتي وڌائيندي، نوجوان شاعر ۽ اسان جو دوستُ دلبر 'وفا مولا بخش' بہ وقتاً فوقتاً پنهنجو فرض ادا ڪندو رهيو آهي. تازو سندس هڪڙو ڪتاب اهڙن ٻاراڻن گيتن کي ماڻُ بخشيندي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران آپا فهميده حسين ۽ تاج جويي پاران پڌرو ڪيو ويو آهي. جنهن جو نالو رکيو اٿن 'پوپٽ رنگ رنگيلا'...




وفا جو ٻارن جي شاعريءَ تي پڌرو ٿيل هيءَ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ هُن پنهنجي ٻاروتڻ ۽ ٻارن پيارن، اکين جي تارن بابت، پنهنجن احساسن کي پنن تي پينٽ ڪندي پلٽيو آهي. سندس سمورا گيتَ ايڏي تہ تخليقي حُسن سان مالا مال آهن جو، 'ڪيا بات هئہ'.

هن ڪتاب جو بئڪ ٽائيٽل سنڌي ٻوليءَ جي اهم شاعر ۽ ٻارن لاءِ بالخصوص انتهائي اهم شاعر 'ادل سومري' جو لکيل آهي، جنهن سندس ڪوشش کي ساراهيو آهي. جڏهن ته هن ڪتاب جو مهاڳ سنڌ جي نامياري نثر نويس، براڊڪاسٽر ۽ پنهنجي طبيعت و مزاج جي اڪيلي ۽ منفرد محبتي ماڻهوءَ 'نصير مرزا' لکيو آهي. جنهن کي فخر آهي ته وفا مولا بخش سندس ذاتي دوستن منجهان آهي ۽ هُو، وفا مولا بخش جي اِن خوبيءَ تي تمام گهڻو خوش به آهي، ته وفا بيحد پختو شاعر آهي ۽ هُن سندس گيتن کي رسيلو، سُريلو، نصيحت ڀريو، مزيدار ۽ جهٽ ۾ ٻارن جي چپن تي چڙهي ايندڙ ڪوئيو آهي. ۽ اهي لفظ جڻ ته وفا جي لاءِ سرٽيفڪيٽ آهن... علاوه ازين اهڙي سرٽيفڪيٽ جي نصير ته سندس لاءِ تحفتاً هيئن به لکي ڇڏيو آهي:

دادُ اسان کان وٺندو رهه ادا
ههڙا گيتَ - لکندو رهه وفا

وفا جي ڪتاب ۾ شامل اسمن جو تعداد انٽيهه آهي. جن ۾ اڪثريت ته بيحد 'روان اسمن' جي آهي، جن ۾ 'پيچ پٽائي، سچل سائين'، 'پيارا پيارا، پيارا ٻالڪ'، 'وهه وا من ۾ ٿي مهڪار'، 'سُستي ڇڏ تون ننڍڙا ٻار'، 'آئي آئي ڪاري ٻلڙي'، 'گيت خوشيءَ جو هر ڪنهن ڳايو'، 'اُپ سچي ۾ جڻ ته ستارا'، 'ناني مون کي يائيندي آ'، 'گڏ ٿيو ٻارو ڳالهه سُڻايان' ۽ 'پياري امڙ او پياري' جنهن تي مون کي ته برملا ٻاروتڻ ۾ پڙهيل گيتُ 'منهنجي امڙ' ياد اچي ويو. مون مٿي ته فقط چند گيتَ مثال طور ڄاڻايا آهن، جو هتي ساراهه ته مڙني گيتن جي ڪرڻ گهرجي، اِن ڪري جو ڪوبه گيت ڪنهن به گيت کان گهٽ ناهي بلڪِ اُتر لهڻي. ساڳئي وقت وفا هن ڪتابڙي منجهه انفرميٽو ۽ موضوعاتي گيتَ شامل ڪري، هِن ڪتاب جي اهميت وڌائي ڇڏي آهي، اهڙن گيتن ۾ 'موٽرڪار'، 'ٽيليفون'، 'ڪرڪيٽ'، 'هاري'، 'صفائي'، سنڌ ميوزيم' 'بهار' ۽ 'علم' وارن عنوانن سان گيتَ شامل آهن. جيڪي ٻارن جي ذهني اوسر لاءِ ڪافي ڪمائتا ثابت ٿيڻ واري سگهه سان مالامال آهن... مطلب ته وفا مولا بخش هن ڪتاب جي هٿ تي پيارن ٻارن لاءِ جيڪو گتمڻڙن جهڙو وکرُ رکيو آهي، تنهن جو ڪو مُلهه ڪٿي نٿو سگهجي، هيءُ سچو وکرُ، املهه ۽ بي مثل آهي.

سنڌ ٻوليءَ لاءِ ڪم ڪندڙ سنڌ جي اهم ترين اداري 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ، پاران ڇپرو ٿيل هيءُ ڪتاب ٻارڙن جي لاءِ ڪنهن سُوکڙيءَ کان گهٽ ناهي. هيءُ ڪتاب 'پوپٽ رنگ رنگيلا' انهٺ صفحن جو آهي ۽ وفا جي خوبصورت شاعريءَ سان گڏ رابيلا ابڙو جي وڻندڙ اسيڪچز به هن ڪتاب جي سونهن ۾ وڌيڪ اضافو ڪيو آهي. هيءُ ڪتاب هر گهر ۽ هر ٻارَ تائين پهچڻ کپي ۽ ٻارن کي پڙهڻ، پڙهائڻ کپي ائين ڪرڻ سان منجهن سجاڳي پيدا ٿيندي... سمجهه ۽ سنوار سُڌار ايندي.



عبدالرزاق ڪلهوڙو

# مَسُ آچاندوڪي، لڪان ٿو چنڊ سان

(سنڌ جي سريلي شاعر رياضت برڙي جي شعري مجموعي "شام جي هوا" بابت ڪجهه ويچار)

ليکڪ کهڙو به هجي جڏهن هُو پنهنجا خيال، جذبا ۽ احساس ٻين تائين شيئر ڪري ٿو ته ذهني طرح هلاڪيون ۽ ٽڪاوٽون ڪيس اندر ۾ هميشه لاءِ سرائيت ڪري وڃن ٿيون ۽ پوءِ ڪيس جيڪا حاصلات دم پري ٿي سا يقيناً حيرت ۾ وجهندڙ هوندي آهي.

اهو بلڪل به سچ آهي ته ادب زندگيءَ سان لاڳاپو رکي ٿو ۽ ادب کان سواءِ زندگي جڻ اڌوري رهي ٿي. تڏهن ته ميڪسم گورڪيءَ چيو هو: ادب انسان جي هستي، حقيقت ۽ مقصد جي اظهار جو هڪ بهترين اوزار آهي.

اسان جي سٽ جو اهڙوئي منفرد قلمڪار رياضت برڙو به آهي، جنهن پنهنجي لاءِ زندگيءَ ۾ هميشه لاءِ ادب کي چونڊيو آهي.

رياضت جي هٿ وس ۾ اهڙو ادبي گر موجود رهيو آهي جو مسلسل پنهنجيءَ ذات ۾، پاڻ هڪ يگانو مثال بڻجي ويو آهي. هن جي زندگيءَ ۾ سندس اهو ادبي ذوق شوق ڏاڍو مضبوط ۽ گهڻ طرفو پئي رهيو آهي. رياضت برڙي جي ادبي سکيا سنڌي ادبي سنگت شاخ قنبر ۾ ٿي آهي. اسان جي ٿهي جو هيءُ لائق فائق قلمڪار شاعريءَ کان علاوه هڪ برجستو ڪهاڻيڪار، ترجمي نگار ۽ ريڊيئي جو سنو ميزبان به آهي سندس ڪتاب "واهُ وکيريا خيال" سهيڙيل آهي، جنهن ۾ لاڙڪاڻي جي چونڊ شاعرن جو ڪلام ڏنل آهي، جنهن کي پڙهي بيحد لطف اندوز ٿي سگهجي ٿو.

ادبي حوالي سان رياضت برڙي شروع ۾ هڪ ننڍڙو ڪهاڻي ڪتاب "پيار ڪهاڻي" جي نالي سان ڇپرايو هو ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ شاعريءَ تي هڪ ٻيو ڪتاب "شام جي هوا" لکي پڌرو ڪيائين جنهن ڪتاب کيس اڳتي وک کڻڻ جي آرزو ۽ پختگي ڏني ۽ ڪافي ٻيا به ڪيترائي سنا ڪتاب تخليق ڪري سنڌي ادب کي ڏنا آهن. آءٌ هتي "شام جي هوا" ڪتاب تي مختصراً به اکر لکڻ گهران ٿو.

160 پيجن جو هيءُ ڪتاب آهي، جنهن ۾ بيت، گيت، غزل، آزاد نظم، ٽيڙو، هائيڪا ۽ ترائيل آهن. جن ۾ ٻوليءَ خوبصورتيءَ سان گڏ فني ۽ فڪري حسناڪي تراشيل آهي. ڪتاب جو مهاڳ سائين محمد ابراهيم جويي صاحب لکيو آهي. مهاڳ ۾ نڪور ادبي ٻولي رمز شناسي، احساس واريون پوتر ڳالهيون ۽ خوبيون نروار ڪري تخليقڪار جي شاعراڻي پورهئي کي خوب مڃتا ڏني آهي.

رياضت برڙو ننڍي وهي کان وٺي ادبي مطالعي ۽ مشاهدي ۾ شعوري پختگيءَ سان نوازيو ويو آهي، جنهن جو خاص سبب خانداني طرح سان هن جو علمي ۽ ادبي گهراڻي سان واسطو ۽ سٻنڌ رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نامور محقق ۽ اديب ڊاڪٽر محبت برڙي جي سرپرستي ۽ رهنمائي رهيس. اهڙي سهوليت ۽ علمي آسائش ورلي ڪنهن کي ڪا عطا ٿي هوندي.

نثر توڙي نظم ۾ ساهس ۽ اُتساهه رکندڙ هيءُ ڳڀرو قوي، شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ خوب ڪوِنٽل ڪڍايا آهن. سندس شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي فني شائستگي ۽ سندر خيالن جي جل ٿل ڌارا هميشه روان دوان رهي آهي.

چانورو هي شاعريءَ جو ٻيَ مثال!

# آغا سليم ادبي ريفرنس 12 مئي 2016ع



ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران آغا سليم کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ
ادبي ريفرنس ۾ مقرر خطاب ڪري رهيا آهن



ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران آغا سليم ادبي ريفرنس ۾ آيل مهمان

"MEHRAN" (Regd. No: NS-20)Quarterly



سنڌ جي مشهور لوڪ فنڪار علڻ فقير جي يادگار تصوير

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.